# سارنگا



# لاڙڪاڻو- عظمتن جو ضلعو













لاڙڪاڻو سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ عظيم شخصيتن جي جنم يومي ۽ هجڻ سبب نہ فقط سنڌ ۾، پر پوري ننڊي کنڊ ۾ عظمت جو اهڃاڻ آهي.

موهن جو دڙو سنڌ کي دنيا جي قديم تهذيبن ۾ سُميري، بابلي ۽ مصري تهذيب سان برابري بخشي ٿو، تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جهڙين عظيم هستين جي ڪري، هيءُ ضلعو دنيا ۾ سنڌ ۾ ڪردار ۽ وقار جي علامت سمجهيو وڃي ٿو.

ان ڪري لاڙڪاڻي جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، گهٽيءَ گهٽيءَ جو خيال رکڻ ۽ انهن کي وڌيڪ خوشحالي طرف وٺي هلڻ اسان سڀني جو فرض آهي.



لاڙڪاڻي جي ترقيءَ، خوشحاليءَ ۽ وقار لاءِ دلي طرح ڪوشان...

**عبدالعليم لاشاري**

ڊپٽي ڪمشنر، لاڙڪاڻو

ايڊيٽوريل بورڊ:
شوڪت حسين شورو
جامي چانڊيو
سردار شاھ
اڪبر لغاري
علي دوست عاجز
منظور ميراڻي

# سارنگا

ايڊيٽر (اعزازي):
اسحاق سميجو

# سارنگا

جلد: چوٿون
شمارو: ٽيون/ چوٿون
سال: 2011ع
**جون- ڊسمبر**
ٽائيٽل: شهزاد منگواڻو
ويب سائيٽ: www.sarangaa.org
ويب ڊزائينر: محمد يعقوب ڪونڌر
ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽنگ پريس، حيدرچوڪ، حيدرآباد
قيمت: **100** روپيا

ساليانو چندو: 400 روپيا (عام ٽپال)
500 روپيا (ڪوريئر ذريعي)

**SARANGAA**
Volume:4
Issue: Third- Fourth
Year: 2011
**June -December**
Editor: ***Ishaq Samejo (Hon.)***
website: www.sarangaa.org
Postal Add: First Floor, Gulzar Marhi,
Shah Latif Kitab Ghar, Hyderchowk,
Hyderabad-71000, Sindh, Pakistan.
Mobile: +92 333 2746344
Publisher: Ayaz Ali
**Sarangaa Literary and Cultural Society**
Hyderabad, Sindh.

ايڊورٽائيزنگ اينڊ مارڪيٽنگ مئنيجر:
سعيد سميجو
Cell: 0303_2626809

E-mail:
sarangaa.sindh@gmail.com

---

- سارنگا ۾ ڇپيل ڪنهن به تحرير جي متن ۽ نقطه نظر سان ايڊيٽر جو سهمت هجڻ ضروري نه آهي.
- سارنگا راءِ جي آزاديءَ اختلاف جي حق کي احترام جي نگاهه سان ڏسي ٿو.
- سارنگا ۾ شايع ٿيل ڪابه تحرير ڪنهن به رسالي، اخبار، ڪتاب يا ويب سائيٽ لاءِ فقط حوالو ڏيڻ جي صورت ۾ ڪٺي سگهجي ٿي.



# اَول اَول


• ڪجلا سَر

سينواريل تلاءَ مان ٻن نيل ڪنولن جي موڪلاڻي —اداريو

— جهڪيون جهڪيون يادگيريون —9 عبدالقادر جوڻيجو 9

• هي 'حسن' آواره گرد آدمي

— حسن جو تعارف 34

— حسن درس جي چونڊ شاعري 35

* ساري سنڌ پريَنءَ جو پاڇو* ڪائنات ڪيڏي وڏي آ* اڏزوٽ عمر جي عورت ڪي *چڱو جو اسان کي نہ درزي مليو * مصور * هر گلن سان گفتگو * ڪتابن جون ڳالهيون * شاعريءَ جي ديس ۾ * تو سوا آهي اجائي شاعري * سڪي ٿو منهنجو موڳو من * سنڌ ساز مان نڪتي * ڏنڌ جي هُن ڳوٺ ۾ * غزل * نگري نيٺ نچي وئي * محبت * پراڻو عشق پوڙهو هو * وهيءَ کي وهاڻو ڪيپي عشق جو * هن شخص جو ذڪر

| | | |
|---|---|---|
| حسن کي اجا دنيا تي ڪُلڻو آهي | وسعت الله خان | 57 |
| حسن جي شاعري: سراپا حيرت! | انعام شيخ | 60 |
| 'محبوب صفت' حسن درس | نصير مرزا | 65 |
| سورج مُکي سانجهه | محمد حنيف ۽ حسن مجتبيٰ | 74 |
| يار زنده صحبت باقي | مصدق سانول/ گوبند ميگهواڙ | 77 |
| هو رڳو شاعريءَ ۽ شرارت لاءِ پيدا ٿيو هو | شرجيل بلوچ/ خالد آزاد | 81 |
| حسن درس: ستارن جهڙو ننڍي شاعر | اقبال رند | 83 |
| هيءَ هوا تنهنجي حسن جي هاڪ ۾ | منظور ميراڻي | 87 |
| حسن درس جو رسالو : هڪ جائزو | مير حسن آريسر | 90 |
| چنڊ گرهڻ (افسانو) | نصير ڪنڀار | 97 |
| ● **اوهان جا رنگ اُڏاڻا پري پري تائين...** | | 107 |
| طارق جو تعارف | | 108 |
| طارق عالم جي چونڊ شاعري | | |
| خودڪشي ڪندڙ نسل جو ڪهاڻيڪار | شوڪت حسين شورو | 125 |
| تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون صبح و شام! | نصير مرزا | 129 |
| طارق سان گذاريل آخري لمحا | رضيه طارق ابڙو | 132 |
| گم ٿي ويل منظر | تنوير جوڻيجو | 140 |
| اوهان جا رنگ اڏاڻا پري پري تائين | ادل سومرو | 145 |
| سنڌي ادب جو مست قلندر | روبينه ابڙو | 157 |
| پاءُ جو پاءُ ڏي لکيل خط | قيس عالم ابڙو | 161 |

| | | |
|---|---|---|
| خواب تو کي ڳولهين ٿا! | سدرة المنتهيٰ جيلاني | 164 |
| تون خواب آهين ڇا؟ | سنڌيا شاهه | 166 |
| مون ۾ تون موجود | قاضي اياز مهيسر | 169 |
| اڙدو ۾ سگهارو ڪهاڻيڪار | شبانه سنڌي | 173 |
| ملاقات (افسانو) | صائمه جکرو | 176 |
| ● زندگيءَ دوران | | |
| طارق جا هائيڪو | امداد حسيني | 190 |
| رهجي ويل منظر (هڪ جائزو) | ڪيهر شوڪت | 194 |
| ● يادگيريون | | |
| نوٽ بوڪ | طارق عالم | 199 |
| ● رف نوٽس | | |
| دوستن لاءِ | طارق عالم | 206 |
| ● ٻه ڪهاڻي | | |
| اونده جي پيٽ ۾ | طارق عالم | 214 |



آذر زوبي جو هڪ خوبصورت اسڪيچ

# سينواريل تلاءَ مان ٻن نيل ڪنولن جي موڪلاڻي

هڪ زماني کان وٺي سنڌ جنهن فرسودگيءَ جي ور چڙهيل اسٽيٽسڪو کي قائم رکي جيئندڙ سماج آهي، اتي ڪنهن غير رواجي ماڻهوءَ جو پيدا ٿيڻ ئي ڀاڳ جي ڳالهه آهي. مثال طور، جيڪڏهن اهو شخص فنڪار به آهي ۽ پنهنجي تخليق ۽ فن کي به موجود ذهني، سماجي، اخلاقي اسٽيٽسڪو جي محل ۾ ڏار وجهڻ لاءِ ڪم ٿو آڻي، ته اها ٻيڻي مبارڪ ڳالهه آهي. چو ته اڄوڪي سنڌ ئي اهڙا شخص ۽ فنڪار به ڏنا، جن پنهنجي محفوظ مستقبل ۽ عيش عشرت جي زندگيءَ گذارڻ لاءِ نه رڳو وقت جي وحشي تولن اڳيان ڪورنشون ڪيون، پر سنڌن جُتين جي دز به صاف ڪئي- حسن درس ۽ طارق عالم ۾ اهي ٻئي خوبيون هيون ته اهي فنڪار به هئا ۽ غالب منفي رجحانن سان انهن جي اڻ وڻت به هئي.

اهو ته هڪڙو اتفاق ئي هيو جو طارق عالم 11 جون ۽ حسن درس 16 جون 2011ع تي، فقط پنجن ڏينهن جي وٿيءَ سان، هڪ ٻئي جي پويان سنڌ کي الوداع ڪيو- ۽ پنهنجي پويان رت ۽ درد جي هڪ اڻ وسرندڙ لڪير ڇڏي ويندا رهيا. پر سچي ڳالهه اها آهي، ته ٻنهي جي فن ۽ زندگيءَ ۾، ايتري ته هڪ جهڙائي آهي، جو انهن ٻاران موڪلاڻيءَ واري چونڊيل ساڳي موسم تي ڪا به حيراني نٿي ٿئي. ٻئي شاعر، ٻئي نثر نويس، ٻئي آواره، ٻئي بيباڪ ۽ ٻئي ڪمال جا فنڪار، ٻنهي کي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان گهري وابستگي، هڪڙو اخبار جو ايڊيٽر ته ٻيو 'مهراڻ' جهڙي رسالي جو ايڊيٽر، هڪڙي ڊاڪيومينٽريز لکيون ته ٻئي ڊراما، ٻنهي ڪجهه ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جو شوق به ڪيو ۽ ٻئي سنڌ جي ادبي جهان ۾ تحرڪ ۽ زندگيءَ جي علامت رهيا. ٻئي ڇٽا اهڙا- جو لکن ته، ويهي پڙهجي، ڳالهائن ته، ويهي ٻڌجي، هلن ته، ويهي ڏسجي! هر ادا ۾ حسن ۽ جمال، هر ڳالهه ۾ آرٽ ۽ ڪلا، هر وک ۾ جدت ۽ روايت جو دل کي ونگ وجهندڙ سنگم- ۽ جڏهن ٻئي ويا ته سنڌ ٻنهي کي لڙڪن ۽ محبتن جي اهڙي شاندار پيٺا ڏني، جنهن جو تصور ادبي جهان جون 'ديو'- قامت شخصيتون به ورلي ئي ڪري سگهنديون آهن. ڪين ناپسند ڪندڙ ته پنهنجيءَ جاءِ تي، پر ساڻن دوستيءَ جا دعويدار به حسد ۽ حيرت ۾ هٿ مهٽيندا رهجي ويا.

حسن ۽ طارق جي فني ۽ تخليقي مقام بابت گفتگو پئي ٿيندي، حسن جي باڪمال ۽ مثالي نظمن ۽ طارق جي نون موضوعن تي لکيل ڪهاڻين ۽ پهرئين پيار جهڙي ناول "رهجي ويل منظر" جي اُٽت، موضوع، ڪردارن ۽ تخليقي جوهر متعلق صحيح ۽ سچي ڳالهه ٻولهه اڃا باقاعده شروع به نه ٿي آهي- پر ان حقيقت کان انڪار ڪهڙو ڪافر ڪري سگهندو ته محبت گهرڻ سان نٿي ملي، ۽ نه ئي ڪنهن جي لاءِ فرمائش تي روئي ٿو سگهجي. ماڻهو لُڙي

اهو ئي ٿو جيڪو پوکي ٿو. حسن ۽ طارق سنڌ جي سيني تي ڪلا جي پوک پيار جي هٿن سان پوکي هئي، تڏهن ئي اڄ انهن جي وچوڙي جي ڏانديءَ تي، محبت ڪنهن موتئي جي گل وانگي ٽڙي بيني آهي، اها محبت هر ڪنهن جي حصي ۾ به نٿي اچي، ۽ هر هڪ ان جي لائق به نٿو هجي. پر جيڪي ان جي معيارن تي پورا لهن ٿا، انهن کي بنا گهرڻ جي به مليو وڃي، ۽ اينتري مليو وڃي، جيتري ميڙڻ لاءِ وٽن جهولي به نٿي هجي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اڳي پوءِ، زندگيءَ ۾، توڙي زندگيءَ کان پوءِ، هڪ فنڪار کي اُن جو ڪم ۽ ڪردار ئي بچائي سگهن ٿا. سماجي لاڳاپا، اجائي نمائش، وڏ ۾ وڏ ڪتابن ڇپائڻ جي حوس، 'فيس بُڪ' تي فلمي اداڪارن جهڙين تصويرن سان اپ لوڊ ٿيندڙ شعر ۽ هڪ ڪتاب ۾ سئو سئو ماڻهن جا بي معنيٰ ورجايل ۽ هڪ جهڙا رايا ـ ڪنهن به ليکڪ جي علمي ۽ تخليقي مرتبي جو تعين نٿا ڪري سگهن. نه ئي اُن ۾ ڪنهن به ريت مدد ڏئي سگهن ٿا.

طارق عالم ۽ حسن درس، دراصل هڪ ئي نسل جي بغاوت جا به مختلف ذائقا آهن، جن مان هر هڪ وٽ لکڻ کان وڌي زندگيءَ گذارڻ تائين، ڪو به نهيل نڪيل رستو ۽ روايتي اخلاقي ضابطو قبوليت ماڻي نه سگهيو. هنن ٻنهي فنڪارن وٽ زندگيءَ کي ڇهن ئي حواسن سان جيئڻ جو ڍنگ به هيو، ته ان کي فطري حسناڪيءَ سان گذارڻ ۽ ماڻڻ جي تبليغ به هنن بنا ڪنهن پرواهه جي ڪئي ـ ٻئي طرف پنهنجي وطن ۽ ان جي ماڻهن، پکي پکڻن، جهنگن ۽ شهرن، ڳوٺن ۽ ڳنوارن، جبلن ۽ ندين ۽ اڃا به سماج جي ڌڪاريل ڪردارن سان بي لوث ۽ بي دعويٰ محبت کي پنهنجي ايمان جو حصو بڻايو جيڪا ئي سنڌ جو اصل خمير ۽ عظيم لطيفي روايت به آهي. هنن ٻنهي فنڪارن جو نه فقط فن، پر ذات به موجوده ادبي برادريءَ جي نمائشي ۽ ڪوڙي ڪاڪ محل تي وڏي چٽر جيان چٽئي سگهجي ٿي، جيڪا سچ کي هڪڙو رِسڪ سمجهي ٿي، ۽ ڪوڙ جي هر ڪوجهائپ کي مصلحت طور برداشت ڪرڻ جي بُجڙائيءَ تي، بُجان نٿي ڪائي.

حسن ۽ طارق، هاٺوڪيءَ سنڌ جا به اهڙا ڪردار آهن، جيڪي وهڪري جي ابتڙ ۽ رواج جي رد ۾ هلندا رهيا. هو هڪ سينواريل سر جهڙي سماج ۾، پري کان نظر ايندڙ ۽ پوريءَ شدت سان پنهنجو هجڻ محسوس ڪرائيندڙ نيل ڪنولن جهڙا هيا. جن جي موڪلائي سنڌ جي سيني تي ڪنهن درد جي داغ وانگر ٻري رهي آهي، جيئن هڪ ٻڍڙي ماءُ جي دل ۾ پنهنجن جوان پٽن جو وڇوڙو ٻرندو رهندو آهي!! سارنگا جو هيءُ نمبر ڪا وڏي پيٽنا نه آهي، پر پنهنجن هنن ٻن سهڻن فنڪارن سان محبت جو اظهار آهي.

ـ سارنگا پاران هن سال کان ايوارڊن ڏيڻ جو سلسلو به شروع ڪري رهيا آهيون، ۽ في الحال فڪشن ۽ شاعريءَ جا به ايوارڊ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو اٿئون. 2011ع لاءِ افسانه نگاريءَ جو ايوارڊ علي بابا ۽ شاعريءَ جو ايوارڊ حليم باغيءَ کي ڏيڻ جو اعلان ڪريون ٿا.

**ـ اسحاق سميجو**



# جهڪيون جهڪيون يادگيريون- 9

عبدالقادر جوڻيجو

هن ڀيري "هوءَ" پوءِ ڀرئين ڀيا. ائين ٿيڻ ته نه گهرجي، پر حالتون جڏهن ماڻهوءَ جي نروس سسٽم کي ئي ڏنگيو وڃن ته هيءُ غريب وڃي ته ڪيڏانهن وڃي. قلم کي ٻئي پاسي وراڻو ٿو پوي.

## War against cliché

بد تيمز پيءُ جو بدتيمز پُٽ. اٺن سالن جي ڄمار ۾ ڇپن ۾ قاتل سگريٽ. مارٽن ايمس جي هڪ تصوير. هاڻ جوئا جي ڏڙي هڻ ڇڪو. سمن جون ساريون ٻڌن يا ٻچن، انهيءَ سان مارٽن ايمس ٻدل ناهي. وليم 5 جون ٻه گوريون، تنهن مٿان وسڪيءَ جي پوري بوتل. ڇري نه پيئي. موت کي وڏي واڪي سڏ. پبلشرن ۽ اخبارن وارن جي ڀيچ پڇان ۽ هڻ هٽان. الائي ڪيڏانهن ويو؟ پبلشرن جا لکين پائونڊ ٿا ٻڏن ۽ اخبار وارن جي سرڪيوليشن رولي ۾ ٿي پوي، مارٽن ايمس ناهي ته ڪجهه به ناهي.

ڇڪي جي بدران تري، مارٽن ايمس هٽيڪو. گهر جي ڪنڊ. نه نشو نه جُوئا. قلم هٿ ۾، اهو به انهيءَ لاءِ ته جُوئا لاءِ وڏيڪ پائونڊ کپن. جي اخبار ۾ سنڌس مضمون ڇپجي ته صبح جو ڏهين وڳي کان اڳ اخبار غائب. جي ڪتاب ڇپجي ته پبلشر جي گهر ۾ پوڪيل وڻن مان رڳا پائونڊ پيا ڇڻن. محبت؟ محبت رڳو زپ کولڻ جو نالو ناهي ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي. محبت جو آئين، برطانيه جي آئين وانگر اڻ لکيو هوندو آهي. سارتر جو ناولٽ Intimacy پڙهبو تڏهين خبر پوندي ته محبت ڇا آهي. پاڻ کي رڳو ايتري خبر آهي ته جُوئا اهڙا نياڳي شئي آهي، جيڪا محبت کي به کائيو وڃي. دوستو وسڪي به ته جُوئاري هو پر جُوئا مٿان ڪئين محبتون گهوري ڇڏيون

ڪيائين. مارٽن ايمس بہ ائين ئي هوندو پيو چوا؟

ڏنگي مارٽن ايمس بدتميزيءَ جي حد ڪندي، ڏنگو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي، War against cliché. سندس قلم جي ڪمان مان نڪتل سڀ جا سڀ گزَ مدي خارج، ٿوڪاريل ۽ بار بار ورجايل سوچ جي پٺ ۾. ڪليشي جي خلاف ڪيڏيون بہ جنگيون ڪريو. پوءِ بہ ڪليشي جو موچڙو اوهان جي مُنهن تي وسندو رهندو. ڪليشي مرندوناهي، پر نئين سوچ کي جاڳائيندو رهندو آهي.

اسان وٽ سنڌ ۾ تہ ڪليشي جو موچڙو ايڏو وڏو آهي، جو هڪڙي ئي ڌڪ ۾ همراهہ چري نہ پيئي. ڪا نہ ڪا "ازم" اسان جي ڳچيءَ ۾ موچڙن جي هار وانگر پيل آهي. لطيف سائينءَ جي شاعري زمان ۽ مڪان کان آجي آهي ۽ آفاقي آهي. آئون جڏهن بہ لطيف سائينءَ جي شاعري مني مهيريءَ جي واتان ٻڌندو آهيان تہ لڳندو اٿم تہ سچو اُپ مون مٿان پلتجي پيو هجي. منو مهيري لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي روح کان ايترو تہ واقف آهي. جو مون کي سندس اڳيان شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جا مُرتب ۽ شارح هيچ لڳندا آهن. هڪڙي پاسي اهو حال آهي تہ ٻئي پاسي اها حالت آهي جو جڏهين بہ ڪو وي-آءِ-پي اچي نڪرندو آهي تہ چُن سان روڊن رستن تي ليڪا نڪرندا آهن ۽ سندس آجيان ڪندي، لطيف سائينءَ جي اها سٽ ورجائي ويندي آهي، "الله اچن اوءِ، جن آئي من سَرهو ٿئي." ڪٿي لطيف جو بيت ڪٿي وي-آءِ-پي جي خوشامد. اهو تماشو ماستريءَ واري زماني کان ڏسندو اچان، جو لطيف سائينءَ جي انهيءَ سٽ کان ئي ارواح ڪڄي ويو آهي. حد ٿي ويئي. لطيف سائينءَ جي سدا بهار سٽ بہ ڪليشي جي ٻوهي ۾ ويڃجي تہ ڪيڏانهن ويڃجي. اهو بہ شڪر رب جو جو لطيف سائينءَ جي شاعريءَ کي ڪليشي جي ٻوهي ۾ فٽ ڪري نہ ٿو سگهجي.

1947ع کان اڳ واري ادب کي نہ ٿا ڇيڙيون. جو پوءِ قصو ڊگهو بہ ٿي ويندو ۽ ڪوڙو بہ ٿي ويندو. هرويرو پڙهندڙن جي مٿي بہ نہ لڳڻو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ دور جون مقدس ڳئون اجا تائين ڪُلهن تي کڻي پيا هلن. پر ڊيگهہ کان بہ تہ بچڻو آهي.

1948ع. ماهوار "نئين زندگي". ترقي پسنديءَ جي ابتدا. امر جليل جي پهرين ڪهاڻي ريجيڪٽ. اجايو بحث. انهيءَ ڪري جو اسپيلنگ جون چُڪيون هيون. رجيڪٽ ڪرڻ وارن کي اها خبر نہ هئي تہ دنيا جا وڏا وڏا تخليقڪار ليکڪ يڪو رُنگ ۾ لکندا آهن ۽ اسپيلنگ توڙي نشانين جون غلطيون ڇڏي ويندا آهن، جن کي پروفيشنل ايڊيٽر ايڊٽ ڪري پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائيندا آهن. اڳ بہ ائين هو هاڻ بہ ائين آهي. امر جليل سان زيادتي ٿي.

1954ع ۾ ترقي پسند ادب جو عروج. سنڌيءَ ۾ بہ، اردوءَ ۾ بہ. سنڌي ادب ۾

جهيڙو ٿي پيو. پر ادب جي سردارن جو جرڳو ته ڪو نه ويٺو پر اردو ادب ۾ جرڳو ويٺو. وڏا وڏا ترقي پسند سردار- ڀوتار گڏ ٿيا. جرڳي ۾ اها فتويٰ ڏني وئي ته قرت العين حيدر، سعادت حسن منٽو ۽ راجندر سنگهه بيدي واجب القتل آهن ۽ انقلاب کان پوءِ کين ڦاهي ڏني ويندي. انهن معتبرن ۾ ڪرشن چندر ۽ فيض احمد فيض به شامل هئا. ڪرشن چندر فتويٰ جي حق ۾ ووٽ ڏنو پر فيض احمد فيض جو ووٽ فتويٰ جي خلاف ۽ مردودن جي حق ۾ هليو ويو. اڳتي هلي واجب القتل مردود قرت العين حيدر "آخرِ شب ڪي هم سفر" ناول لکي، ترقي پسند ڀوتارن جي مُنهن ۾ آرسي قمڪائي ڏني. اهو ناول ڪلهه جو به هو اڄ جو به آهي ۽ سڀاڻي جو به رهندو ۽ جتان ڪتان جو رهندو. پر تنهي واجب القتل مردودن، اردو ادب جي ڪليشي جي نڙيءَ تي ڇري رکي ڇڏي، جيڪا اڃا تائين ڀوتارن جي نڙيءَ تي پيئي آهي. اُردو ادب جو ڪليشي، جو ائين ٽٽو.

هاڻي اچون سنڌي ادب جي ڪليشي تي. آئون هن آتم ڪٿا ۾ اڃا تائين پنهنجي ننڍپڻ کي ڇڪيو اچان ها. پر حسن درس جي موڪلاڻي هن آتم ڪٿا جو رخ بدلائي ڇڏيو آهي. وڏيون موڪلاڻيون ته هوا جو رخ به بدلائي ڇڏينديون آهن. هوا جي اڳيان آئون ته ڪک برابر آهيان.

## منير احمد مانڪ:

ڄام ساقي. ڪاڏيءَ جا ڪپڙا. پگهر جي ڌپ. سوشلسٽ پارٽيءَ جو سرواڻ. ڪنڌ تي ڊراڪولا واري چُمي. ٽرئي جو پاڪر اهڙو جو هڏيون پچي پون. ساده دلي ۽ جهڙو اڳي تهڙو تڳي. هتان آيو هتان ويو. "اڙي ڪيڏانهن؟"

"سوشلسٽ انقلاب ٿا آڻيون." چاچي لينن جي ڏاڙهي، اسٽالين جون مُڇون. جنهن اصل ۾ سوويت يونين جو انقلاب آندو. انهيءَ ٽراٽسڪيءَ جي مٿي ۾ ڪهاڙو. ڇري نه پيئي. چوڏاري پکڙجندڙ سوويت يونين جون سرد هوائون. سنڌ جي سخت گرميءَ ۾ به اوور ڪوٽ. سنڌ جو ليڊر ڄام ساقي. هم خيال- مون ۽ شوڪت پارا. سرگرم ورڪر مير ٽيهو ۽ منير احمد مانڪ.

فضل ڀنڀرو جي اسٽيشن. گهٽو پوءِ مون سان محبت جو اظهار ڪندي روحي بانو چيو. "ريل گاڏي ڇُٽي ويندي آهي. گاڏيءَ مان لٿل مسافر هليا ويندا آهن. پويان گاسليٽ واريون بتيون جهيڻيون جهيڻيون ٻرنديون رهنديون. ڪنهن بئنچ تي ڪو رول ماڻهو سُتي پيو کنگهندو آهي. ڪجهه رول ڪُتا ڀونڪندا رهندا آهن. تڏهن آئون سهڪندي سهڪندي پهچندي آهيان. آئون گاڏي ڇُٽڻ کان پوءِ پهچندي

ماڻڪ نہ اخلاق ڪا وانجهيل هو ۽ نہ ئي وري سنڌ جي هاڪاري روايتن کان ڦريل هو. بابا چريا ڪريا آهيون، پرپنهنجن پراون کي سڃاڻون ٿا. سوشلزم انهيءَ لاءِ ناهي جو ويهي ڪُڏا ڪم ڪجن. نياڻي سياڻيءَ جو خيال رکبو.

هڪڙي ڏينهن منير احمد ماڻڪ حيدرآباد مان گم ٿي ويو. خبر پئي تہ سوويت يونين جي سفارت خاني جي ڪلچرل وِنگ ۾ نوڪري ملي اٿس ۽ هاڻي ڪراچيءَ ۾ ٿو رهي. ڪمپنيءَ کان پري پري رهڻ لڳو. خبر پيئي تہ سڄو ڏينهن ٿا وهائينس ۽ پگهار بہ ديسي بندي واري ٿا ڏينس. پاڻ موجن ۾، ماڻڪ مصيبت ۾. اهو ئي گوري ڪاري جو فرق. جڏهين تہ آمريڪن ڪائونسليٽ ۾ گورا بہ موجن ۾ تہ ڪارا بہ موجن ۾. ماڻڪ کان آمريڪن ڪائونسليٽ لڪل تہ ڪو نہ هئي، پر ماڻڪ اهڙن ماڻهن مان ئي نہ هو جيڪي گهٽ پگهار تي رڙيون ڪندا آهن. ماڻڪ رڙ تہ ڪا نہ ڪئي، پر دل وڏي شئي آهي، در کولي رکندي آهي ۽ بي واجبيءَ تي پيئي ڪڙهندي آهي.

متان وري اها خبر آئي تہ سوويت يونين وارن ڪنهن گهاگهہ ڪامريڊ کي وودڪا جون بہ بوتلون پهچائڻ لاءِ ماڻڪ متان ڊيوٽي رکي. ڪراچيءَ کان ايندي وچ ۾ بڌجي پيو. سوويت يونين وارن ڪيس ڇڏائڻ جي ذري ڪوشش بہ ڪا نہ ڪئي. سوشلزم جي تحريڪ ۾ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. پلي جيل ۾ رهي پڪو ٿئي، پر ماڻڪ پڪو ٿيڻ جي بدران پنهنجين ٻانهن جي زور تي آزاد ٿي ويو. تڏهين سندس خبرون ئي پونديون هيون. اها بہ خبر لڏندي لمندي آئي تہ ماڻڪ شادي ڪري ڇڏي آهي. پاڻ کي اڃا تائين پتو نہ پئجي سگهيو آهي تہ ڪنهن سان ڪيائين.

پتين کي رڳو ڪن نہ هوندا آهن، پر گڏوگڏ پتين کي زبان بہ هوندي. ڪنهن جي بہ گهر ۾ گهڙي ڏسو تہ پتيون توهان سان ڳالهائينديون. رڳو ڪن ڪڙا ٿيل هجن. هڪڙي ڏينهن رهڙي وچي ماڻڪ جي گهران نڪتس. ماڻڪ مهمانن لاءِ گرم جوش ماڻهو هو ۽ آئي وئي کي اهڙي عزت ڏيندو هو جو پراوا بہ پنهنجا ٿي ويندا هئا. سنگت ۾ ٻئي ڪلها وهي ويندو هو پر پتين مون کي اشارو ڏنو تہ يار جو وقت خراب نہ ڪر. هتان هليو وڃ. هليو آيس. اهڙي گهر ۾ وهڻ ئي اجايو هو. رڳو يار جو وقت ڪو نہ پئي خراب ٿيو پر منهنجو وقت بہ خراب پئي ٿيو. پوپان ماڻڪ جون خبرون گردش ڪنديون رهيون.

نہ رڳو نوڪري ڇڏيائين، پر سوشلزم بہ ڇڏي ڏنائين ۽ واپس پنهنجي شهر نوابشاه پيڙو ٿيو. ميمڻ هو ميڊيڪل اسٽور کوليائين. اِهو اُهو ئي نوابشاه هو جتي ٻئي انگريزي درجي ۾ پڙهندي ايم ايڇ خوجي جون ايٽريون تہ مارون کاڌيم جو پڙهڻ تان ئي ارواح ڪجي ويو. وڏا نالا رڳو وڄڻا هوندا آهن. اندر ۾ نڪريون پيون ڪڙ ڪڙ ڪنديون

آهن. ڏسٽو وائسٽو ماڻهو بہ ستن پردن ۾ رهندو آهي. جيڪو پاڻ کان هيٺن کي اذيتون ڏيندو آهي، اهو پاڻ اندران هيٺو هوندو آهي. شڪر ٿيو جو نوابشاهہ مان بابا جي بدلي ٿي وئي. انهيءَ زماني ۾ پوليس کاتو وڏن وڏن تان مڙڻ وارو نہ هو ۽ بابا Gang of wolves جو مُک ميمبر هو. جي بابا کي دانهن ڏيان ها تہ ايم ايچ کوجو ڪنهن ڏانهن نهارڻ جھڙو نہ رهي ها. نصيب ڀلا هئس جو آئون انهن ٻارن مان نہ هئس، جيڪي بابن کي دانهون ڏيندا آهن. جي بابا بدلي نہ ٿئي ها تہ منهنجي دماغ جون نئڪلتيون ڪم ڇڏي وڃن ها ۽ لکڻ پڙهڻ جھڙو نہ رهان ها !Shit، زندگي ڏاڍي بي ڍنگي آهي.

سو نواب شاهہ مون لاءِ نئون شهر نہ هو. جيئن ڪراچيءَ ۾ ماٽڪ کي ڳولي لڌم. دير ڪو نہ لڳي. ڇا ٿو ڏسان تہ چوڏارري ڏوڙ پيئي ٿي اُڏامي. ڏوڙ جي ڦيري جي وچ ۾ آيل ماٽڪ هڪڙي اهڙي ميڊيڪل اسٽور ۾ هٿ واٽئي وانگر وينو هو. اسٽور ۾ دوائون گهٽ ڏوڙ وڌيڪ هئي. ماٽڪ جو مُنهن وِنڪ ڇڏي چڪو هو. ۽ سندس مُڇون داڀائو ٿيل هيون. جيئن ئي گهٽيءَ ۾ ڏوڙ پئي اڏاٽي، تيئن ماٽڪ جي منهن تي بہ ٿي پئي. مايوسيون ولر ڪيو اسٽور ۾ وينيون هيون. هو بيزاريءَ جي ڇانوَ ۾ وينو هو.

انهيءَ دور ۾ ترقي پسندي، رومانيت ۾ ويڙهيل Loudness جو شڪار بڻجي چڪي هئي ۽ سنڌي ناول يا تہ پنجابي فلم بڻجي چڪو هو يا وري اجائي لفاظيءَ جي ڏيڻ ۾ قاتل هو. ڪليشي بہ اهڙو جو ڪليشي کان بہ وڌيڪ. ڪردار زمين تي هلڻ جي بدران هوا ۾ پيا اُڏامندا هئا. جتي ڪيپن، اتي گهڙي وڃن. ادب بہ ڏڪار جو نشانو بڻبو آهي. ڳالهہ نهي نہ جڙي، من گهڙت تصا. Guns جي زماني ۾ تلوارون پئي هليون. ناول اندر ۾ جنم وٺندو آهي ۽ اندر خالي هئا. ناول درياهہ وانگر وهندو آهي. پر انهيءَ درياهہ ۾ واري پيئي اُڏامي. چيونگم، پيا چٻاڙيوسِ. لفظ وِڃن وانگي ورندا آهن. پر لفظن جو آسمان خالي هو. چيونگم قلم جي نِب ۾ ڦاسي پيو هو. نعرا جلسن ۾ لڳندا آهن. پر جلسا خالي هئا. تنهن ڪري نعرا لڌي اچي ادب ۾ ماڙيون ناهي ويهي رهيا هئا. ماڻهو پچي ويا هئا، نعرا رهجي ويا هئا.

ناول جي انهيءَ ڪليشي کي اُداس ۽ ويڳاڻي ماٽڪ ٽوڙيو. "اوڙاهہ" ناولٽ سيني تي پٽي ڦيري. پر ڪليشي نڪ جو ڏاڍو ٿيندو آهي. ڪليشي هاليووڊ جي سائنسي فلمن جي ڪردار "روبوٽ" وانگر سڀ عضوا وڃائي، وري پنهنجا عضوا ڳنڍي انتهائي خطرناڪ روبوٽ بڻجي ويندو آهي. ماٽڪ کيس پيو ڏڪ هٽي ها، پر انهيءَ کان اڳ م ماٽڪ زندگيءَ جي بازي هارائي ويو. اوچتو ئي اوچتو. خبر نڪا چار، مرڻ کان اڳ ماڻهو ڦٿڪندو آهي، پر جيڪو ماڻهو پاڻ پنهنجي زندگيءَ کي ختم ڪندو آهي، انهيءَ جو ڦٿڪو ڏسڻ ۾ ڪو نہ ايندو آهي. رڳو خبرون پهچنديون آهن. ماٽڪ بہ ڳجهہ

ڳجهاندڙي خبر ٻڌجي ويو. قبر تہ هوندي آهي. پر ماڻڪ جي قبر هڪ اهڙي خبر ٻڌجي چُڪي آهي، جنهن جي تلاش ۾ ڪو بہ جرنلسٽ نڪتل ناهي. بس، رڳو دوستن جي دلين ۾ سندس قبر ٺهيل آهي. دوستن جا لڙڪ مُقام آهن. جن ۾ ماڻڪ پوريل آهي. رهيو سندس قبر جو نالو تہ اُهو نالو آهي، "اوڙاهہ". چاڪاڻ تہ ادبي اسٽيبلشمينٽ جيئري شاهڪار کي بہ ماري چڏيندي آهي. "اوڙاهہ" جو تہ ذڪر بہ دفن ٿي چڪو آهي. هن ديس ۾ پرديسين جا مقام تہ پاتا وڃن ٿا. پر "اوڙاهہ" جو مُقام غائب ڪيو ويندو آهي. چا ڪجي؟ ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿو سگهجي.

## نڪاءِ تہ نو:

"نڪاءِ تہ نو". صرف طارق عالم ابڙو. مقتول طارق ابڙو. رکي رکي چوندو هو "نڪاءِ تہ نو". سندس پئٽنٽ جملو. دوائن جي شيشن تي لکيل ننڍڙو جملو. دلين جي بلئڪ بورڊ تي اڇن اکرن ۾ "نڪاءِ تہ نو". اهو سندس تڪيہ ڪلام بہ هو ۽ سندس شخصيت توڙي فن تي ڪامينٽ بہ هو. شروع کان ئي سندس شڪل ڏاڙيلن جهڙي ۽ سندس دل ڪوئنري هئي. سندس هٿن ۾ وجا هئي. ڪئميرا هٿ ۾ کڻي تہ تصوير تصور ٻڌجي وڃي. برش هٿ ۾ کڻي تہ تصور تصوير ٻڌجي وڃي. ڊرامي ۾ پرفارم ڪري تہ ڪردار ۾ ساهہ پئجي وڃي. قلم ۾ هٿ وجهي تہ جان جهان ٻڌجي وڃي. جي بيمار هوندي ڪري ٻئي بيمار ۾ هٿ رجهي تہ جهان جان ٻڌجي وڃي. ڪلين شيوَ ڪري هلي تہ لسڙاٽ ڇوڪرو جي ڏاڙهي مُڇون ڇڏي ڏيئي تہ ڪڙپيل همراهہ! ياريءَ جو پڪو مخالف لاءِ پويون ڏينهن.

ڪي ڪي ماڻهو اهڙا تہ ڀرپور هوندا آهن. جن سان ٿيل نہ. تہ ڀهرئين ملاقات ياد رهندي آهي ۽ نہ وري ڪا پوئين ملاقات ياد ايندي آهي. سڀ ملاقاتون سُريليون. طارق ابڙو بہ اهڙو ماڻهو هو. مون کي ياد ناهي تہ ساڻس پهرئين ملاقات ڪڏهين ٿي. آرٽسٽ سان پهرئين ملاقات آرٽسٽ جي بدران سندس آرٽ سان ٿيندي آهي.

ڪنهن زماني ۾ منهنجو وٽس وڃڻ ٿيندو رهندو هو. شام جو سندس، سِي ٽائيپ ڪوارٽر جي اڳيان وهندا هئاسين ۽ بقول طارق ابڙي جي. ياڙئي پُٺي تي نظر رکندا هئاسين. سندس نگاهون باهہ جا اُلا ۽ ڳالهيون آرٽسٽڪ. مُڇن تي هٿ رکي اُپيون ڪري تہ ساهہ وڃي. جي جملو ڇڪي هٽي تہ بہ ساهہ وڃي. جي پلا ڪلهي تي هٿ رکي تہ سڀ درد دور. وٽس مهمانن جا راڄ لٿل هوندا هئا. پوءِ بہ سَرهو. غريب مڙس. پر دل درياهہ شروع کان ئي هڪ گڙدو گم ٿيل هوس. نہ ڪيس خبر هئي، نہ سنگت کي خبر پيئي. جسم ۾ موجود Resistance power جي حد هئي. بيو ڪجهہ ڪو نہ.

Genesجو ڪمال هو.

سنڌ جي ڪس سان لڳندڙ راجستان جي سوڍن جي خاص ڀر خاص ڊائيٽ آفيم آهي. جيڪو سوڍو آفيم نہ وٺي تہ جاڻو ٿي نہ آهي. هڪڙي ڏينهن مٺن استوري ڪرڻ لاءِ بي-بي-سي ريڊيو جي هندي سروس جو نمائندو پهتو. سيني سوڍن کي آفيم وٺندو ڏسي، نمائندي ڪائڻن پڇيو "آفيم ڇو ٿا وٺو؟ "

"هي امن جو نشو آهي. امن کي برقرار رکڻ لاءِ آفيم ٿا وٺون. " سوڍن جي اها ڳالهہ ٻڌي نمائندو وائڙو ٿي ويو.

"ڇا مطلب؟ "

"مطلب اهو تہ اسان جا وڏا صدين کان وٺي جنگيون وڙهندا آيا آهن. انهيءَ ڪري اڄا تائين اسان جي رت ۾ گهوڙن جون هڻڪارون ۽ تلوارون ڪجنديون آهن. انهيءَ ڪري انهن گهوڙن کي بس ڪرائڻ ۽ تلوارن کي مياڻن ۾ وجهڻ لاءِ آفيم وٺندا آهيون. پوءِ امن ٿي ويندو آهي. امن جو نشو ٿا وٺون. "

وولپرٽ جو ذوالفقار علي ڀُٽو شهيد تي لکيل ڪتاب. باهڙ مير. راجستان جو جنرل سينڌو سنگهہ ڀُٽو. اورنگزيب جي زماني ۾ مسلمان ٿيو تہ جنرل سهتو خان ڀُٽو. اورنگزيب بادشاهہ جو جنرل سهتو خان ڀُٽو کي حڪم، "سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد تي ابڙن باهہ باري ڏني آهي. آڻ مڃڻ لاءِ تيار ناهن. کين وڃي سڌو ڪر. "

گهڻا ماڻهو لاڙڪاڻي کي صحرا سمجهي چون ٿا تہ ڀُٽا صحرا جا رهاڪو آهن. غلط ڳالهہ. اهي ڀُٽا اصل راجستان جي صحرا جا رهاڪو هئا. فاطمہ ڀُٽو جو نيپو "اسان جا وڏا راجستان جا وينل هئا. " ابڙن کي سڌو ڪرڻو آهي.

نثار کوکر جو ٺهري مضمون. ٻڌا پور جي ابڙن تي. نثار کوکر وڻ وڃائي ڇڏيا ۽ مضمون ۾ ابڙن واري بقاپور کي ڪائو بواءِ فلمن جو سيٽ بڻائي ڇڏيائين. High Noon ۽ The Quick and the dead. اهي فلمون ڏسو يا نثار کوکر جو مضمون پڙهو. ڳالهہ مڙيئي ساڳي. لفظن کي Guns بڻائي ڇڏيائين.

راجستان جي سوڍن آفيم جو سهارو ورتو طارق ابڙي قلم، ڪئميرا ۽ برش جو سهارو ورتو ۽ پنهنجي Genes کي تڏو ڪيائين. هو سندس ئي لفظن ۾ "چمن ٿي ويو." اهو بہ طارق ابڙي جو تڪيہ ڪلام هو.

مون کي اڄ تائين اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي آهي تہ گهر جي ياتين جي گهڻ ۽ مهمانن جي وٺ وٺان ۾ هن ايڏو وڏو مسودو ڪيئن لکيو. ماڻهو سدائين حيرت جو هنڌ رهيو آهي. انهيءَ ساڳي ڳالهہ کي اسان جي معراڻي جي ڪس ۾ چوندا آهن. "ابا، ماڻهو ڪاري مٽي جو ڏٽي جو ڏٽي آهي. " مطلب تہ ماڻهو ڪڏهين بہ ڪجهہ ڪري

سگهي ٿو. پر طارق گهڻو ڪجهه ڪيو ۽ اهو مسودو منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. حقيقت اها آهي ته مون لاءِ جيڪي هن آسمان هيٺان ڏکئي ۾ ڏکيون ڳالهيون آهن. انهن مان هڪ اها به آهي، هٿ اکرن ۾ لکيل مسودو پڙهڻ. دل ۾ چيم، "مري ويس."

پر جڏهين "رهجي ويل منظر" جو مسودو پڙهڻ ويٺس، ته ويس پڙهندو. جيڪي ڪُنيون اڳين سنڌي ناولسٽن چاڙهيون هيون، اُهي سڀ جو سڀ هڪڙي ڌڪ ۾ پيچي ڇڏيائين. منهنجي ٿوري گهڻي نظر بين الاقوامي ادب تي رهندي هئي/ آهي. ڏٺم ته نيٺ ڪو نه ڪو بين الاقوامي سطح جو ناول سنڌي ٻوليءَ تي مهربان ٿيو آهي. اهو ئي حيرت جو هنڌ هو. جتي ڪاري مٽي جي ڌٽيءَ پير رکيو. طارق ابڙو انهيءَ وقت ادب جو Dark horse هو. جيڪو روشنين ۾ لهي پيو هو. هن ته اهو مسودو مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. پر مون ناول جو مُهاڳ به لکي ڇڏيو ۽ چمن تي بيهي رهيس. ناول ڇپيو. چوڏاري رڙيون پئجي ويون. هڪڙي پاسي ساڙ ۽ حسد ڪن ڪڍيا ته ٻئي پاسي واهه واهه ٿي وئي ۽ هڪ ٻئي پويان "رهجي ويل منظر" جا ست ڇاپا ڇپجي ويا ۽ اڃا الائي ڪيترا پيرا اهو ناول ڇپبو رهندو. سنڌي ادب جي ڪِني ۽ گندي پاڻيءَ ۾ ڪنول جا گل ٽڙي پيا. طارق ابڙو چمن تي پيو.

سَرن کي ته باهه وٺندي آهي. پر چمن ۾ گل و گلزار رهندو آهي. پر هڪڙي ڏينهن چمن کي باهه لڳي ته طارق ابڙي جو هڪڙو گڙدو آهي ئي ڪو نه. گڙدي جو ڊونر به ڪپي ۽ علاج به انگلينڊ ۾ ٿيڻو هجي. سنگت وٺ ونان ڪئي ۽ سنگت جو قافلو سنڌڙيءَ ڏانهن روانو ٿيو. جتي انهيءَ وقت جو وزيراعظم محمد خان جوڻيجو پهچڻو هو. نصير مرزا، نثار حسيني مرحوم، نور الهديٰ شاهه ۽ آئون. هزارين گاڏيون ڏسي پريشان ٿي وياسين. شايد وزيراعظم نه ملي. ڪنڌ ۾ ويهاريو ويو. پر محمد خان جوڻيجو سيني پوتارن ۽ ڪامورن کي ڇڏي، پهرين پهرين اسان ڏي هليو آيو ۽ هفتي اندر ڪم ٿي ويو. طارق ابڙو رضيه کي ساڻ وٺي لنڊن به پهچي ويو. جن کي ڪم ڪرڻو هوندو آهي، سي ائين ڪندا آهن. محمد خان جوڻيجو جنتي ماڻهو هو سو نڪاءَ ته نو ڪري ڇڏيائين ۽ طارق ابڙو چمن تي ويو. جن کي ڪم نه ڪرڻو هوندو آهي، اهي آسري ۾ رکي ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيندا آهن. جي ونگي جو ڄام ارباب غلام رحيم هجي ها ته طارق ابڙي کي ائين هٿان نه وڃايون ها.

پيو ڌڪ. لنڊن. ڄام صادق علي جوڻيجو. طارق ابڙي تي هٿن چانئون ڪري ڇڏيائين. "امان رضيه، اسان مرد آهيون. نياڻيا. تون آهين نياڻي. هل اندر اسان کي بڪواس ڪرڻ ڏي ڄام ڪانيو خان جو اولاد آهيان. ٻڪ مرندس. پر طارق ابڙي کي هٿان وڃڻ نه ڏيندس." جي نصيبن ۾ ڄام صادق علي جوڻيجو ملي وڃي ته پيو ڇا ڪپي.

طارق ابڙي آخر تائين همت ڪا نہ هاري. سنڌس رت ۾ وڏن جا گهوڙا پئي ڊوڙيا ۽ تلوارون پئي ڪجيون. ڪراچي وڃڻ جهڙو نہ هجان. سو ڦون ڪئي مانس. موت جي بستري تي هوندي ڪري بہ منهنجي همدردي وٺڻ جي بدران مون کي همت ڏياريائين، "بابا، چمن تي وڃ. پوءِ ملنداسين."

اهو پوءِ جو ملڻ هميشه لاءِ دم چڏي ويو.

ناول ياد نٿو اچيم. پر ڪنهن لکيو هو تہ "زندگي، ٻن اٿاهہ روشنين جي وچ ۾ هڪ اڻ لکي ڪاري ليڪ آهي."

طارق ابڙو اڻ لکي ڪاري ليڪ ڇڏي اٿاهہ روشنيءَ ۾ هليو ويو. پر، ڪُلهي ڪانڌي تي نہ سگهيس. جو هلڻ ڦرڻ کان لاچار هوس. اهو ڏک ٻاڻ کي يا عمر رهندو. باقي طارق ابڙو اجا تائين اکين اڳيان پيو تري. ماڻهو مري ويندا آهن. پر پنهنجو تصور ڇڏي ويندا آهن.

## حسن درس:

زندگيءَ جو اهو رُخ ڪيڏو نہ پيڙا ڏيندڙ آهي. جو جنهن تي لڙڪن سان لکجي، انهيءَ تي قلم سان پيو لکان. قلم الائي انصاف ڪري يا نہ ڪري. ٻاڻ جو خيال اهو ٿو چوي تہ حسن درس سان ڪنهن جو بہ قلم انصاف ڪري ڪو نہ سگهندو سواءِ سنڌس پنهنجي قلم جي. جنهن سان شعر لکي، سچيءَ سنڌ کي ويڙهيائين. سنڌس شخصيت توڙي ڪم ايترو ڳرو آهي، جو انهن کي سوچ ۾ سمائڻ ڏکيو آهي. هو سنڌ جو Larger than life شاعر بہ هو. ۽ ماڻهو بہ هو. حسن درس جا سڀ رنگ اکين ۾ جهٽي نہ ٿا سگهجن. انڊلٺ کي ڪنهن وسڪيءَ جي بوتل وانگر ويڙهي نہ ٿو سگهجي. سنڌس ڏنل محبتون ۽ کيس ملندڙ محبتون اکرن سان ڳٽي نہ ٿيون سگهجن. جي مٿس ڪجهہ بہ نہ لکجي تہ بہ هو گهڻو ڪجهہ هو. جڏهين مون مٿس ڪاوش اخبار ۾ لکيو هو تہ منهنجو سچو آءِ ڦون ايس ايم ايس سان پرجي ويو هو. جنهن ۾ رڳو لڙڪ ئي لڙڪ هئا. انهن لڙڪن ۾ اڌوريءَ انگريزيءَ ۾ ڪنهن ساڙ سڙئي جو بہ ايس ايم ايس هو. جنهن جو مطلب اهو ٿئي نڪتو تہ فينٽسي لکي آهي. مون کيس جواب ڏنو هو تہ بيو چا لکان. همراهہ جي انگريزي ڪچي هئي، سو جيڪو موٽ ۾ جواب ڏنائين، اهو سمجهي نہ سگهيس. پر همراهہ کي سڃاڻي ويس. پردو ڪو نہ ٿا کڻون. ڪي ڪي ماڻهو ڏيکيا پلا آهن. البت منهنجي ذهن ۾ رشيارڊ ڪاپوشنسڪيءَ جي لکيل اها ڳالهہ ڦيريون ڪائيندي رهي تہ "مجتا، محبت، حسد ۽ نفرت جا ڪي بہ بارڊر نہ ٿيندا آهن." ڪو تير ڪتان بہ اچي سگهي ٿو. پوءِ چو نہ ڪٽي

حسن درس جو ڪو پراڻو دوست هجي.

اها ڳالھ اتي ڇُٽي. وٽ وهنديءَ کي، يادن جي دنيا ڏاڍي وسيع آهي. ڪواٽر نمبر اي – 25. سنڌ يونيورسٽي ڪالوني، ڄامشورو. آوارھ گرد ۽ عام سوچ کان هٽيل ڇوڪرن پنهنجي ڪاٽو ۽ ڪواٽر جو ڊرائنگ روم.

نثار کوکر: جيڪي وٽن تان اُڏايائين، سي وري ڪو نہ وينيون. عشق جي دنيا جو پانڌيئڙو. زندگيءَ جو پُو ترن. صحافت. اڳتي هلي ڪري جيڪي رپورٽون لکيائين، انهن ۾ ادب ۽ صحافت جا سَنڌا سيڙها ريتي ڇڏيائين.

حسن مجتبيٰ: دنيا جو منهن هڪڙي پاسي، سندس منهن ٻئي پاسي. جيڪي ماڻهو غير فطري هوندا آهن، اهي بہ فطرت جو حصو هوندا آهن. اوچتو ايندو هو ۽ اوچتو هليو ويندو هو. ملڪ مان بہ اوچتو گم ٿي ويو. هاڻي آمريڪا ۾ آهي. صحافت ۽ شاعريءَ جو وڏو نالو. نيويارڪ ۾ موجود ”ترڪ هائوس“ تائين الائي پهتو يا نہ. جي پهچي ها تہ ڪاڏن کي خبر پوي ها.

غلام مرتضيٰ سولنگي: ساٿس گڏ ڪراچيءَ جي امير ڪبير ڇوڪري غريب جو يار وڏي بنگلي جي وڏي ڊرائينگ روم جو ڪلچرل شوپيس بڻجي ويو. اُتان پير ڊانائين ۽ آمريڪا پهتو. موٽ ڪاڏائين. هن وقت ريڊيو پاڪستان جو ڊئريڪٽر جنرل آهي. پروٽوڪول ۾ هلندو آهي. وڏن جون مهربانيون بہ وڏيون.

پر جنهن ملڪ نہ ڇڏيو منهن نہ متايو واٽ ڪوتي نہ ڪيائين ۽ جنهن کي پلنگ جي بدران فرش عزيز هو اهو هو حسن درس. ماڻهو واٽ ويندي ملندا آهن ۽ پوءِ گم ٿي ويندا آهن. پر حسن درس واٽ ويندي جنهن سان ملندو هو انهيءَ مان هٿ نہ ڪڍندو هو.

– پال ٿيرو پنهنجي پهرئين سفر نامي ”دي گريٽ ريلوي بازار“ ۾ لکي ٿو تہ ترڪيءَ ۾ ڪنهن محفل ۾ ڪيس ياسر ڪمال ملي ويو. انهيءَ ڪيس ٻانهن مان اچي جهليو ۽ چيائينس،”آئون جڏهين ڪنهن عورت يا ليکڪ جي ٻانهن مان جهليندو آهيان، انهيءَ مان هٿ نہ ڪڍندو آهيان. “ حسن درس بہ ياسر ڪمال وانگر ڪنهن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهندو هو تہ ڪو نہ ڪڍندو هو. هيءَ دنيا ڏاڍي ائوکي آهي. پوءِ بہ هن دنيا ۾ ڪڏهين نہ ڪڏهين ڪٿي نہ ڪٿي حسن درس ملي ويندو آهي، جيڪو توڙ نڀائيندو آهي. مجبوريون ڇڱي خاصي کي ڳاري وجهنديون آهن. پر اهي ساڳيون مجبوريون بہ حسن درس اڳيان مجبور هونديون هيون.

اِهو زمانو اُهو هو جڏهين مان سنڌ يونيورسٽي ۾ تہ گهرجي مرغي هيس، جو ترڙن جي جهان ۾ قابو هيس. ڊگريءَ جو پُڇ ۽ جهالت هٿ هٿ ۾ وجهي گهمندا هئا. اڪثر اهو جملو ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ ”مان بہ 18هين گريڊ ۾ ڊپٽي ڪمشنر بہ 18هين

گريڊ ۾.“ واهه سائين واهه گريڊن جي فوٽ پٽيءَ سان ماڻهوءَ جي عزت کي ماپيو ويندو هو. انهيءَ زماني ۾ آئون جڏهين به يونيورسٽيءَ کان ٻاهر نڪرندو هوس ته گليمر جي دنيا ۾ هليو ويندو هوس. بليو پاسپورٽ، هوائي جهاز جا فرسٽ ڪلاس جا ٽڪيٽ، فائيو اسٽار هوٽلون ۽ سهڻين جا بنگلا. سنڌ جو عوام ته ڳُلمي تي ڪٽي هلندو هو پر سنڌ جي نام نهاد سوسائٽي وٽان حسد ۽ ساڙ جا زهر پريا ڍُڪ. قتل جون ڌمڪيون. گارين پريا خط چڙهو منهنجي آڱوٺي تان. ايا تائين سنڌ جي انهيءَ ڪلاس کي آڱوٺي تي چاڙهيو پيو اچان. پر اهو به زندگيءَ جو هڪ تجربو هو. رائيٽر جي حساب سان اهڙن تجربن مان گذرڻ به کپي. ٻئي پاسي هيرالڊ کي انٽرويو ڏيندي چيم، ”مون کي خبر آهي ته ٽيليويزن جو هڪ گليمر طوائف جو ڪر آهي. طوائف پاڻ وٽ گهڻو وقت ٽڪڻ نه ڏيندي آهي ۽ هڪڙي ڏينهن لت هڻي ست ماڙ تان ڪيرائيندي آهي ۽ ماڻهو اچي فوٽ پاٿ تي ڪرندو آهي. جي انهيءَ ماڻهوءَ جي فوٽ پاٿ سان دوستي نه هوندي ته هڏ گڏ پچائي ويهي رهندو. پر جي فوٽ پاٿس سان دوستي هوندس ته فوٽ پاٿ پاڪر ۾ پيري وٺندس. منهنجي فوٽ پاٿ سان پراڻي دوستي آهي، هڏ گڏ ڪو نه پچندا.“ اها ئي ڳالهه آهي ته اڄا تائين شوبز جي طوائف منهنجي پويان پيل آهي ۽ آئون لٽريچر جي پويان پيل آهيان. طوائف ڪنهن سان پيار نه ڪري، پر جي ڪري ته مرڻ گهڙيءَ تائين نه ڇڏي.

اهو ئي زمانو هو جو ڪوارٽر اي-25 جو در ڪڙڪيو. هڪ ڊگهو، پر عمر جو ننڍو ڇوڪرو بيٺو هو ”ملڻ آيو آهيان.“

”ڪهڙي سلسلي ۾؟“

”اِهو پاڻ وارو ادب ۽ شاعري وغيره.“

دل ۾ سوچيم ته ايا ڇوڪرو مڙس آهي. مغربي ادب جا ڪي نالا ياد هوندس. سو ويهي اجايا سوال پُڇي ڪَن کائيندو. جي هوندو شاعر ته پنهنجي شاعريءَ جو ٿاهو وجهي مون کي گهليندو. پر در تي هلي آيو آهي، سو ڪو نه ڇڏيس.

پر جڏهين اڳيان ويٺو ته نه بين الاقوامي ادب جا وڏا نالا ڳڻايائين ۽ نه ٿي وري بين شاعرن وانگر منهنجي ڳچيءَ ۾ شاعريءَ جو ٿاهو وڌائين. پر انهيءَ جي اُبتڙ مُرڪندي مرڪندي اهڙي ڊڪشن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪيائين، جو مون کي پنهنجي ڳوٺ جا منهنجا اڻ پڙهيل استاد ياد اچي ويا. اصل ۾ آئون اهڙي هنڌان آيل هوس، جتي ڪنهن کي ادب جي ”الف“ جي به خبر نه هئي. پر اهي خفتي خطرناڪ قسم جا Story teller هئا، جو ڳالهه ڪٽن ته به ڳارين، جي ڳالهه ڇڏين ته به سٽن وِيچارن ۾ وبجهي ڇڏين. حسن درس به ڳالهه ڪرڻ ۽ ڳالهه ڇڏڻ جو اهڙو ئي شاهه ڪاريگر هو.

سندس هر جملي ۾ Wit ڏُڪندي رهي ۽ بڪندي رهي. جمندي ڄام هو سو سنگت جي ور ۾ اچي وياسين.

ڪي ڪي ماڻهو هرويرو پيا هام هڻندا آهن تہ فلاڻي کي مون سيڪاريو ۽ الاڻي کي مون پروموٽ ڪيو. جي آئون نہ هجان ها تہ ڪيس ڪير ڪنگهي بہ نہ ها وغيره وغيره. اهڙي هام هڻندڙن جي لاءِ يار شوڪت چوندو آهي. "اهي ماڻهو هر وقت پيٽ سان هوندا آهن. جيڪي ليکڪن ۽ شاعرن کي پيا ڄڻيندا ۽ پاليندا آهن." جي آئون جڳ مشهور ليکڪن ۽ آرٽسٽن جا نالا ڳڻندس تہ 'سارنگا' جو پيٽ انهن نالن سان پرجي ويندو. اصل ۾ تخليق جي دنيا ۾ ڪو ڪنهن جو استاد نہ هوندو آهي. هر تخليقڪار پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان جمندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ جي انٽروڊڪشن هوندو آهي. جيڪي استادن جي ور چڙهيا، سي ڪٿان جا نہ رهيا. بئي جو پاڇو بڻجڻ معنيٰ تہ پنهنجي شخصيت تان، پنهنجي Genes تان ۽ پنهنجي آرٽ تان هٿ کڻڻ. حسن درس ڪڏهين بہ پنهنجي شخصيت تان هٿ ڪو نہ کنيو ۽ درس فقير جو درس فقير رهيو.

لاهور جي پرل ڪانٽينينٽل هوٽل جي هال ۾ جن گهاگهہ دانشورن ۽ ڪچين جوانين کي ڪڙڪائڻ وارو حسن درس پاڻ هو. پنهنجي مرڪ کي بہ ڳالهين جي ڳوٺ ٻڌائڻ وارو بہ پاڻ هو. لاهور جي پريل ٽُريل جوانين کي رڻ ۾ رولي سنڌ جا وڻ وسائڻ وارو بہ پاڻ هو. پلا جي سندس جاءِ تي ڪو بيو هجي ها تہ اهو وري پنهنجا بيا رنگ پاڻ ڏيکاري ها. مون تہ رڳو عائشہ صديقه جي اها خواهش پوري ڪئي هئي تہ سندس والده جمليہ هاشميءَ تي ڪو نہ ڪو نوجوان سنڌي اچي ڳالهائي. باقي اها تہ حسن درس جي پنهنجي نيازمندي هئي، جو هو جنهن تنهن اڳيان منهنجا ڳڻ ڳائيندو هو. جن کي روڪڻ منهنجي هٿ وس نہ هو. گهڻيئي چيومانس تہ بابا پنهنجي ڳالهہ ڪر. مون کي چڙي ڏي. مون کي مون تي مانُ هو ۽ منهنجي ڪم تي مانُ هو. هر ڪو پنهنجي ليکي ٽُرندو آهي. شوڪت شوري جي چواڻي مون کي 'هر وقت پيٽ سان' رهڻو ڪو نہ هو.

لاهور مان موٽڻ کان پوءِ حسن درس گم تي ويو. آئون پاڻ بہ گهر مان گم رهڻ لڳو هوس. هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجو پنهنجو گس هوندو آهي. ڏيئي وٺي ڪنهن فنڪشن ۾ جي موقعي تي هڪ ٻئي سان سلامااليڪي تي ويندي هئي. ساڻس گڏ سندس دوست هوندا هئا. مون سان گڏ منهنجا دوست هوندا هئا. منهنجو ننڍپڻ جو دوست فقير محمد جوڻيجو چوندو هو "يَر. ٿوري تان ڪانٽا مٽ تي ويئي." زندگي ڪانٽا مٽ جو بيو نالو آهي.

روبو حسن درس بہ محسوس ڪيو پر ڪجھ جھڙو نہ رهيو هو. البت مون Sadistic ذاتهن ذر ذر پيو نهاري، جڻ ڪا وڏي چُڪ ڪئي هجيس. هڪڙي پاسي حسن درس جون Genes هيون، جيڪي شاناتيون هيون. ٻئي پاسي انهن جون Genes هيون، جن جي چوڌاري رڳو عهدا ۽ ڪرسيون پئي ڦريا تہ ڇڱو ٿيو جو ڪرسيءَ تان لٿس. دل ۾ چيم تہ اڳ ۾ ڏاڍيون چڪيون ڪيون اٿم . اج بہ ڏاڍي چُڪ ڪيم. وچان ئي ڪراچيءَ ۾ هڪڙي ترڙي ڪاموري جي ور چڙهيس تہ ري ڪُهي ڪسر بہ نڪري ويئي. سوچيم تہ آفيس مان نڪري، ڪو نہ ڪو بهانو بڻائي پي-ٽي-وي ڪراچي هليو ويندس، اتي هن هُن سان تاڙ ملائي، اُبتا سُبتا اسڪينڊل بڌي، ٻن چئن پروڊيوسرن کي ڊرامي لکڻ جا ڏنا ڏيئي، بس ۾ چڙهي اچي واپس سنڌالاجيءَ جي ڪنڌ ۾ ويهي، لاهور ٽيليوزن لاءِ بہ عدد پرائيويٽ سيڪٽر جا ڊراما (پراندهہ اور گهر، گليان اور راستي) لکي، پرائي خرچ تي لاهور بہ گهمي ايندس ۽ موٽڻ وقت ڪراچي ايئرپورٽ جي بدران پشاور جي ايئرپورٽ تي لهي، اتان جي انهيءَ وقت جي چيف منسٽر آفتاب احمد شير پائو سان ٺڙا ماشا ڪري ايندس ۽ ڪيس ڪن ۾ ڦوڪ بہ ڏيئي ايندس. هروپرو چو ڏِيٽي نہ وٺي مھٺا سهندو وتان. اهڙن ماڻهن سان وقت چو خراب ڪريان، جيڪي منهنجي لت جهڙا بہ ناهن. پر حسن درس بہ نيٺ درس فقير هو. تنهن ڪري سندس اکيون منهنجي اڳيان اچي ويون ۽ ڪيس ڇڏي نہ سگهيس. هو انهن ماڻهن ۾ بيو ماڻهو هو ۽ محبت وچان مون کي ڪراچيءَ وٺي آيو هو. جن ماڻهن مون کي اڻ سڌي طرح مھٺا پئي ڏنا، انهن جو بہ علاج مون وٽ هو. جيڪو ڊرامي جا ڊائيلاگ لکي سگهي ٿو، اهو ساڻ گڏ مھٺي بازن کي ڊائلاگ هڻي ترا ڪيڊي پئي سگهيو پر زبان تي بہ تالا هڻڻا پيم. جو حسن درس جون اکيون آڏو اچي ويون.

حسن درس جي دل وڏي ۽ ٻانهون ڊگهيون هيون. سندس سنگت ۾ جتي چار چڱا اچي ٿي ويا، اتي هو مَنن ماڻهن کي بہ لنٺ ڪرائيندو هو. پاڻ جي دل ايڏي وڏي ناهي جو للو پنجوءَ کي پنهنجي متي تي ڪٽي هلون. جي ڪو دل سان لڳو تہ واهہ واهہ. جي دل سان نہ لڳو تہ وڃي پنهنجي گهران ڪائي. اسان جو بلاول اونو عوامي شاعر بہ آهي ۽ زمانہ شناس ماڻهو بہ آهي. ڳالهہ ٻڌڻ وقت تڪي نهاريندو ويندو بہ آهي. سندس نظرون سامهون ويٺل ماڻهوءَ جي اندر تائين پهچي ويندو آهن ۽ آنڊا ڳُجيون ٻاهر اچي ويندو آهن. هو انساني سائيڪي جو ماهر آهي. هڪ ڀيري مون کي چيائين، ”جي ڪوڙ هڻان تہ لاهي جُتي منهنجي مُنهن ۾ هڻج.“

”چو ڇا ٿيو؟“

”تون وڏن ماڻهن کان پڇندو آهين. پر فاقيري رنگ جي ماڻهن ۽ غريب غربي سان وڏيڪ نهندو آهين. ڀلا ڪوڙ ٿو چوان؟“

هُن اها ڳالهه هڪ خاص ۽ مقامي Perspective ۾ چئي هئي ۽ مون کي اک ۾ رکيو هئائين. چيومانس. ”مولائي ماڻهو مولائي ماڻهن سان خوش هوندا آهن.“ حسن درس به هڪ مولائي مڙس ۽ فقير ماڻهو هو. ڪانئس ڪنڌ ڪيائڻ مون لاءِ ڏکيو هو. جتي سڏ ڪندو هو، اتي هليو ويندو هوس. قاسم آباد ۾ هڪڙي هنڌ سندس نڪاٽو هوندو هو. اتي مون کي گهليائين.

انهيءَ نڪاٽي تي هڪ شاعر ۽ ٻيو ٺيڪيدار هر وقت ديرو جمائي ويٺا هئا. ٻه ٽي شامون اتي گذارڻ کان پوءِ مون کي لڳو ته. حسن درس کي جيڪو ڪمپني ڏيندڙ شاعر آهي، سو ٺيڪيدار آهي ۽ جيڪو ٺيڪيدار آهي، اهو شاعر ٿو لڳي. ٺيڪيدار شاعر جو انهيءَ ڳالهه تي زور هو ته هو سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. سو سندس شاعريءَ جو توڙهو منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ پوندو رهندو هو ۽ جيڪو اصل ٺيڪيدارهو. اهو ڪنهن سني شاعر سنگت جي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳل هوندو هو. سنڌ جي ٺيڪيدار نعري باز شاعر جو اهو خيال هو ته آئون ڪيس سنڌ جو وڏو شاعر ڪري مڃيان. نيٺ هڪ ڀيري حسن درس جي عدم موجودگيءَ ۾ مون کي چيائين. ”قادر. آخر تون مون کي وڏو شاعر ڇو نه ٿو سمجهين؟“

جواب ڏنومانس. ”تون جڏهين مون سان ملندو آهين ته توسان گڏ حسن درس هوندو آهي. حسن درس جي هوندي تو کي وڏو شاعر ڪري ڪيئن مڃيان. اجگر شاعر حسن درس سان ملندين ته توکي شاعر ئي ڪو نه مڃيندس.“ همراهه ٺماٺي وانگر ڳاڙهو ٿي ويو ۽ شيشا پڇي پيا.

انهيءَ کان گهڻو پوءِ ڪنهن غير ملڪي گئس ۽ پيٽروليم ڪمپنيءَ جي ملازم دوستن مون کي ڪراچيءَ جي هوٽل ريجينٽ پلازا ۾ دعوت ڏني. موقعو سنو هو سو مون پنهنجي پراڻي دوست ۽ هن دور جي سُپر ڊُپر ناولسٽ محمد حنيف کي به گهرائي ورتو جنهن The Case of the exploding mangoes جهڙو شاهڪار ناول لکي، دنيا ۾ ڌاڙهيا مچائي ڏنا آهن ۽ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. بمع هيبريو زبان جي. سوچيم ته محفل ۾ انٽرنيشنل فِگر هجي. پر ملازمن مان ڪنهن هڪ ڇٽي کي الائي ڇا ٿيو جو ٺيڪيدار شاعر کي گهرائي، ڪانئس شاعري پڙهائي.

محمد حنيف کان ڪجھ سوال پڇڻ بدران اهڙي قسم جي شاعريءَ My goodness. خدا خدا ڪري محفل واري ننڍڙي هال مان نڪتاسين تہ ڏيٺي نہ ونٺي اهو شاعر منھنجي بيڊ روم ۾ اچي حسن درس کي گھٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. آئون پھرين تہ حيرت ۾ اچي ويس، پوءِ جيڪو مون کان پڳو، سو چيومانس. وچ ۾ دوست پيا، ٺيڪيدار شاعر ڪمري ۾ هليو ويو پر ڪجھ دير رکي وري موٽي آيو. مان نہ مان، مين تيرا مهمان. پر بئي پيري ٺڏو هو ءِ ناھ ڪرڻ جي مُوڊ ۾ هو. تازو تازو ڪاوش اخبار سندس ڪارنامن تان پردو کنيو هو. سو ڏنل هو تہ متان آئون بہ ڪاوش ۾ ڪيس رهڙو نہ ڏيان. چاڪاڻ جو اين-جي-او ڪلچر تي اڳ ۾ ئي مضمون لکيا هئم. سندس اکين ۾ سڀ ڪجھ پڙهو هو. سندس اهو حال ڏسي آئون چپ تي ويس.

پڏو اٿم تہ حسن درس جي وفات کان پوءِ اهو شاعر ڪنھن سنڌي چينل تي ويھي روج راڙو ڪندو رهيو تہ حسن درس کي پاليو بہ پاڻ هئائين. شاعريءَ جي ڏگ تي بہ پاڻ لاتائين. شوڪت شوري جي لفظن ۾ ’پيٽ سان هو.‘ حسن درس جو ٺيڪو کٽيو وينو هو. بهرحال منھنجيءَ نظر ۾ اها ڪا ايڏي وڏي ڳالھ نہ هئي، اها سنڌ جي Phenomenon آهي تہ جيسيتائين جيئرو آهي تہ جهليوس ڳچيءَ مان، مرڻ کان پوءِ سندس وارث ٿي ويھي رهو. اها ڳالھ ڪا نئين هجي تہ لفٽ ڪرايونس، سو No lift . جيڪو ٿيو سو ٿي چڪو. بندو ويچارو ڏاڍور ڪمزور آهي. اهڙين ڪمين پيشين کي درگذر ڪرڻ ۾ ئي چڱائي آهي.

وڏن وڏن کي دهيون هٽي. پري ڪري ارباب غلام رحيم مون کي سنڌي بولي اٿارٽيءَ جو چيئرمين بڻايو. منھنجي آفيس حسن درس جي سهراٽي گھر کي ويجھي هئي، تنھن ڪري حسن درس مون وٽان پيرو پيندو رهيو. سندس شاعري رلي مُنَ مان ٿيندي سِراڙي سان وڃي لڳي. گھوڙي وانگر سِراڙي ۾ هلندي، سُنبن سان ڪليشي جا سڀ نڪر پيچي پور ڪيا.

پ پ گورنمينٽ اچڻ کان پوءِ هڪ ئي ٽڏي سان منھنجي نوڪري ختم ڪئي. مون کي خبر آهي تہ ڪرسيون اچٽيون وچٽيون آهن، سو ڪا اهڙي اهرائي ڪا نہ ٿي ءِ مون وقت کان اڳ اچي پنھنجو گھر جهليو. پرائي شئي تي ڪهڙو مانُ. آئي تہ روزي، ٽري تہ بلا.

حسن درس وري مليو تہ ڪٿي مليو. درياه دل مسعود لوهار وٽ مليو جنھن کيس گھوڙن جو پروجيڪٽ ڏنو. هوندن بہ حسن درس جي شاعري گھوڙن جون آٽ ئي

هلڻيون هلنديون رهيون.

پوءِ حسن درس ۽ مسعود لوهار مون کي هٿن تي کڻي سنڌ گهمائيندا رهيا. وچ ۾ وري حسن درس گم ٿي ويو. پتو لڳو ته وري شوبز جي ڏس ۾ سنڌ تي وي لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

رات جو دير سان الائي ڪٿان سندس گاڏي نڪتي ۽ پڇاڙيءَ جا پل الائي ڪيئن گذاريائين. اهو سڀ ڪجهه سوچي هينئون ٿو ٻڏي.

## ضميمو:

ڇُڪ ٻه ڇڪن جهڙي ڏاڍي ڇُڪ ڪيم.

خواب ٻه وڃائي ويٺس، حقيقتون ٻه هٿن مان ترڪي ويون.

منافق معاشري ۾ ويهي آتم ڪٿا لکڻ جي بدران ڇگٽائي انهيءَ ۾ آهي ته ڪٽ تي ليٽي، ٻه ٽي وهاٽا ڪنڌ کي آڏا ڏئي، تنگ تنگ تي چاڙهي، لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا پڙهي، وقت سجايو ڪريان ها. پيو نه. ته لڇمڻ ڪومل اهڙي معاشري ۾ ته رهي ٿو جتي دل جي ڳالهه قلم تي آڻي سگهجي ٿي.

خواب. آئون رات جو خواب نه ڏسندو آهيان. پر جڏهين رات آخري پساهن ۾ هوندي آهي ته جيئن ايندڙ ڏينهن جون روشنيون ڦٽڻ لڳنديون آهن. تيئن منهنجا ٻه خواب تِرڻ لڳندا آهن. هڪڙي خواب ۾ هوءَ هوندي آهي، جنهن جون ادائون، باڊي لينگئيج ۽ ڳالهيون ائين ايندي آهن. جيئن انڊلٺ جا رنگ اُپرندا آهن ۽ سندس جسم جي ڇتي خوشبو منهنجي حواسن تي ڇانئجي ويندي آهي. آئون اجا تائين انهيءَ سوچ ۾ غرقور هوندو آهيان ته ڪيئي آيون ويون ۽ پنهنجي پنهنجي خلوص جا راتاها هڻي ويون. پر خوابن ۾ رڳو هوءَ ڇو ٿي اچي. (ڊِيپ اينالائيسز). رزلٽ زيرو. سڀ ڳالهيون سمجهڻ لاءِ نه هونديون آهن.

ٻيو خواب. فرشتن جهڙو وڏو ياءُ ادو قائم جوڻيجو. ڪاوڙ کي الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪائي رکيو هئائين. ٻُجر آئون ٻه آهيان. پر ادو قائم مون کان وڌيڪ ٻُجر هو. سندس ٻانهن تي ٻه وڏا ڪارا وار هوندا هئا. ننڍي هوندي آئون سندس ٻانهن جي پشم جهڙن وارن تي هٿ لائيندو هوس. پوءِ هڪ اڌ وار پٽڻ لڳندو هوس ته تڪليف وچان مرڪي ڏيندو هو. آئون ٻه اکين جو چور رهيو آهيان. ادو قائم مون کان وڌيڪ اکين جو چور هوندو هو. سندس مزاج Women Puller هو. عورتن جو معشوق هوندو هو. جڏهين پگهر ۾ شم ٿي ويندو هو ته سندس پگهر مان پرفيوم جي خوشبو ايندي هئي.

سپ ڪو سندس پر ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر منهنجو مٿس قبضو رهندو هو. منهنجي هوندي سندس پر ۾ ڪو بہ ويهي نہ سگهندو هو. آئون بي چيو ۽ بي صبرو ادي قائم وٽ ڳاتي توڙ صبر هوندو هو. آئون ننڊي هوندي Sleep walker هوندو هوس. ادو مون مٿان جاڳندو هو. پهرو ڏيندو هو. ٿورو بہ تپ ايندو هوس تہ وِڦلندو هو ۽ چوندو هو "قادر کي ڄامشوري مان گُهرائي وٺو."

جڏهين وقت ڪان اڳ منهنجي اکين جي اڳيان دم ڏنائين تہ مون سندس وڏي پٽ امان الله کي نصيحت ڪئي تہ ادي قائم جي قبر مٿان مُقبرو نہ اڏائجو نہ تہ ماڻهن مان ڪوئي سجاده نشين ٿي ويندو. آسپاس جي راڄن پاڳن ۾ سندس شهرت ئي اهڙي هئي تہ ڇا ڪجي. پاڻ ڏاڏي پوٽيءَ مان هو. آئون مُهاٽيءَ مان هيس. مون لاءِ پوريءَ دنيا ۾ صرف هڪڙي اهڙي قبر آهي، جنهن مٿان اڄ تائين بيهڻ جي همٿ نہ ساري سگهيو آهيان. اها آهي ادي قائم جي قبر.

رات جي ساڳين آخري پساهن ۾ مون کي خواب ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڇا ڏسندو آهيان تہ آئون ڪنيٽن جي گهاٽي جهنگ مان ڊوڙي رهيو آهيان ۽ ادو قائم منهنجو پاسو وٺي ڊوڙندي، مون کي ڪنيٽ جي ڳنڊ مان بچائي رهيو آهي. پر هاڻي اهي بہ خواب وڃائي ويٺو آهيان. ادو قائم بہ گم آهي، شيرين بہ گم آهي. صبح جو جڏهين ننڊ مان اٿندو آهيان تہ دنيا مون کي خالي خالي لڳندي آهي. نہ گل تا ٽڙن، نہ خوشبو ٿي اچي. ڪارڻ پڌرو آهي. هنن ئي صفحن تي پنهي جون يادون لکيم تہ اندر مان سندن يادون گم ٿيڻ لڳيون. يادن جو اظهار يادن کي ڪائي ويندو آهي. انهيءَ ڪري آئون پنهين خوابن کي واپس موٽائڻ چاهيان ٿو. آتم ڪٿا جا دروازا بند ٿو ڪريان تہ جيئن سونهن ۽ خوشبو ٻاهر نڪرڻ جي بدران منهنجي بيڊ روم ۾ ئي بند رهن.

رهي حقيقتن جي هٽن مان ترڪي وڃڻ جي ڳالهہ. تہ هن منافق معاشري ۾ رهندي حقيقتون لکڻ جو خواب ئي ڏسي سگهجي ٿو. ننڍپڻ جون يادون لکندي، مون کي ڪيتريون ئي ايڊٽ ڪري ڪٽيون پئجي ويون. جي لکان ها تہ رڻ مچي وڃي ها. شيرين بہ ڪاتا ڪوٽيءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿي. سندس باري ۾ مون کي جيڪو ڪجهہ لکڻو هو اهو سڀ ڪجهہ لکي نہ سگهيس. لحاظ ماريو وجهي. تازو اڳين قسط ۾ جيڪي واقعا ماڻڪ جي باري ۾ لکيا هئم، اهي بہ لحاظ جو شڪار ٿي ويا. طارق اهڙو گهڻ پاسائون ماڻهو هو. سندس ڪيترا ئي پهلو گم ڪري ڇڏيم. سندس جهوليءَ وانگر جُهلندڙ Extremes تي پئجي نہ سگهيس. زماني سازي آڏو اچي ويئي

تہ بابا جهل پير، متان اڳتي وڌيو آهين. حسن درس رڳو اهو تہ نہ هو جيڪو مون لکيو. سندس زندگيءَ جو ٻڱري ۾ ٻرو باب بند دروازي جي ڪنڊيءَ سان لڳي گم ٿي ويو. هينئر سندس وفات کان پوءِ ڪيترا ئي ڪفن چور سندس ڪفن جي پويان لڳل آهن، الائي ڇا ٿيندو. پرائي قبر تي ويهي پنهنجو قد وڌائڻ وارا اڇي نڪتا آهن. سندس الائي ڇا ٿيندو. سنڌي ادب جي انهيءَ باب تي بہ لکي نہ سگهيس.

اڳتي هلي ڪري جيڪي ڪجهہ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ تي، اتان جي پروفيسرن تي، ڪامورن تي، شاگردن ۽ وائيس چانسلرن تي بہ گهڻو ڪجهہ لکڻو هوم، پر ڏٺم تہ اهي واٽون بہ بند آهن. هر ويرو بند دروازن سان مٿو ڇو ٽڪرايان. سازشن جي ڄار مان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهو بہ سوچيو وينو هوس تہ جڏهين جنرل ضياءالحق جي زماني تي ايندس تہ بظاهر سنڌ جي سڄڻن تي پيل پردا ڦاڙيندس. پر متن تان، وڏين نوڪرين تان، پوتين تان ۽ هٽ ناٽن تان پردو ڇڪي اصلي ناٽڪ ڏيکاريندس. پر ڏٺم تہ جي اهو سڀ ڪجهہ لکندس تہ پنيور کي باهہ لڳي ويندي، جنهن ۾ آئون پاڻ بہ سڙي ويندس. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جون ڍنڍون ڍورا منافقن سان ڀريل هئا. پر ڏٺم تہ سرن کي باهہ ڏيئي ڪو نہ سگهندس. نياٽين سياٽين جو بہ خيال رکڻو پوندو نہ تہ ڪم خراب ٿي ويندو. لحاظ مون لاءِ وڏي مصيبت بڻيل آهي، جتان ڪٿان سامهون اچي وڃي. پنهنجي Genes کي ڪيڏانهن ڪريان، جن منهنجي رستا روڪ ڪئي آهي. پڙ ڏاڏو ڄام دوسو بہ ڇپ، ڏاڏو قائم بہ ڇپ، بابو مريد حسين بہ ڇپ،ادو قائم بہ ڇپ. ٻين کي ڇڏ. پنهنجي ڳالهہ ڪر. آئون سقراط ناهيان، جو زهر پيئندو وتان. حقيقتون لکڻ زهر پيئڻ جو ڪم آهي. مون ۾ ايترو دم ناهي جو حقيقتن جي زهر سان ڀريل ڍرم ڪٽي سگهان.

سو جڏهن خواب بہ لکي نٿا سگهجن، حقيقتون بہ لکي نٿيون سگهجن تہ آتم ڪٿا وري ڇا جي.

## ڪم جي ڳالهہ:

اڪبر لغاري، يارن جو يار، پر ادب، فن ۽ فلسفي ۾ ياري ڏيکارڻي ناهي. هٿ جو ڇُوٽ، پر ڪنهن تي راءِ ڏيڻ ۾ ڪنجوسيءَ کان ڪم وٺڻو آهي. هر ڪنهن سان ها ۾ ها ملائڻي ناهي. دعوتون ڄام، پر دعوت ڏيڻ وقت ميرٽ کان ڪم وٺڻو آهي. لحاظ ايڏو جو ڪجهو ڪائي وڃينس تہ بہ رڙ نہ ڪري، پر جي ڪو دٻاءُ پويس تہ پوءِ "نہ" کي نوَ

ڪوٽ آڏا. ڪنن جو ڪچو ناهي. تنهن ڪري Who is Who جي چڳيءَ پَر پروڙ رکي. پڙهڻ وقت ائين پڙهي، جڻ فائيل پڙهندو هجي، هر اکر تي گهري نظر ته جيئن ڪنهن سان بي انصافي نه ٿئي. قديم به پڙهي، جديد به پڙهي. پڙهيل ڪيل کي، Reconsider به ڪرڻ ۾ دير نه ڪري. فلسفو به هلي، فڪشن به هٿ مان نه وڃي، امر ڪوٽ ۾ وڏو منڊل مچايائين. سائين علي مردان شاهه سائين نور علي شاهه ۽ پائو سردار علي شاهه سان هٿ ۾ هٿ. سيدن جون دعائون، وٽن جون چائون، هونئن شاهه، پر مهمان نوازيءَ ۾ شهنشاهه عزت ڪرڻ به ڄاڻن، عزت ڪرائي به ڄاڻن.

انهيءَ منڊل ۾ اڪبر لغاري سنڌي ادب جي اسٽيبلشمينٽ جون ڳرڪون ڇڏي، ذهني طور تي تازا توانا ليکڪ گُهرايا. جيڪي اکرن جو وکر وکڻڻ جي بدران خيالن کي پنن ۾ جاءِ ڏيندا رهيا آهن. هُن نالي ۾ نمال انهن ليکڪن ۽ ليکڪائن کي به سڏ ڪو نه ڏنو جيڪي ادب جو ٺلهو هڪڙو اکر لکڻ بنا رڳو ڪرسيءَ جي هر ادبي محفل جا مور بڻيل هئا /هيون. ڏبي ۾ ٺڪريون ۽ Publicity mongers هئا/هيون. جيڪي پوڙهيون گهوڙيون لعل لغام هيون ۽ جيڪي بقول طارق ابڙي جي، هر وقت ڪاڪوس جو افتتاح ڪرڻ لاءِ به تيار رهندا هئا ته اخبار ۾ فوٽو ته ايندو... انهن ڌرين طرفان اڪبر لغاريءَ تي دٻاءُ وڌو ويو ته ڪانئن صدارتون ڪرايون وڃن. پر "نه" کي نوَ ڪوٽ.

ڪيس خبر آهي ته ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. ميرٽ جو قتل عام چو ڪري وين موڪليائين. آئون طارق ابڙي سان ٿي وينس، جيڪو پاڻ بيمار هوندي ڪري به بيمارن جو خيال رکندو هو. دل ۾ ڪا ڳالهه جهليو پئي هليو. نيٺ ڪُڇيو "تنهنجي آتم ڪٿا ڪٿي تنهنجي ناول "سو ديس مسافر منهنجو ڙي جو پاڇو ته ناهي؟" ڪن ڪٽائيندي، ڪنن مان دونهان ڪڍي ڇڏيائين. "نڪاءَ تي نُو تي ويئي." شروعات اتان ٿي. سفر مان ذهني سفر شروع ٿي ويو. ڪڏهين ڪڏهين ڪا ڳالهه دل ۾ ڪُتڪندي رهندي آهي، پر ڪُتڪي جا دروازا بيا کوليندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي دل جي ڳالهه بي جي زبان مان نڪرندي آهي. مون ڪيس ڪو جواز ڏيڻ جي بدران ها ۾ جواب ڏنو.

تازو مون War against cliche ۾ پهرئين سپاهيءَ منير احمد ماڻڪ تي لکڻ شروع ڪيو ته سندس زندگيءَ جا ڪي اهڙا خاص واقعا اچي ويا ته منهنجو قلم گهڻ ڪري بيهي رهيو. منهنجو قلم جڏهين به ڪٿي آڙي ڪري بيهي رهندو آهي ته منهنجو ڌيان شوڪت حسين شوري ڏانهن ئي ويندو آهي. اصل ڳالهه بڌائي مانس ته اها ڳالهه سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي بيهي رهي. شوڪت انهن ماڻهن مان نه آهي، جيڪي

هُشي ڏئي، ڪنهن جو پٽڪو ڪيرائي وجهن. ڪجهه وقت سوچڻ کان پوءِ مون کي صلاح ڏنائين، رمز ۾ ڳالهه ڪري وڃ. ائين مون کي اهو ڪجهه گم ڪرڻو پيو. جيڪو گم ڪرڻ نه کپي ها. جي ڳالهيون گم ڪريو ته آتم ڪٿا وري ڇا جي. آتم ڪٿا بي ايماني ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي. پنهنجي لکڻيءَ کي اڌورو بنائي ڇڏيندي آهي. لکجي ته ناهي نوڪري لکجي، نه ته نه لکجي. ذهني سفرجي اها ہي منزل هئي.

انهيءَ کان پوءِ جڏهين حسن درس تي لکڻ وينس، انهيءَ ڳالهه جو ڪارڻ لکي نه سگهيس ته حسن درس رات جو پڇاڙيءَ وارن پهرن ۾ پنهنجيءَ ننڊ کي ڇو روليندو رهيو. جن مٿس شراب پيئڻ جي ڏوهه ۾ ڪفر جي فتوئي ڏني، تن ڇو ڏني. سنگسار جي فتوي ڇو ڏنائون. حسن درس لاءِ اسٽور ۾ گهڻو ڪجهه هو پر ٻاهر ٻاقي نه سگهيو.

ٽي وي ڊرامو لکڻ وقت ٽيم جي صلاح ٻه وٺي پوندي آهي، جنهن کي Compromise جي بدران Co-operationچيو ويندو آهي، پر آتم ڪٿا لکڻ وقت نه Co-operation تي جڳائي، نه ئي .Compromise آتم ڪٿا لکڻ وقت قلم کي سمجهوتن جي زنجير پارائڻ کان قلم ڀڃي ڇڏڻ چڱو آهي. Compromise زندگيءَ جو حصو آهي، پر وِڪ وِڪ تي رُڪجي بيهي رهڻ، ڳالهيون لڪائڻ ۽ Compromise ڪرڻ جي آخر ضرورت ڪهڙي. ڪنهن ڪُتا ته ڪو نه بچيا آهن جو لڪندو رهجي. آتم ڪٿا نه ئي سهي، ٻي ڪا صنف ئي سهي. ڪو متبادل ئي سهي. مجبورين جي پيري ڳري هوندي آهي، جي ڪٽبي ته ڪنڌ پڃندي، مجبورين جو شڪار ڇو ٿجي.

اسحاق سميجو يا ته چپ رهندو آهي يا وري منهن تي ڳالهه ٺڪائي ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري پنهنجن دادو واسين کي ڪنڊي وانگر اک ۾ ڦاسي پوندو آهي. جيڪو جتي گهڻو رهندو اتي ئي ته اک جو ڪنڊو ٻڻبو.

سارنگا ۾ منهنجي آتم ڪٿا جون قسطون ڇپجنديون رهيون، اسحاق سميجو پرچي اچڻ کان گهڻو اڳ ۾ قسط جي گهُر ڪندو رهيو. هُجت وچان داٻا ٻه ڏيندو رهيو. پر هن پيري سندس داٻي کان اڳ ۾ ئي ڪيس قسط لکي ڏنم ۽ پريشان ٻه رهيس ته داٻو ڇو نه ڏنائين. ڪا ڳالهه برابر هئي. نيٽ نڪتي، تپ ڏيئي نڪتي.

نائين قسط پڙهڻ کان پوءِ مون کي چيائين، "هيءَ قسط سني آهي."

"اهو ڪيئن؟ اڳيون قسطون ڇو نه؟" پڇيومانس.

"تنهنجين نڌيڻ جي يادن مان ڪافي ماٺهو مطمئن ناهن."

”ڇا ڇا ڇون؟“

”ڇون تا نديڻ جي يادن ۾ ريپيٽيشن گھڻي آهي، ڪا نئين ڳالهه ڪو نه ٿو لکي، هن قسط ۾ ريپيٽيشن ناهي.“

جڏهين سمجهوتن کان ڪم ورتو آهي ته ريپيٽيشن ته ڪرڻي پوندي آهي.

منهنجي ذهن جي ڪنڊ ۾ وينل ڳالهه مون ڪو نه ڪئي، اسحاق سميجي ڪري چڏي بيا چُپ رهيا، پر ايڏيٽ ڪندڙ ڦاٽي پيو. ڏاڍي دير ڪيائين. هن مُلڪ ۾ صحيح ڳالهه ڪبي ناهي. جي ڪبي آهي ته ڏاڍيءَ دير سان ڪبي آهي.

”هن مُلڪ ۾ آتم ڪٿا لکڻ ناممڪن آهي.“ آخري نڀوءِ آخري فيصلو.

صحيح فيصلو. هٿ ۾ گھٽو ڪجھه هجي ته پرواهه ڇا جي. قلم ته ست رنگو ٿيندو آهي، هڪڙو رنگ گم ٿي سهي.

**فيصلو:**

قرت العين حيدر پارت ۾ رهندي به، منافق معاشري کان آجي هوندي به ۽ آزاد هوندي به ”کارِ جهان دراز هَي“ تي ناول جو نپو هٺي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته ڪيس اجا وڏيڪ آزادي تي ڪتي. قلم کي ڇوٽ ڇڏڻ لاءِ لاڪائنس اهو ضروري ٿي پيو هو ته آتم ڪٿا کي به ناول جي روپ ۾ لکڻ ڪپي.

جيرزي ڪوسنسڪي آمريڪا ۾ رهندي به پنهنجي نديڻ جي اذيتن کي Painted bird نالي ناول جي روپ ۾ لکيو. انهيءَ کي مرڻ گھڙيءَ تائين ناول سڏيندو رهيو. مثال گھڻا آهن، تنهن ڪري ريپيٽيشن جو شڪار ٿي ويندا آهن.

ناول هڪ اهڙي صنف آهي، جيڪا هر ڳالهه کي پاڻ ۾ سمائي سگھي ٿي. ناول جو ڪئنواس ايڏو ته وڏو آهي، جنهن تي سڀ ڪجھه چٽي سگھجي ٿو. ناول ۾ ڪنهن به سمجهوتي جي ڪا به گنجائش ناهي. ناول نه ته هٿ ٿو ٻڌي، نه ٻارِ ۾ ٿو وجهي ۽ نه ئي پاند پسائڻ کان ٿو روڪي. ناول اُگھاڙي تلوار آهي، جنهن جي ڪا به مياڻ نه ٿيندي آهي. ناول ۾ قلم کي ايڏي ته ڇوٽ ملبل هوندي آهي، جو قلم زندگيءَ جا ڪيئي پاسا کوليندو ويندو آهي ۽ قلم نه ريپيٽيشن جو شڪار ٿيندو آهي، نه ئي وري يڪسانيت جو شڪار ٿيندو آهي. ناول حقيقتن کي اُگھاڙو ڪري بيهاريندو آهي، تنهن ڪري آتم ڪٿا کي ڇڏي، ناول ڇو نه لکجي. ”سو ديس مسافر، منهنجو ڙي“ جي ٽريالوجي کي ميدان تي ڇو نه آڻجي.

Rewrite ئي تہ ڪرڻو آهي. ڇهرن تان ماسڪ ڇو نہ لاهجن. آتم ڪٿا هلي نہ سگهي. آتم ڪٿا تي لکيل ناول تہ هلي ويندو. باقي رهيو "سارنگا" لاءِ لکڻ. تہ هن آسمان هيٺان ڪيئي موضوع موجود آهن.

[استاد عبدالقادر پنهنجي زندگيءَ تي ناول لکڻ جي بهاني سان، "جهڪيون جهڪيون يادگيريون" نہ لکڻ جو سوچي، سچ پچ بہ تہ ڏکوئڻ جهڙو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ ۾ ورلي ئي ڪو قادر جيترو ورسٽائيل آرٽسٽڪ ۽ دل کي ڇهندڙ نثر لکي ٿو جنهن ۾ افسانوي ۽ حقيقت، مبالغي ۽ سچ جي سحر انگيزي، ست ست ۾ ڪمال ۽ ڪرشما ڪندي محسوس ٿيندي. فقط 'سارنگا' جا پڙهندڙ ئي نہ، سنڌ جو هر قاري، قادر جي قط جو ڪُنل آهي جيتوڻيڪ سارنگا ۾ هن يادگيريون ئي لکيون آهن. پر انهن ۾ جيڪا افسانوي دلڪشي ۽ اسلوب جي انوکائي آهي، تنهن جو ورلي ئي ڪو پيڇي ۽ ثاني هوندو. هُن جي زندگي گوناگون، رنگين ۽ غير رواجي رهي آهي، جنهن جا ڪئين پاسا اڃا ڪيس ظاهر ڪرڻا آهن، ۽ يقينن سچائيءَ سان ئي ڪرڻا آهن. اڃا تہ هَن پنهنجي زندگيءَ جي ريشم کي کولڻ ئي هاڻ شروع ڪيو هو، جو يادگيرين لکڻ تان هٿ کڻڻ جو اعلان ڪري ويٺو آهي. اسان جي ڪيس منٿ آهي تہ قادر هي يادگيريون ڪنهن بہ ريت بند نہ ڪري- هن جو ناول لکڻ يقينن سنڌي ادب لاءِ ياڳ وند ثابت ٿيندو، پر اسان کي پڪ آهي تہ هي يادگيريون هن جي ناول لکڻ ۾ ڪنهن بہ ريت رڪاوٽ نہ بڻيون- ايڊيٽر]

# هي ’حَسن‘ آواره گرد آدمي...



جنم: 05.09.1966 ڳوٺ مشائخ هوتي، ضلعو حيدرآباد.

موڪلاڻي: 16 جون 2011ع، حيدرآباد.

# حسن درس

## هڪ نظر ۾

| | |
|---|---|
| نالو: | محمد حسن درس |
| ادبي نالو: | حسن درس |
| والد: | غلام رسول درس |
| تعليم: | ايم. اي سنڌي |
| سڃاڻپ: | پنهنجي تهيءَ جو نمائنده شاعر هوءَ اعليٰ نثرنگار پڻ هو. هن ڪيترين ئي ٽي. وي ڊاڪيومينٽريز نه فقط لکيون، پر هُن انهن لاءِ پنهنجي آواز ۾ 'وائيس اوور' به ڪيو هو. ڪَڏهن ڪاوش، عبرت، ۽ عبرت مئگزين ۾ ڪيترا ئي مضمون ۽ فيچر پڻ لکيا. |
| گهرواري: | ارم محبوب، جيڪا پڻ نامياري شاعره آهي. |
| ٻارڙا: | روحل حسن، چيزل حسن، رڌم حسن |
| ڇپيل ڪتاب: | حسن جو ڪجهه ڪلام نوجوان شاعرن جي چونڊ مجموعي "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" ۾ 1992ع ڌاري ڇپيو. جڏهن ته هن جو ڪتاب "حسن درس جو رسالو" جي نالي سان سندس وفات کان پوءِ 2011ع ۾ شايع ٿيو آهي. |
| منصب: | حسن حيدرآباد مان نڪرندڙ هڪ اخبار روزاني 'سوال' جو ايڊيٽر، روزاني 'خلق' جو جوائنٽ ايڊيٽر، پندرنهن روزه 'عبرت مئگزين' جو ايڊيٽر، مشهور سنڌي ٽي وي چئنل 'سنڌ ٽي وي' جو پروگرام مئنيجر ۽ پنهنجي جوڙيل اداري انڊس ميڊيا ڊيولپمينٽ سينٽر جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر رهيو. حسن هڪ ئي وقت گهڻ طرفي شخصيت هو. هن سنڌي ٽي وي جا ڪجهه پروگرام ڪنڊڪٽ ڪيا ته ڪجهه اردو ڊرامن ۾ اداڪاري پڻ ڪئي |
| تدفين: | مشائخ هوتيءَ وارو اباڻو قبرستان، اگوڻو تعلقوءِ هاٽو ڪوضلعو ٽنڊو الهيار. |



حسن درس

# ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
جيڪو جر تي جاڳي ٿو،
تڏ وسي ٿي واريءَ تي
توهر ٿوهر ننڊ ڪري ٿو
هڪڙو خواب سهانو جيڪو
روز اکين ۾ ڪيپ پري ٿو،
ڪارو نانگ، مٿان چانڊوڪي
ڪارونجهر تي مور نچي ٿو
مونکي هڪڙو خيال اچي ٿو۔
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!

هوڏانهن لاڙ لِڪئي جو ليکو
سارين منجھ سُهائي آهي،
مون ۾ پاڻ اُها ئي آهي
دل جي ڪيٽي بندر تي ڪا
تنهنجي بيڙي لنگر ٽيندي،

ٿتي منجهہ اُگھاڙو ٽيندين
مون نہ ائين ڪو ڄاتو هو.
سڀ سڄاول جون بازارون
تنهنجي خوشبوءَ ۾ ڪلنديون
ماڃر ساري مهڪي پوندي،
مون نہ ائين ڪو ڄاتو هو.
مڪلي روز پوي ٿي مرڪي
ڪنهنجي ڪاڻ ڪتاب جلايئون؟
اوجاڳي جا خواب جلايئون!
فاتح سڀ سُتا پيا آهن
سڀ مجاوَر چرس پيئن پيا
دور مهاڻو پنهنجي پٽ کي
اڃي ڪم تي گاريون ڏئي ٿو
پاڻيءَ ۾ ڪو شپڪو ٿئي ٿو
آڙي نيٺ اُڏامي پئي ٿي-
ساري سنڌ پريںءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!

هوڏانهن لڪ جبل جو ڏاڪو
شام پهاڙن منجهہ رڙهي ٿي،
پنهنجي خود سان پاڻ وڙهي ٿي،
پٿر پٿر تنها آهن،
هر نَئن ننڍڙي ناگڻ آهي.
واسينگن جو پنڌ پري آ-
جت ڌرتيءَ جي سختي آهي
ڪيئن چئجي بدبختي آهي
ماٺهو ماٺهوءَ ساڻ ملي ٿو
پٿر منجهہ گلاب کِلي ٿو.
لڪي شاه صدر تي سانجهي

ڏيئي مان هڪ ڏيک ڏسان تو۔
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
جيڪو جَر تي جاڳي ٿو!

کهندين، نيٺ ڪڇيندين ڪاڇو
پنهنجو پاڻ لتاڙي پاڇو.
تو کان دور ٿياسين، ڇا ٿيو
ڇٽندڙ ٻور ٿياسين، ڇا ٿيو
پيلا گل ٻٽياسين، ڇا ٿيو!
سکر سَون سريکو آهي
روهڙي روح لتاڙي ايندين
جي دريا تي پلجي ايندين
پنهنجي خود کي پاڻ تڪيندين
تنهنجي ذات ئي توسان ملندي،
تو مان روئي، سامهون کلندي،
'سچل عشق ٻڌا نا ٿِيوي'
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!

※

# ڪائنات ڪيڏي وڏي آ

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ،
جا اسان سڀني سڏي آ،
سا تہ چڻ ڪا آرزو آ—
سا تہ چڻ ڪائي اڏي آ.

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.
رات پوئين پهر ۾
هن ڪاري قهر ۾
جندڙي ڪمزور آهي،
جندڙي هيڪل جڏي آ.

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.
جنهن بہ ديس ۾ وياسين
جنهن بہ ويس ۾ وياسين
تهڪ تنهنجا ئي ٻڌاسين،
گفتگو تنهنجي گڏي آ.

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.
چنڊ تارن جي خدائي
هي ملڻ جهڙي جدائي
جيترو ويجها ٿياسين
اوترو پرتي ڇڏي آ.

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

❊

# اڌ ڙوٽ عمر جي عورت کي

اڌڙوٽ عمر جي عورت کي
مون خط لکيا، مون پيار ڪيو.
هوءَ هر ڀيري ٿي مُرڪي پئي
هُن هر ڀيري انڪار ڪيو.
ڪئين ڀيرا هن کي گهُوريندي،
هيءَ منهنجي اک ڏڪي هوندي،
هوءَ سمجهي ويندي هئي پل ۾
هن مرڪي ڀاڪُ ڀڪي هوندي.
هوءَ جنهن جا هٿ گلاب هيا
۽ مُنهن ۾ اُجرو جهرٽو هئي
هوءَ جيڪا ساري اُس جيان
۽ پاڻيءَ ۾ ڪو ڪرٽو هئي.
اڄ سيارو آهي دُڻاري تي
هوءَ ڪنهن جي چادر تي هوندي،
هوءَ جيڪا منهنجي ٿي نه سگهي
ٻي ڪنهن جي آخر ٿي هوندي!

*

## ڇڱو جو اسان کي نہ درزي مليو

ڇڱو جو اسان کي نہ درزي مليو
نہ ڪو ماپ من جي، نہ ڪو ڪورَ تي
حياتي سندو هرڪ ڦاڙي هوا
قضا جي ڪتر ساڻ ڪوري ڇڏيو
هوا جي هٿن پاڻ پوري ڇڏيو!
نہ ڪو ڪاج ڪوئي، نہ ٻيڙو لڳو!
سڀني کان سوا هي سُئي سوچ جي
انڌيري ۾ ٻَڪيا اجايا هٽي،
پراڻا پيا ٽيندا وجون پاڻ ۾!
لِڱن جون هي ليڙن لڪائي گهمون،
تٽا ڦاٽندا ٽا وجون پاڻ ۾!
اڃان ٽا ڇئو تہ بدن ٽانڪبو
اسان کي سورن سبي آ رکيو!

ڇڱو جو اسان کي نہ ڌوبي مليو!
صدين جي سفر ۾ ٽا ڇڪبا رهون
وڇو وڇ واري ورائي وئي
ڪٽي گهاٽ اهڙو نہ ڪوئي گهڙيو
جتي اڄ اکين کي بہ اجرو ڪريون
رڳو راهہ ۾ آهَہ آهي اُيي
لکين لفظ آنڌيءَ جيان اڄ اُتيا.
وئي دز دل تي دکن جي جمي،

جتي جر اندر جيءُ نہ تو ڏوپجي،
اُتي اڄ بنا آب جي دوستو!
اسان کي تہ آ ڏوڙ ڏوئي رکيو!

✻

## هر ڳُلن سان گفتگو!

هر ڳلن سان گفتگو ۾،
گذرندي گهڙي آهي،
تون ذڪر ڏي ڏس ڪٿي،
هوءَ اُتي ڪڙي آهي.
رُت جي رڪيبن ۾ تون،
پير وجهہ پڪا پنهنجا،
واڳ وٺ وڇيري جي،
جا اڃا جڙي آهي.
مان ازل کان آجيان جا،
گيت پيو جنهن لاءِ لکان،
سامهون سا پئي اچي،
لاڙ کان لڙي آهي!

✻

## مُصور!

اجا بُرش کي هو وڏي ورڻ ۾ ٽيڙو
رنگن کي نديءَ ۾ هُيو هيٺ وهڻو
ستاري کي تصوير ۾ هو اُڇلڻو
جبل کي هتان کان کڻي هت رکڻو
هُيو ڇوڪريءَ کي انڌيري مان اچڻو
هوا جي منڍيءَ لئہ هيو ڏور وڃڻو
نديءَ جو پکيءَ سان سياڻي هو مڱڻو
الائي ٻيو ٻہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو
چتر جي گهڙيءَ ۾، مُصور مري ويو!

شهر هڪ زمين آهي ڳهي وئي،
انهيءَ جي بازار پڻ ڳوڙهي هئي،
بازار پويان هو رنگريز جو گهر،
اتان کان تہ چُنري وٺي اوڏي هئي!
ڏيئو پڻ پراڻو هيو هٿ ڪرڻو
صدين جي بہ بندوق پڻ ڪولڻي هئي!
تصوير آهي اڌوري بڻيءَ جي،
انهيءَ ۾ ڪا پوک پڻ پوکڻي هئي!
الائي ٻيو ٻہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو
چتر جي گهڙيءَ ۾، مُصور مري ويو!

پراڻن شرابن جي هئي جانچ ڪرڻي،
ويل مُند واپس هئي هاڻ ورڻي،
واريءَ ڏٺيءَ کي هيو هيٺ اچڻو
پلي کي رنگن ۾ هيو هاڻ پچڻو

ڪينواس کي هو ڪناري تي نچڻو
سُرن کي مهانڊن ۾ هو قيد ڪرڻو
درين کي هو ۾ اجان کولڻو هو
اجان فطرتن کي هيو کوٽڻو
اجان زندگيءَ کي گهڻو ڳولڻو هو
الائي پيو بہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو
چتر جي گهٽيءَ ۾، مُصور مري ويو!

❊

## ڪتابن جون ڳالهيون!

ائين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين،
وڇڙي وڃي پوءِ وڻن ۾ ڦُٽاسين،
ڪنارا بہ ڪيئي ندين جا ڏٺاسين،
گهٽا مينهن ٻڻجي پٽن تي وناسين،
ائين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين.

تمنا جي آڳر نہ پڪڙي سگهياسين،
سڄين کي اکين سان نہ جڪڙي سگهياسين،
رڳو گنبذن تان نهاري سگهياسين،
رڳو ڏاڪڻين تي چڙهياسين لٿاسين،
ائين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين.

هوا گهر اسان جو ٻُهاري ڪٽي وئي،
رڳو بس وحشت سهارو ٿي بيٺي،
نديءَ کي دِلي ۾ وجهي ڪو ڪٽي ويو
اڪيلائي پنهنجو ڪنارو ٿي بيٺي،
صفا سچ ۾ پئي چوليون چلياسين،
ائين بس ملياسين جو وڇڙي، وياسين.

ڪتابن جون ڳالهيون ڪتابن ۾ آهن،
مگر موسمون ته گلابن ۾ آهن،
سوالن نه ساهي ڪٽڻ ڪا ڏني،
جوانيون ته جملن جوابن ۾ آهن.
سوال جواب نه سمجهي سگهياسين،
ائين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين.

※

## تو سوا آهي اجائي شاعري!

جهنگلن مان شهر ۾ اينديون اکيون،
قيامتون هر قوم تان گذري ويون،
تو ڪي لفظن ۾ گهڙي مون قيد ڪيو
وقت ڪان ڪئين عورتون وسري ويون!
ڪنڌرن مان مون ڪنئي هئي زندگي،
تون اُگهاڙي تيئڻ ته مون دنيا ڏني،
چاهتن جا باغ پئي جهوميا لڏيا،
مون جڏهن تو کي ڏني پهرين مِٺي!
تر سجو آ تڪي مون ۾ ستو
مون پهاڙن تي سجائي شاعري،
گيت پئي تنهنجي گليءَ ۾ ڪيئن رُنا،
تو سوا آهي اجائي شاعري

※

## شاعريءَ جي ديس ۾!

زندگي جي ساز تي،
موت جي گنڀير ڌُن،
سپ سٽندا تا رهن،
۽ ازل خاني منجهان،
موهه ۽ ماٽا مڙيئي،
درد جا پيلا پکي،
چاهه چٽندا تا رهن،
شاعريءَ جي ديس ۾،
وارتا جي ويس ۾،
سارَ جا ساوا پکي،
عشق اٽندا تا رهن.

❊

## سنڌ ساز مان نڪتي!

سنڌ آواز مان آئي،
سنڌ ساز مان نڪتي،
مٽيءَ جو هي بوڙيندڙو
ڪائنات ٻوليندو!
راز ڪيئي کوليندو
سنڌ ساز مان نڪتي،
سنڌ راز مان نڪتي،
سنڌ تي سلو اُپري،
ڪيترو يلو اُپري

❊

# سڪي ٿو منهنجو موڳو من!

ڪُراڙو سمنڊ هي ڪيڏو
چڪي ٿو منهنجو موڳو من.
ڪراچي ٿون پري ناهين،
گهمِيل تنهنجي هوائن ۾،
ڪِياماڙي ڪِناري تي،
لِڪي ٿو منهنجو موڳو من.
سِرائڪي شاعريءَ جهڙي،
هوءَ جا چوڪري هئي سا،
هلي وئي ديس پنهنجي ڏي،
سڪي ٿو منهنجو موڳو من.
سوين ڦيرن ۾ گهيرن مان،
ٿُتي ٻانهُن منجهان آخر،
سدائين سار هُن جيءَ تي
تڪي ٿو منهنجو موڳو من.
ڪُراڙو سمنڊ هي ڪيڏو
چڪي ٿو منهنجو موڳو من.

❊

## اُلڪو!

ڪهڙي ڏِس اڏاڻو پنڇي،
مون ۾ پڙڪو تيو!
تنهنجا پيرَ پنن تي پيئڙا
مون ۾ ڪڙڪو تيو!
ڏور نديءَ ۾ چنڊ ٻُڏاڻو
منَ ۾ چُلڪو تيو!
تو ڪان تنهنجي پياري وڇڙي
مون کي الڪو تيو!

❊

## ڏنڌ جي هُن ڳوٺ ۾!

ڏنڌ جي هُن ڳوٺ ۾،
وقت مقرر آ.
هُن سان ملڻ جو.
هو گهوڙن ساڻ پئي گڏجي گهڙيو
ڇيچ ۾ تارو به پائي تو سگهي!
سمنڊ جو پيانو وڄائي تو واهه جو.
هو هوائن کي به ڳائي تو سگهي!
سج جا ڪرڻا به پاڻيءَ ۾ پيا.
چنڊ جو چوٿو به مانيءَ ۾ مليو.
جيڪو هن ڏاڏيءَ ۾ ڏٺو
ديس جيڪو هن کي نانيءَ ۾ مليو!

❊

# غزلَ

نانگ بہ سوچيو هوندو دل ۾، ماڻهوءَ جي مڻ ڪهڙي آهي؟
ماڻهوءَ سوچيو دل جي داڻي جهڙي ڪا ڳڻ ڪهڙي آهي؟

ويهي ڳڌ وڙهين تو وينو گهمندي ڳڌ چڙبن تو چريا!
عشق اسان سان تنهنجي آخر اهڙي اڻ بڻ ڪهڙي آهي؟

مِينهَن اسان کي نينهن اڳيئي،آهہ پِڄايو برسي برسي،
هي ڏس من ۾ موتي آ، مَن! تنهنجي ڪڻ ڪڻ ڪهڙي آهي؟

وڻ نوڙها ٿيا، گهٽيون سوڙهيون، حسن درس اڳي پيا لوڙيون،
تو بن تانگهہ اسان جي تڙپي، ٻي ڪا پَن چڻ ڪهڙي آهي؟

❊

تُنهنجي پُراڻي خط مان تون پاڻ پيو اچين جڻ
هر سِٽ سهڪندڙ آ، هر لفظ ڏڙڪندڙ آ.

ڳمرو تُنهنجي تصورن، سان پريو پيو آ،
ڪا ياد پَر پئي ڪولي، ڪو خيال ڇَهڪندڙ آ.

اڄ ڏُور دور تائين، هر ديس دلبري آ،
خوشبو آ جَڻ خدائي، هر مُلڪ مهڪندڙ آ.

❊

وقت کي نيٺ واڪ ڏيٽو هو.
ٿَڪَ جو ڪو تہ ٿاڪ ٿيٽو هو.

تنهنجي خنجر جو وار ناهي، پر
منهنجو سينو تہ چاڪ ٿيٽو هو.

چوڪراٽيءَ ۾ ڇيڇرو هوندو،
اڏ وهيءَ ۾ عُشاق ٿيٽو هو.

زندگيءَ جون نجاستون ڌُئنديہ
پيار ۾ نيٺ پاڪ ٿيٽو هو.

*

هنيلا هرڻ پاٽيءَ مان پئن ٿا سج جا ڪرڻا،
جيئڻ جي لاءِ اجا ڪئي جرڪندڙ تو جَر ڏنا ناهن.

سُگهڙ جي ست ۾ سوگهي حياتيءَ جي حقيقت آ،
اجا اُن ديد تنهنجيءَ سپ دُئارا، دَر ڏنا ناهن.

پري ڪان پاٽياريءَ جي پڙي ۾ گج جا گلڙا،
گهڙي جي ئي رکڻ لئہ پر تو گهايل گهر ڏنا ناهن.

ننگر جون نينگريون ناسي، جبل جو رنگ ڪارو آ.
مُصوَر مور ناچوءَ جا مِڙئي منظر ڏنا ناهن.

*

پُڪاري ننڊ مان تي هُوءَ
اُٿاري ننڊ مان تي هُوءَ

ڪريس مان جاڳ جي جَرَ ۾
اُڪاري ننڊ مان تي هُوءَ.

اڙي موتيا، اُٿو جاڳو.
اُڇاري ننڊ مان تي هُوءَ.

اکين مان ڪيئن پکين وانگي.
اُڏاري ننڊ مان تي هُوءَ.

ڪليل آ خواب جي ڪڙڪي،
نهاري ننڊ مان تي هُوءَ.

❊

## نگري نيٺ نچي وئي!

ڦاسيءَ جي جهولي ۾،
هن ڪي ننڊ اچي وئي.
شوخ هوا جي شوڪارن ۾،
ڪنهن تہ مروڙيو گُل ڳچيءَ جو
خوشبو ڪا تہ رچي وئي.
اُس سمورا رنگ ڦِٽا ڪيا،
سجُ ڦتل تي ويو سنڌوءَ تي،
ڪاري رات بچي وئي.
موسم پنهنجو ماٺو ماٺيو
هن بہ ڪائي معنيٰ پاتي،
نگري نيٺ نچي وئي.

❊

## مُحبت!

محبت. جانورن ۾ لڳ جي موسم جيان،
انسان ۾ وحشي ايامن جا.
سيئي اُڏما اُٿاري ٿي،
تو ڪئي مون سان محبت،
مون ڪئي توسان محبت،
پاڻ سان ڪئي ڪنهن محبت،
پاڻ ڪئي ڪنهن سان محبت.
اوپر جي سامهون ٿوا ولهہ اچي،
ڏکڻ جي سامهون آهي اتر.
اها ئي محبت،
باهہ جي گولي جيان،
چئني طرف گهمندي رهي ٿي،
چپ ڪارا.
چاڪ دل ڄمندي رهي ٿي.
مرد جي مرد سان،
عورتن جي عورتن سان،
۽ عورت سان مرد جي،
جبل جي غار کي ننگا جسم روشن رکن ٿا.
جهنگ گهاٽي ۾، وڻن هيٺان محبت. نسل انساني،
۽ پگهر ۾ شم ڪنهن مرد جيئن،
محسوس ٿيندڙ هيءَ محبت.
ڊارون ۽ فرائيڊ جي فڪر جي روشنيءَ ۾،
تنترا ۽ ڪاما سُوترا جي ڪهاڻين ۾، قصن ۾،
محبت حسن جي گهري سمندر ۾ تري،

آخر ڪناري تي مزي سان آ سُتي.
محبت ساحلن تي آ ڪڙي عورت جيان.
اجنتا ۽ الورا جي مورتين ۾،
مندرن جي مجسمن ۾،
ڏرمي ڪتابن ۾،
حور ۽ غلمان جي خود سپردگي،
نانگ جي چپ تي رکيل،
ڪٽڪ جي ڏاٽي جيان.
آدم ۽ حوا جي دنپڏيري،
گم ٿيل جنتن جي تلاش ۾.
گهمن ٿا اڃ ۽ جوڙا.
۽ چراغن جو ڏگهو هڪ سلسلو ٻرندو رهي ٿو
محبت ٿامي جي اک مان ڳوڙهي جيان.
ڳل تي ڳالهيون ڪري ٿي،
محبت تنهائيءَ جي ميز تي،
ميڻ بتيءَ جيئن ٻري ٿي،
چراغن جو ڏگهو هڪ لوڪ سلسلو ٻرندو رهي ٿو
ڪا ڪتا ناهي مقدس،
هيءَ ڪتا پڻ عام آهي.
زندگيءَ جي ذهن ۾،
ٻارڙي جي خيال جهڙي،
سادڙي سولي صفا.
شهر جي ڪنهن چوڪ تي،
ساحلن جي رش ۾،
ڪنهن پيري بازار ۾،
يا ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾،
چئي ٿا سگهون.
تو ڪئي مون سان محبت.
مون ڪئي تو سان محبت.

ڪنهن ڪئي ڪنهن سان محبت،
جنهن ڪئي جنهن سان محبت،
تنهن ڪئي تنهن سان محبت!
*

## پراڻو عشق پوڙهو هو!

محبت مال چاريندي،
وچي ويني وڻن هيٺان،
حقيقت خواب جي پرسان،
سمهي پئي گيت ميڙيندي،
دلين جي خشڪ پتن تي،
رکي ٿي پير خاموشي،
اسان جي زندگي گذري آ،
خود سان پاڻ جهيڙيندي،
اُداسي اڱ جائي پيڻ آهي،
هر جوانيءَ جي،
چٽن ٿا پن چاتين تي،
متي ۽ مائٽي کهڙي!
پراڻو عشق پوڙهو هو
سين جو جڻ تہ تڙ ڏاڏو
اسان جو ياءُ بيو کهڙو
اسان جي يائٽي کهڙي!
*

## ٽي منظر

هُن جي اندر ۾ ڪيئي ڦٽڪن مڇيون پيون
هوجو ملاح ويٺو گهُوري زمين کي
هُن جڻ اندر ۾ پنهنجي ڪورَچُ آ هنيو
ڪوٽي زمين کي ۽ پُوري زمين کي-
۽ دُور هُوءَ مهاڻي هوريان هلي پئي
هُوءَ ڪالهه جنهن هڪڙو ڪو ٻار آ ڄڻيو
هُوءَ جا هِنن ڏينهن ۾ ماري نه ٿي مڇيون
ها پر هُن مڇين لاءِ هڪ جار آ ڄڻيو!
پاڻيءَ ڏُٻي مٿان آڙي اڏي وئي
مون سوچيو ته مون تي ڪوئي پکي لٿو
هيءَ ديس به آ تنهنجي يادن جيان جڙيل
ديدار تنهنجو ٿيو ۽ سانجهي ٻڏي وئي.

*

## وهيءَ ڪي وهاڻو ڪپي عشق جو!

وهيءَ ڪي وهاڻو ڪپي عشق جو
چڙهي جڻ جبل جي مان چوٽي اچان.
پِيان ڪير تازو ڏڌل مينهن جو
ڪراڙن سان ڪانيون ڪچهري ڪريان.
جيئڻ لاءِ جاڳڻ جا آهن جتن،
پريںءَ ساڻ گڏ ننڊ گهري ڪريان،
سدا سيبتو منهنجو گهوڙو رهي،
پرينءَ ڪان نه ڪڏهين وڇوڙو رهي.

*

# هن شخص جو ذڪر

هُن شخص جو ذڪر ضرور ڪجي
جيڪو مري ويو آ.
مگر سندس مُرڪَ
اسان جي چپن تي جيئري آهي
موهن جي دڙي ڪان وٺي
توهان سيني تائين.
جيڪڏهن پيرا ڪٽبا تہ شام تي ويندي
ضروري آ تہ ان پيار جو ذڪر بہ ڪجي
جيڪو اجان ٿيندو۔
۽ اهي وڻ بہ ،جيڪي ڪُٽجا آهن
ڊوڙي جو ذڪر بہ ڪجي
چنڊ جو بہ،
۽ اُنَ ڇوڪريءَ جو بہ.
جيڪا بيٺي بيٺي گُل ٿي وئي.
سُهائي راتين ۾،
ڪير ننڊ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو هوندو!
سپنا ڪهڙيءَ ڪنڌيءَ تي لٿا هوندا!!
۽ ڪهڙي بدن جي مياڻ ۾
تاريخ جي تلوار جاڳي هوندي..
ها! انهن سيني جو ذڪر بہ ڪجي...
مگر آخر ۾!
هُن شخص جو ذڪر ضرور ڪجي
جنهن ڪي زماني ٻاراٽي ڪتاب جيان
وساري ڇڏيو آهي.

جنهن ڌرتي ڪيڙي،
تماڪ چکيو.
عورت سان همبستري ڪئي
۽ سڄو سڄو ڏينهن
درياءَ ۾ مڇيون ماريون.
اُهو جيڪو مٽيءَ تي ڏُکيو
وڻن ۾ جهاتيون پاتائين
اکين جون دريون پٽي
ماڻهن جي اندر ۾
ڪاهي پيو-
۽ آخر
پنهنجي وطن ۾ وڃائجي ويو...

٭



# حسن کي اڃا دنيا تي ڪُلٽو آهي!

وسعت الله خان



پهرين تہ مان حسن کي مبارڪباد ڏيان ٿو هن جي پهرين سالگره تي. ان جي لاءِ تہ، ههڙي شاندار سالگره جي لاءِ هن کي مَرڻو پيو. پنهنجي زندگيءَ ۾ هو جيڪي سالگراهون ملهائيندو هو تنهن جي آڌار چوان ٿو تہ اڄوڪي ڏينهن 5 سيپٽمبر تي، تي سگهي ٿو هن وقت 10 لڳي 25 منٽن تي، هو ڪنهن ڳائڻيءَ جو راڳ ٻڌندو هجي ها... ڪنهن فقير جي تڪيي تي وينو هجي ها... ڪنهن فوٽ پاٿ تي فقيرن سان ٻاڙ ٽڪاءُ ڪندو هجي ها- ۽ جيڪڏهن هو هتي هجي ها، هن جي زندگيءَ ۾ هيترو مجمع گڏ ٿئي ها ۽ هن جي سالگره هجي ها، تہ هو اٽڪل ويهن منٽن کان پوءِ چوي ها: استاد! هتان پڄي نڪر، هيءَ تمام فارمل قسم جي گيدرنگ آهي.

مونکي هتي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، تہ مان هيتري وڏي مجمعي ۾، جيڪو حسن جو شيدائي آهي، ان جي آڏو بيٺو آهيان. پر مونکي هڪڙي عجيب قسم جي هن جي ذات ۾ ۽ هن ماحول ۾ Discrepancy (تضاد) محسوس ٿي رهي آهي. حسن جيڪڏهن هتي هجي ها، تہ سڀ کان وڌيڪ هن پوسٽر کي ڏسي، کلي کلي، چريو ٿي پوي ها. سبب ان جو اهو آهي، تہ لکيو پيو آهي:"حسن درس جنم ڏهاڙو". ۽ گڏوگڏ ئي لکيو پيو آهي، "الوداع الوداع". هيءَ تاريخ جي پهرين سالگره آهي، جنهن ۾ جنهن جي سالگره ملهائي پئي وڃي، ان کي الوداع ڪيو پيو وڃي- تہ ان تي، منهنجو خيال آهي تہ حسن جي بوريت دور ٿي وڃي ها. ۽ هو چڱو خاصو کلي ها. ۽ خبر نہ آهي

تہ ڪهڙا ڪهڙا, ناقابلِ بيان قسم جا تبصرا ضرور ڪري ها.

پر ڳالھہ اها آهي, تہ اسان بي وس ماڻهو آهيون. اسان نيٺ بہ هن جو ڏهاڙو ڪيئن ملهايون. خوشبوءَ جي سالگرہ اسان ڪيئن ملهايون؟ اسان جيڪا بادِ نسيم آهي, بادِ صبا, اها اچي ٿي ۽ هلي ٿي وڃي, ان جي سالگرہ ڪهڙيءَ ريت ملهائي ٿا سگهون. شايد ان ڪري حسن پنهنجي زندگيءَ ۾ هن طرح پنهنجي سالگرہ نہ ملهائي.

مونکي هن وقت هڪڙو بلوچ, عظيم بلوچ شاعر مست توڪلي ٿو ياد اچي. مست توڪلي مري قبيلي ۾ پيدا ٿيو. اج کان اٽڪل پوڻا بہ سئو سال اڳ ۾. تورو تصور ڪريو تہ اج جيڪا بلوچستان جي حالت آهي, پوڻا بہ سئو سال اڳ ۾ ان جي ڪهڙي حالت هوندي! پر اهو قبائلي معاشرو ايترو ميچوئر هيو, ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ۾ ايترو آسودو هيو. جو ان مست توڪليءَ کي اهي سمورا Consations ڏنا, جو انهن سبب هڪ عام ماڻهو "ڪارو" قرار ڏنو وڃي ها, سنگسار ٿي پئي سگهيو, سندس قبيلي مان خارج ٿيڻ جو بہ امڪان پيدا ٿي پئي سگهيو جيڪڏهن هو هڪ عام ماڻهو هجي ها۔ پر, چو تہ هو مست توڪلي هو, ان ڪري بلوچن. بلوچ سوسائٽي کيس پورو Consation ڏنو. ۽ هن پورو Consation ورتو ۽ ان جي بدلي هن جيڪو اوڳاڇيو شعر جي صورت ۾, فڪر جي صورت ۾, ان جي نتيجي ۾ اج بلوچ مست توڪليءَ تي ايترو ئي فخر ڪن ٿا, جيترو شاهہ لطيف تي ڪيو ٿو وڃي.

هي همراهہ, هي نوجوان, هي آوارہ ڇوڪرو... منهنجي ذهن ۾ هن مهل ريشم جو مثال پيو اچي. ريشم شروع ۾ هڪڙو چمڪيلو ۽ کهري قسم جو ٿيندو آهي, پر وقت گذرندي ان جا رنگ ۽ ان جي پائداري سامهون ايندي آهي. حسن جي شاعري هن وقت هڪڙي کهري ريشم وانگر آهي, هڪڙي چمڪيلي, فِلشي ۽ بازاري قسم جي ريشم وانگر. هيءَ ريشم جيئن وقت گذرڻ سان گڏ گڏ کُلندو ويندو هن جي زندگي وڌندي ويندي. شاعريءَ کي جيڪڏهن الوداع چيو وڃي, تہ پوءِ اها شاعري نہ هوندي اها ٽُڪ بندي ٿيندي آهي. شاعر کي الوداع چوڻ سنو نٿو لڳي. حسن سان گڏ "الوداع" جو لفظ سنو نٿو لڳي.

حسن جي اها خوشقسمتي بہ آهي ۽ بدقسمتي بہ آهي, تہ هو اسان جهڙن ماڻهن جي وچ ۾ پيدا ٿيو. مون سميت! جڏهن هو اسان جي نسل, اسان کان اڳيئن نسل, ان کان بہ اڳيئن نسل تائين پهچندو .... لطيف سائين کي بہ سنڌ کان اڳتي وڃڻ ۾ سئو سالن جو عرصو لڳو. سئو سالن کان پوءِ ماڻهن لطيف سائينءَ کي سنڌ کان ٻاهر سڃاڻڻ شروع ڪيو. غالب کي پنجاهہ سال لڳا اردوءَ کان ٻاهر نڪرڻ ۾, جڏهن حاليءَ "مقدمہ شعر و شاعري" لکيو ۽ غالب جي تفهيم پيش ڪيائين. حسن کي هاڻي کان ئي الوداع چوڻ, مون کي ڪجھہ عجيب ٿو لڳي. جيڪي الوداع چوڻ ٿا گهرن, تن کي يقين رکڻ

گهرجي. تہ حسن اهو چراغ آهي، جنهن جو منبع لطيف آهي، جنهن جو منبع بيدل آهي، جنهن جو منبع غالب آهي، ان کان اڳتي مير آهي- حسن اجا فقط سنڌ تي کُليو آهي، تي سگهي ٿو تہ پاڪستان تي بہ کُليو هجي، حسن کي اجا دنيا تي کُلڻو آهي، ۽ ان جي لاءِ صبر ٿو کپي!

*(وسعت الله خان بي بي سي لنڊن سان لاڳاپيل نامور صحافي ۽ نهايت بيباڪ ۽ تخليقي ليک آهي. هو اصل سرائيڪي آهي ۽ قدرت کيس تمام گهڻين صلاحيتن سان نوازيو آهي. هو حسن جي عزيز دوستن مان آهي. مٿين تحرير دراصل هن جي اها تقرير آهي. جيڪا هن 5 سيپٽمبر 2011ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران مختلف ادارن سان گڏجي، حسن درس جو جنم ڏهاڙو ملهائڻ جي موقعي تي ڪئي هئي.)*

❄ ❄

حسن درس جو پنهنجي نظم 'خانم گگوش' مان هيءُ انوکي، اڇنيي جهڙي تشبيهہ وارو بند ڏسو!
تاريخ جي سگريٽ کي
تيليءَ چميو تہ
وقت دکي پيو
۽ هڪ ڊگهي ڪش ۾
درد جو سرمئي دونهون
هوا ۾ اڏرندو ويو.
خميني! تون هڪ ٿلي وانگر
بي معنيٰ تي چٽي پوندين....
جي حسن جو اهو نظم سبطِ حسن پڙهي ها تہ هو پنهنجي ڪتاب 'انقلابِ ايران' ۾ ترميم آڻي ها. يا هن جي هيءَ خوبصورت تشبيهہ جنهن تي تبصرو ان جي حسن وڏائڻ کان قاصر آهي، هن کي اڄ ڪلهہ عبرت جو داستان وانگر نظر اچي ها. تاريخ ۾ ايتري دوربيني، سو بہ هڪ پاڪستاني مسلمان لاءِ، جنهن جي اکين تي عمومن سائي عينڪ آهي، شاعريءَ ۾ ورلي ملي ٿي.
سرد ملڪن جي پکين
جهڙي حسين ڇوڪري
منهنجون ڏهہ ئي آڱريون
ميڻ بتيءَ وانگر ٻرن
پوءِ بہ تنهنجي روح جون
سڀ ڳليون سنسان ڇو؟
هن نظم کي اهو محسوس ڪري سگهي ٿو جنهن جو روح ڪارڻ سان يا اڪارڻ سان اداس آهي ۽ جنهن جي ڪنهن خوبصورت محبوبہ جي آغوش ۾ بہ اداسائي نہ گهٽي آهي. ٽيڪنڪ جي لحاظ کان هي نظم نثري نظم کان وڌيڪ ۽ منظوم نظم کان گهٽ نظم جي ويجهو آهي. تقطيع کان بي توجهي ان جو سبب آهي.
حسن درس نظم جو دانشور شاعر آهي، پر غزل ۾ بہ ڪجهہ شعر چڱا لکي ٿو:
گهر تہ پاتين سان سُتو آ پاڪرين،
ڪڙڪندڙ در، ڇو پلا سمهين نٿو!

**شيخ اياز /ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان**



# حسن جي شاعري: سراپا حيرتَ!

انعام شيخ



حسن درس اسان جو دوست ۽ اسان جي ٽهيءَ مان نه هو. مان سمجهان ٿو ته ڪيترن ئي حوالن سان، اسان جي ٽهي هڪڙي بدنصيب، ٽهي آهي. مملڪتِ خداداد پاڪستان ڪان پوءِ، هن ملڪ جا جيڪي به عذاب آهن، اهي اسان جي بزرگن کان ٿيل ڪوتاهين سبب وڏي انگ ۾ جمع ٿي اسان جي ٽهيءَ جي مٿان اچي ڪريا آهن. ۽ اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي، ته اسان جي ٽهي ڪهڙي عذاب کي منهن ڏئي، ڪهڙي محاذ تي وڙهي، ڪهڙي فرنٽ تي ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ ڪهڙن ڪهڙن مرضن جو علاج ڪري. مان نٿو سمجهان ته گذريل چاليهن سالن جي سنڌ ايڏيون وڏيون ڪي خوشيون ڏٺيون آهن، جو ان جا شاعر، ان جا ليکڪ، ان جا حساس ۽ باضمير سوچيندڙ رات جي سانت ۾ ويهي، ڪي خوشگوار گيت لکن، چانڊوڪي رات ۾ باغ جا سير بيان ڪن ۽ هڪ عام رواجي انساني زندگيءَ جي نزاڪتن جو چٽ ويهي چٽين. توهان ڏٺو آهي ته تيز طوفاني ۽ بارشي راتين ۾، ڪچي گهر جي مالڪ مٿان مختلف مشڪلاتون ساز باز ڪري حملو ڪنديون آهن. ڪٿان گهر جي ڇت سِمي پوندي آهي، ته ڪٿان نيسارا پٽ کي ڪاٽ هڻندا آهن. ته ڪٿان ٽڙڳات ڪندو پاڻي گهر ۾ ڪاهي پوندو آهي. پوءِ ان گهر جي مالڪ کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي ته هو ڪهڙيءَ ڪند

کي بند ڪري، ڪهڙي پاسي کان تمندڙ پاڻيءَ کي منهن ڏئي ۽ ڪهڙي آپدا کي روڪڻ جي جستجو ڪري. اسان جي ٿهيءَ جو هڪ نمائندو ليکڪ هئڻ ڪري، ان ڪيفيت ۽ منظرنامي جي هڪ تز شڪل هيو حسن درس!

ڪنهن بہ سماج ۾ جڏهن عبوري دور ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن رات ڪٽڻ جو نالو ناهي وٺندي، جڏهن عذاب ۽ ڪشمڪش جو دور پڄاڻيءَ کي نہ پهچندو آهي، تہ پهرين بيزاري ۽ بي چيني، بي چينيءَ کان پوءِ نفرت ۽ نفرتن ۾ شدت ايندي ويندي آهي. سنڌي سماج جي حساس ۽ باضمير ٿهيءَ جي اها ئي پوزيشن آهي. حسن درس هڪڙو مڪمل بي چين شخص هو ۽ پنهنجي سوسائٽيءَ جو صحيح عڪس هو. هن کي خبر نہ هئي تہ هن کي شاعري ڪرڻي آهي، هن کي خبر نہ هئي تہ هن کي مقرر ٿيڻو آهي، هن کي خبر نہ هئي تہ هن کي صحافي ٿيڻو آهي، هن کي خبر نہ هئي تہ ڪيس فن جي دنيا ۾ ڪم ڪرڻو آهي- جنهن بہ هنڌ تي هن کي زندگيءَ جي (پُرفريب ئي سهي) جهلڪ نظر آئي، اتي هو پنهنجو حصو ڳنڍڻ ۽ ڀاڱ آزمائڻ پهچي ٿي ويو. اها بي ڳالهہ آهي تہ هڪ اڌڙيل سماجي سرشتي جو ساڄاهہ پريو انسان هوندي، هن کي هر طرف کان ايذائيندڙ ۽ عذاب ڀري صورتحال نظر ٿي آئي. ڇو تہ توهان جي سوسائٽيءَ جو اهو جيڪو بي راهہ رويءَ جو دور آهي، اهو ايترو ڊگهو ٿي ويو آهي، جو ان جي خاتمي جو ڪو امڪان نظر نٿو اچي. ان جي ڪري حسن درس جي طبيعت ۾ هڪڙي فطري بي چيني موجود هئي، جنهن کيس سنڌ جو هر پاسو ۽ ڪنڊ پروڙڻ تي مجبور ڪيو. حسن جي ڳالهہ ڪندي اسان سندس طبيعت ۾ موجود جنهن لاڙي کي اسان آوارگي ٿا چئون، جنهن کي اسان رولاڪي ٿا چئون، جنهن کي اسان بي چيني ۽ اضطراب ٿا چئون، اها دراصل ڪيفيت آهي زندگيءَ ۾ meaninglessness جي. منهنجي خيال ۾ تہ انهيءَ وتڙيل سنڌي سماج ۾، حسن درس جو وڏي ۾ وڏو ڪنٽريبيوشن اهو هو تہ هُن منجهس موجود meaninglessness کي، ان لايعنيت کي، مايوس ڪندڙ حالت کي پنهنجي تخليقي عمل سان سلهاڙي ڇڏيو. هن پنهنجيءَ بي چيني ۽ اضطراب کي، ڊگهي ٿيل قومي تذليل کي، پنهنجي فن سان سلهاڙي اهي شاندار شهپارا پيدا ڪيا، جيڪي ئي ڪنهن قوم کي ڪنهن شاعر جي طرفان، ڪنهن عالم جي طرفان، پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي طرفان بهترين تحفو ٿي سگهن ٿا.

جنهن طريقي سان حسن درس پنهنجن شعرن ۾ ايذائيندڙ انفرادي انساني ڪيفيتن کان وٺي، اجتماعي تذليل جي عڪاسي ڪئي آهي، جنهن طريقي سان هن پنهنجي ذاتي محرومين کان وٺي، گڏيل بي وسيءَ جي جيڪا تصوير ڪشي ڪئي آهي، مان نٿو سمجهان تہ اياز کان پوءِ سنڌ جي ڪنهن بہ شاعر ايڏيءَ شدت سان

احساساتي شعور، حيرتناڪ مشاهدو ۽ آس پاس جي ماحول تي پونڊز فوٽو گرافڪ نظر جي وضاحت ڏيندي، حسن جو پسنديده عرب شاعر امرءالقيس ٿو ياد اچي. امرءالقيس جي باري ۾ توهان کي خبر آهي، تہ اهو ايامِ جاهليہ جو سڀ کان وڏو شاعر هو عرب جو. ان جي فن جي ڪٿ ڪندي، هڪڙي نقاد راءِ ڏيندي چيو هئو تہ امرءالقيس ڪجهہ بہ نہ ڪري ها، پر جيترا هن پنهنجي شاعريءَ ۾ گهوڙي جي سُنبن جا قِسم ڄڻيا آهن. جيڪڏهن انهن کي ئي ڳڻجي ها تہ امرءالقيس جو تاريخ ۾ نالو ڳڻجي ها. حسن درس سنڌي شاعريءَ ۾ جهڙي قسم جا نوان Dimentions ۽ Dictions تخليق ڪيا آهن، سي بہ هن جو تاريخ ۾ نالو ڳڻائڻ لاءِ ڪافي آهن. توهان رڳو هن جي ڪن سٽن تي ويهي سوچيو... جيئن ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لاتعداد شعر آهن، جن مان هرهڪ تي الڳ پي ايچ ڊي ڪري سگهجي ٿي.

**هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙي گهوڙي جي ٽاپولي آهي...**

توهان ڪارل ينگ کي پڙهو توهان وڏن وڏن نفسيات جي ماهرن کي پڙهو...توهان کي خبر پوندي تہ اهو ڪيڏو وڏو جملو آهي: هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙي گهوڙي جي ٽاپولي آهي... هر ماڻهوءَ کي سمنڊ ذرو آ...هي هڪڙيون اهڙيون شيون آهن. جيڪي حسن درس کي پنهنجي پوري علمي، ادبي ۽ تخليقي ماحول کان ڌار ڪري ٿيون بيهارن. هن جيڪي خيال ڏنا، جيڪي خيال سوچيا، انهن خيالن کي اهڙيءَ ندرت سان بيان ڪيو جو مان نٿو سمجهان تہ ان کان اڳ ڪنهن بہ شاعر انهن خيالن کي ايئن پيش ۽ بيان ڪيو هو ۽ نڪي گهٽي وقت تائين بيو ڪو پيش ڪري سگهندو.

مون کان جيڪڏهن پڇندئو تہ مان چوندس تہ هن جي زندگي بلڪل انگريز شاعر شيلي وانگر هئي. ان وانگر حسين هئو ان وانگر بي پرواهہ هئو ان وانگر جوان هئو ان وانگر جوانيءَ ۾ هن موت کي ويلڪم ڪيو. مان اوهان سان شيلي جي هڪڙي ڳالهہ ڪري اجازت وٺندس. شيلي هڪڙي ڪيفي ۾ ويٺو هو. تنهن دور ۾ پئرس مان پڙهي اچڻ وڏي ڳالهہ سمجهي ويندي هئي. هڪڙي خاتون هئي، جنهن لاءِ دوستن هن سان شرط رکي تہ ان سان ڳالهائي ڏيکار، تہ پوءِ اسان مڃينداسين تہ واقعي تون ڪو شاعر آهين. شيلي ان جي سامهون وڃي ويٺو. ان جي آڏو چانهہ جو ڪپ پيل هو. شيلي کانئس پڇيو:

What about this cup? هن ڪوپ جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي. Is it mortal or immortal? فاني آهي يا مستقل آهي؟ مائي ڪنهن سان ڳالهائيندي ڪونہ هئي، پر اهو اهڙو عجيب سوال هو جو حيران ٿي وئي. چيائين: afcuorse it is breakable. They are for mortal. شيلي فورن ٻيو سوال ڪيو: And what about your beauty? Its mortal or immortal? پنهنجي سونهن جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو

خيال آهي، تہ اها بہ فاني آهي يا لافاني آهي. مائيءَ چيو: its passage of time, it is wither away. وقت سان گڏوگڏ اها ختم ٿي ويندي. چيائين: But if Shelley writes single couplet on your beauty, it will become a mortal. جيڪڏهن شيلي تنهنجي حُسن جي باري ۾ بہ لائينون لکي، تہ اها بيوٽي امر ٿي ويندي.

هو اسان جو دوست هو. هو هليو ويو ۽ وقت کان اڳ ۾ هليو ويو. ۽ مان توهان کي ٻڌايان تہ ڀلا ماڻهو هميشہ وقت کان اڳي ويندا آهن. جيڪي ماڻهو سوسائٽي تي بار هوندا آهن، اهي گهڻي وقت تائين هلندا آهن. جن ماڻهن کي ڳالهہ ڪرڻي هوندي آهي، اهي وقت سان ڳالهہ ڪري هليا ويندا آهن. اڄ حسن درس ستو پيو آهي، پر مان سمجهان ٿو سنڌ ان جي شاعريءَ کي پڙهندي، هن جي شاعريءَ کي ياد ڪندي، ۽ سنڌ تيستائين جاڳندي رهندي، جيستائين حسن درس جي خوابن جي ساڀيا نٿي ٿئي.

*(هيءَ تقرير 5 سيپٽمبر 2011ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران مختلف ادارن سان گڏجي حسن درس جو جنم ڏهاڙو ملهائڻ جي موقعي تي ڪئي وئي)*

■■




نامور ليکڪا ماهتاب محبوب، حسن جي وني ارم محبوب ۽ حسن جو فرزند روحل حسن ڪتاب "حسن درس جو رسالو" جو مهورت ڪندي



# محبوب صفت: 'حسن درس'

نصير مرزا

شاعريءَ سان تہ گھڻن ئي شاعرن عشق ڪيو پر شاعري بہ تہ ڪنهن سان عشق ڪري نہ! ۽ هتيءِ اِن لکڻ جو مقصد، صرف هي، تہ حسن درس، سنڌي ٻوليءَ جو اُهو شاعر ثابت ٿيو جنهن سان تحقيق، تہ شاعريءَ عشق ڪيو ۽ شديد ڪيو.

۽ آئون ڀانيان، تہ شيخ اياز کان پوءِ، نئين ٽهيءَ جي شاعرن مان، شاعري جنهن سنڌي شاعر تي ڏينهن رات آوهيرا ڪري وُٺي، اُهو بہ ڪو ٻيو نہ، حسن درس ئي هو ۽ هوڏانهن جي شاعري، مٿانئس سرمد وانگر مفتون! تہ هيڏانهن وري، اسان ڀارن، هزارين باذوق پڙهندڙن جي نظر ۾، هُو چڻ، سنڌي شاعريءَ جو اپيچند بنجي پيو.

پر حسن جي سِرَ تي، هر وقت هيءَ تڪڙ بہ الائي ڇو سوار نظر ايندي هئي ۽ هو سيد محمد اشرف جي مشهور افساني "نمبردار ڪانيلا" جي، 'Bull' وانگر "سمنڊ تو مون کي سڏي، مان هليو ويندس هتان" چوندو ڪميت گھوڙي جيان، رَسا ڇنائي، هر وقت، ڊوڙندو ئي نظر ايندو هو. خير، هونئن تہ پنهنجي اسلوب، ذات ۽ ذات ۾، حسن! "ڀاڻ ئي ڀاڻ هو". پر سندس سِٽ: "سمنڊ تو مون کي سڏي" مون جڏهن جڏهن بہ پڙهي، يا جنسي شاعري ڏانهن، هُن جي شديد شاعرانہ رغبت ڏٺي يا پوءِ تخليقي سطح تي هُن جي سياءَ ۾، جيڪا فطري آواره خرامي نظر آيم، اُن کي ڏسي، ڪڏهن ڪڏهن، مون کي مٿس ساڳين خصوصيتن واري شاعرَ، 'ميرا جِي' سان مماثلت جو گمان بہ ٿيندو هو جنهن جي مشهور نظم "سمندر ڪا بلاوه" ۾ حسن جي ئي ان سِٽ وانگر سمنڊ جون هي صدائون ڪو وقت اڳ، مون ڪنايون هيون:

کبھي ايڪ پل کو کبھي ايڪ عرصہ،  
صدائين سُني هين  
مگر يہ انوکھي ندا آ رهي هي.

چنن تي ماڪ جا قطرا
وڻن تي ٻُور ٻاجهارو
هوا ۾ رات جي راڻي
مگر تنهنجو پتو ناهي
ڪٿي آهين، ڪٿي آهين!

....

هُن جي اُڇليل ڪُنڍي،
مڇيءَ جي ٻڍران،
درياهہ جي تڙگهٽ ۾ اٽڪي،
هُن جا چِڪَ ڏني،
تہ درياهہ ڦٿڪي پيو.

....

تنهنجا پير پنن تي پيئڙا،
مون ۾ ڪڙڪو ٿيو.

....

لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مُهاڻي ٻار وانگي هو.

....

وئي ڏَر دل تي دکن جي جمي
جتي جر اندر جيءُ نِتو ڏوبجي
اُتي اُڄ ٻنان آب جي دوستو!
اسان کي تہ آ ڏُوڙ ڏوئي چڏيو.

....

بازار پويان هو رنگريز جو گهر،
اُتان ڪان تہ چُنري وٺي اوڍڻي هُئي،
ڏيوَ پڻ پُراڻو هُيو هٿ ڪرٽو،
صدين جي بہ صندوق پڻ کولڻي هئي،
درين کي هوا ۾ اچا کولڻو هو.
اچا زندگيءَ کي گهڻو ڳولڻو هو.

۾ آئون ڀانئيان ٿو تہ پراچين ڪوتاڪارن جو جن جن پڙهندڙن کي ادراڪ ۾ مطالعو هوندو، اُنهن کي بہ مون وانگر حسن جي هن شاعريءَ مان، پراچين ڪوتا جو لطف ضرور آيو هوندو. علاوه ازين، انهن ڳالهين جي، حسن جي شاعريءَ ۾ جيڪا ڪوئل جي ڪُوڪ، جهنگن، ٻرن، بيابانن، وسندين، آبادين، ويرانن، ڍنڍن، ڍورن، رڻ پٽن، ٻيٽن، غارن، ڪولهين، ٻيلن، ڳوٺن، ڪوهاڻن، ڪمين ڪاسبين، پکي پکڻن، جبلن، ميدانن، ساحلن، ڪنيرن، لوهرن، ٻاڳين، راڄن، درزين، ڌوٻين ۽ ٻارڙن جي راندين جو جيڪو آرٽسٽڪ تذڪرو حسن ڪيو آهي، ٿورو اهو بہ ڏسندا هلو:

چڱو ٿيو اسان کي نہ دنيا ڄاتيو
نہ ڪو ماپ من جي، نہ ڪا ڪورَتي.
حياتيءَ سندو هِرڪ ڦاڙي سوال،
قضا جي ڪتر ساڻ ڌاڳي چڙهيو.
چڱو جو اسان کي نہ ڏيئي مليو.

....

هي حسن آواره گرد آدمي،
ڇا ڏنو آ تو ٻلا رولاڪ بڻ.

....

لاٿون منهنجي وَر ۾ آهي،
ڏور تہ توکي ڦيرائي ٿي.
آئون توکي هٿ ڏيان ٿو
ٿپ ڏيئي تون اڏ ٽپين ٿي.

چيڪلي پايون پير گسايون،
ڦيريون پايون لڱ لسايون،
لڱ لسايون، پاڪر پايون.

....

مالهي ويو آ ماني کائڻ،
تنهائي پئي باغ سنڀالي.

....

روز ٿي ڏانوڻ وجهين، روز ٿو ڦاسي پوان.

....

هر ماٺھوءَ جي من ۾ ھڪڙي،
گھوڙي جي ٽاپولي آھي.
ھر ماٺھوءَ ۾ مور نچي ٿو
ھر ماٺھوءَ ۾ چور نچي ٿو.

....

لڳي ويئي لاڙ سان آ لنئون، اوھان کي پيو پلا چا چئون،
اسان کي عشق سارين جيئن چنبي ڦوڪي چڙي ٿو پيو.

....

جڏھن عشق پائي اچي اجرڪون،
جڏھن پيار پائي اچي ھانڊٽو
جڏھن گج سارو ڪري گفتگو.

۽ حسن جي شاعريءَ جا اھي سڀ مثيان مثال ٻڌائين ٿا تہ:

حسن گھڻ مشاھداتي شاعر ھو. ڪانئس تي سؤ سال اڳ، يتائي صاحب بہ سنڌ گھٽوئي گھمي ڦري ڏٺي ھئي، ۽ يتائي صاحب جي اھڙن سفرن جا پيرا ڪٽندي ڪاڪي پيرو مل، ھڪڙو ڏار ڪتاب لکيو ھو: لطيفي سئر. شيخ اياز صاحب وري سنڌ ۽ ٻاھرين دنيا جو وڏو حصو گھمي ڦِري، پنھنجي اُنھن سفرن جي روداد پاڻ ئي لکي تيار ڪئي ھئي ۽ پنھنجيءِ اِن سفري پوتاميل جو نالو رکيو ھو! ”ڪٿي نہ پيجبو تڪ مسافر“. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن تہ. پاڻ ئي، بار بار فرمائيندا ھئا:

’سنڌ جي سِر سِر تي منھنجو پير رھيو آھي‘. ۽ اھڙين يادگيرين کي سھيڙي ڏھہ واليوم لکيائون ۽ اِن ’ڪتاب – سيريز‘ جو نالو رکيو ھئائون ”رھاڻ. ھيرن ڪاڻ“. سنڌ کي اھڙيءَ ريت ڏسڻ جي دعويٰ، حسن درس کي بہ ھئي (۽ درست ھئي). ڪو سندس اھڙن سفرن جي رُوداد پڙھڻ چاھي تہ اھڙي ڪھاڻي، سندس طويل نظمن ۾ جابجا پسي سگھجي ٿي. ۽ حسن. نہ فقط پنھنجن انھن طويل نظمن وانگر قدآور ۽ شعرن وانگر حسين، ذھين، انگلائتو البيلو ۽ حُسن پرست ھو پر مٺان، معشوق صفت بہ جام ھو پر عجب اتفاق، منجھس ايترن ۽ اھڙن گڻن جي ھوندي بہ. ساڻس دوستي! مون نہ. ھُن پاڻ ئي مون سان رکي ھئي. وٽس آئون ڪٿيءَ ڪڏھن ھلي ويو ھجان، ائين ڪڏھن ٿيو ئي ڪونہ ھو. ۽ ھُوئي ھئو جيڪو احترام ۽ پيار ۽ پريت جا پير پري، مون سان آفيس يا گھر بہ ملڻ لاءِ، ٻي ڏڙڪ ھليو ايندو ھو. ۽



حسن درس ۽ طارق عالم

پوءِ ڪٿي سالن کان پوءِ ئي هو اچي، يا مهينن بعد! ايندو ضرور هئو ۽ پوءِ جنهن ڏينهن ايندو هو پورو وقت، مون سان گڏ ئي هوندو هو. ٺاشا ماشا، حال احوال، وچ وچ ۾ 555 جي سگريٽ جا سُوٽا، چانهه تي چانهه ۽ ان دوران، ڪم به پيو هلندو هو ۽ ڳالهيون به! آئون جي اسٽوڊيو ۾، ته حَسن به مون سان گڏ. جي آئون ڊبنگ روم ۾، ته هو اُتي به. ۽ آئون ڀانئيان ته جديد سنڌي شاعريءَ ۾ حيدر بخش جتوئي. نياز همايوني ۽ محمد خان مجيدي وغيره ئي طويل نظم جا خالق هئا ۽ انهن شاعرن کان پوءِ بلڪل ساڳيءَ ريت، حسن وري ڊگهن جديد نظمن جو رواج وڌو. ڳالهين جو ته ڳهير هُو سدائين کان هو. ڪچهريءَ ۾ وينو ته قصي مان قصو ۽ ڳالهه مان ڳالهه ڪيندو ويندو هو ۽ بلڪل بلبلِ هزار داستان لڳندو هو. جهڙو الف ليليٰ واري داستان جو ڪو قصه گو شهزادو!

هونئن حسن هو به ته جهڙو اسان جو شهزادو. ۽ ياد پيو اچيم. طارق اشرف صاحب. "سهڻي" رسالي کي نئين رنگ روپ سان نوي واري ڏهاڪي ۾، وري جاري ڪيو هو. اديبن. شاعرن جي پروفائلز جي سلسلي ۾، هُن اسان جي بنهه پنهنجِي نياڻي، ارم محبوب جو به پروفائلڪ انٽرويو ان ۾ شايع ڪيو هو ۽ ان سان گڏوگڏ، سندس هڪڙو بي حد ڪيوٽ فوٽو به.

شمارو پڌرو ٿيو ته. هڪ ڏينهن حسن اهو مون وٽ کڻي آيو هو ۽ ارم بابا جي هڪڙي جواب تي، آڱر رکي، فخريه چوڻ لڳو هي... هي ته پڙهو... ڏنم لکيل هو. منهنجي پسند جا شاعر آهن نصير مرزا ۽ حسن درس! تڏهن. حسن کي، مون اُن ڏينهن بسنت بهار ۾ گلاب جي گل وانگر ٽڙيل ۽ مِينهن جي موسم ۾ ڪنهن پڪيءَ وانگر، بي حد خوش ڏٺو. ۽ پوءِ نهايت جلد قدرت، ارم ۽ حسن جهڙن ٻن پيارَ-پکيئڙن کي، پاڻ ۾ ملائي جوڙي بنائي ڇڏيو. تڏهن سندن لانئُن لهڻ واري ڏينهن، تاج جويي، هي ته ستو جوڙيو، اخبارن ۾ ڇپرايو هو:

ترس ڪوتا ترس،
آيا تو آڳنڌ ۾،
ارم، حسن درس.

ارم سان وهانءُ ڪان پوءِ، بُلبلِ هزار داستان، حسن جي "شاعريءَ-شاخن" تي مون ڏٺو نوان گل گونچ. وڏيڪ سونهن ۽ سگهہ سان ڦُٽڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ هُن جي سياوَ جي رَفنيس ۽ رولاڪن اوجاڳن ۾ گهٽو ڦيرو ايندو پئي ويو. ۽ هو هاڻي، گهٽو فيئر فيئر نظر اچڻ لڳو هو. سهڻو جوان تہ هُو اڳي ئي هو. پر هاڻي وڌيڪ سهڻو ٿي پيو هو هر وقت خوش. ۽ اڳي جي سندس براؤن سِلڪي وارَ هر وقت 'زلفِ پريشان' جو ڏيک پيا ڏيندا هئا، تہ هاڻي اُنهن ۾ ترتيب نظر اچڻ لڳي ۽ هُو جيڪو پهرين صرف هڪڙو ڳوٺاڻو پرنس لڳندو هو هاڻي پرنس چارمنگ نظر اچڻ لڳو. پرت پريل پهراڻ. رنگ رنگ جي زرين وارا ڪُڙتا، ڪڏهن پئنٽ شرٽ ۽ ٽاءِ ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري زبردست شلوار قميص ۽ پيرن ۾ ڪولها پوري چپل يا ملتان وارو خوبصورت کُسو ۽ چپن تي اهوئي 555 جو سگريٽ! تڏهن ڪيس اِن روپ ۾ ڏسي آغا سليم جي انداز ۾ چوندو هو مانس: مَن!! هي تون حسن درس آهين. يا قرة العين حيدر جي ناول، 'گردشِ رنگ چمن' وارو ڪردار، نواب دلشاد علي خان!!

۽ سچ ٿو چوان، هو مون کي ان وقت تہ واقعي بہ جهڙو نواب دلشاد علي خان نظر ايندو هو جڏهن پنهنجو هي غزل، هو مون کي منهنجي ئي فرمائش تي ڳاٽ اوچو ڪري ٻڌائڻ لڳندو هو:

رستا سوڙها ۽ بيا ورڻ،
واهڻ پوڙها ۽ بيا ورڻ.
ڏرتي ڪيئن جهُڪن هي تنهنجا
ارڏا گهوڙا ۽ بيا ورڻ.
توسان گڏ حسن هي پنڇي،
جوڙا جوڙا ۽ بيا ورڻ.

۽ هيءَ ڳالهہ بہ آئون فخر سان پيو لکان، تہ هيستائين واري جيڪا منهنجي حياتي آهي ۽ مون اُن ۾، جيڪي هزارين قلمڪار ڏٺا ۽ انهن سان ملي چڪو آهيان، انهن منجهان، هن حسن درس جهڙو حُسناڪ، ۽ منهنجي طارق عالم جهڙو بي باڪ شايد ئي مون ڪنهن کي پاتو هوندو. ۽ علاوه ازين بولي، استعارن، تشبيهن ۽ مشاهدن سان مالامال. بيا بہ ڪيئي شاعر ۽ اديب سنڌي ٻوليءَ ۾ هوندا ۽ آهن بہ! پر طارق ۽ حسن وٽ تہ نت نين تشبيهن جون جڻ هزارين تجوڙيون پريل هونديون هيون، نجيون. . . ۽ پنهنجيون تجوڙيون.

۽ بي شڪ تہ، ڀٽائي صاحب، شيخ اياز مولوي احمد ملاح ۽ استاد بخاريءَ بہ،

لفظن جي هيرن جواهرن جا ڇڄ پري سنڌي شاعريءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. پر مشائخ هوٿيءَ واري حسن درس به. اهڙن حيران ڪري ڇڏيندڙ هيرن جواهرن سان سنڌي ٻوليءَ جي جهولي، بيحد ٿي ڀري ڇڏي آهي. ۽ حسن جنهن ڳوٺ ۾ پنهنجي امڙ جي جهوليءَ ۾ آيو هو، ظاهر آهي ته سيني کي خبر آهي ته ان جو نالو آهي مشائخ هوٿي- پر الاس! حسن جو ڳوٺ آئون سندس حياتيءَ ۾ ڪڏهن به ڏسي نه سگهيو هوس (۽ ڏک ته ان ڳالهه جو به ٿيندو اٿم ته ٻيو ته ٺهيو هن عمر تائين آئون پنهنجو شهر هي حيدرآباد به اڃا پورو نه گهمي ڦري سگهيو آهيان) اگرچ حسن مون کي ڪيترائي ڀيرا چيو به هو، "توکي پنهنجو ڳوٺ، بزرگن جون مزارون، نمن جا گهاٽا ساوا وڻ، پنهنجي گهر جي ماڙي ۽ واريءَ ڀريا دڙا. هل ته هلي ڪڏهن گهمائي اچان!" پر الاس! پوءِ اُهو ڳوٺ ۽ هُن جي ماڙي، اوطاق، نمن جا وڻ، مشائخ هوٿيءَ سرڪار جي مزار، سندس فقراءَ جو ميخانو درگاهه جو کوهه، هئنڊ-پمپ ۽ اُتي جو وشال قديم قبرستان. هي پوءِ، مون وچي ڏٺو ته ان وقت، جڏهن ڳوٺ جو خاص حُسن، حَسن ئي نه رهيو هو. ۽ ان ڏينهن مون اتي وچي ڪجهه جي ڏٺو ته رڳو واريءَ جا واچوڙا، ڀيا ڏوڙ جا طوفان ۽ ويراني. تڏهن ياد پيم. الف ليليٰ داستان ۾ ڪنهن وقت پڙهيو هئم، "ڏوڙ ڪنهن هنڌ گهُوماٽيون ڪائيندي نظر اچي، ته سمجهي وڃو ته 'ڪتي ڪوئي جوان بي گناهه قتل ٿي چڪو آهي".

۽ اُن ڏينهن حسن جي ڳوٺ ڏانهن ويندي ۽ تدفين بعد مشائخ هوٿيءَ جي منظر کي ڏسندي، حسن جو هي ڳوٺ. واقعي به ڪيڏو نه اداس ۽ عجيب و غريب ڳوٺ پئي نظر آيم. هر طرف ساوا ستابا وڻ، ڇهڇ ساون ڪيلن جا باغ. باغن جي پرسان پاڻيءَ سان ڪناتار روان دوان آڏون. ڪُنڍَ تي ننڍڙو مندر. پرسان ڪولهين جا نجهرا... پولڪن ۽ رنگ رنگلين پڙن سان ڪولهياڻيون... گول دائري دار گهٽيون ۽ گهٽين جي ٻنهي پاسي لوڙها. اندر ڪٿي ڪٿي پڪين سرن وارا گهرَ ۽ ماڙيون- ۽ انهن جي وچو وچ، هڪڙي حويلي، جنهن ۾ نصب ٿيل هڪڙو اينٽڪ ٽائپ وڏو شاهي دروازو- ۽ ڳوٺ جي چپي چپي جو جائزو وٺي هاڻي، فقير محمد ڏول ۽ علي اڪبر هنگورجي سان گڏجي آئون حسن وارن جي قديم اوطاق تي، "روحل حسن درس" سان اچي وينو هوس. ۽ پوءِ ڪي گهڙيون اتي ويهي ٻاهر نڪتس ته. واپسيءَ وقت هڪ ماڙيءَ تان ڪنهن خاتون جي اوڇنگارن کي ڪنايان ٿو (پڪ سان هي حسن جي همشيره جو آواز هوندو جيڪا هُن سان بي انتها پيار ڪندي هئي، آئون دل ۾ چوان ٿو).

- ۽ ان کان پوءِ، پڪَ سرن گهرن ۽ لوڙهن کي ڏسندي، دائرن ۽ گولائين ۾ بند، حسن جي اُن ڳوٺ ۾ هلندي سندس ڏوليءَ کي ڏيان ۾ ٿو آڻيان، جنهن ۾ ڏنا هئم هر جاتيءَ، هر ذات ۽ عمر جا، ايترا ته ڪُلهي ڪانڌيءَ جو پاسيو هئم، ڄڻ هي حسن درس شاعر جِي نه، ڪنهن قبيلي جي سردار جي ڏولي آهي. تڏهن مون سوچيو هو هي حسن درس، واقعي به نئين تهيءَ جي شاعرن جو سردار ۽ سرواڻ ئي ته هو. ۽ ڪنهن قبيلي جي سردار کان پلا گهٽ به هئو ڇا؟

پوءِ 16هين جون جي شام جو مشائخ جي ان ديار مان نڪتس پئي، ته ياد پيم، صبح وقت علي اڪبر هنگورجي ۽ فقير محمد ڍول سان گڏجي مشائخ هوٽي ڏانهن جڏهن آيس پئي، ته ڪار جي دريءَ مان آسمان جي وشالتا کي ڏسندي، ڪنهن ڪنهن وقت مون کي حسن سان پيش آيل سانحي کي سارينديءَ، خيال پئي آيو ته ڪيئي سال ٿيا، جو منهنجو ڳاڙهن گلن وارو رومال، هٿ مان ڇڏائجي آسمان جي ڦهلاءَ ۾ ڪٿي گم ٿي ويو هو. ۽ ان کان پوءِ، منجهند وقت جنازي نماز بعد، حسن جي لهو لهان چهري کي جڏهن مون ڏٺو هو. ته دل دانهن ڪئي هئي، منهنجي وڃائجي ويل شئي به اهڙي ئي ته رنگين هئي... ۽ لڳو هئم، اُها ئي شئي ڄڻ هن بيابان ۾ اچي ڪِري هئي.

۽ حسن! جنهن ڏينهن دنيا مان ويو هو، اُها سورهين جُون جي رات چنڊ گرهڻ واري رات هئي ۽ ٻئي ڏينهن سترهين جون واري رات، گهر پهچي اهوئي ساڳيو چنڊ، جڏهن مون آسمان جي وشالتا ۾ ڏٺو هو تڏهن سچ پيو لڳان، ته حسن جي جدائيءَ جو المناڪ ۽ دردناڪ داغ، ان ۾ مون کي صاف پئي نظر آيو!

⌘



# سورج مُکي سانجهہ

محمد حنيف ۽ حسن مجتبيٰ

ترجمو:گوبند مينگهواڙ

ملڪ ۾ جاري رتوڇاڻ ۾ هڪ موت اهڙو بہ ٿيو آهي، جنهن جو الزام نہ مذهبي شدت پسندن کي ڏتي سگهجي ٿو نہ فوج کي ۽ نہ وري ڊرون حملن کي. حسن درس ڊاڙيلن هٿان نہ مئو ۽ نہ وري ڪنهن ڪيس يرغمال ڪري تشدد جو نشانو بڻايو. هڪڙو ڪار حادثو هو ڪجهہ پٽر دل پوليس وارا هئا جيڪي آخر تائين اهو طئي نہ ڪري سگهيا تہ ڪار حادثي جو شڪار ٿيل ڪنهن زخميءَ کي ڪٽي اسپتال پهچائڻ سندن ذميواري آهي يا نہ.

هڪ نوجوان ۽ خوبصورت شاعر جي عمر جي سڀ کان بهترين وقت ۾ ٿيل موت ۾ اهو ڪجهہ آهي، جيڪو ڪنهن ماٺهوءَ کي انهن ڪليشيز ((Cliches) تائين پهچائي ٿو جن خلاف شاعر پاڻ سڄي ڄمار وڙهيو هو. هڪ المياتي موت. جيئن اسان اڪثر چوندا آهيون.




عطيہ دائود، حسن درس ۽ جڳ مشهور ناول نگار محمد حنيف ڪراچي لٽريچر فيسٽيول ۾

يا ڪمهلو موت. جڻ موت جو بہ ڪو وقت هوندو آهي! "حسو جو موت المياتي نہ هو" هڪ گڏيل دوست چيو "پر هن جي موت اسان سيني جي حياتيءَ کي المياتي بڻائي ڇڏيو آهي"

سنڌ جي ماڻهن حسن کي شاعري پڙهندي، پهريون ڀيرو 1987ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ ڏٺو هو. سنڌ جو مهان شاعر شيخ اياز ضياءَ جي بربريت وارن انهن ڏينهن ۾ پهريون ڀيرو چپ جو روزو ٽوڙي، ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيو هو. حسن اتي پنهنجو نظم "ننگي سرمد جي حضور ۾" پڙهيو هو ۽ اتي ئي اهو طئي ٿي چڪو هو تہ هو ئي اياز جو وارث آهي. ان ڪان پوءِ وارن ٽيويهہ ورهين ۾ حسن هڪ ليجنڊ طور ابريو. شاگرد هن جي نظمن جا فريم ٺهرائي، هاسٽل جي ڪمرن جي ڀتين تي هڻندا هئا. هن جو هر نئون لکيل شعر وڏي اهتمام سان ٻڌو ويندو هو. ڪو بہ نٿو ڄاڻي تہ اهو ڪڏهن ۽ ڪٿي طئي ٿيو تہ حسن ئي سنڌ جو تاج دار قومي شاعر آهي. توڙي جو هن پنهنجي شاعريءَ جو هڪ مجموعو بہ نہ ڇپرايو هو.

هڪ شاعر طور حسن رڳو ساراهيو ۽ ڀانئيو ئي نہ پر پوڄيو ويندو هو. پوڙها پڪا هن جي ساراهہ ڪندا هئا. پڙهيل مايون پنهنجا گهر ٻار ڇڏي ڪجهہ گهڙيون هن سان گڏ گهارڻ لاءِ آتيون هونديون هيون ۽ هڪ ڀيري تہ حسن جي ميزباني ڪرڻ تان پسٽل ايا ٿيا هئا.

پنهنجيءَ ذات ۾ حسن هڪ گهمنڊڙ ڦرنڊڙ مشاعرو روڊن تي گهمنڊڙ هڪ راڪ اسٽار ۽ زندگيءَ ۾ اعليٰ ۽ پليين شين جي ٽيسٽ ڪٽي هلنڊڙ هڪ فقير هو. هو شهر ۾ ڪٿي بہ ويهندو هو تہ ماڻهو پاڻهي ئي اچڻ شروع ٿي ويندا هئا. حسن انهن ماڻهن جي ڪچهريءَ جو مور هو جيڪي ڪنهن ڍنڍ جي ڪناري تي يا وري دونهين سان ڀريل ڪمري ۾ ويهي سڄي رات شاعري پڙهندي، انهن وچائجي ويل ڪامريڊن جون ڳالهيون ياد ڪندا هئا جن پنهنجي اڌ حياتي روپوشيءَ ۾ گذاري هئي. ان مسلڪ واري گروپ کي "انجمن قاتلانِ شب" سڏبو هو جنهن جو اڪيلو مقصد وقت، نند ۽ predictability خلاف جنگ هو ۽ جڏهن سج ابرڻ تي هوندو هو تہ اهو حسن ئي هوندو هو جيڪو پنهنجا نوان نظم پڙهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو هو جو هو رڳو هڪ سٽ پڙهندو هو ۽ هن جا ٻڌندڙ پاڻ ئي اڳئين سٽ پڙهندا ويندا هئا. وٽس رڳو جاندار آواز ئي نہ پر هن جو ٻڪشن بہ بنهہ نرالو هو تہ ادائيگي پڻ ۽ اهي ٽئي شيون گڏجي ٻڌنڊڙ کي اهو يقين ڏياربنديون هيون تہ اهو سحر گڏيل تخليقي پورهئي جو عمل آهي. هن جو جيئن تہ ڪو بہ ڪتاب نہ ڇپيو سو سندس شاعري سينہ بہ سينہ ۽ دلين کان دلين ڏانهن سفر ڪيو.

هو هڪ سست ماڻهو هو ۽ ڪيس پنهنجيءَ ان طبعيت تي ناز هو. هو ڪٿي ترسندو رڳو دوستن جي گروپ سان رات جي ڪچهري ڪرڻ لاءِ هو. هو ٻاڪڙا هوٽل تي ويهي سڄو ڏينهن چانهن پيئندي، گذاريندڙ انهن رواجي سنڌي ماڻهن جهڙو هو جن بابت شهرن ۾

رهندڙ ماڻهو ان حيرانيءَ ۾ ورتل هوندا آهن تہ اهي پنهنجي حياتي کي ڪارائتو ڇو نٿا بڻائن؟ ۽ پنهنجي حياتيءَ مان لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجھ ڪن ڇو نہ ٿا؟ پر جيستائين حسن جو تعلق هو تہ هن لاءِ دوستن سان ڪچهري ڪرڻ، گڏرندڙ دنيا کي ويهي ڏسڻ ۽ نظم لکڻ کان وڌيڪ زندگيءَ ۾ لاڀائتا ڪم ٻيا ڪهڙا ٿي ٿي سگهيا؟

هو سدائين پنهنجي شهري دوستن کي زندگيءَ جو اهو ٻيو رخ ڏيکارڻ جي مهم تي هوندو هو. هن جون دعوتون سدائين ڪينجهر تي چانڊوڪي رات ۽ نئين شاعريءَ جي واعدن سان ملنديون هيون.

حسن سنڌي ۽ اردوءَ جي ڏاهن. ليڪن ۽ ساڃاهہ وندن جي وچ ۾ هڪ پل جيان هو ۽ اهو بہ تڏهن جڏهن سنڌ ۾ لساني ڇڪتاڻ عروج تي هئي. هو جڏهن پنهنجي سنڌي نہ سمجهندڙ دوستن جي اڳيان شاعري پڙهندو هو تہ نهايت ئي صبر سان هڪ هڪ سٽ ترجمو ڪري ٻڌائيندو هو. "ڪراچي اسين تنهنجا سورج مکي ۽ تون اسان جو سج آهين". ڪراچيءَ بابت لکيل هن جي نظم جي سٽ آهي.

ڪراچيءَ جا اهڙا ڪيترا ئي رهواسي آهن جن باقي سنڌ حسن سان گڏ سفر ڪندي ڏٺي. جيتوڻيڪ هو شاعري پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کي پسند ڪندو هو، پر حسن کي اديب ٿيڻ جو ڪو شوق نہ هو. هن جي دوستن جي دائري ۾ پيشيور چور، بدمعاش، دانشور، طوائفون، فقير ۽ سياستدان سڀ شامل هئا.

حسن کي گهوڙن سان پيار هو. هن جڏهن گهوڙن جي هڪ لوڪل نسل جي افزائش لاءِ هڪڙو پراجيڪٽ شروع ڪيو هو تہ سندس دوستن ڪيس ڪنهن ڊونر وٽان گرانٽ وٺڻ لاءِ آماده ڪيو. "تنهنجي ان پراجيڪٽ سان ماڻهن کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟" هن کان پڇيو ويو. تنهن تي هن نهہ پهہ ورائيو "ماڻهن جي تہ مونکي خبر ڪونهي، پر آئون ان ڳالهہ تي اوهان سان شرط لڳائڻ لاءِ تيار آهيان تہ ان سان گهوڙن کي ضرور فائدو ٿيندو."

پنهنجي هڪ نظم ۾ حسن لکيو:

هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙي
گهوڙي جي ٽاپولي آهي
هر ماڻهوءَ کي سمنڊ ذرو آ
هر ماڻهوءَ کي ساحل آهي
هر ساحل کي اوسيئڙو آ.

سڪون سان سُمهجان حسن! گهوڙا ۽ ماڻهو اسين سڀ توکي ڏاڍو ياد ڪنداسين.

*(محمد حنيف ملڪ جو جڳ مشهور ناول نگار ۽ صحافي آهي. جڏهن تہ حسن مجتبيٰ سنڌ جو مشهور شاعر ۽ صحافي آهي. جيڪو اڄ ڪلهہ آمريڪا ۾ رهي ٿو. ٻنهي يارن حسن تي گڏجي لکيل هيءُ مضمون ڊان جي مشهور هفتيوار "بُڪس اينڊ آٿرس" ۾ ڇپيو هو.)*



# يار زنده، صحبت باقي

مصدق سانول /ترجمو:گوبند مينگھواڙ



ان ڏينھن اوچتو مون کي موبائل تي ميسج مليو: "حسن درس اسان وچ ۾ ناھي رھيو." مون ان کي ھڪ يوڳ سمجھيو. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟ حسن ته اجا جھڙو ڳڀرو جوان ھو. ھن لاءِ اھو لفظ شايد مناسب نه ھجي، پر ھن جي توانائي، ھن جي ڏکيءَ ۽ شاعريءَ جو ساھ ڪٽندڙ مرڪ، اھو سڀ ڪجھ ايترو جلدي ڪيئن ٿو ھوائن جي نذر ٿي سگھي؟، ضرور ان ميسيج ۾ ڪا وڏي غلطي ھوندي

اھو ميسج BBC لاءِ ڪم ڪندڙ اسان جي گڏيل يار شرجيل بلوچ وٽان آيو ھو. مون بي صبريءَ سان ڪيس ڪال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نه ٿي سگھي. مون حسن کي ڪال ڪرڻ جو سوچيو پر ترت ئي ارادو بدلايم. مون کي اھو خيال ئي نٿي وڻيو ته اھو پيارو جنھن اسان کي شاعريءَ جي نه سمجھه ۾ ايندڙ روشنيءَ کان روشناس ڪرايو اھو ھيئين اوچتو اونداھيءَ ۾ ڪٿي گم ٿي ويو ھجي. مون پنھنجي دوستن جي حسن بابت ڄاڻل ان ڳالھه، ته ھن کي ھميشه

تڪڙ هوندي آهي، جي سهاري پنهنجو خوف هڪ پاسي رکيو. هو وقت کي شڪست ڏيڻ واريءَ تڪڙ ۾ هوندو هو. شاعري هجي يا هن جا معاشقا، اسين هن جي رفتار کي ڪڏهن پڄي نہ سگهياسين.

حسن، هڪ جي بي چين آواره گرد هو. هڪ شاعر جيڪو ڪنهن فلم جو هيرو آسانيءَ سان ٿي پئي سگهيو. اسين ان حوالي سان سدائين ساٽس پوڳ چرچا ڪندا هئاسين ۽ هو شڪايت ڪندو هو تہ هن جي هيرو جهڙن مهاندن باوجود اسان ڪڏهن هن لاءِ اهڙو ڪو موقعو پيدا نہ ڪيو ۽ دنيا هن کي ڳولهي نہ سگهي.

اسان کلندي کلندي هن کي چرچا هڻندي چوندا هئاسين، "تورو سوچ تہ شان ۽ ريمبو يا وري جيئن اڳئين زماني ۾ سلطان راهي ۽ مصطفيٰ قريشي ڪندا هئا، انهن وانگي فائٽنگ وارا واهيات ايڪشن هڻندي، تون ڪهڙو نہ عجيب لڳندين!" ۽ اهڙن موقعن تي هو ڪنهن بار جيان اٿي بيهي رهندو هو ۽ پنهنجا جسماني ڪرتب ڏيکاريندو هو.

حسن اها حقيقت بيان ڪرڻ آسانيءَ سان وساري ويهندو هو تہ ڏينهن ڏٺي جي ڪئين خوابن باوجود اسان مان ڪو بہ ڪا فلم نہ ٺاهي سگهيو، اسين هار ڪاڏل هئاسين.

پر ايئن چوڻ نہ اسان جي ڪوتاهين تي پردو رکڻ آهي ۽ نہ ڪا رحمدلي. ۽ نہ وري ان ڳالهہ جو جواز تہ چاهڻ باوجود حسن هيرو ڇو نہ ٿي سگهيو. هن تہ رڳو هڪ شاعر ٿيڻ تي چاهيو ۽ انهن خوبصورت ۽ غير حقيقي عورتن جي ويجهو رهڻ تي چاهيو.

حسن جيڪو ڪجهہ بہ ڪيو شاعري ۽ زندگيءَ سان پيار لاءِ ڪيو. باوجود هن جي مرداڻي وجاهت جي، هن جي اندر هڪ جذباتي عورت لڪل هئي، ۽ ان ئي ڳالهہ کيس پنهنجي جيڏن سرتن ۾ منفرد بڻائي رکيو هو.

حسن سدائين ڪلندڙ ۽ هڪ لاابالو شخص هو. جيڪو پنهنجي چوڌاري موجود ماڻهن، وڻن ۽ جانورن سان مسلسل پيو ڳالهائيندو هو. هو جڏهن پنهنجي دوستن جي بي معنيٰ بحثن ۽ دليلن مان ڪڪ ٿيندو هو تہ ڪنهن ٻلي، ڪنهن گهوڙي ۽ مڇيءَ سان پيو ڳالهيون ڪندو هو. باوجود ان جي، تہ هو سنڌيءَ ۾ شيخ اياز کان پوءِ سڀ کان وڏو شاعر سمجهيو ويندو هو پر هن جي نرالي طبعيت جي ڪري اسان اها ڳالهہ صحيح معنيٰ ۾ محسوس نہ ڪري سگهياسين.

هن پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن سنجيده نہ ورتو ۽ پاڻ تي هڪ قسم جو الهڙپڻ ۽ بي پرواهي طاري رکي. هن جي شهرت ڏسي، اسان کي حيرت تڏهن ٿي جڏهن اسان هن سان گڏ سنڌ گهمڻ نڪتا هئاسين. تمام ڏورانهن علائقن ۾ اسان هن جا اهڙا ڪيترائي مداح ڏٺا جيڪي هن جو نظم ٻڌڻ، هن جو آٽو گراف وٺڻ يا رڳو هُن سان هٿ ملائڻ لاءِ آتا هئا.

حسن ڪنهن کي آزارڻ واري ٻولي ۽ رويي کان سدائين پري رهيو. مون کي ياد

آهي، 2002ع ۾ اسان جو صحافي دوست اويس توحيد ۽ آئون مهاڻن جي زندگيءَ تي هڪ ڊاڪيومينٽري ناهي رهيا هئاسين. اسان حسن کي ان ڊاڪيومينٽري لکڻ لاءِ راضي ڪيو. اسان فلم جي شوٽنگ ڪراچيءَ ويجهو مبارڪ وليج ۾ ڪئي جتي تن ڏينهن ۾ ٻاهران تمام گهٽ ماڻهو ايندا هئا. جيتوڻيڪ دستاويزي فلم جو مقصد مهاڻن جي زندگيءَ بابت جاڳرتا ڦهلائڻ هو پر نيري آسمان هيٺان ان خوبصورت ساحل تي ويهي حسن هڪڙو نظم پڙهيو جيڪو مهاڻن بابت نه پرميءَ بابت هو. هن وٽ انتهائي حساس شين کي سمجهڻ جي اک هئي. مون کي رڳو ان نظم جون ڪجهه سٽون ياد آهن:

ان سوڙهي ساحل تي
جتي مهاڻا پنهنجو چار اٽين ٿا
هڪ مهاڻي آهستي ۽ خوشيءَ وچان هلي ٿي
هن ڪالهه هڪ پٽ کي ڄڻيو آهي
پر هن پٽ کي نه هڪ ڇارکي ڄڻيو آهي!

گذرندڙ ورهين دوران اسين رڳو ڪتي سماجي گڏجاڻين ۾ ملندا هئاسين. اسان هڪ ٻئي سان توڙي جو ڪڏهن تحفا نه ونديا، پر جڏهن به ملندا هئاسين ته پاڪرين پرجي ويندا هئاسين. شڪايتون، هڪ ٻئي جا قسم کڻڻ ۽ نوڪري ۽ گهر واري جي غلاميءَ بابت لطيفا ۽ پوءِ هڪ واعدو ته " جلد ملبو".

هڪ ڀيري حسن پنهنجي سڀني دوستن کي ڪينجهر تي گڏجڻ ۽ اتي رات گذارڻ جو پروگرام ناهيو هو. هُن ڪنهن ادبي مخزن ۾ پابلو نرودا جي لنڊن جي ٿيمس نديءَ ۾ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پنهنجو جنم ڏينهن ملهائڻ بابت پڙهيو هو. ساڳئي ريت حسن چاهيو ٿي ته اسين سڀ چانڊوڪيءَ ۾ ڪينجهر تي گڏ ٿيون.

هن نهايت تفصيل سان اهو پروگرام ترتيب ڏنو هو. سڀ دوست محمد حنيف، خالد احمد، شرجيل بلوچ، اويس توحيد، منير شاهه حسن مجتبيٰ ۽ ڪاٺائو مل ايندا، هڪڙي شاندار پارٽي هوندي، مون کي باجو يڪتارو يا گٽار پاڻ سان گڏ آڻڻو پوندو ۽ اسين اتي ڳائيندا سين، ماني کائيندا سين ۽ ايستائين ڳائيندا سين، جيستائين ٿڪجي نٿا پئون.

پر جڏهن پروگرام جو ڏينهن آيو ته آئون ڪنهن ذاتي ڪم ڪار جي ڪري شريڪ نه ٿي سگهيس. آئون پوءِ رڳو ان تي ڏک ڪرڻ لاءِ رهجي ويس ۽ هاڻي مون کي لڳي ٿو ته مون کي اهو ڏک عمر ڀر رهندو.

انهن ئي سوچن منهنجي مٿي ۾ ڦيريون پئي پاتيون، جڏهن مون هڪ کي چڏي ٻئي سنڌي چئنل کي ٻئي جانچيو ۽ سڀئي ان خراب خبر جي تصديق ڪري رهيا هئا.

مون سوچيو "ته ائين ٿيو حسن اسان سڀني کي اداس ۽ هن ڪڙي ديس جي

وڃائجي وڃڻ واري بي معنيٰ ڏکن ۽ پريشانيين ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو آهي. هن لاءِ اهو بهتر هو هو تڪڙو هو ۽ هن اهو ڄاتو ٿي."

۽ پوءِ آئون پنهنجا خيال پني تي لاهڻ لاءِ ويٺس. مون کي ياد آهي تہ حسن کي ڪليشي تپ نہ وڻندا هئا. ۽ ان ئي ڳالهہ جي سگهہ سان مون پنهنجي ڏک ۽ ان نقصان جو غم گهٽ ڪيو.

هو جيڪڏهن پنهنجي ئي موت جو ڏک ونڊڻ لاءِ مون سان گڏ وينو هجي ها تہ بہ اهو ايتري ئي گهماگهمي پيدا ڪري ها ۽ وڏ ڪان وڏ دوستن کي دعوت ڏئي گهرائي ها. زندگيءَ کي سيليبريٽ ڪري ها ۽ اسان جي هن کي اسٽار نہ بڻائي سگهڻ جي ناڪاميءَ تي چرچا ڪري ها.

موت سان هن ريت مُڪا ميلي تي هن کي شايد ٿورو ڏک ٿيو هوندو ۾ صبح جو چار بجي ٿيل اُن خوفناڪ حادثي ۾ بريءَ طرح زخمي ٿيڻ باوجود آئون نٿو سمجهان. هُن ان مهل اهو سوچيو هوندو تہ موڪلاڻي جي گهڙي اچي وئي. هو ان مهل بہ ننڍ کي ريجهائڻ لاءِ ٿورو پيئي ها ۽ ان کي هڪ نئين سفر جي شروعات سمجهي ها ۽ ان ۾ حيرت جي ڳالهہ ڪونهي، جو هن لکيو هو تہ:

زندگي پلي اهڙي، تڪ تي رلي جهڙي
آئون وڃايان تون نہ ويهين، ڇو نہ پو ويڙهي ڇڏيان!

*(مصدق سانول نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور مان پڙهيل ملڪ جو نامور صحافي ۽ ڊان ڊاٽ ڪام جو ايڊيٽر آهي، سندس هيءُ مضمون حسن جي وفات تي ڊان ۾ ڇپيو هو.)*

◈◈



# هو رڳو شاعريءَ ۽
# شرارت لاءِ پيدا ٿيو هو!

**شرجيل بلوچ / ترجمو: خالد آزاد**

مان پهريون ڀيرو حسن درس سان ڪراچيءَ ۾ ايڪشن ايڊ جي آفيس ۾ مصدق سانول ۽ اويس توحيد سان گڏ مليو هيس، جڏهن خالد احمد پنهنجي هڪ دستاويزي فلم جي اسڪرپٽ لاءِ حسن کي حيدرآباد مان سڏايو هو. مون ان پروجيڪٽ ۾ اسسٽنٽ طور ڪم پئي ڪيو.

ان ٽيم جي پهرين رات ٺٽي ۾ مبارڪ وليج ۾ گذري. فلم جو پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر وغيره صبح جو سوير اٿي، بهترين شاٽس وٺڻ جي لالچ ۾ ننڊ کي زوريءَ پنهنجي مٿان مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هيا- پر رات تہ حسن لاءِ ڏينهن وانگر هئي. هڪ شاعر، نشي ۾ ڌُت، چوڏهينءَ جي چنڊ کي ٻانهن ۾ جهلي، سمنڊ جي واريءَ تي وينو ڳائيندو رهيو- ۽ اتي ئي ڍير ٿي ويو.

حسن ڏسڻ وائسڻ ۾ هلڻ ڪرڻ ۾ ڇهن فوٽن جو ڏگهو ۽ قدآور فلمي غنڊو هيو پر ويڪري سيني ۾ دل ڪنهن معصوم سيهڙ وانگي چپ هنيو ويٺي هيس. ڊاڪيومينٽريءَ واري پروجيڪٽ دوران ئي منهنجي هن سان اهڙي دوستي ٿي وئي، جو هو اسان جي ئي فليٽ ۾ رهڻ لڳو. سڄو ڏينهن اهي طعنا ڀيو هڻندو هيو تہ بلوچ! پيٺان، تون ماڻهو چڱو نہ آهين. ۽ شام ٿيندي ئي ٻي ڇينيءَ جو پارو هن جي نگاهن مان اهڙڪا ڏيئي، نڪرڻ شروع ٿيندو هو. اهو پارو تڏهن وٽ ۾ ايندو هو جڏهن هو گفتگو ڪندي ڪندي ٿڪجي پوندو هو ۽ خالي بوتل ۾ ٻرندڙ تيلي اڇلي، اطمينان ڪري وٺندو هو تہ هاڻي سمهڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي.

اهو ڪيئن پئي ٿي سگهيو تہ هو نشي ۾ ٻڏل هجي، ۽ شاعري نہ ٻڌائي، ۽ هڪ هڪ مصرع هن جي مُنهن جو رنگ تبديل نہ ڪري، ۽ هٿ نرت ڪرڻ نہ لڳن. ۽ جڏهن مان هن جي انداز ۾ هن جو نقل ڪرڻ لڳندو هئس، تہ چوندو هو:"تون وڏو ڪميڻو آهين، ان ڪري نقل سٺو ڪري ٿو وڃين."

ھڪڙي ڀيري خالد احمد حسن کي چيو تہ مونکي خبر آھي تہ تون وڏو بدمعاش آھين، پر مان پوءِ بہ تنھنجي عزت تو ڪريان، ڇو تہ تنھنجي شاعري تنھنجي حرامي پڻي کان تمام وڏي آھي حسن مسڪرائيندي چيو ماما! مان ان ڪري توھان جي عزت نٿو ڪريان تہ توھان ڪي وڏا اداڪار ۽ ھدايتڪار آھيو پر مان عزت ڪرڻ تي مجبور آھيان، ڇو تہ توھان ماڻھو تمام ڀلا آھيو. خالد حسن جي اندر ۾ لڪل اداڪار بہ ڳولي لڌو. خالد جي بقول، حسن جو رڳو چھرو ئي نہ سڄو جسم متحرڪ ۽ اداڪار آھي- ۽ پوءِ حسن ٻن ڊرامن ۾ پنھنجو ڪردار ايئن نڀايو ڄڻ ھو ڄڄڻ کان اداڪار ھجي.

حسن کي ڪو بہ قيدي بڻائي نہ پيو سگھي. تنھائيءَ کي موت سمجھندو ھو. سڄيءَ سنڌ ۾ ڦائيو اسٽار اشرافيہ کان وٺي اوطاقي فقيرن ۽ تڪيي جي ملنگن، ڪنگلن، ڏڪاريل ماڻھن ۽ بازارِ حسن جي نائيڪائن سان ھن جي ياري ھئي. ڏ ڳائڻو نہ ھو پر ڳائڻ کي جنون جي حد تائين محسوس ڪندو ھو. ڪڏھن ڪڏھن ھو رات جو فٽ پاٿ يا ريلوي اسٽيشن تي ڪچرو ميڙيندڙ ٻارن سان گڏ ويھي گپ شپ ڪندو ۽ کين ڪاڏو کارائيندو ھو. ھن کي ڪنھن بہ پئسن لاءِ پريشان يا ھٿ مھٽيندي نہ ڏٺو ويو، ڀلي تہ ڪيسي ۾ ٽڪو نہ ھجيس.

حسن ھڪ روحاني ڪتنب جو آوارہ فقير ھيو. ھن جي خاندان جي پنھنجي گادي آھي. گاديءَ جا فقير حسن کي ”سائين درس“ چئي سڏيندا ھئا، تہ حسن چوندو:”سائين مان نہ، توھان آھيو- پر توھان کي ان جو شعرر ناھي.“

حسن جو واسطو اھڙي گروپ سان ھيو جيڪو ڪم کان سدائين نٽائيندو رھندو آھي. ھو رڳو شرارت ۽ شاعريءَ لاءِ پيدا ٿيو ھو. ھن کان توھان زبردستي ڪجھ بيو نہ پيا ڪرائي سگھو. ھو ھڪڙي اھڙي جھان جو رھواسي ھئو جنھن تائين پھچڻ جي آرزو ئي مون جھڙي ڪمتر کي احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ڪافي آھي. ھو غضب جو حسن پرست ھو پر ڪنھن حسين کي ھن دوکي سان قابو نہ ڪيو. اھو ڪم ھو علي الاعلان ڪندو ھو. ھن جي شاعريءَ کي جيڪڏھن چئن لفظن ۾ تورجي تہ تارازيءَ ۾ زمين، موسم، سنڌ ۽ عورت کان سواءِ ڪجھ بيو سمائجي نہ سگھندو.

منھنجي موبائيل ۾ حسن جو نمبر ھن وقت بہ موجود آھي. ’فيس بڪ‘ تي حسن موجود آھي. مون ۾ شايد ڪڏھن اھا جرئت نہ ٿئي تہ مان موبائيل مان ھن جو نمبر ۽ فيس بڪ تان ھن جو نالو ڪٽي ڇڏيان. مان ھن جي يادن کي ھڪ مقبري ۾ نٿو بدلائڻ چاھيان.

حسن کي ڏسي ڪڏھن اھو خيال نہ ايندو ھو تہ ھي شخص ڪڏھن بستري تي بہ مري سگھي ٿو.

ڇا ھوا کي ڪنھن بيمار ٿيندي يا بستري تي مرندي ڏٺو آھي...

**(بي بي سي جي ٿورن سان)**



# حسن درس: ستارن جهڙو ٽڳ شاعر

اقبال رند

هُن جي پاسي ۾ ويهڻ سان هڪ پنهنجائپ ماڻهوءَ تي ڇٽ هڻي بيهندي هئي. ۽ نگهباني سندس نگاهه مان تمڻ لڳندي هئي. اها ڳالهه مون ساڻس پهرين ئي ملاقات ۾ محسوس ڪئي: جڏهن آءٌ ۽ مظهر لغاري شايد اِسُوءُ جي شاديءَ تي بابا سائين (اسين رسول بخش درس کي بابا سائين سڏيندا آهيون) وٽ ويا هئاسون. لاڙ جي روايتي مهمان نوازي، سيئي دعوتي کٽن تي وينل! تن ۾ هڪڙي کٽ تي رسول بخش درس ۽ مظهر لغاري، ٻيءَ تي آءٌ ۽ حسن درس. سڄي رات ڪچهري، ڄڻ صدين جا شناسائي! ان کان پوءِ مون کي ياد ناهي ته ڪنهن ملاقات ۾ هُن مون کي اڳتي وڌي اڳ ۾ ڪيڪاري سگهڻ جو موقعو ڏنو هجي. اهي جهمپير جون ڪچهريون هجن، لائق ٽيٻي جي شادي هجي، روحل واءِ يا نُهتي جون ٽِتون هجن، حيدرآباد جون هوائون هجن، يا بدين ۾ آڪاش انصاريءَ جو گهر، هو مون سان ائين گوڏو گڏي ويهندو هو، ڄڻ اسان جي پهرين ملاقات جو تسلسل!



هو اسان سان ڳالهائيندو نه هو، اسان تي وسندو هو. حسن ڪٿي ڪيڏي به هجوم ۾ هجي، پر جيڪڏهن اوهان سندس دوست آهيو ته اوهان هڪ لمحي لاءِ به اگنورنس (Ignorance) محسوس نه ڪندؤ!

اُهو سندس اک جي ڪور مان ڏسڻ، ڳلن سان ڳالهائڻ، سموري سچائيءَ سان مُرڪڻ ۽ ايڏي باوقاريءَ سان هلڻ، اهي سموريون سندس طلسماتي شخصيت جي حصي ۾ آيل شيون هيون. سندس سُريلي شاعري، سُريلو لهجو نڳي ڇڏيندڙ آواز ۽ ان جو توريل تڪيل استعمال، سندس سخنوَري ۽ شعر گوئيءَ کي ڪيترو رنگين ۽ پُراثر

بنائي ڇڏيندو هوا ۽ موت ۾ هُن کي جيڪا عزت ۽ شهرت ملي، ان ڪڏهن بہ سندس شخصيت کي غير متوازن نہ ڪيو.

اخلاقيات (Ethics) کي فلسفي ۽ تاريخ ۾ جيڪا اهميت آهي، ان جي Strength جو ڪيس پورو پورو شعور ۽ احساس هيو ان جو سڌو سنئون اندازو سندس دوستن/ دشمنن ڏانهن روش مان ٿي ٿئي ٿو. هو رشتن جي معاملي ۾ ڏاڍو حساس هو. هُن کي خبر هئي تہ رشتن جي ٽڙڪائين شيشي کي ڪيئن هينڊل ڪبو آهي: پر ان سلسلي ۾ He was a man of choice ـ ۽ اها ڳالهہ هُن جي ڪپڙي لٽي، سگريٽ، وسڪي، دوستي، شادي، مسافري ۽ زندگيءَ جي ٻين سمورن معاملن ۾ جهلڪندي هئي.

حسن درس غير روايتي ماڻهو هو ان ڪري هو روايتي مشاعرن جو نہ تہ شاعر هو نہ ئي انهن ۾ شريڪ ٿيندو هو. هو پنهنجي فن ڏانهن ۽ ان جي ترقيءَ ڏانهن ڏاڍو ذميوار هو. ان ڪري ڪيس انهن سيني ڪارنرس (Corners) تائين سڌي پهچ (Direct approach) هئي، جيڪي راءِ عامہ ناهيندڙ (Public opinion makers) هُئا ۽ اهڙين جاين تي ايڏي وڏي جاءِ (Space) بنا ميرٽ جي نہ ملي سگهندي آهي. هو سموري پاڪستان جي اثر رکندڙ شاعرن ۽ اديبن سان رابطي ۾ رهيو. خاص طور تي نوان رجحان ۽ فني فيشن جيڪي مروج هئا، انهن کي هن ڏاڍي تخليقي انداز ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ لاڳو (Apply) ڪيو. حسن سنڌيءَ ۾ لکجندڙ نئين شاعريءَ جو روح روان هو. ۽ ان ڏس ۾ هن سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ رهندڙ نوجوان ۽ همعصر شاعرن ۽ شاعريءَ سان ڪنهن بہ ريت پنهنجو تعلق نہ ٽوڙيو بلڪ اياز کان پوءِ، سنڌي شاعريءَ تي سندس وڏي ڇاپ رهي. سندس نئين آواز ۽ نرالي لهجي کي تمام وڏي ايڊاپشن ملي. سندس گهڙيل استعارن کي ايترو گهٽائي ۽ بيدرديءَ سان ورجايو ويو. جو اهي خود بي اثر ٿي وڃڻ جي انديشن هيٺ اچي ويا هئا. حسن آخر تائين همعصر شاعري پڙهندو رهيو ۽ ڪٿي ڪٿي ان جو اثر بہ مٿس رهيو پر سندس ڊڪشن ايڏو سگهارو ۽ پُر اثر هيو جو اهو اثر Un_noticed ئي رهيو.

حسن درس، شاعريءَ جي روايتي ترقي پسندي، وطن پرستي، فطرت ۽ انسان دوستيءَ واري دامن کي اجا وڏيڪ ڦهلايو پر گڏوگڏ ائين بہ لڳي ٿو تہ شاعريءَ کي هو خفتين، ناچوئن، شودن، مهاڻن، شوقينن، ڦهوي خانن، آڙيڪاپن، جوارين جي اڏن، آڪاڙن ۽ گلين ۾ وني آيو ۽ ائين سندس ڪردارن جو هُجوم بي ڪران ويو ٿي وڌندو. پر ان لاءِ ڪيس ڪئين ڪشٽ بہ ڪٽڻا پيا. نظمن جي انهيءَ نئين فريم، اٽت ۽ اڏاوت لاءِ جيڪا بولي گهربل هئي، اها ڊرائنگ روم ۾ ويهي تہ حاصل نہ پئي ٿي سگهي. روحل واءِ (حليم

باغيءَ جو ڳوٺ) ۾ جمن دربدر سان شام واري پروگرام ۾ ڳالهائيندي چيو هئائين، "اجوڪا شاعر، ڊائري ڪڻندا، ٻهراڙين ۾ نڪرندا وڻن گلن ۽ پکين جا نالا پڇندا، اهي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندا، گهر ايندا، وسڪي پيئندا ۽ پوءِ نظم لکندا_!"

سندس اها ڳالهه اجوڪي شاعريءَ جي ماحول (Surroundings) کان لاتعلقيءَ تي ڪُليل چَٽر هُئي!

هن پنهنجو پاڻ کي سندس شاعريءَ جي سموري پس منظر سان جڙڻ تہ جوڙي رکيو هو ۽ شاعري ۽ هُو جڻ تہ هڪ ٻئي جي پيڇي ۾ هئا. ۽ اهي رولاڪيون جيڪي اڳتي هلي هُن لاءِ وجهہ شعرت بڻيون، تنڌي هوندي هُن لاءِ باعث عذاب هيون ۽ ان لاءِ هن ڪئين مارون کاڌيون.

هو فطرت کي ويجهو شاعر هو ۽ سندس شاعريءَ جي ڪردارن کان پري بيٺل (Distant) نہ هو. هو ماڻهن ۽ مٽيءَ سان مڪمل طور جڙيل (Fully involved) شاعر هو. وطن پرست هو رولاڪ هو محبت ڪندڙ هو. اهي ڳالهيون ساڻس وابستہ ڏيکاريون وڃن ٿيون. پر اهي ڳالهيون ئي تہ هر سچي (Geniun) شاعر جي اولين سڃاڻپ هئڻ گهرجن!

بلاشڪ سندس شاعريءَ ۾ پهرئين ڏينهن کان ئي هڪ نئين 'اُهاءَ' جي جهلڪ هئي، پر سندس شاعري رياضت، فطري اوسر، فني ضابطي مان مرحليوار گذري هاٺوڪي ڪمال تي پهتي هئي. ۽ اوائلي فني ڪچايون اڳتي هلي سندس بي پناهہ تخيل جي قوت، فني رچاءَ ۽ فڪري سگهہ ۽ ٻوليءَ ۽ ماحول تي گرفت سبب ٻنهہ ورلي رهجي ويون هيون ۽ هو هڪ بي مثال شاعر تي ابريو هو. سندس اوائلي دؤر جا ڪجهہ نظم مون کي لڳي ٿو اڳتي هلي لکئي ويندڙ نظمن لاءِ رياض ۽ مشق هُئا.

هُو ٻنائيءَ جي جاري ڪيل فني روايت 'سِگِڙن' کي 'سون' برابر ڪونڻ ۽ انهن کي فيشنائيز (Fassionize) ڪرڻ واري عمل کي اڳتي وٺي ويندڙ شاعر آهي ۽ ائين ٻوليءَ جي جهوليءَ مان ڪئين شيون کڻي آيو ۽ انهن کي علامت ۽ استعاري جا نوان ويس وڳا پارايائين.

رات بينسر بہ هئي، رات ٻُولو بہ هُئي،
تون هوا ۾ لڏئين رات جهُولو بہ هُئي!

...

تنهنجي زريءَ جون سِتارون،
ٻڌيا چنڊ تارا . . .!

زندگي يلي اهڙي، ٽُڪَ تي رليءَ جهڙي،
تون نہ جي ويهين تہ پوءِ، چو نہ مان ويڙهي ڇڏيان!

’شهر‘ ۽ ’ڳوٺ‘ هن جي سرشت ۾ ساڳي گهرائيءَ ۽ شدت سان سمايل هئا. هُن کي شهر کي Ruralise ۽ ڳوٺ کي Urbanise ڪري، ان مان تخيل ۽ فن جي نوان آسمانن اڏي ڇڏڻ جي بي پناهه ڪرشمي سازي ايندي هُئي. سندس اکين ۾ جادو هيو ۽ جڏهن شاعريءَ جي ڪوڙڪي وڇائيندو هئو ته ڪئين دلين جا پکيئڙا ان جي دام ۾ اچي ويندا هُئا.

هُن ۾ هڪ فنڪارانه جرئت به هُئي ۽ هن انتهائي سنجيده معاملن کي وقتائتو Question ڪيو. حسن درس جي شاعري اها ٽرننگ پوائنٽ(Turnning point) آهي، جتان سنڌي شاعري هڪ نئون چال ڏيئي پئي سگهي، پر عين ان وقت هو ان کي درويشن جي درگاهن ڏانهن موڙي آيو. هُن سنڌ جي نئين شاعريءَ کي روحانيت سان ڳنڍڻ واري قديم روايت ڏانهن وٺي پئي وڃڻ چاهيو ۽ ان سلسلي ۾ هو پاڻ منجهيل نه هو. هُن وٽ هڪ صاف صاف نڪتئه نظر به هو ۽ ان لاءِ وٽس مضبوط سبب(Sound reasons) به هوندا!!

ڇا به هجي، هو شاعريءَ کي ڇيچ ۾ لوڏي هلندڙ شاعر هو.

حسن درس کي احساس هو ته زندگي قطرو قطرو ملندي آهي ۽ هُن ان کي قطرو قطرو پيتو هو. هُن هڪ ڀرپور ۽ شاعرانه زندگي گذاري. هڪ اهڙي زندگي، جنهن جو خواب هر شاعر جي اکين ۾ هوندو آهي!.

●●



# هيءَ هوا تنهنجي حسن جي هاڪ ۾!

## منظور ميراڻي

زندگي پلي اهڙي، تڪ تي رليءَ جهڙي
آئون وڇايان، تون نه ويهين، چو نه پوءِ ويڙهي ڇڏيان.

زندگي هن وٽ واقعي به تڪ واري رليءَ جهڙي هئي..... صبح جو موبائيل ته وقت ڏسڻ لاءِ آن ڪيم، پر هڪ خراب خبر وقت جو اڳ جهليو بيٺي هئي...."حسن درس گذاري ويو." ان کان پوءِ No more...sad demise ۽ حسن جي شعرن وارا ايس ايم ايس ايندا رهيا. گذريل هفتي کان جڏهن طارق عالم جو وڇوڙو ٿيو آهي، تڏهن کان No more جهڙي منحوس ٽرم وارا الائي ڪيترا ايس ايم ايس ايندا رهيا آهن. پر اهو تصور ۾ به نه هو ته اڄ اهو ساڳيو منحوس ٽرم حسن درس جي حوالي سان به اچي سينو جهليندو. منهنجي هن سان فون تي آخري ڀيرو ڳالهه ان رات ٿي ٿي هئي، جنهن صبح تي هن کي سدائين لاءِ وڇڙڻو هو. مون هن کي فون ڪئي ته صبح جو ملڻو آهي، 11 وڳي جو وقت مقرر ڪيوسين. پر شايد هن جو ڪنهن ٻئي هنڌ وقت مقرر ٿيل هو....جنهن ڏينهن طارق گذاري ويو هو تدفين کان وٺي شام دير تائين اسان گڏ هئاسين، ۽ مون جڏهن هن کي هڪ ڏينهن پهرين فون ڪيو ته ان وقت به هن ٻڌايو ته ميڊم مهتاب کي طارق وارن جي گهر وٺي آيو آهيان، اتي ويٺا آهيون. مان محسوس ٿو ڪريان ته ڄڻ هو طارق جو ڏک ونڊيندي ونڊيندي سنڌ کي هڪ اهڙو ڏک ڏئي هليو ويو آهي، جيڪو ان جي سيني ۾ اونهاري جي باهه جيان دکندو ئي رهندو...اها سنڌ، جنهن کي هن پرينءَ جو پاڇو ڪوٺيو هو. هن لاءِ ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو هئي، ۽ سارا پرين ڄڻ ته سنڌ هئا، جيڪي هن لاءِ جر تي جرڪن پيا.

حسن درس ڇا هو؟ ان سوال جو جواب چند مهينا پهرين ڪراچيءَ ۾ برٽش ڪائونسل طرفان ٿيل ڪراچي لٽريري فيسٽيول ۾ حسن جي ئي ويجهي دوست محمد


منظور ميراڻي ۽ حسن درس

حنيف (ايڪسپلوڊنگ مينگوز جي ليکڪ) ان جو تعارف ڪرائيندي ڏاڍي بهتر نموني ڏنو هو. هن چيو هو تہ ”مان جڏهن حسن سان 20 سال پهرين مليو هئس، تڏهن هن ٻڌايو هو تہ هو شاعر آهي. ۽ اڄ جڏهن هن سان 20 سالن کان پوءِ مليو آهيان، تڏهن بہ هو شاعريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو ڪري...“ واقعي بہ هن شاعر ٿيڻ پٺيءَ جاهيو. شاعر ٿيو ۽ پويان هن سموري سنڌ سان گڏ پنهنجي شاعريءَ کي بہ سوڳوار ڇڏيو آهي. شاعر لفظن کي ريجهائيندا آهن. ۽ لفظ شاعرن کي ريجهائيندا آهن. انهن درميان جيڪا لڪ لڪوٽيءَ جي راند هلندي آهي. سا راند جهڙي نموني حسن سان هلندي رهي. مان سوچيان ٿو تہ جڻ لفظن کي ريجهائڻ وارو شاعر وڇڙي ويو آهي. جيئن ڪنهن موسيقار جي وڇوڙي تي ان جا ساز سوڳوار رهجي ويندا آهن، تيئن حسن جي وڇوڙي تي رڳو سنڌ صدمي ۾ ڪونهي. پر يقينن ان جا لفظ، هن جو ڇڏيل ڊڪشن بہ اداس هوندو. مون کي لڳي ٿو تہ جيئن استاد بسم الله خان جي موت کان پوءِ ان وانگر ڪير شهنائي نٿو وڄائي سگهي، تيئن حسن وٽ لفظن سان راند جو جيڪو هنر هو ۽ ڊڪشن جو جيڪو آرٽ هو سو ٻئي ڪنهن جي وس ڳالهہ شايد ئي هجي. هن مون کي ٻڌايو هو تہ ”مون شاعر ٿيڻ لاءِ درگاهہ مشائخ ۾ دعا گهري هئي.“ ماڻهو درگاهن تي پٽ پنڻ لاءِ ويندا آهن. ۽ هيءُ انوکو ماڻهو هو جنهن درگاهہ تي وڃي شاعر ٿيڻ جي دعا گهري... شاعر ٿيڻ جي دعا، سا بہ سنڌ ۾، جتي شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي موٽ ”واهہ واهہ“ کان اڳتي ڪجهہ بہ ڪونهي. ان هنڌ تي ڪو ماڻهو ڪنهن درگاهہ تي وڃي شاعر ٿيڻ جي دعا گهري تہ اهو ماڻهو يقينن غير روايتي هوندو. پر اها دعا جهڙي نموني سان اگهامي، تنهن رڳو حسن درس کي ئي نہ رڱيو پر سموري سنڌي شاعريءَ کي رڱي ڇڏيو. هڪ غير روايتي ماڻهوءَ جي شاعري بہ غير روايتي هئي، پر هن جڏهن روايتي موضوع کنيا تہ انهن کي بہ اهڙو رنگين ٻڻائي ڇڏيائين، جيئن عيد ڏهاڙي ٻارن جا ڪپڙا..... انيڪ رنگن وارا.

مالهي ويو آ ماني کائڻ،
تنهائي تي باغ سنيالي!

ڪيترو نہ غير روايتي شعر آهي. سنيال جو تصور سدائين ڪنهن ماڻهوءَ جي هجڻ سان آهي، پر حسن هتي تنهائيءَ کي باغ جي سنيال لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. يا وري هن جون هي سٽون تہ:

تڏ وسي تي واريءَ تي
توهر توهر نند ڪري ٿو!

هو شروع کان شاعر هو ۽ آخري دم تائين شاعر ئي رهيو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏني وئي هئي، تڏهن حسن ستين درجي ۾ پڙهندو هو ۽ تڏهن ئي هن شاعريءَ جي شروعات ڪئي هئي، ۽ اهو لازوال شعر تخليق ڪيو ته. "ڦاسيءَ جي جهولي تي هن کي نند اچي وئي." جيڪو شعر پوءِ جيالن جي هر جلسي ۾ پڙهيو ويندو هو. شاعرن کي شعر لکڻ لاءِ رڳو زندگيون Motivate ناهن ڪنديون. پر ڪي اهڙا موت به شعر لکڻ لاءِ اتساهيندا آهن. جن موتن ۾ دراصل زندگي لڪل هوندي آهي. ڪيڏي نه اتفاق جي ڳالهه آهي، جو حسن شهيد ڀٽي جي موت تي به لازوال سٽون تخليق ڪيون، ۽ جڏهن محترمه بينظير جي شهادت ٿي هئي، تڏهن به هن انوکي شاعر هن کي جيڪا ڀيٽا ڏني، ان جو ڪو متبادل ٿي نٿو سگهي:

ادي هيءَ آجيان ڪهڙي
وئي جا موڪلاڻي تي!

هي اهڙي مصرع آهي، جنهن هڪڙي مصرع ۾ محترمه جي 18 هين آڪٽوبر آمد کان 27 ڊسمبر شهادت تائين جو جڙ ته سمورو منظر چٽجي وڃي ٿو. بينظير جي جيڪا آجيان ٿي هئي، سا جڙ ته موڪلاڻي ئي هئي، ۽ لڳي پيو ته هوءَ وطن وري ئي موڪلائڻ لاءِ هجي. پر ان ڪيفيت ۽ منظر کي حسن جهڙو ڪو شاعر ئي سمجهي سگهي ٿو. هو زندگيءَ سان ڀرپور شاعر هو ۽ هن جي زندگي شاعريءَ سان ڀرپور هئي. خيال هن جي ذهن جي ڊانس فلور تي حسينائن وانگر ڳڏ ٿيندا هئا، ۽ پوءِ اهي حسينائون حسن جي شاعريءَ ۾ تبديل ٿي وينديون هيون. اوهان حسن جو ڪو به شعر ڪڍي ڏسو ان ۾ اوهان کي جيڪا جماليات ملندي، ان مان ئي اندازو هڻي سگهجي ٿو ته حَسن حُسن جي ڪيترو ويجهو هو.

اها سنڌ، جنهن کي حسن پرينءَ جو پاڇو ڪوٺيو هو سا سنڌ ته ساڳي آهي، پر ان سنڌ ۾ اڄ حسن ڪونهي. سنڌ جون گهٽيون، روڊ رستا، حيدرآباد ۽ ان حيدرآباد جون هوائون هتي ئي رهجي ويون آهن، پر حسن ڪونهي، ۽ اهي هوائون حسن کي يقينن ڳوليندي‌يون، ان جي ئي شعر وانگر ته.

هيءَ هوا تنهنجي حُسن جي هاڪ ۾،
پئي ڦري هر گام ۽ هر تاڪ ۾!

◈◈



# حسن درس جو رسالو

## (هڪ جائزو)

**مير حسن آريسر**




دنيا جي ٻين ٻولين ۾ سرجيل شاعريءَ جيان سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ جا به مختلف دور آهن ۽ هر دور کي پنهنجي شاعراڻي زمين آهي، پنهنجو سمنڊ ۽ ساحل آهي.

سنڌي شاعريءَ جا اهي قديم رنگ به دلڪش آهن. جن ۾ لطف الله قادري، شاهه عنايت رضوي، شاهه لطيف، سچل، صوفي صادق فقير، خليفي قاسم ۽ منٺار فقير راڄڙ تائين ڪيترا ئي شاعر پنهنجي فن ۽ فڪر جي آسمان تي روشن ستارن وانگر جرڪندي نظر ٿا اچن.

جڏهن ته سنڌي شاعريءَ جو ٻيو خوبصورت رنگ اهو آهي جنهن کي حسن درس جي لفظن ۾ ته "جديدن جڳمڳايو آ"۔ جديد سنڌي شاعري جاڪاڻ ته پنهنجي دور جي زمين ۾ تخليق جا گلاب پوکيا جن جي سرهاڻ شيخ اياز کان حسن درس تائين ڪيترن ئي شاعرن جي خيالن سان وطن واسيندي رهي.

ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ موضوعن، اسلوب، گهاڙيٽي، فن، فڪر ۽ هيئتي فرق جي باوجود به هڪڙي حد کان پوءِ انيڪ هڪ جهڙايون آهن. ان حقيقت جي باوجود جديد سنڌي شاعري تخليق کان اشاعت تائين پنهنجي الڳ رنگ کي برقرار رکندي آئي آهي. خاص طرح اشاعتي سطح تي جديد سنڌي شاعريءَ جا جيترا به ڪتاب ڇپيا آهن. اهي "ڪليات" يا "رسالي"بدران شاعر جي ڪنهن پنهنجيءَ

ست يا ڪنهن وڏي شاعر جي شعر مان ڪنيل عنوان تحت شايع ٿيا آهن. جيئن شيخ اياز پنهنجن اڪثر شعري مجموعن جا عنوان لطيف سائينءَ جي سٽن تان ڪنيا. جڏهن تہ ٻين جديد شاعرن مان ڪجهہ دوستن اياز جي سٽن تان بہ پنهنجي ڪتابن جا نالا چونڊيا ۽ ڪن وري پنهنجي شاعريءَ مان ڪا سٽ ڪڍي، ڪتاب جو نالو رکيو. ڪتاب جي عنوان چونڊڻ جو اهو طريقو سهڻو هئڻ ڪري بيحد مقبول بہ ٿيو. ان حقيقت جي پيش نظر سنڌي ٻوليءَ جي بي مثال شاعر حسن درس پنهنجن هڪ سئو چونڊ نظمن کي ترتيب ڏيئي، جڏهن پنهنجو پهريون شعري مجموعو ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو هو. تڏهن ان جو نالو "ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو" منتخب ڪيو هئائين. سردار شاهہ جي حيدرآباد واري گهر ويٺل دوستن ۾ حسن جو عزيز دوست اڪبر درس بہ موجود هو جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪرائڻ جي ذميواري کنئي هئي. ان ڪتاب جي ڪمپوزنگ دوران حسن ۽ اڪبر درس صلاح مصلحت لاءِ ٻين دوستن سان گڏ مون سان بہ لڳاتار رابطي ۾ رهيا. صلاح مصلحت جو اهو سلسلو حسن جي دائمي وڇوڙي کان ڏهہ پندرنهن ڏينهن اڳ تڏهن وڌيڪ بحث هيٺ آيو جڏهن هو پنهنجن ڪجهہ اردو صحافي دوستن سان گڏ عمرڪوٽ ۾ منهنجو مهمان ٿيو هو. سڄي رات مائي ڀاڳي ۽ رفيق فقير جو راڳ ٻڌڻ سان گڏ اسان سنڌس ايندڙ ڪتاب متعلق بہ ڳالهائيندا رهياسين. ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ حسن وڇڙي ويو ۽ اهي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون تہ حسن جو ڪتاب ڇپجڻ جي تيارين ۾ آهي. اڪبر درس کان پڇيوسين. خبر پئي تہ ڪي دوست آهن جيڪي حسن جي سڄي شاعري ڇپائي رهيا آهن. آخرڪار "حسن درس جو رسالو" جي نالي سان ڇپيل سنڌس شاعري انهن دوستن جي اکين اڳيان آئي، جن کي حسن جي گهڻي شاعري نہ رڳو برزبان ياد آهي. پر ڪين ڪيترن ئي شاعريءَ جو پس منظر بہ معلوم آهي.

"حسن درس جو رسالو" ڪنهن پڙهيو ۽ ڇا محسوس ڪيو؟ قطع نظر ان سوال جي، آئون ڪتاب جي ٽائيٽل کان بيڪ ٽائيٽل تائين انيڪ مونجهارن مان گذرندو رهيس. منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ منجهائيندڙ مسئلو هن ڪتاب جو نالو آهي جنهن تي نظر پوڻ کان پوءِ محسوس ٿو ٿئي تہ حسن درس جديد سنڌي شاعريءَ جو سرموڙ شاعر هجڻ بدران ڪو بہ ٽي سئو سال پراڻي زماني جو شاعر هو جنهن جي شاعريءَ کي خوش قسمتيءَ سان هڪ عدد ايڊيٽر بہ مليل آهي- ۽ مون تي اها ڳالهہ پهريون دفعو آشڪار ٿي آهي تہ شاعريءَ کي بہ روزاني اخبار جي ڪنهن خبر جيان ايڊٽ ڪري سگهجي ٿو آهي. هن ڪتاب جي ايڊيٽر سنڌي ٻوليءَ جي هن يگاني شاعر جي بي مثال شاعريءَ کي جهڙي نموني ايڊٽ ڪيو آهي، تنهن جو مثال سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪو ملي سگهندو. ڪاني ڪرامتن وارن قصن تي مبني مهاڳ

پڙهڻ کان پوءِ اها ڳالهه به معلوم ٿي ته:

”حسن درس پنهنجي اداري انڊس فائونڊيشن پاران سنڌي لَکي گهوڙي جي نسل جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه لاءِ هڪ پروجيڪٽ شروع ڪيو جنهن جي مالي سهائتا يو ايس ڊي پي جي اِي ايف سمال گرانٽس پروگرام ڪئي. انهيءَ پروجيڪٽ دوران حسن درس جي اي ايف جي اين جي اوز جي نيٽ ورڪ جو سربراهه پڻ ٿيو!!“

اها ڳالهه ان حسن درس جي سچائپ جو هڪ حوالو بڻي آهي، جنهن کي سنڌ پنهنجي سينڌ ۾ سنڌور جيان سجايو هو ۽ جنهن کي سنڌ احساسن جي شهزادي شاعر طور سڃاتو آهي. اين جي اوز نيٽ ورڪ جي سربراهي حسن درس لاءِ ڪهڙو منصب هئي؟ آئون ڪتاب جي ان مهاڳ ۽ حاشين واري بحث ۾ الجهڻ سميت ان بحث ۾ به الجهڻ نٿو چاهيان ته حسن درس جي شاعري ڇپائڻ لاءِ ايتري تڪڙ ڇو ڪئي وئي؟ جنهن جي ڪري اها آب حيات جهڙي شاعري ڪنهن بيمار حسينه وانگر اکين اڳيان اچي بيهي رهي آهي. ڏسجي ته هن رسالي ذريعي جديد سنڌي شاعريءَ جي هن سدا جرڪندڙ موتيءَ جي شاعرانہ چمڪ جهڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

شاعريءَ جي جنهن مجموعي جي سنڌ سالن کان منتظر هئي، اهو ههڙي اڻڱي طريقي سان ڇپجڻو هو ڇا؟

ڳُنيس ڪوبجن، تن طبيب نہ ڳڏيا

ڏيئي ڏنب ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏڪوئيو!

لطيف سائينءَ جي مٿين سٽن کي با معنيٰ بڻائيندڙ حسن درس جي شاعريءَ سان ٿيل حشر جا ڪجهه مثال ملاحظ ڪريو:

پکي وڻ جي شاديءَ ۾ تبديل ٿي ويو

اها وڻ جي ٽاري اتان کان اڏي وئي. (صفحو: 74)

اصل ۾ اهو حسن جي هڪڙي خوبصورت غزل جو بند آهي، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ هن ريت آهي ته:

پکي وڻ جي ٽاريءَ ۾ تبديل ٿي ويو،

اها وڻ جي ٽاري اتان کان اڏي وئي.

ڪتاب جي صفحي 78 تي ڇپيل غزل ۾ ايڊيٽر صاحب جي قافئي متعلق سمجهه جي ڄاڻ به ملي ٿي. غزل جو قافيو 'ڪو ته' 'موت' 'هوت' وغيره آهي جنهن جي هڪڙي مصرع جو قافيو هيئنيءَ ريت ايڊٽ ڪيو ويو آهي:

درد دائم اچي ڪيو ديرو،

پهرين موٽيو هو ”پوءِ“ ته هوندو هو!

دراصل اهو قافيو ”پو ته“ هئڻ گهرجي، پر ڳالهه کي وڌيڪ واضح ڪرڻ

لاءِ "ءِ" جو اضافو فرمايو ويو آهي!

صفحي 82 تي حسن جي حسين غزل جو ايڊيٽر صاحب 'وزن' نيڪ ڪندي، ان جو ههڙو حال ڪيو آهي:

سمنڊ خشڪيءَ ۾ ٿئي فرق ڏسجان،
دل جو ڪو غوراب ٿئي غرق ڏسجان.

جڏهن تہ غزل هيٺيئن ريت لکيل هو:

سمنڊ خشڪيءَ ۾ فرق ٿئي ڏسجانءَ،
دل جو غوراب غرق ٿئي ڏسجانءَ.

ساڳئي غزل ۾ "عشق جي ڪرنفل مان قطرا ٽي" واري سٽ ڇپي آهي: "ڪيئن ڪري ڪرنفل مان قطرا ٽي!"

غزلن جي پاڱي ۾ ڇپيل حسن جي مشهور نظم کي صفحي 111 تي شايع ڪندي، جناب ايڊيٽر صاحب کي اها سرت ئي نہ رهي آهي تہ:

هي رقص بي خودي آ ديوانگي صدين جي،
هن ۾ روانگي آ ساري رکيل ندين جي،
دنيا نہ اسان سامهون بيهي سگهي بدين جي.

واري بند ۾ قافيو ڪهڙو آهي ۽ هن صاحب آخري سٽ جو قافيو ناهيو آهي "بدن". جنهن جي مفهوم سڄي شعر جي معنيٰ ئي تبديل ڪري ڇڏي آهي.

صفحي 116 تي ڏنل نظم ۾ ڇپيل آهي: شهادت ۽ گلابن کي پلا ايندو ڪفن ڪهڙو؟

اصل ۾ شعر آهي: شهيدن ۽ گلابن کي پلا ايندو ڪفن ڪهڙو؟

ساڳئي نظم جي پڇاڙي ۾ ڇپيل آهي: سنڌين سان آ ڪربلا تي.

اصل ۾ سٽ آهي: سنڌين سان ڪربلا تي وئي.

مسئلو ان نظم ۾ ہہ لفظ غلط ڇپجڻ يا ڪو لفظ نہ ڇپجي وڃڻ جو ناهي، پر مسئلو ڳالهہ جي اصل مفهوم ۾ ردم جو آهي.

نہ رڳو ايترو پر آزاد نظم ۽ پابند نظم جي سيٽنگ بہ ساڳي رکي وئي آهي، جنهن جي ڪري صفحي 122 کان 124 تائين آيل پابند نظم عجيب هيئت اختيار ڪري ويا آهن.

صفحي 127 تي ڇپيل نظم جو ڪلائيميڪس غائب آهي.

صفحي 129 تي "گهر جي گهٽيءَ" کي "گهر جي گهنٽي" ڇاپي نظم جو مفهوم ئي بدلايو ويو آهي. صفحي 139 تي "سريلي سيند تنهنجي آ" کي ڦيرائي "سريلي سيند ساڳي آ" ڇپيو ويو آهي، جنهن ڪري "نرالي نيند تنهنجي آ" وارو رديف خراب نموني متاثر ٿيو آهي.

صفحي 156 ۽ 157 تي "اي اياز شاعري" جي عنوان سان شايع ڪيل نظم اصل ۾ حسن جا اهي شاهڪار ڇهه سٽا آهن. جن جي وچ ۾ ڪا به نشاني نه لڳائي ۽ منجهن وٿي ختم ڪري، انهن جي اصل حسن کي تباهه ڪيو ويو آهي. جڏهن ته هر ڇهه سٽي جو موضوع الڳ الڳ آهي. صفحي 191 تي احمد فراز جي نالي لکيل حسن جو مشهور نظم نه رڳو اڌورو ڇاپيو ويو آهي، پر ان نظم ۾ صفحي 193 تي موجود سٽون هيون "اڇلين ڇنئو انهن کي." پر انهن کي ڦيرائي، ايڊيٽر صاحب"اڇلين ڇو انهن کي." ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سان نه رڳو ڳالهه بي معنيٰ ٿي وئي آهي بلڪ نظم جو اصل حُسن به مرجهائجي ويو آهي.

صفحي 279 تي ڇپيل حسن جي مشهور گيت جي سٽ: "اُس سمورا انگ ڦٽا ڪيا" مان "انگ" لفظ ڇپيو ئي ڪونهي. جنهن ڪري سٽ جو وزن پورا پورا ٿي ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هن دلبر شاعر جي غير موجودگيءَ ۾ سندس شاعريءَ جو ڳاٽو ڪيئن مروڙيو ويو آهي؟ ان جو هڪڙو مثال حسن جو اهو مشهور نظم آهي جيڪو صفحي 347 ۽ صفحي 376 تي ڇپيل ملي ٿو. نه رڳو ايترو پر ايڊيٽنگ جي تيز ڇري سان به اڌ ڪيل هن خوبصورت نظم جا عنوان به الڳ الڳ ڏنا ويا آهن. جن مان هڪڙي حصي کي عنوان مليو آهي: "اسانجو عشق."

نظم در اصل شروع ٿئي ٿو صفحي 348 تي آيل سٽ 12 کان. پر ان کي شروع به پنهنجي مرضيءَ سان ڪيو ويو آهي ۽ ختم به پنهنجي مرضيءَ تي ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ساڳئي نظم جو ٻيو اڌ جيڪو صفحي 376 تي ڇپيل آهي:

ڪناري سمنڊ جي

پنهنجي سڄڻ جو "رئو" سلجهائي.

واضح رهي ته سڄڻ جو رئو سلجهائڻ واري نئين ۽ نرالي ڳالهه فقط حسن درس جي شاعريءَ جو لائق ايڊيٽر صاحب ئي ڪري سگهي ٿو ورنه حسن جون سٽون هيئن هيون:

ڪناري سمنڊ جي

پنهنجي سڄڻ جا زلف سلجهائي!

انهيءَ سحر طاري ڪري ڇڏيندڙ نظم جون آخري سٽون هيون:

انهيءَ جو حق اسان کي هٿ

سڄو حاصل هجڻ گهرجي.

پر ان جي جاءِ تي هٿرادو سٽون هڻي نظم جو ساهه هيئن ڪڍيو ويو آهي:

نڪو قانون ڪارو

اڇي ٿو آڏو ادائن کي!

قصي کي ڪيترو بہ مختصر ڪجي، تڏهن بہ چئبو تہ ڪتاب ۾ پروفن جون لاتعداد غلطيون تہ نظر انداز ڪري سگهجن ٿيون. پر حسن درس جهڙي خوبصورت شاعر جي لازوال شاعريءَ سان اهڙي هٿ چراند کي ڪيئن ٿو نظر انداز ڪري سگهجي، جنهن تحت هن جا سهڻا گيت، گيت ناهن رهيا، غزل_ غزل ناهن رهيا ۽ ڇهہ ستا_ڇهہ ستا ناهن رهيا. حاشين ۾ عجيب وضاحتن جي انتها ڪندي، ايران جي مشهور ۽ جيئري جاڳندي ڳائڻي خانم گگوش کي "رقاصہ" ڄاڻايو ويو آهي. نظمن جا عنوان اصلوڪن عنوانن بدران پنهنجا گهڙيا ويا آهن. مثال طور صفحي 382 تي ڇپيل نظم جو عنوان "قبائلي تصور" ڇپيو ويو آهي، جنهن جو اصل عنوان "روئينا" هو جيڪو نظم ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ اردو ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ اهو "ڪراچي لٽرري فيسٽيول" ۾ حسن پڙهيو هو جيڪو 'يُو ٽيوب' تي بہ پيو آهي. ٻئي پاسي هن جي نظمن "محقق" ۽ "سيلف پورٽريٽ" جا عنوان بہ بدلايا ويا آهن، جن جي ڪا بہ ٽُڪ سمجهہ ۾ نٿي اچي. ان کان علاوه هڪ طرف ڪيترا ئي نظم هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڇاپي ڪتاب جي ضخامت ۾ اضافو ڪيو ويو آهي تہ ٻئي پاسي هيٺ ڄاڻايل حسن جا مشهور ۽ لازوال گيت، نظم ۽ غزل شايع ئي نہ ڪيا ويا آهن.

1. ڳوٺ هن جو جت پکي ۽ ٻک ٽا گڏجي اڏامن
2. پريميو ڪولهي
3. محمود غزنويءَ ۾ عاشق ڪٿي بچيو هو
4. جڏهن تون وهنجندي آهين
5. نئين کي پراڻو ڪجي دل ڏجي
6. پوڙهي هٿ ڪٽي، پٽيو پيريءَ کي
7. جهونو جهازي
8. جوڌپور تنهنجو وطن
9. ٻانهن ٻيڙي ڏانهن منهنجي
10. اهي گيت محڪوم ناهن اسانجا
11. تون جا پاڻ پکيءَ جهڙي آن
12. سرها سانگ ڪڇي جي پاسي
13. اٿاري ننڊ مان ٿي هوءَ
14. الجهي پياسي گولائين ۾

ان کان علاوه بہ گهڻي شاعري هن رسالي جي زينت بڻجڻ کان محروم رهيل هوندي. "رسالن" جي روايتي خوبيءَ کي بہ ايڊيٽر صاحب مدِ نظر رکيو آهي، جنهن

مطابق هڪڙي شاعر جو ڪلام ٻئي شاعر جي رسالي ۾ اچي ويندو آهي. جيئن ايوب کوسي جو نظم حسن درس جي رسالي جي صفحي 176 تي شايع ٿي ويو آهي. شروعاتي دور ۾ اها ڪار لطيف سائين سان به ڪئي وئي هئي بلڪ لطيف سائين جي سدا حيات شاعريءَ کي ته سوين سالن تائين روحاني رازن جي ستن پردن ۾ ويڙهي لطيف کي لطيف جي خلاف پيش پئي ڪيو ويو. باوجود اهڙين هزارين ڪوششن جي، "پيغام لطيف" جي سچ کي ڪوبه ترڪيءَ هينان لڪائي نه سگهيو. ساڳيو سلسلو اڄا به جاري آهي، پر اهو ڪنهن کي به نه وسارڻ گهرجي ته حسن درس جديد، روشن خيال، ترقي پسند ۽ وطن دوست واٽن تي روشني نڇاور ڪندڙ اهڙو سچ آهي جنهن جي جلال ۽ جمال کي ڪابه ڪوشش يا ڪا به سازش جهڪو نٿي ڪري سگهي. سندس سدا جرڪندڙ شاعريءَ جي سونهن ۽ سوڀيا ڪنهن به لائق ايڊيٽر صاحب جي قئنچي جي پهچ کان پري آهي- ۽ هن جي شاعري سنڌ جي سيني ۾ دل وانگر ڌڙڪندڙ آهي. ضرورت رڳو ان ڳالهه جي آهي ته سندس سموري شاعري جيئن جو تيئن ڇپجي، پڙهندڙن جي اکين آڏو اچي.

□□

مجبوري- پيٽ کان وڏيڪ پيتان جنميل، جيئرن جاڳندڙ ساهه کڻندڙن کي خوش رکڻ جي ڪمٽمينٽ خاطر. لکڻ شادي ڪري بار ڇٽڻ کان وڏي ڪمٽمينٽ آهي
شادي ڪرڻ کان پوءِ مرد ۽ عورت جي زندگي، ٽن ويلن جي ماني ڪائڻ واري رواجي عمل وانگر گذرڻ لڳندي آهي، پر لکڻ جو عمل ان عورت ۽ مرد جي وچ ۾ اهو عهد آهي، جنهن ۾ هنن کي پنهنجي سموري زندگي بنا شادي ڪرڻ جي هڪ ٻئي خاطر بسر ڪرڻي آهي، جنهن ۾ نه ڪو شڪوو آهي، نه ڪا شڪايت.
ليکڪ ڏاڍا سيلفش ٿيندا آهن. لکڻ ۽ پڙهڻ وقت ڪين نه زال نظر ايندي آهي، نه ٻار. هر ڪامياب ليکڪ پٺيان هڪ تباهه حال ازدواجي زندگيءَ جو ميموريل ٺهيل هوندو آهي.
علي بابا ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ ٽالسٽاءِ جي جيون ڪهاڻيءَ جو آخري حصو ٻڌڻ جي لاءِ به وڏي جگر جي ضرورت آهي.
مان جيڪو هڪ دور جو ڪامياب ليکڪ رهيو آهي، هڪ ڪامياب آواره گرد رهيو آهيان، جنهن ان دور ۾ پنهنجي لکڻين لاءِ پنهنجي پريميڪا کي به پٺي ڏيندي نه گهٻرايو هو اڄ پنهنجن ٻارن خاطر لکڻ کان لنوائي، يس سر- نوسر جي چاپلوس ڊيبڪي تي پولي ناچ نچي رهيو آهيان!

**طارق عالم**



# چنڊ گرهڻ

نصير ڪنير

جهوڪ فريدڻ، هاڙهو، پٻ جا پنڌ جهاڳي اچي پهتو هو. جسم ۾ تمام گهڻي ٿڪاوٽ محسوس ڪيائين. جڻ سسئيءَ وارا پنڌ پيرين پيادو ڪري آيو هو. پر اندر ۾ اڃا اها ساڳي اُساٽ هئي، جيڪا ڪٿي هي نڪتو هو. هن ڏرتي ٻاِتي جي ماڻهن سان ايڏو پيار هئس، جو رات ڏينهن پنڌ جهاڳڻ، ساڳيا پَٽ پيچرا پيرن مان ڪڍڻ بعد بہ ساڳي اڪير ۽ اُساٽ ٿي رهي. ٻارنهن سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾، جڏهن ڏگهن وٽن ۽ چيڪي مٽيءَ وارو ڳوٺ ڇڏي، سنڌي ادب جي دل سمجهيي ويندڙ شهر ۾ آيو هو. ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين، ائين هلي گذاريو هئائين. ڪنهن هڪ هنڌ دل ٽِڪي، اهو هن جي خمير ۾ ڪونہ هيو. دوست توڙي ٻيا واقف هن کي رڪارڊي رولو چوندا هيا. هن بہ سنڌ جي چپي چپي کي اکين سان چمي، پنهنجي تخليقي ڪئنواس ۾ چٽيو هو.

شام جا ميرانجهڙا لمحا سُرمئي شام جي رنگ ۾ رڱنجي، درياهہ جي پرئين ڪپ پٿريلي سطح ۾ سمائجي چڪا هئا. سمورو درياهہ رڱتو رنگ اوتي پاڻ کي ڳاڙهاڻ ۾ تبديل ڪري رهيو هو. انهيءَ ڪري ڄام شوري جا منظر ان ڳاڙهاڻ ۾ گم ٿي ويا هئا. هي اهو درياهہ هو جنهن هاٺوڪي سانوڻيءَ ۾ پنهنجو جوڀن ڏيکاريندي شينهن وانگر گجگوڙ ڪندي، سنڌ جي سر زمين تي لٿو هو تہ ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏي هئائين. ها اهو ئي درياهہ جنهن جي دهشت رگ ويد کان وٺي شاهہ لطيف تائين هر ڪنهن واڪاڻي هئي. تڏهن هن درياهہ جو نوحو لکندي چيو هو تہ، "مونکي منهجا ڪُنَ ڪپَن ٿا جنهن ۾ آئون تارون تار ترڻ ٿو چاهيان."

سنڌ جي ادبي راڄڌانيءَ واري شهر جو سمورو ماحول مايوس هيو يا هن کي لڳي رهيو هو. البت هي انهي ماحول مان اباڻڪو ٿي ويندو هو ته بغير ڪنهن اطلاع جي پنهنجي ڳوٺ جي ساون کيتن ۾ هليو ويندو هو يا سنگت ساڻ گڏ ڪنهن ٻئي پاسي پنڌ جهاڳيندو هو. اڄ وڌيڪ اباڻڪائي ٿي پئي هئي. رهي رهي سمورا دوست واقف ياد ٿي آيا. سوچيائين، اڄ جيڪر نه پَر لڳن ته پکي ٿي اُڏامي انهن سمورن سڄڻن کان ٿي اچان، جيڪي ڪاڇي، ڪوهستان کان ڪارونجهر تائين هليا. اداسي ۽ اباڻڪائي ويتر هانوَ ۾ لهي رهي هئي. اٿيو فرج مان بيئر جي بوتل ۽ برف ڪڍي اچي رکيائين. بيئر جيئَن گلاس ۾ وڌائين ته جهاڳ هيٺ ويهڻ لڳي. سوچيائين اڳي جنهن به خطي مان سفر ڪري ايندو آهيان، ته پاڻ کي رليڪس پيو محسوس ڪندو آهيان، پر اڄ الائي ڇو اداسي وڌيڪ گهيري وئي هئي. هونئن ته ڪڏهن به پاڻ کي ڪنهن به معاملي ۾ مايوس ڪونه محسوس ڪندو هو پر گذريل ڪجهه وقت کان موت تي لکڻ ۽ سوچڻ وڌيڪ شروع ڪيو هئائين. اڪثر دوست پرهه جو پياڪ چوندا هيا. هيو به ايئن. راتين جو جام متان جام اوتبا رهبا هئا. ۽ ڳالهيون ادب، سياست، صحافت کان الائي ڪيڏانهن هليون ونديون هيون. نت نوان پلان، نوان خيال، نيون منصوبه بنديون جڙنديون هيون. ڪيئي دوست مدّ جي مدهوشيءَ ۾ گڦ ڪند اهئا. وات هڻندا هئا. پر هي سڄ ايرڻ تائين سالم دماغ، بحث ڪندو ۽ شاعري ٻڌائيندو هو.

بيئر جو گلاس اوتي، ٻيو گلاس ڀريائين. جهاڳ گلاس کان ٻاهر پلٽڻ لڳي ته، ڪجهه ساهي ڏنائين. وري رهيل بيئر گلاس ۾ وجهي، سگريٽ دکايائين. بينسَن جا ٻه ٽي ڪش لڳا ته سُرور محسوس ڪيائين. موبائيل ڪڍي فون ڊائريڪٽري ۾ انگريزي الفابيٽ جي S تي وڃي شهمير نالو آيو ته ڀيس ڪيائين. نمبر مصروف هئڻ ڪري ڪال ڪٽي فون هيٺ رکيائين. سوچن جي ڪوهيڙي وري گهيري ورتو. سنڌ جي علائقي جو خوشحال زميندار هوندي به رولاڪين ۽ شاعريءَ ۾ پناهه ورتائين. تمام گهڻي شهرت ۽ عزت ملي. پيار ڪندڙ زال ۽ اولاد هيس. پر هي رمتو جوڳي صبح جو ڪراچيءَ جي ڪياماڙي تي ته شام جو ڪارونجهر جي حسناڪين کي پيو پسندو هيو. صبح شاهه بندر، حجامڙو ۽ حرامي ڍورو مولهائيندو پهتو ته شام جو سانگهڙ هٿونگي وٽ گهوڙا پيو مولهائيندو هيو. شراب، گهوڙا، عورت ۽ سمنڊ هن جي شاعري جا استعارا هيا. گهوڙي سان انسيت انهي ڏينهن پئي، جڏهن ننڍپڻ ۾ پيءُ گهوڙي تي ويهاري ڊگهن وڻن جي لڏندڙ لامن هيٺ گهمايو هيو. اُها گهوڙي جي ٽاپولي ۽ يوڪلپٽس جي پَنن مان گذرندڙ هوا جي ڪري ٿيندڙ ڇم ڇم اڄ به ذهن ۾ ڇانيل هئي. ان ڪري هي پنهنجي نظمن ۾ گهوڙي جي ٽاپولي ۽ مڇيءَ جي اک سان ڏنل

ميرڙو منظر ضرور چٽيندو هو. هڪ پيري هن جي مداح چيس،"سائين توهان شاعريءَ جو ڪتاب ڪونہ ڇپايو؟"

"ها ڏسنداسين." جيئن پنهنجي شاعريءَ بابت لاپرواهہ هيو ايئن لاپرواهيءَ ۾ جواب ڏنائين.

"سائين الائي ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جا ڪتاب آيا آهن. هاڻي تہ اوهان جو ڪتاب بہ اچڻ گهرجي."

"ها هاڻي ڇپائبو پر نالو ڪهڙو رکون."

"سائين جيڪو رکو."

"پلا ٿاپولي ڪيئن آهي؟"

"سائين اهو پلو۔"

اوچتو فون جي رِنگ خيالن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو. فون ڪٽي ڏنائين. نمبر فيڊ ٿيل ڪونہ هيو. سوچيائين. ذهن تي ڪونہ آيو. ييس ڪري چيائين، "هلو..."

"هلو سائين." سامهون ڪنهن چيو "سائين خالد تو ڳالهايان..."

اهو ساڳيو ترپو دوست هيو جنهن جي باري ۾ سوچيائين پئي. لاغرضي ۽ لا اُبالي. نوجوانڙو هن تي ساهہ ڏيندو آهي. ڪيسي ۾ نہ هوندو تہ بہ ڪٿان ڪٿي پورائو ڪرڻ وارو.

"پيٽسان!" هن جو تڪيہ ڪلام. "هي وري ڪنهن جو نمبر آهي."

"سائين هي منهنجو نمبر آهي، اج ورتم. ڪجهہ پئسا هيا. سوچيم ڪُٽي ويندا. انهي ڪري اوهان سان ڳالهايان."

"اڙي ڇريا توکي ياد پئي ڪيم."

"تہ سائين حاضر ٿي ويس."

"اي ڇريا حيدرآباد ۾ آهين ڇا!"

"نہ سائين آهيان تہ ڳوٺ، پر فون تي ملي وياسين."

"پيٽسان! اي ڇريا اهو نمبر ايس ايم ايس ڪري پئي سگهئين نہ."

"اي سائين خير آ، خير آ."

"اهو تہ ٺيڪ آهي. تون ايس ايم ايس ڪندو ڪر، آئون پاڻهي فون ڪندس".

"هلو سائين ائين ٺيڪ آهي، وري ٿر ڪڏهن ٿا اچو؟"

"وري برساتون پون، ايندس."

"چڱو سائين خدا حافظ"

"ها چڱو چڱو."

فون ڪٽي ماضيءَ ۾ جهاتي پاتائين، جڏهن مهينو اڳ هوليءَ تي بي بي سي جي ٽيم سان

ٿر ويو هو ته ڪيتري خدمت ڪئي هئائين. هن کي ان جي سادگي ۽ سچائي وڻندي هئي. عزت احترام ۾ گڏ ڪونه ويهندو هيو. هر وقت خدمت لاءِ حاضر. ان ڪري هن کي وڻندو هيو.

ياد هِن کي اڄ اهو ٽريو ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نگار به ٿي آيو جنهن هن کي انهن ڏينهن ۾ سچاتو جڏهن آڙيڪاپ اديب هن کي لفٽ نه ڪرائيندا هئا. شاعري ٻڌي مهڪي پيو هو. ٻانهن کان وٺي مشاعرن ۽ پروگرامن ۾ گهلي ويو ۽ چيائين."هاڻي انهن کي ٻڌاءِ شاعري" هن جڏهن شاعري پڙهي هئي، ته انهي ڊرامه نگار پنهنجي روايتي انداز ۾ ٿي نمبر تي سگريٽ جهلي ڪش هڻندي چيو هئائين."هتي رڪينس! هي ڇوڪرو سنڌي شاعريءَ ۾ نئون ٽرينڊ ڏيندو." پوءِ پنهنجي گهر ۾ رهائيندي ٻچي وانگر پاليو هئائين. لاهور جي لال منڊيءَ کان وٺي لڪي تائين پاڻ سان گڏ ڪٽي گهمايو هئائين. سوچيائين گهڻا ڏينهن ٿيا آهن. انهيءَ سان گڏ نه ڪوئي جام ڇُلڪيو آهي، ۽ نه ئي روح رهاڻيون ڪيون آهن.

ياد اڄ اهو شاعر به آيو ٿي، جنهن شاعري ڇڏي صحافت اختيار ڪئي هئي، ۽ ان جي صحافت هتي جي قومي سياست هضم نه ڪري سگهي هئي. تنهن ڪري پرڏيهه هليو ويو هو. جيڪو هن جي شاعريءَ سان گڏ هن جي شخصيت تي به فدا هيو. اڪثر هن کي حافظ جو ترڪ شيراز چوندو هيو. ڪيترا جام هن سان گڏ خالي ڪيا هئائين ۽ ڪيترين راتين تائين ضياءَ جي جبر جي ڪاري رات کي هٽائڻ لاءِ بحث ڪيا هئائين. ۽ نظم ٻڌايا هئائين. پر نه انهن جي اها تشنگي ختم ٿي ۽ نه ئي سنڌ جي نوجوان طبقي کي ڪا دل آويز قيادت ملي سگهي هئي. ساڳئي دوست جي انهي ڳالهه تي هي ٺهڪ ڏيئي ڪيترو نه کليو هو ته "تون يورپ جو اهو روما خوبصورت ٻار آهين جيڪي 'بوم سڪنيس' جي ياد ڏياريءَ ماڻهوءَ جو ٻٽون غائب ڪري ويندا آهن. تو ڪنهن جا ٻٽون ته ڪونه چورايا آهن، پر پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ جي ماڻهن جون دليون چورايون آهن."

بيٺر جو ڊِڪ ٻيري سوچيائين، ته واقعي سنڌ جو پڙهيل لکيل ۽ ادب سان چاهه رکندڙ طبقو ڪيس ڪيئن اکين جي پلڪن ۾ سمائي رکي ٿو. انهي ڪري ڪيئي انقلابي، عاشق، قيدي، حسين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هن جي شاعري پنهنجي ٻٽوئن ۾ رکندا آهن.

ماضيءَ جا اهي سمورا دز ڇانيل ورق، اڄ پلٽجڻ لڳا هيا. جن کي ورائي ڪيئي ڏينهن ٿي ويا هيا. خيال آيس، "ڪنهن وٽ وڃي ڪنهن وٽ وڃان؟" هڪ خيال ته، اڄ لياري جي ان همراهه وٽ وڃان، جنهن لاءِ اڄ به دوست چون ٿا چانهه جو پاڻي ڪٽلي ۾ وجهي، چلهه تي رکي در کولي انتظار ڪندو آهي. ان سان هڪ ڪچهري وري ڪري اچان. يا ان جابلو ياڳئي وٽ وڃان، جيڪو اڄ به پنهنجو پيار ساري لڙڪ هاري ٿو. يا جوهيءَ جي انهي فقير وٽ وڃان جيڪو الغوزو وڄائيندي، الائي ڪهڙين غفائن ۾ هليو ويندو آهي. يا منثار فقير راڄڙ جي ميلي تي ايندڙ ڳاڙهين اکين واري وريام فقير

سان گڏ چلم جا سوٽا هڻان، يا مير محمد جي پڊ وچي بوڙينڊي جي ياد تازي ڪيان.

هن ڪارونجهر جي ڪور کان وٺي ڪيٽي بندر جهڙي ننڍڙي ڳوٺ سان پيار ڪيو هو. سمنڊ جون ڇوليون، ڪراچيءَ جي اوپرائپ، ان تي ڌارين جا قبضا، ڪشمور توڙي ڪمون شهيد ۾ ماريل ڪارين جا نوحا هن پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتيا هيا. هن کي ڪاڪاهو ڊيڊ، پالوا، شاهه بندر، علي بندر توڙي روپاهه ماڙي سڀ پيارا هيا.

سموري سنڌ جا عڪس ذهن تي تريا آيا هيا، جڻ فلم جا سين هيا آيا ۽ هليا تي ويا. اڳي ته شام سان دوستن جون ڪچهريون لڳي ويندڙيون هيون يا ڪنهن نه ڪنهن جي جاءِ تي حال احوال يا وري سنڌ جي ڪنهن ڏورانهين سفر ڏانهن. پر اڄ شام کان پنهنجي بنگلي تي هيو. گهر واري ۽ ٻارڙا ٻئي بنگلي تي هيا. هي صرف دوستن لاءِ هيو. سگريٽ ڪيڏي دکايائين ته شهمير جي ڪال آئي.

"اي ڪٿي آهين معتبر خان." فون اٽينڊ ڪندي چڙهي ويو.

"اهو ته آئون توکان ٿو پڇان، ته چار ڏينهن فون بند. نه رابطو نه خبر۔ ڪهڙي هچاءَ ۾ ڪجي وئين." شهمير چيو.

"يار لاهوت، پٻ هاڙهو ۽ جهوڪ فريدڻ تان ڪالهه سکر آياسين. اتان اڄ پهتو آهيان. فون نڪرندي وساري ويس."

"ڪنهن سان گڏ هئين؟"

"اڙي يار لاهور جي آهي نه فوزيه، فلم ميڪنگ ۾ PhD آهي. آئي هئي، ڊاڪيومينٽري جي حوالي سان."

"پوءِ تو PhD ڪرائي هوندي" شهمير رهڙ ڏني.

"اڙي شرم ڪر چورا، هو منهنجي دوست عابديءَ جي گهر واري آهي. منهنجي ڀاڀي آهي. ۽ عابدي به گڏ هو هڪڙو Ptv جو ڪيمرا مين هيو."

"اڇا اڇا، بچاءَ ٿي ويو."

"ڪنهن جو؟"

"ڀاڀي مسز عابديءَ جو."

"هاٺي چڏ ترڙپائي. آهين ڪٿي، فون انگيج پئي مليو."

"آفيس ۾ هيس. ڪجهه ڊونر آيل هيا، انهي ڪري فون سائلينس تي هو. هينئر نمبر ڏٺم ته ڪال ڪيم."

"ڇا آهي، فارغ به ٿيندين يا نه؟"

"ها هائو اٺ ڪلاڪ ۾ گهر اچان ٿو. ڪالهه هڪڙي بلئڪ ليبل ملي آهي."

"پوءِ ٺيڪ آهي. پهچي sms ڪجان. آئون هتي ئي آهيان".

"او ڪي." هن بہ فون ڪٽي بيڊ تي اڇليو. سگريٽ جو ڪش هڻي، ٽوٽو ايشٽري ۾ مروڙي ڇڏيائين.

بيڊ تان اٿي، آرس موڙيائين تہ جسم مان تڙڪات نڪري ويا. ٽوال ڪڍي باٿ روم ۾ هليو ويو. ڪيتري دير شاور هيٺان پاڻ کي پسائندو رهيو. ٻاهر اچي بيٺو تہ باٿ روم جي اوپس ڪان ٻاهرئين ماحول ۾ پاڻ کي فريش محسوس ڪيائين. ڪجهہ دير ٽوال ۾ جسم کي سڪائيندو رهيو هو. ڪٽڪائين بدن تي پاڻي قطرو قطرو ترڪندو ٽوال ۾ ضم ٿي رهيو هو يا هيٽ ڪري رهيو هو. ڪپڙن لاءِ الماڙي کوليائين. اڪثر پينٽ شرٽ ۾ رهندو هو پر سفيد شلوار تي رنگين ڪرتي جو فيشن آيو هو تڏهن کان نيري يا ڪاري رنگ جو ڪرتو پائيندو هو. نہ تہ ڪاري شال ڪلهن ۾. درگاهن، ميلن ملاکڙن جو شوقين. اڪثر ميلن ۾ عام ڳوناٽن جيئن رومال ۾ ڦلا ويڙهي کائيندو گهمندو رهندو هو. ۽ جي گهوڙن جي ڊوڙ هوندي هئي تہ انهي ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هو. "هي اڄ الائي ڪهڙيون ياگيريون پيون اچن. الائي ڪهڙا سوچن جا قافلا ڪاهيندا پيا اچن." پنهنجو پاڻ سان پڙڪيو.

الماڙي ۾ ٻاهر پيل جوڙن ۾ ڪو وٽيو ڪونہ پئي. خيال جي لهر آئي.

"اگهاڙپ بہ هڪ عظيم لباس آهي. پر اهو صرف سچ، سرمد ۽ معصوم ٻارڙا ئي پائي سگهن ٿا. اڄ تائين اهڙو درزي مليو ئي ڪونہ هيو جيڪو انساني اندر جي ماپ لهي سگهي يا اهڙو ٽولو بہ ڪونہ هيو جيڪو تن جو پاڻي ڪڇي سگهي." هن کي هميشہ خيال ايندو هو تہ پاڻ کي ڌرتيءَ جي ڌوڙ سان ڌوئي صاف ڪري. هئي لمحي ٻاهر پيل جوڙن مان هڪ جوڙو ڪنيائين. ٿوريءَ دير ۾ تيار ٿي، چاٻي ڪڍي، گاڏي ڪڍي شهمير ڏانهن روانو ٿيو.

حيدرآباد جي رستن تي ڪار ڊوڙندي ٿي ويئي. پر هن کي ماحول ۾ عجيب مايوسي ٿي نظر آئي. رستن جا پرندڙ بلب جڻ پنهنجي وجود مان روشني ڦهلائي ٿڪجي پيا هيا. ڍڳهن وڻن جي لامن ۾ ڪا ردم ۽ نغمگي ڪانہ هئي، جيڪا هن کي اڪثر نظر ايندي هئي. اوپر کان مٿي چڙهندڙ چوڏهينءَ جو چنڊ بہ مايوسيءَ جي ڪوهيڙي ۾ گهيريل هيو. هن کي سنڌ جي اها ذڪائتي ادا ڪڏهن بہ نہ وڻندي هئي. ماحول ۾ جڏهن بہ اهڙي مايوسي هوندي هئي، تہ ڪا نہ ڪا ڪربلا وري جنم وٺندي هئي. هي وري نوحہ گر ٿي، سنڌ جي لٽيل قافلن جي لاءِ سينہ ڪوبي ڪندو هو ۽ مرثيا لکندو هو. تيرهن سالن جي عمر ۾ ڀٽي جي ڦاسيءَ تي ڦٿڪي پيو هو. ٿنڊو بهاول جي واقعي نهوڙي وڌو هو. پاڻ کان بہ ڪنڌار ۽ ڳيرو مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت، جڻ ساڄي ٻانهن وڍجي پئي هئي. تازو 27 ڊسمبر هن جي وجود مان ڪرٽ وانگي گذري هئي. سوچيندي هانوَ مٿ ۾ ٿي آيس.

شهمير جي بنگلي تي پهچي، هارن ڏنائين. نوڪر در کوليو. گاڏي کي اندر بيهاريائين.
چابي هٿ ۾ اندر گهڙيو تہ شهمير مسڪرائيندو وڏي آيو.

صوفا سيٽ تي ويهندي آهلجي پيو، ڄڻ صدين جي ٿڪاوٽ ڪٽي لٿو آهي. ”ڇو ايڏو ٿڪو آهين ڇا؟“ شهمير پڇيو.

”نہ.“ مختصر جواب ڏنائين.

”نہ وري ڇا، ايترو رلندين تہ پوءِ ظاهر آهي ٿڪجي پوندين.“

”نہ يار، اڄ شام کان پوءِ الائي ڇو مايوسي ٿي رهي آهي. اڳي مون ڪڏهن ائين محسوس نہ ڪيو. سمورا دوست يار ياد پيا اچن.“

”تون جڏهن کان صوفياٽي رنگ ۾ آيو آهين، تڏهن کان تنهنجين لکڻين ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي ويئي آهي.“ شهمير پيگ هن ڏانهن وڌايو.

”هُون! ها ها ها“ کلندي سڌو ٿيو. پيگ مان ڍڪ ڀري هيٺ رکيائين. ”منهنجي خمير ۾ صوفياٽي رنگ جي مٽي اڳي ئي هئي. ان کي ميچوئرٽي جو رنگ هاڻي ملي رهيو آهي. صوفي ۾ دک سهڻ ۽ خوشي برداشت ڪرڻ جو ساهس وڏيڪ هوندو آهي. صوفي خوشي بجاءِ درد جي ڇيندڙ ڪندي جو درد سهي مزو وٺندو آهي.“

”پوءِ تنهنجي مايوسي بہ انهي درد جو حصو آهي ڇا.“

”نہ يار، ماحول ۾ اوپس، دوستن جون يادون، ماضيءَ جون ساروڻيون الائي ڇا آهي.“

”ڪجهہ ڪونهي. ائين آهي ماڻهو مذهبي جنوني ٿيندا پيا وڃن. اوهين صوفي الائي ڪٿي آهيو.“ شهمير چيو.

”اهي صوفي ئي سنڌ جي سڃاڻپ رهيا آهن. سنڌ کي صوفين ۽ سنتن جي ڪري سڃاتو وڃي ٿو. سنڌي ماڻهو لبرل آهي“.

”پوءِ اهي آپگهاتي؟“

”اهي تہ آمريڪا پنهنجي مقصد لاءِ پيدا ڪيا آهن. پلا حملا ڪندڙن ۾ ڪيترا سنڌي آپگهاتي هيا؟ مذهب سان انهن آپگهاتين جو ڪو واسطو ڪونهي. يورپ ۽ آمريڪا کي جنهن ڏينهن پنهنجا مقصد مليا، انهي ڏينهن هي گم ٿي ويندا.“

”تڏهن اوهان جي اها خانقاهن واري سنڌ ڪٿي هوندي.“

”اُها سنڌ رهڻي آهي. اها سنڌ جيڪا صوفي شاهہ عنايت ۽ ڄام نندي جي سنڌ آهي.“ هن سگريٽ دکائي ڊگهو ڪش هنيو.

”پوءِ توکي ڪهڙي مايوسي آهي.“

”الائي ڇو اڄ اُباٽڪائي گهڻي ٿي پئي آهي.“

”سفر ٿڪائيندڙ هوندو بيو ڇا؟ منهنجي صلاح آهي تہ هاڻي ايترو نہ رل، ماٺ

ڪري ويهي لک.“

”هُون!“ طنزيہ مرڪندي سڏو ٿيو. ”يار آئون ڊرائينگ رومي شاعر ڪونہ آهيان. نہ ئي لفظن جي ڪاٺ ڪوٺ ڪندڙ ۽ چشمي کي هيٺ مٿي ڪري سرڪاري پروگرامن جون صدارتون ڪندڙ ڪامورو اديب. آئون تہ سنڌ جي چپي چپي جو عاشق آهيان. رلڻ بنا لکڻ منهنجي وس ۾ ناهي.“

”اڇا..“ شهمير چيو. شهمير بيو ڪجهہ بہ ڪڇي ڪونہ سگهيو. هن ڳالهہ جاري رکي ”ها آئون فطرت جو اهو آواره عاشق آهيان. جنهن جا وڻ گهاٽا يار آهن ۽ جبل، صحرا گهرا دوست آهن. منهنجي سنگت مندن، مينهوڳين ۽ هوائن سان آهي. هن ڌرتيءَ تي اڏرندڙ کڙ ڪبيتا، پکي ۽ پوپٽ منهنجا پريمي آهن. منهنجي درياهہ سان دل آهي. نديون منهنجيون محبوبائون ۽ سمنڊ سان منهنجو ازلي عشق آهي. انهي ڪري ويهي لکڻ منهنجي وس ۾ ناهي.“

شهمير مسڪرائيندو هن جي اکين ۾ نهاريندو رهيو. هن جي گفتگو ۽ لفظن جي جڙاوت تي پيار اچڻ لڳو. ايتري ۾ نوڪر آيو. پڇيائين.”سائين ماني ۾ چا تيار ڪريان.“ شهمير هن کان پڇيو ”چا تيار ڪرايون.“

”تنهنجي مرضي. بک صرف ذهنن کي لڳندي آهي. پيٽ تہ صرف انهي جو بهانو آهي.“

”هاڻي چڏ مشڪري، صاف ٻڌاءِ.“ شهمير پينٽ مان پئون ڪڍندي چيو.

”جيڪا تنهنجي مرضي.“

شهمير نوڪر کي پئسا ڏيندي چيو”مرغي وٺي آءَ ۽ سلاد لاءِ ڪجهہ وٺي اچجان.“

نوڪر ڪنڌ لوڏيو. پئسا وٺي، بنگلي مان ٻاهر نڪري ويو. هن پئگ خالي ڪري، گلاس ٽيبل تي رکيو تہ جهمپير جي دوست جو فون اچي ويو. پنهنجي ذات وارن مان صرف انهي سان ياري هئي. جنهن کي سموري سنگت ”بابو“ چوندي آهي. ڳالهيون هلنديءِ جهمپير جي تاڙي جو پڇيائين. تہ هن بہ نہ اچڻ جي ميار ڏني. ڳچ دير ڳالهيون ڪري موڪلايائين. فون رکي، مڏ جو گلاس کڻي ڍُڪ ڀريائين. سگريٽ دکايائين. پر اڄ بيئنسن ۾ اهو مزو نہ اچي رهيو هيس. جيڪو اڳي ايندو آهي. پر وري بہ سگريٽ جي ٻاڙ ختم ڪري رهيو هو. ايتري ۾ در تي ٺڪاءُ ٿيو. دوست ٻاٿ روم ۾ هيو. انهي ڪري هي گيٽ تي هليو ويو. ٻاهر ننڍڙو ٻالڪ بيٺو هو.

”ها ابا..“

”سائين هتي بورچي آهي نہ انهي ۾ ڪم آهي.“ ڇوڪرڙي آڱريون مروڙيندي چيو.

”ڪهڙو ڪم آهي؟“

"سائين ڏينهن جو سڪل مانيون وٺي ويو هئس. انهي جا پئسا ڏيڻا آهن." ڇوڪري کيسي مان پئسا ڪڍيا, جنهن ۾ پنج پنج جي نوٽن سان گڏ ڪجهه ريزگاري به هئي.
"پٽ, تون مانين کي ڇا ڪندو آهين؟"
"سائين آئون ماڇي ڳوٺ ۾ ياڳين کي وڪڻي ڏيندو آهيان."
"پڙهين ڪونه ٿو ڇو؟"
"سائين بابو آهي ڪونه. امان ماڻهن جي گهرن ۾ برتن ڌوئندي آهي. ڪجهه آئون ڪمائيندو آهيان, گذران ٿي ويندو آهي."
"ڪيترا پئسا آهن."
"سائين سورنهن روپيه." ڇوڪر هن ڏانهن پئسا وڌايا.
"هي تنهنجي خرچي آهي پٽ, ڪٽي وڃ. بورچي کي آئون پاڻهي ڏيئي ڇڏيندس."
"نه سائين, اوهين هن کي ڏڙڪا ڏيندا. هو مانيون مونکي اڳتي ڪونه ڏيندو."
"نه پٽ, مانيون توکي ٿي ڏيندو. آئون چئي ٿو ڇڏيان, تون بي فڪر ٿي."
پارڙو اداسيءَ ۾ هن ڏانهن نهاريندو اونداهيءَ ۾ غائب ٿي ويو. هي ڪيتري دير هن کي نهاريندو رهيو. اڄ هن کي ڪراچيءَ جي اسٽيشن ۽ ملير جي رستن تي رهندڙ پارڙا ياد ٿي آيا. جن سان ڪچهريون ڪندو ۽ مانيون کارائيندو هو. ڪيئي ڏينهن ٿي ويا آهن, انهن وٽ ويو ڪونه آهي. جيئن ٽي وي چينل ڇڏيو هئائين ته پنهنجي انگريزي ناول نگار دوست ۽ انهيءَ رقاصه سان ڪونه مليو هو. سگريٽ جو ڪش پيري ايش ٽري ۾ اڇلايائين. مڌ جو ڍڪ پريائين, پر اڄا خمار نه ٿيا هئا. پر مڌ به اڄ مزو نه ڏيئي رهي هئي. بورچي واپس آيو ته پرس مان هن ويهه روپيه ڪڍي ڏيندي چيو"باهر پارڙو آيو هو. مانين جا ڏيئي ويو آهي ۽ ها آئيندي مانيون انهيءَ کي ٿي ڏجان. پئسا مون کان وٺجان." بورچي شهمير ڏانهن نهاريندي اکيون ڦيرڻ لڳو. سامان مان بچيل پئسا ڏيندي چيائين,"سائين اڄ 'چنڊ گرهڻ' آهي". نوڪر جي واتان هن جڏهن چنڊ گرهڻ جو ٻڌو ته سموري ماحول جي مايوسي ۽ اُٻاٽڪائي سمجهه ۾ اچڻ لڳي. هن سوچيو وطن کي اڄا الائي ڪيترا چنڊ گرهڻ لڳندا رهندا. هن پنهنجي ديس بابت سوچيو جنهن کي ڪرپشن, ڦرلٽ, تعليمي تباهي, قيادت جي کوٽ, شهرن تي قبضا, ادارن جي لاوارثي, شينهن درياهه جو سوڪهڙو وسيلن جي ڦرلٽ جهڙا مرض وڪوڙي ويا هئا.
"ڪهڙين سوچن ۾ هليو وئين جاني..." شهمير چيو.
"سوچيان پيو ته ڪيئن ڏينهن ڏٺي جو اسان جي پيرن هيٺان زمين کسڪندي ٿي وڃي."
"ها يار اهڙي بي حسي ڪڏهن ڪونه ڏٺي سين." شهمير سهمت ٿيندي چيو.
آخري ڍڪ اوتيندي چيائين."اسان جي انساني همدردي, ڌرتيءَ سان سچائي ۽

ڪاڻ نه ڪيڏي واري رويي. ڪٿي ٽڪڙ به ڪونه ڏٺو آهي. سياست، صحافت، اين جي او زميداري ادب هر هنڌ آئون ته ان فٽ نه پر مِس فٽ آهيان.“

شهمير مڌ جي ٻي بوتل کٽڻ ويو ته وري هن کي خيالن ورائي ورتو. هن وڏندڙ انارڪيءَ ۾ سنڌ ڪيئن رهندي، انهيءَ ظلم ۾ لڪي جا گرم چشما ته ختم ٿي ويندا. روپاهه ماڙي جون راتيون. ڪاڇي جون ڪونجون. سيراٽي ۾ سجاول جون سانجهيون ميرانجهڙيون ٿي وينديون.

هي احوال اوربندو بحث ڪندو دير تائين مڌ جا گلاس اوتيندو رهيو. پر اچوڪي ماحول جي مايوسي مان آجو نه ٿي سگهيو. ويتر چند. گرهڻ واري ڳالهه اضافو ڪري ڇڏيو. چوڏهينءَ جي رات روشن ٿيڻ بجاءِ ويتر گهري ٿيندي ٿي وئي. رات لڙي چڪي هئي ۽ درياهه ڪان ايندڙ ولهه گاڏڙ هوائن سموري ماحول کي ٿڌو ڪري وڌو هو. انهيءَ مهل شهمير ماني بنا بيڊ روم ۾ وڃي ڪري پيو. پر هي ٻرهه جو پياڪ اجا پيئندو رهيو. اج اداسي اباٽڪائي ويتر اضافو ڪري ڇڏيو هو. رات پوئين پهر ۾ هئي، جڻ ٿهر ۾ هئي. انهيءَ مهل هن بورچيءَ کي اٿاري گيٽ کولڻ جو چيو. ڪار ڪڍي مين روڊ تي آيو. هي اُهي روڊ ۽ رستا هيا. جتان هميشه هي رات جي پڇاڙڪن لمحن ۾ ورندو آهي.

پر اج ايڏي اوندهه انڌوڪار ڏسي، تمام گهڻو مايوس ٿي پيو هو. سمورا منظر اوپرا هيا. ڪار روڊ تي وڃي رهي هئي، پر هي بي چين هيو. وڻن سان سرگوشيون ڪندڙ هن شهر جون مڌمر هوائون خاموش هيون.

”نه ڪڏهن به نه. منهنجي سنڌ ائين اونداهي ۾ نٿي ٿي سگهي. هي منظر اجرا هجڻ گهرجن.“ هن جي اکين تي ڪيپ چڙهڻ لڳا. ڪار ڪيئن ۽ ڪيڏانهن پئي وئي، ڪا خبر ئي ڪانه هئي. هن جا هٿ هيا جيڪي اسٽيئرنگ ڦيرائي رهيا هيا يا صرف اسٽيئرنگ تي ڦري رهيا هئا.

آڌي رات گرهڻ ۾ هن ڏٺو ته آسمان تي ڪاري چادر آهي. هن سوچيو هي اهو ئي حيدرآباد آهي جنهن لاءِ هن جي دل هميشه ڌڙڪندي هئي. انهيءَ جون روشنيون تارن جي جهرمٽ ۾ بي معنيٰ هيون. آسمان ۾ نهاريندي اکين چيو:”پيٽسان!اهڙي اونداهه منهنجي ديس جون مرڪون مرجهائي ڇڏيندي هي ڪهڙو گرهڻ آهي.“

اکين تي ڪيپ چڙهڻ لڳا. نيڻن جا ڇپر ڳرا ٿيندي محسوس ڪيائين. اڳيان ڪاراڻ هئي. ڪار ڪيڏانهن ٿي وئي، ڪا خبر ڪونه هئي. اوچتو زوردار ٺڪاءُ ٿيو. ڪائناتون ڦرنديون ٿي ويون. گرهڻ جي آڌي اونداهي سنسان رات ۾ هن ويران رستي تي نه رڳو پنهنجي شاعري ڇڏي هئي، پر رت جي وهندڙ ندي به ڇڏي هئي!!.

⁂

# اوهان جا رنگ اڏاٽا، پري پري تائين...



جنم: 10 اپريل 1958ع قنبر، ضلعو لاڙڪاڻو.

موڪلاڻي: 11 جون 2011ع رات جا نَوَ... سوا نَوَ. SUIT، ڪراچي

# طارق عالم

## هڪ نظر ۾

**نالو:** طارق عالم ابڙو

**ابتدا ۾ ادبي نالو:** "ابڙو طارق عالم ناز". بعد ۾ هن ڪجهہ عرصي لاءِ 'نفيس' تخلص بہ ڪم آندو.

**والد صاحب:** محمد عالم ابڙو [وفات: 03.02.1997] (اسڪول ٽيچر ۽ فوٽو گرفر)

**والده:** امان ڏياڻي [وفات: 26.11.2006]

**ڀائر:** ڊارا عالم ابڙو، اياز عالم ابڙو، منصور عالم ابڙو، شبير (ساقي) عالم ابڙو ۽ قيس عالم ابڙو

**ڀينرون:** ادي زيب النساءِ، ادي شمشاد، ادي مختيار، ادي ماڻي، ادي سبحان خاتون، شرف النساءِ عرف ٻيبي

**اولاد:** هالار طارق، لاهوت طارق

**تعليم:** ايم. اي سنڌي

**لکڻ جي ابتدا:** سندس پهرين تحرير هڪ نظم آهي، جيڪو 1975ع ڌاري 'ماروئڙا' رسالي ۾ شايع ٿيو. پهرين ڪهاڻي 'ڀائلي' 1978ع ڌاري ماهوار 'تحريڪ' ۾ ڇپي. جڏهن تہ پهريون ٽي وي ناٽڪ چنڊ رهين ٿو دور، 1979ع ۾ هارون رند PTV ڪراچيءَ تان پروڊيوس ڪيو.

**ڪالم:** طارق، 'ڪالم - ڪهاڻي' جي عنوان سان روزاني 'عبرت'، روزاني 'ڪاوش' ۽ پندرنهن روزه 'افيئر' لاءِ ڪيئي ڪالم لکيا آهن.

**ڇپيل ڪتاب:** رات سانت ۽ سوچون (ڪهاڻيون - 1983ع)، سڄاڻپ جي ڳولا ۾ (ڪهاڻيون - 1996ع)، رهجي ويل منظر (ناول - 1985ع) لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو - 1991ع)، مورن اوڇا ڳات (هائيڪا - 1990ع)

**منصب:** نومبر 2010ع کان جون 2011ع تائين، سنڌي ادبي بورڊ جي جڳ مشهور رسالي تہ ماهي 'مهراڻ' جو ايڊيٽر رهيو جنهن جا سال اندر چار شمارا ڪڍيائين. هُو ڪجهہ وقت لاءِ 'گل ڦل' رسالي جو بہ ايڊيٽر رهيو.

# چونڊ شاعري

## طارق عالم

ڏرتيءَ چوڪيدار لڳي ٿو ڪو مونکي هو جڻ،
صوفين جو سردار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

ڪيڏيو مون سان، ڇانءَ ۾ پاليئين، منهنجا لُڙڪ اُگهيئين،
منهنجو ڪو دلدار لڳي ٿو، پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

تارا جاڳن، چنڊ ٻہ جاڳي، ٿي ويتر بيچين،
جهُونو ڪوتاڪار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

شام سَمي جو پنڇي گم ٿين، هن جي زلفن ۾،
پکي-پالڻهار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

سچل، سامي، شاهہ ڀٽائي، سڀ جا سُور سليئين،
تاريخي ”ادوار“ لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

سنڌو ندي جي ڪَپ تي جاڳي، اجڙيل خواب سبي،
ڪوئي اپرم پار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

❊

چو نگاهن جا ٻيو ورق ورائين اي دوست!
چو نہ نيڻن جي نديءَ ۾ تو سمائين اي دوست!

چو نہ بادل جيان برسين ٿو پلا منهنجي مٿان،
چو ٽپهريءَ جيان هي وڻ تو جلائين اي دوست!

دل وساري آ ڇڏيو ياد ۾ تنهنجي ڏڙڪڻ،
چو نٿو ساهہ پري دل کي جيارين، اي دوست!

هيٺ ڌرتيءَ جي نظارن ۾، مٿي تارن ۾،
هر طرف تون ئي فقط تون ئي سُونهائين، اي دوست!

وقت بي وقت کلڻ ۾ پريءَ محفل ۾ روئڻ،
چو نہ ديواني کي، دل سان تو لڳائين اي دوست!

نہ سهي عشق، محبت، تنهنجي چاهت نہ سهي،
چو نہ نفرت جيان دِل ۾ تو وَسائين اي دوست!

*

جڏهن چنڊ چمڪيو هو پڙڪيو ۾ نديءَ مسڪرايو
ڏسي چنڊ ۾ تو اسان کي چيو: "اسان کي تا چاهيو؟"

پهاڙي گلن تي ڏنو ماڪ روئي، پهاڙن چيو،
اوهان چو پلا ايترو تا اسان کي ستايو!؟

ڀَرين محفلن ۾ ڏنو اڻ ڪري ٿا ڇڏيو
اڪيلا ٿيو ٿا تہ چئو ٿا: ”اسان کي ٿا چاهيو.“

چيو ڪلندي ڪڏندي ٿي لهرن کي هِئن ترورن،
نديءَ کي۔ ’اسان کي لڪايو لڪايو لڪايو.‘

اوهان پنهنجي نظرن جا ڇڙواڳ گهوڙا ڀلي جان،
اسان جي محبت سان سرشار دل جي نگر ۾ ڀڄايو.

لٿو سمنڊ ۾ هو جڏهن ۽ ويو چنڊ وانگي ٻڏي،
تڏهن لڙڪ لاڙي ڪنارن چيو: ”اسان کي ملايو.“

❊

اسين جِيئون نہ جِيئون، ڀل جيئو اوهان جڳ ۾،
گهُلون هوا جان دعا ٿي، اوهان جي مارڳ ۾.

اسان جي جسم ۾ ٻوڙي، اوهان جي سار ائين،
جيئين سُرور ٿو ٻوڙي پياڪ جي رڳ ۾.

ڪڏهن ڪتي جو وڃون ۽ ڪٺون ٿا جام ڀريل،
اڇاريون ٿا ڇپن سان، اوهان جو نان اڳ ۾.

سلي اسين نہ سگهياسين، پرولي جيون جي،
وئي حيات وهامي، لڏي لمي جڳ ۾.

جي پلجي ٻيو ڪو اڃي خواب ننڊ نگريءَ ۾،
اوهان جو خواب اڃي جڙ تہ خواب جي ڏڳ ۾.

اسين نہ شاهہ نہ زردار ۽ نہ ٿي سردار
ڪڙو ٿا پوءِ بہ ڪنول جان، اسان جي ٿي، پڳ ۾.

❊

ٻسن ٿا نيڻَ نماڻا، پري پريءَ تائين،
اوهان جا رنگ او راڻا، پري پريءَ تائين.

ڪناري بينا هئاسين، ڪُڏيو پئي لهرين،
پکي هوا ۾ اڏاڻا، پري پري تائين.

سفر ۾ ڪالهہ هئا ۽ سفر ۾ اڄ آهن،
نہ جن جا ٿاڪ ٺڪاڻا، پري پري تائين.

نگاهہ عڪس کي موتيئي، جي ماڪ ڏنڏلايو،
سمورا ڏيکَ اجهاڻا، پري پري تائين.

وڳو گهڙيال ۾ هڪ ھو جو سانت ڪمري ۾،
اوهان جا ٺهڪ ٻُڌاڻا پري پري تائين.

چنڊ جي لاءِ جهان کي، جڏهن بہ سوچيوسين،
اوهان اڄ سَڏَ پُراڻا، پري پري تائين.

❊

نظرَ جو سفر آهي، ڪيڏو پري،
ڪڏهن خيال گم ٿي، ڪڏهن ٿو تري.

بنديان نيڻ، پر ۾ ٿو توکي پسان،
جي اُپٽيان، تہ مونکان وڃين، ٿي پري.

تصور ۾ تنهنجو ٻَرَّڙي روپ ايئن،
لڳي ٿو هوا ۾ ڪنول پيو تري.

هيءَ شامِ غريبان مثل آهي شام،
۽ سورج پيو ٿو افق ۾ ٺري.

پري جهولَ آئي، ستارن جا رات،
مگر تون نہ آئينءَ، تہ هو ڇا ڪري؟

ڳلي سُڃَ، سنسان توکان سوا،
شهر ۾ نہ هاڻي ٿي، پنهنجي سري.

رُسڻ، پنهنجو پرچڻ، اڇهامي، ٻرڻ،
ڪري ڪيئن 'طارق'، جيئي يا مري.

❊

’رتي مهڪ‘ پر ۾ وساري وئي،
هئي ڪير، ڪهڙي ته چاري وئي؟

نگاهن ۾ تاڻيل تکي تير سان
محبت سان اندر اجاري وئي.

اسان ڪان اسان کي ڪري چو پري!
لهر ٻڏجي ڪهڙي ڪناري وئي.

هئي ڪا مصوّر يا شاعر هئي،
جو خوابن ۾ رنگن کي هاري وئي.

نئين عشق جو ٻج پوکي وئي،
پراڻي تصوّر کي ٻاري وئي.

❊

رات گهاري هليو ويو هو ٻه،
بس گذاري هليو ويو هو ٻه

شمع وسندي، ڪڏهن رهي جلندي،
مون کي ماري هليو ويو هو ٻه.

❊

ستارن ساڻ نکريل ڪا نگر تون،
جتان تي شفق اپري، سا سحر تون.

اسان جي ڀاڳ ۾ آهين، نه آهين،
اسان جي خواب ۾ آهين مگر تون.

وڃي تي سبز وادين ۾ اتاهين،
ورن وڪڙن سان گهيريل ڪا ڏگر تون.

اسان پروانه بڻجي، خاڪ تي پئون،
جلي پئين شمع وانگر، ها ـ اگر تون.

اَٿئي ساگر سمان 'طارق' يقين رک،
انهيءَ جو هر ڪنارو هر لهر تون.

❊

سمورا سوال رهجي ويا هوا ۾،
فقط احوال رهجي ويا هوا ۾.

هرڻ گم تي ويو آ جهنگلن ۾،
۽ پنيان ڇَالَ رهجي ويا هوا ۾.

تا جاڳن ڳوٺ ڳالهين جا اکين ۾،
اڌورا حال رهجي ويا هوا ۾.

سريلا ويا لڏي سنگيت ميڙي،
وساريل تال رهجي ويا هوا ۾.

هوا ميڙي وئي جو نيڻ هن جا
ٻُڙيون ۽ خال رهجي ويا هوا ۾.

❊

رات مدهوش تنهنجي وارن ۾
ڏينهن جاڳي پيو ستارن ۾.

يار جا رُوپ جهلملائن ٿا،
ديپَ جئن جئن جلن ٿا جارن ۾.

خوف بي خوف، ننڊ گهري ۾
نيڻ اوجاڳيل چارن ۾.

ورهيہ گذري ويا جوانيءَ جا،
ڳڻ اچي ڏينهن رات وارن ۾.

وڻ تہ ساڳيو اُتي ئي آ بيٺو
بس، سُڪو آ، شديد پارن ۾.

ويا پکيئڙا جوان ٿي اُڏري،
يلجي آکيرا، پنهنجا ڏارن ۾.

❊

مَنَ تي ڇانيو مونجهارو
عشق ڇوي ٿو تنها رو.

موسمَ گُلَ ڪان اڪِ ڦيري،
پَنَ ڇَڻ ٿيو، سر ڪو ڇارو.

لهرن تي خالي ٻيڙي،
ڪينجهر، مان، تنها تارو.

هر ڪڙڪي تي دل ڌڙڪي،
آئيني تي جيئن پارو.

تون جي ناهين او سائڻ،
چَنڊُ لڳي ٿو ويچارو.

درد، وڇوڙي جي ماکي،
دل ۾ جوڙيو مانارو.

وستي، وستي، سئن هٽي،
سچ ونڊي ٿو وڻجارو.

اڪ ۾ خوابُ هيس روشن،
پاڻ اجهاٽل هو سارو.

*

ڪوئي ناهي، جو اکيون چار ڪري،
هِنَ مسافر سان ڪُلي پيار ڪري

وقت، تلوار جان ڪپي ڪوري،
پيو زماني کي ڏار ڏار ڪري

لوڻ زخمن تي مُرڪ آ تنهنجي،
ربُ، تو جهڙو نہ غمخوار ڪري

پنهنجي دردن کي انين ورايان جيئن،
ڏڻ پنيان، هوڪرا ڏنار ڪري

چانءِ ڏرتيءَ جي لئہ چڏيو توري،
هيءَ گذارش تو مڻ جو ڏار ڪري،

روز هاڪر چڏي وجي تو لاش۔
روز اخبار سوڳوار ڪري

❊

## خواب اسان جا...

ڏهه ڪلو اٽي جي خاطر
خواب اسان جا
قطارن ۾ بيٺل آهن
پڙوا ۽ بيغيرت ليڪ
ڦرٽين ڪرسين
تي ويهن ٿا
ڪيئن نه گهري ننڊ سمهن ٿا
اعليٰ منصب تي ويٺ جا پير چٽن ٿا!
خواب اسان جا راهه رلن ٿا
مائن جهڙا خواب مقدس
رستن تي بي عزت ٿين ٿا!
حيران حيران چونڪ ڏسن ٿا
۽ شهرن کي ماٺ لڳي ٿي
هڪ ڪلو جي ڪنڊ جي خاطر
خواب اسان جا ڌاڪو ڌاڪو
هيٺ ڪرن ٿا.
لٽن هيٺان ڍير ٿين ٿا
دم گهُٽجڻ سان ساهه ڏين ٿا
پوڙها نوڙها ڏاها ماڻهو
سرڪاري سونن ٻلن ۾ چَپ چهٽائي
چُپ رهن ٿا!

عيد اچي ٿي
قبرستان ۾ رش وڌي ٿي
هٿ ڪڇن ٿا
۽ ڪنهن جو ياد جو ڪانُ ڪپي ٿو
ڇاتيءَ آرؤن پار ٿئي ٿو۔

لڙڪ لڙن ٿا
بارش ٿئي ٿي
۽ بارش ۾
رات پڃي ٿي
ننڊ نري ٿي!
اڌ اگهاڙا خواب ڏکن ٿا
هڪ هڪ تي بيهوش ٿين ٿا
ٽي وي جي هر چئنل آڏو
خوابن جا سوداگر ساڳيا
خوابن جي بازار لڳائي
ٻَڪ ٻَڪ ڪن ٿا!
ڪوڙا سالا
رات ٽيڙ سان پيري پيالا
ناچ ڏسن ٿا
ٿهڪ ڏين ٿا
هئنگ اوور ٿي
خواب اسان جن جي ٻست بن ۾
اُلٽيون ڪن ٿا!

خواب اسان جا
اڊڙيل ڦڊڙيل
پيٽ بکايل، انگ اگهاڙا
جن لئه ڏرڙ ڏِهاڙا اهڙا
تيز ڏار جي خنجر جهڙا
گلو ڪٽين ٿا،
دل ۾ جڙ پيوست ٿين ٿا
صدين کان تذليل سهن ٿا
پوءِ به الاءِ ڇو نه مرن ٿا ـ
خواب اسان جا...!!

# هو اڪيلوئي نہ هو!

جنازو ڪڍيو ۽
لهي ويو قبر ۾!
مٽيءَ سان ملي ويو
اهو شخص جيڪو
ٺهڪ هو
هيو سڏ پڙاڏو
۽ تاريخ جي ڪنهن
حسين باب جهڙو!
نہ جنهن هئي هلائي ڪڏهن ڪا بہ گولي
نہ فتنو نہ فتوا!
محبت جي گيڙو
حسين شام جهڙو!
مزارن تي وينل
ڪبوتر جيان پاڻ ۾ گم
خدا جي وليءَ جي مجاور
سمان۔
۽ جنهن کي تڪيندو رهيو آسمان.
صبح جنهن جو پيءُ هو
۽ هئي رات جنهن جي امان
شام هن جي هئي،
وچڙيل پريتما!
هُو اڪيلو هيو
هو جڏهن۔
۽ ناهي جڏهن
تڏهن بہ،
هو اڪيلو ئي نہ آهي!

هن جي آلي مٽيءَ جي مٽان
هن جو پاڇو
ستارن ڀريل آسمان کي تڪي پيو
ڏسي پيو زمين کي
جهان کي.

جنازو ڪڇي ۾ لهي ويو
قبر ۾
مٽيءَ سان ملي ويو
مگر هن جو پاڇو
مُرڪندو تو رهي
پاڻ تي،
پاڻ جهڙن ٻين تي
هيا جيڪي
هاڻي جي ناهن
"نہ رهندو ڪوئي..."
چپن ۾ تو پڙڪي
جيئين شام جي پهر ۾
ڪائي ڪونج ڪڙڪي
نہ رهندو ڪوئي
هو چپن ۾ چوي تو
۽ لهي تو وڃي رات جي
پهر ۾
قبر جي شهر ۾
جنهن جي سنسان ڳلين ۾
گمنام پاڇن جا پهرا
حراسيل حراسيل ۽ حيران
رهن ٿا
ڳلين ۾ تڪيندا
رهن ٿا

نگاهن جا بي عڪس پاچا
جهپيندا رهن ٿا!!

❊

## ابتي ڳٽپ

ٻاونجاهہ سال گذري چڪا آهن
ٻارَ مان ٻڍاپ ڏانهن مائل ٿيندي
ڪو وقت هو...
جڏهن هرڻ وانگي چونڪڙيون ڀرڻ کان پوءِ بہ
دل جي نديءَ ۾ رت جون لهرون سانتيڪيون
رهنديون هيون...
اڄ حالتن منهنجي وجود جي تيز رفتار هرڻ کي
زخمي ڪري وڌو آهي
۽ هو مصلحتن جي جهت ۾ پاڻُ لڪائي
اونهان ساهہ کڻي رهيو آهي
منهنجن ڪروڙين سال قديم نيڻن جي واديءَ ۾
وڇوڙن جي ڏنڌ
مون کي اڄ چِتو ڏسڻ جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي...
منهنجي يادن ۾...
نانءَ ۽ چهرا اڳتي پوئتي ٿي
منهنجي ذهن سان لِڪَ لڪوٽي کيڏڻ لڳا آهن
۽ حالتون سڌرڻ بجاءِ
ڪالهہ کان وڌيڪ ابتر ٿي ويون آهن...
منهنجي ماستر پيءُ جي جناح ڪئپ
زنجير واري واچ ۽ عينڪ
سندس مُئي پڄاڻان
ڪرائي جي سستن گهرن جي لڏ پلاڻ ۾
وڃائجي چڪيون آهن

جن جي وڃائجي وڃڻ جو ڊک
رکي رکي،
منهنجي دل کي پوسرائيندو رهندو آهي.
اسان جون اميدون، سهڻن نعرن جي سيلاب ۾
الهه تلهه لوڙهي چڪيون آهن.
تبديل ڪجهه به ٿيڻو ناهي،
سواءِ سيڏي جي اگهن ۾ واڌ جي،
بيروزگاري، بيماري ۽ تنهنجي منهنجي بارَ مان بيڊو بڻجي
واري واري موت جو منتظر ٿيڻ جي.
هو سڀ،
گذريل ٽيهٺ سالن کان
خود سريءَ جي گهوڙن تي چڙهي
هن مقدس ڌرتيءَ کي رڍ سمجهي
”بُزڪشي“ راند کيڏي رهيا آهن.
اسان سڀ
هن طويل ناٽڪ جا مظلوم ڪردار به آهيون
تہ تماشائي بہ آهيون-
گهڙي تي ويو...
هاڻي حياتيءَ جي ابتي ڳڻپ شروع ٿيڻ گهرجي!

*



# خودڪشي ڪندڙ نسل جو ڪهاڻيڪار

شوڪت حسين شورو



طارق عالم روسي شاعر رسول حمزه توف سان گڏ

1947ع جو ورهاڱو جنهن ۾ سموري سنڌ جي شڪل دونهاتجي وئي هئي ۽ سنڌ مالِ غنيمت بنجي وئي، هندستان کان آيل ڪٽڪ سنڌ جي وڏن شهرن تي قبضو ڪري ويا ۽ سنڌ جي ڌرتي لانگ بوٽن سان لتاڙجڻ لڳي... ستن سالن کان پوءِ زوري مڙهيل ون يونٽ، جنهن ۾ سنڌ جي سڃاڻپ هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪئي وئي- بقول شيخ اياز ”سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو چڻ ڪاريهر تي پير پيو.“ هي اهو دور هو جنهن ۾ سنڌي زبان تي ڪات ڪهاڙا اُيا هئا ۽ سنڌي نوجوان وڏيون نوڪريون تہ پري رهيون، رڳو ماستري ۽ ڪلارڪيءَ جي لاءِ سرڪاري آفيسن جي درن تي ڌڪا ۽ دڙڪا کائيندا رهيا.

1970ع ۾ جڏهن ون يونٽ ٽٽو تہ سنڌي ماڻهن خاص طور ان دور جي نئين نسل ۾ اهي اميدون جاڳي اٿيون تہ سنڌ جي مالڪي هاڻي سنڌين هٿن ۾ هوندي، سنڌين کسيل حقن جو ازالو ٿيندو. پر اهي سموريون اميدون شيشي جيان ٽڙڪي پچي پور پور تي ويون. سنڌ کي رڳو سنڌس سڪڻو نالو مليو. باقي سنڌ اهائي ساڳيءَ ريت مالِ غنيمت هئي. سنڌ جا نوجوان هاڻي پنهنجن سنڌي وزيرن ۽ ڪامورن جي درن تي ڌڪا کائيندا، رستن تي رولاڪ بنجي رلندا رهيا. منجهن مايوسي ۽ فرسٽريشن هيڪاري وڌي وئي هئي. انهن حالتن سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو. طارق عالم جيتوڻيڪ ڪجهه دير کان پوءِ لکڻ شروع ڪيو هو پر سندس تعلق نئين ٽهيءَ جي انهن جديد ڪهاڻيڪارن سان هو جيڪي پاڻ محرومين ۽ فرسٽريشن جو شڪار هئا.

طارق عالم جي اڪثر ڪهاڻين جا ڪردار هيڪل ۽ وياڪل، ڊپريشن ۽ فرسٽريشن ۾ ورتل، معاشري ۾ محرومين جا لاش ڪلهن تي کڻي هلندڙ ۽ اڻپورا، اڻ تعبير خواب اکين ۾ تنگي هلڻ وارا حساس نوجوان آهن. انهن پڙهيل لکيل ۽ ذهين سنڌي نوجوانن جي لاءِ اڳتي وڌڻ جار ستا اڳ ۾ به بند هئا ۽ هاڻي به بند آهن. طارق عالم جي ڪهاڻي "پيلو ڏنڊ" نه رڳو هڪ خاص طور جي نمائنده ڪهاڻي آهي. پر پيڙا جي شدت واري بيان جي لحاظ کان به هڪ سگهاري ڪهاڻي ليکي سگهجي ٿي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار سنڌي نوجوانن جي مايوسين جي جيئري جاڳندي شڪل آهي. هن جون محروميون ان انتها تي پهتل آهن جو "دڪانن جي ٻاهران فِٽ ڪيل نفيس بيلجيم جي شيشن وارن شوڪيسن ۾ انهن جي پٺ ۾ سجائي رکيل شو پيسن ڏانهن ڏسندي، دل تي چاهيس ته جيڪر شيشن کي هڪ زوردار مُڪ هڻي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏي. تڙاس، مُڪ هڻڻ سان شيشا ٽٽندا وڃن، ڇن ڇنن ڇنن." پنهنجين اڻ سهندڙ حالتن ۽ معاشري جي خلاف اهو هڪ غير معمولي ذهني رد عمل آهي. ان حد تائين جو ڪردار جي من ۾ موت جي دهشت به ختم ٿي چڪي آهي.

"موت کان ته ڊپ ئي نه ٿيندو اٿس. هڪ ڀيرو جڏهن زڪام تي پيو هوس ۽ ٿُڪ ۾ رت جا ڳاڙها ذرا ياقوت جيان چمڪندي ڏٺا هئائين، ته دهشت ۾ اچڻ بجاءِ ڏاڍو آٿت آيو هئس. ٺيڪ آهي، پاڻ جلدي جان آجي ٿيندي، هونءَ به مون جهڙي جي جڳ کي ضرورت به ڪهڙي آهي؟"

ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن مان سنڌي نوجوان پنهنجين اکين ۾ سهڻا خواب سجائي، جڏهن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جهڙن وڏن شهرن ۾ اچن ٿا، تڏهن اتي فرسٽيشن جي پيلي ڏنڊ سندن آجيان ڪري ٿي. طارق عالم پاڻ به اهڙي ڏکوئيندڙ صورتحال مان گذريو آهي، بلڪ ان دور جي ٽهيءَ جا سمورا جديد ڪهاڻيڪار ان موتمار صورتحال مان لنگهيا آهن. ڪڏهن هنن ڪراچيءَ جي روڊن تي رولاڪ بڻجي پيلي ڏنڊ جي ڪردار وانگر پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو هوندو: "سڀ ڪوڙ آهي، بڪواس آهي، جيون جي هر پل جو پل. ها... ايندڙ گذرندڙ ۽ گذري ويندڙ هر ساعت سٽيل آهي اذيت سان. جيون مُٺل آهي، ان ڪتي جهڙو جيڪو پيل آهي فوٽ پاٿ مٿان ٽنگون تيڙيون ٽن ڏينهن کان، پر ڪوبه نڪ تي ڪپڙو ڏئي، ان کي ٽنگ کان جهلي گهلي اڇلائي نٿو ڇڏي مٿان. ڪوبه نه. ميونسپل ڪارپوريشن وارا به نه. جيون... گندو گٽر، جنهن ۾ انساني ڪونپل ڪلين جهڙيون خواهشون، آشائون، نراشائون گند بڻجي لڙهي رهيون آهن." هو ڇٽن ڪلاڪن کان هلندو رهيو آهي. مختلف رستن تان، گهٽين مان، به گهر هوندي به. هڪ اصلوڪو پراڻو گهر جنهن ۾ ماڻس، به ڀينر ۽ ڪانئس وڏو ڀيو نمبر ياءُ رهندا آهن. ڊفينس سوسائٽي

واري نئين گهر ۾ وڏو ٿئي، ڀاڄائي ۽ ڀائٽيو رهندو اٿس. انهن ٻنهي گهرن هوندي به هن جو ڪو گهر ناهي. ان ڪري جو هو بيروزگار آهي. بار آهي هڪ قسم جو. هاسٽل ۾ رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ويلا بک ڪاٽيندو آهي. هن جي لاءِ "سڀ رشتا ڪچن ڌاڳن جهڙا. ٿوري به ڇڪ آئي ۽ ٽڙاڪ. پوءِ سڀ ڪجهه اوپرو..." (پيلو ڏنڊ)

"آدم، سمنڊ، خوشبو" جو ڪردار هميشه ايندڙ ڏک لاءِ ئي سوچي ٿو. نه ايندڙ سک لاءِ! هن جي من ڪي هميشه اهو اُلڪو هوندو آهي ته "هر ايندڙ وقت ڪنهن نه ڪنهن ڏک کي ڏنڊا بيڙيون هنيون. پاڻ سان گڏ وٺيون پيو اچي." طارق عالم جا نوجوان ڪردار سوچين ٿا ۽ ٻوڙين ٿا (رات، سانت ۽ سوچون).

"ٽرئجڊي" ڪهاڻيءَ جو ڪردار اليڪٽرانڪس ۾ انجنيئرنگ جو امتحان پاس ڪيل آهي. پر هن وٽ ڪا سفارش ڪانهي نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ. هن کي اها ڳالهه شدت سان محسوس ٿئي ٿي ته سندس پيءُ مرڻ ۾ بيحد تڪڙ کان ڪم ورتو هو. "بابا کي گهٽ ۾ گهٽ چار مهينا اڃا جيئڻ کپندو هو. هاڻ ڪوبه ته پنهنجو نه رهيو آهي بابا جي مري وڃڻ کان پوءِ. جڻ سڀ سڃاڻپون مري ٺري آنرجي ويون آهن..." هو انٽرويو ڏئي ڏئي ٿڪجي پئي ٿو. خودڪشي ڪرڻ مهل سرڪڻ ڦاهي پنهنجي ڳلي ۾ وجهي هن کي پنهنجي سنڌي هجڻ جو بيحد شدت سان احساس ٿيڻ لڳي ٿو. "ڪيس اهڙي قسم جو احساس هر انٽرويو ڏيڻ کان پوءِ آفيس کان ٽڙندڙ وکن سان نڪري فٽ پاٿ تي اچي اڪثر ٿيو هو... آفيس کان ٻاهر نڪرندي، هن کي محسوس ٿيندو هو جڻ هو ڪو شودر هو ۽ شهر جي آفيس ڏانهن ويندڙ سمورا رستا جڻ آرين لاءِ ٺاهيا ويا هئا!" هر انٽرويو ڏيڻ کان پوءِ هو سوچي ٿو ته "جيڪر هو ڪو ٻيو هجي ها..." جڻ سنڌي هجڻ ڪو وڏو ڏوهه هجي هن ملڪ ۾! خودڪشي ڪرڻ کان اڳ هو "بند ڪمري جي ڪوهه ۾ زندگيءَ کان ٿمتار هڪ مضبوط ٿهڪ ڏيڻ چاهي ٿو. پنهنجين سمورين ناڪامين ۽ مايوسين کي وساري."

"هن وات کولي ٿهڪ ڏنو زور سان/ ڪجهه وڌيڪ زور آور/ ۽ ڪجهه وڌيڪ ڀرپور. پر هن کي حيرت ٿي. هر طرف ڪمري جي اونهين اڌ اونداهي کوهه ۾ ڳرا ڳرا سڏڪا هٿوراڙيون ڏئي ٻڏي ويا!"

"ڪنٽيل سلسلو" ڪهاڻيءَ جو ايڪيهن سالن جو ڳڀرو قدآور جوان، مضبوط هائي، ڪنهن ڪاڏ براءِ فلم جو ارڏو ڪردار 'سين' پنهنجي اندر جي پيچ ڊاهه جو شڪار آهي. هن پنهنجي ڊائري ۾ لکيو هو ته "اسان کي اهڙيءَ زندگيءَ مان ڇا حاصل جنهن ۾ اسان ڪنهن کي پنهنجو به چئي نٿا سگهون. ايستائين جو پنهنجو پاڻ کي به

هن دنيا ۾ پنهنجو چوڻ ڏکيو ٿي پيو آهي.“ پوءِ هن خالي ڪيپسول ۾ زهر جو سفوف ڀري، کائي ڇڏيو.

طارق عالم هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نهايت اهم ۽ چڀندڙ سوال پڇيو آهي: ”ڇا اسان جو نسل خودڪشي ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي؟“ هن اهو سوال گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ پڇيو هو ۽ هاڻي 21 صديءَ جي 11 سالن گذرڻ کان پوءِ به اهو ساڳيو سوال ڳڀ ڪنيو بيٺو آهي. هن وقت سنڌ ۾ نوجوانن جي خودڪشي ڪرڻ جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. جڏهن راجا رند روزگار جي لاءِ جاکوڙ ڪندي، ڪنڌياري کان اسلام آباد پهچي ٿو ۽ نيٺ مايوس ٿي پارليامينٽ جي اڳيان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ماري ڇڏي ٿو. جڏهن نصير آباد لاڙڪاڻي جو نوجوان نبي بخش سهو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مان اسسٽنٽ رجسٽرار ڪو آپريٽو سوسائٽيز جي پوسٽ جو امتحان پاس ڪري، 11 مهينا آرڊر لاءِ ڌڪا کائڻ بعد بيروزگاريءَ کان تنگ اچي پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري، خودڪشي ڪري ڇڏي ٿو تڏهن طارق عالم جو اهو سوال ٽپندڙ سج جيان سوا نيزي پاند تي اچي بيهي ٿو:

”ڇا اسان جو نسل خودڪشي ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي؟“

✦✦



طارق عالم، مختيار ملڪ، حسن درس ۽ اسحاق سميجو پي ٽي وي جي هڪ مشاعري ۾



# تنهنجي ڳولا تنهنجيون ڳالهيون، صبح و شام!

نصير مرزا

طارق بابت هن "ياد سفر" کي پڙهڻ کان پهرين، پاڻ کي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي اينٽرنس لڳ ڏاڪڻين وٽ ٿوريءَ دير جي لاءِ ترسڻو آهي.

ڇو!؟

۽ اهو ان لاءِ جو هن هنڌ تي آئون ياد جو هڪ ڏيئو ٻارڻ ٿو چاهيان.

جي ها! طارق عالم ابڙي سان پهرين ڏيڍو ملاقات جي ياد ۾ هڪڙو ياد جو ڏيئو.

قيس عالم ۽ آئون... پنهنجي سائين نثار حسينيءَ سان سنڌس آفيس ۾ مليا، ان ڏينهن هيٺ پئي آياسين جو عين ان ڏاڪڻ جي پهرئين ڏاڪي وٽ هن کي مون ڏٺو.

۽ ڏٺو ڇا!؟

ٻـ ڌاري تلوار جيان دل ۾ لهي ٿي ته پيو هي ظالم!

جاڙا پيرون. سنها ساروپا. هلڪو ڦلڪو سمارٽ بدن. قد پورو پنو رنگ



رضيه طارق، طارق عالم ۽ نصير مرزا

سرائيڪي شاعريءَ وانگر سانوري ۽ پوءِ شرارتي نوع ۾ چپ چوريائين تہ جڻ مزاحيہ ۽ طنزيہ جملن جي جهڙوڪر ڀريل بندوق مون تي تاڻي بيٺي رهيو.

يا الله! نہ ڄاڻ، نہ سڃاڻ... هي ڪير نوجوان، جنهن جو اٿندي ئي آئون شڪار تي رهيو هيس.

ڏيا ڀريو ڏيا!

قيس بڌايو هي منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي. تڏهن وينتي ڪندي گذارش ڪئي مانس، اي اڻجاتل نوجوان! مون ۾ سهڻ ڪونهي...

۽ پوءِ عيني آپا جي ناول ”آخرِ شب ڪي همسفر“ جي ڪردار فرقان ابنِ ريحان وانگر، ”يان“ ڪندي، هٿ مٿي ڪٽي چوانس ٿو:

گُرو بابا! شانتي شانتي!

تڏهن کلندي چيائين... تہ پوءِ اي خوبصورت نوجوان... مون سان دوستي رک... هٿ ملاءِ، سِيز فائر!

سيز فائر. ۽ پوءِ اُهي ئي لفظ مون بہ دُهرايا.

......

يانيان ٿو اها، سن 1976ع جي ڳالهہ هوندي جو بنان ٽڪيٽ، طارق سان ان سمجهوتا ريل گاڏيءَ ۾ ٽپ ڏيئي، آئون چڙهي ويهي رهيو هيس.

۽پوءِ ٿيو ائين جو ان ئي ڏينهن کان ٻُلٽ ترين جيان اسان جي دوستي هوا ۾ اڏامڻ شروع ٿي وئي.

ياد اٿم، اهڙن ئي ڏينهن دوران هڪڙي ڏينهن. آگمر جي آفيس ۾ ويٺا هئاسين ۽ غالبن مون سنڌي ساهت مئگزين جا پروف ويني پڙهيا، جو نارائڻ شيام جي هڪڙي خوبصورت غزل تي نظر پيم. تڏهن يڪدم ان غزل جي شهہ رڳ سمان هڪڙي شعر تي آڱر رکندي، طارق کي چيو هوم:

”هي شعر ٿورو وڏي سُر پڙهي تہ ڏيکار. آئون ان کي تنهنجي حوالي سان پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪرڻ ٿو چاهيان“.

ڏنم، طارق پوءِ واقعي! ائين ئي ڪيو. ۽ شعر پڙهڻ شروع ڪري ڏنو:

الائي ڪهڙي بهاني اسان جو ساٿ ٻٽيو
اهو ٻٽيو ئي رهي شلَ ٽٽي نہ ساٿ اِهو.

۽ طارق سان اهو ساٿ جڙي ۽ پوري طرح سان پڪو پختو ٿي چڪو تہ هاڻي اسان سنڌ ياترا جي سلسلي ۾ پنهنجو ٻهريون گڏيل سفر شروع ڪيو.

سفرن جي اهڙي ٻهرئين مرحلي ۾ سڀ کان اول موهن جي دڙي جي ياترا لاءِ.

لاڙڪاڻي واري ريل ۾ چڙهياسين تہ اسان جو هي پهريون ئي سفر! ڇا تہ مزيدار ۽ پُراسرار ٿي پيو.

ڏنوسين: ريل لاڙڪاڻي اسٽيشن تي اچا بيني مس، جو اسان جي ڪمپارٽمينٽ جي دريءَ پرسان ڪوئي اڇنيي جهڙو ماڻهو اڳيان لنگهي ويو. غير معمولي قدآور ڪلهي تي ڳاڙهو پوتڙو بدن تي ڊگهي قميص، چيلهہ تي پٽاپٽي گوڏ ۽ ڪکن وارو چهبو هٿ ۾. ريل مان لهي، هاڻي سڌو جناح باغ سامهون، زيب سنڌيءَ جي سڳنڌ ڪتاب گهر تي پهتاسين.

تہ ڇا ڏسون! اهو ئي همراهہ هاڻي سندس دڪان جي اڳيان لنگهي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو... مون رڙ ڪئي... طارق اهو پُراسرار ماڻهو! عجب اتفاق، پوءِ موهن جي دڙي تي پهچي حيرت جهڙين گهٽين ۾ اچا اسان گهمي ئي رهيا هئاسين، تہ ڇا ڏسون... ڪنهن گهٽيءَ جي موڙ مان اهو ئي ماڻهو اوچتو ظاهر ٿيو.

ڪلهي تي پوتڙو ۽ اهو ئي چهبو هٿ ۾!

تڏهن آئون تہ ڊڄي ٿو وڃان.

يا الله! هي شرلاڪ هوم هتي بہ!

ڪٿي هي اسان جو پيڇو تہ ڪو نہ پيو ڪري.

"نہ!" طارق ڪلها، ونڪ (wink) ڪندي، خوش دليءَ سان وراڻي ٿو: "لڳي ٿو اسين ئي هن جي جاسوسي پيا ڪريون."

۽ پوءِ اها هڪ رات پلهڙيجيءَ ۾ رهي، لاڙڪاڻي مان موٽياسين تہ سکر ۽ ساڌ بيلي، فيض محل جو درشن ڪندا، هاڻي دادو ريلوي اسٽيشن تي لهي عابد مظهر سان ملڻ لاءِ باجاره ڏا هليا وڃون.

رات جو ستارن جي ترل رِل ۾ دير تائين کُليل آسمان هيٺان اوچتو ٻڌوسين، اُتي جي چڪيءَ مان مِٺو رسيلو آواز اچي رهيو هو.

ڪُ... ڪُ... ڪُ... ڪُ...

تڏهن صبح جي سمئہ ۾ دير دير تائين اهو آواز ڪنائي، اوچتو هڪ ٻئي جي مُنهن ۾ ڏسي، کلندي اهڙو ئي آواز پنهنجي پنهنجي وات مان اسين بہ ڪيڻ ٿا شروع ڪري ڏيون:

ڪُ... ڪُ... ڪُ... ڪُ...

ڪُ... ڪُ... ڪُ... ڪُ...

۽ بس ائين ڪندي، ڏنوسين ناشتي جي ٿِري هٿن تي رکي، لڏندو لمندو عابد مظهر ظاهر ٿيو.

۽ بابا، پوءِ تہ ڇا ٿيو جو طارق نہ ڪئي هم نہ ڪئي تَم..... هنڌ تان ٽپ ڏيئي

سڏ و وڃي عابد جي پيرن ۾ ڪِريو ۽ وات سان چوڻ لڳو:
ڪُ... ڪُ... ڪُ... ڪُ...

۽ پوءِ رهيو مون کان بہ نہ ٿيو فورن طارق جي تقليد شروع ڪري ڏنم. ٻڌم... کل ۾ غرق هاڻي عابد بہ اسان سان هم آواز هو:
ڪُ... ڪُ... ڪُ... ڪُ...

ياد اٿم، ان ڏينهن الائي ڪيتري دير تائين اهڙا ئي آواز چرين وانگي وات مان ڪڍي ٻارن وانگي اسين خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپياسين.

طارق کي اينٽڪ ٽائپ شين سان بہ بيحد ئي دلچسپي هوندي هئي. ڪوڏ، سپيون، نڪر ٿوبر، اُٺ جي کل مان ٺهيل ڪلر فل اسٽينڊ وارا ٽيبل لئمپ... رنگين شيشن واريون محرابي دريون، چينيءَ جا نفيس ٿانوَ...

۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ چوڻ لڳندو هو تون بہ منهنجي لاءِ ڪنهن اينٽڪ شئي وانگر آهين، نصير!

۽ حيدرآباد شهر جي آس پاس اهڙين شين کي مختلف هنڌن تي ڏسندي، هڪڙي ڏينهن خدا بخش ابڙي ڏانهن خيرشاھ جي پِڙ ڏانهن ويندي، چوٽڪي گهٽيءَ واري چاڙهي چڙهي، نَڪَ جي سِڌ ۾، شاهي بازار مان لنگهڻ لڳا هئاسين تہ ٻنهي پاسن کان اينڊڙ ويندڙ ماڻهن جي هجوم کي ڏسي، وچ رستي تي بيهي حيرانگيءَ مان هو مون کان پڇڻ لڳو هو:
"يار! هي سڀ ماڻهو اچن الائي ڪٿان ۽ وڃن الائي ڪيڏانهن پيا؟"

تڏهن کلي چوانس ٿو هي بہ اتان ئي پيا اچن پيارا! جتان پاڻ آيا آهيون ۽ اوڏانهن ئي پيا وڃن، جيڏانهن پاڻ کان اڳ وارا هليا ويا... ۽ هاڻي تہ خير، حيدرآباد واري ان شاهي بازار ۽ چوٽڪي گهٽيءَ جو نقشو ئي ڦري ويو آهي... پر هي رڳو شاهي بازار، چوٽڪي گهٽي ئي ڇا؟ پڪي قلعي وارو طارق ۽ منهنجو پسنديده اسپاٽ "قلعہ ميوزيم"، حيدرآباد جا سئنيما گهر، سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽي بئنڪ جي ڏاکڻ جا ڏاڪا، ڊي سي هائوس حيدرآباد جي بائونڊري وال جي اڳيان وارا املتاس جا وڻ... چوٽڪي گهٽيءَ جي فوٽ پاٿن وارا سيڪنڊ هينڊ ڪتابن جا اسٽال، ويسٽ ڪچا واري پوسٽ آفيس، ادا مدد علي سنڌيءَ جو "پڪي پيرَ درگاھ جي سامهون وارو "آشرم ۽ انهن مان ڪا پي جاءِ، هاڻي اُهين آهي ئي ڪٿي؟ جيئن طارق ۽ مون ان کي ڏٺو ۽ ماڻيو هو پر هي طارق جي زبان جي هيٺان اڻ کٽ چرچن جي هڪڙي فيڪٽري عجب ئي فٽ هوندي هئي. پر وري ساڳئي وقت طارق جي سياوَ ۾ سنجيدگي، بُردباري ۽ بيباڪي بہ تہ ڪمال جي هوندي هئي.

هن جي اک ۽ قلم جي نِب هيٺان لڳندو هئم، ڪائي گُجهي ڪئميرا لڳل آهي،

جنهن جي مدد سان، هو سنڌ جي هر سياستڪار ۽ جبرالٽر قلمڪار کي ڏسڻ سان نَئي سندن نيتن کان آگاهه ٿي ويندو هو. پوءِ موڊ ٿيندو هوس ته بي ڌڙڪ انهن بابت پنهنجي ڪالمر ـ ڪهاڻيءَ ۾ سندن بيخَ ڪني شروع ڪري ڏيندو هو يا پوءِ ڪنهن تقريب ۾ ڪنهن تقرير جو موقعو ملندو هوس ته اتي به هو انهن سيني بابت سڀ ڪجهه چئي وجي پار پوندو هو.۽ اهڙن موقعن تي جڏهن جڏهن به تقرير ڪري موٽي منهنجي پرسان واپس اچي ويهندو هو ته ڏڪندڙ آواز ۾ چوندو هو سانس:

”يه کا کهه رها تها بهائي؟“

نه پهه وراڻيندو هو:

”عجب کهه رها تها بهائي؟“

1978ع ڌاري طارق پنهنجو پهريون ٽيلي ناٽڪ ”چند رهين تو دور“ ڪمپليٽ ڪيو ته پهرين مون کي ان جو مسودو پڙهڻ لاءِ ڏنائين. پڙهي ورتم ته پڇيائين.: ”ڪيئن آهي؟“

وراڻيم: ”ڊراما ٽيلي ڪاسٽ هو گا تو ديکهنا، همارا تارا.... بهت چمڪي گا.“

80ع ڌاري پنهنجو خوبصورت ناول ”رهجي ويل منظر“ مڪمل ڪري پڙهڻ لاءِ ڏئي ويو ته ان کي پڙهي، جهڙوڪ ونجي ئي ويو هئس. ۽ صرف 23 (ٽيويهه) ورهين جي جمار ۾ طارق هي چيا ته لکي ورتو هو. ناول پڙهي پورو ڪيم ته مسودي جي پڇاڙيءَ واري پني تي لکي ڏنومانس:”طارق! سنڌ جي نوجوان پيڙهيءَ لاءِ تو هيءُ ناول ئي ناهي لکيو جڻ پنن تي محبت جو تاج محل ڪڙو ڪري ڇڏيو اٿئي.“

مون ڏٺو هو ته ڪتابن پڙهڻ بدران، طارق کي انگريزي فلمن ڏسڻ جو بيحد شوق هوندو هو. فلمون ڏسڻ جو ذوق ته مون کي به ڏاڍو هوندو هو پر صرف اردو پنجابي ۽ ميوزيڪل مووِيز جو. پر طارق جي حالت اها هئي جو شل نه ڪا ڪلاسڪ انگريزي مووي ڪنهن سئنيما ۾ لڳي. پوءِ ته سخت سيارو هجي يا ڏامر تتي يا ٻوڙان ٻوڙ مِينهن. سئنيما تو سئنيما مون کي به پاڻ سان وٺندو هو ڊوڙائيندو. ۽ ائين... ڪهڙيون ڪهڙيون نه پليون پليون فلمون مون طارق سان گڏجي ڏٺيون. ڊاڪٽرزواگو سمر آف فارٽي ٿُو دي گريجوئيٽ، بٽر فلاءِ، گنز آف نيوران، هنچ بيڪ آف ناٽرڊيم، لارينس آف عربيه، سن فلاور، سيمسن ڊيلائلا، ڪلو پيٽرا، ٽوئنٽي نفٽ آر، فال آف دي رومن ايمپائر..... ۽ بيون به الائي ڪهڙيون ڪهڙيون... افسوس... هاڻي ته اهي سئنيمائون ئي صفحئه هستيءَ تان ميٽجي چڪيون آهن، جن ۾ طارق سان گڏجي ڪڏهن مون اِهي سڀ فلمون، پيٽيزڪائيندي ۽ ڪوڪا ڪولا جون بوتلون پيئندي ڏٺيون هيون

۽ ڏهين اپريل سال 2011ع تي، (الاس!) پنهنجي 53هين سالگرهه واري ڏينهن.

طارق ڪيڏو نہ شديد ناچاڪ هو. تڏهن سِي-33 ۾ ملهائجندڙ سندس جنم ڏينهن تي، مون کيس بانو قدسيہ جو هڪڙو ڪتاب گفٽ ڪيو هو: "راهِ روان!"

ڪتاب جي ٽائيٽل تي لکيل اهي لفظ پڙهي نگاهون کڻي جهپڪي، آواز ۾ پيرا ڇپائين:

"راهِ روان... راهِ روان..."

تڏهن آواز ۾ هميشہ پيري خوش دليءَ سان همٿ ڏياريندي چوانس ٿو: "راهِ روان طارق لاءِ جاري آهي، جاري آهي ۽ جاري ٿي رهندي!"

۽ ان ٿي ڏينهن پوءِ طارق هڪ دفعو ٻيهر جيو هو، "آئرن جلد ازجلد هڪ ڪتاب لکڻ ٿو چاهيان تنهنجي ۽ حيدرآباد جي باري ۾...."

خوش ٿي چوانس ٿو: "اهو ڪتاب لکجي ويندو تہ ان جي لکڻ جي خوشيءَ ۾ قلم گاهہ مولا عليءَ تي آئون حاضريءَ جي مجلس ڪندس ۽ ان ڏينهن نياز بہ دل کولي ڪندس!"

"دنيا منهنجي آڏو هڪ ڪتاب وانگر آهي نصير..."

طارق ٻڌائيندو ٿو رهيو، "۽ تنهنجي ڀاڻي، آئون ان ڪتاب ۾ دنيا بابت بہ گهڻو ٿي ڪجهہ لکندس..."

(افسوس، طارق اهو اهم ڪتاب نہ لکي سگهيو ۽ مون سميت دنيا ان کي پڙهڻ جي مسرت کان محروم رهجي وئي.)

۽ ياد اٿم! طارق کي ريل ۽ ريل جو سفر ڪيڏو نہ هانت ڪندو هو. ۽ ريلوي پليٽ فارمن تي آواره گرديءَ ڪرڻ کان سواءِ، سندس ڪيئي اهڙا ليک ۽ ڪهاڻيون بہ مون کي سُجهن ٿيون، جن ۾ ريل سيٽي وڄائيندي، پٽن تي هلندي ٿي نظر اچي ۽ پويان اداسيون ڇڏي، دور خلائن ۾ گم ٿيندي ٿي محسوس ٿئي... ۽ ڄام شوري کان لاڙڪاڻي ۽ ڪوٽڙيءَ کان ڪراچيءَ تائين، طارق ڪيئن نہ مختلف ريلن ۾ مون کي بہ خوب خوب سير سفر ڪرايا هئا ۽ اهي بہ بنان ٽڪيٽ جي.

۽ يارهين جون 2011ع تي، طارق SUIT مان ڪنهن اجاتل ٽرين تي سوار ٿي جڏهن هليو ويو تہ لڳم، ٽالسٽاءِ جي اينا ڪريننا وانگر، اها ٽرين منهنجي مٿان بہ لنگهي... هلي وئي آهي.

بور خيس چوندو هو... زندگي هڪ درياهہ آهي... هڪ سفر... ۽ نہ کٽندڙ جنگہ..

۽ لاعلاج بيمارين سان جنگيون وڙهي وڙهي، بِلا آخر طارق! زندگيءَ جي "يڌ" جنهن ڏينهن هارائي ويٺو مون کي بورخيس جو هڪ جملو ياد پيو جيڪو هُن مرڻ کان ڪي ٿورا ڪلاڪ پهرين چيو هو:

"هيءَ منهنجي اِسٽڪ... منهنجو پرس ۽ ڪار جي چابي! ڇا ڪڏهن ڄاڻي بہ سگهندا تہ مان وڃي ڇڪو آهيان؟"

۽ طارق جي رائيٽنگ ٽئبل تي رکيل قلم... کليل نوٽ بُڪ... عينڪ ۽ ڪار جي چابي، چا هاڻي جاڻي چڪا آهن، تہ طارق وڃي چڪو آهي. ۽ آئون پانئيان! اجا ڪنهن کي بہ ڪائي خبر ڪانهي. ۽ اهي سڀ ان اميد سان آهن تہ طارق سنڌالاجي جي در وٽ ويهي، موبائيل تي ڪنهن نئين محبوبا سان ڏگهي ٽاڪ ۽ پوءِ واڪ ڪري، نيٽ موٽي ايندو- ۽ جڏهن موٽي ايندو تہ... سيئي شيون... پنهنجو پاڻ ئي راهِ روان تي اچي وينديون.

۽ قسم خدا جو... مون ناچيز نصير کي، ويٺي ويٺي، ڪنهن ڪنهن وقت اوچتو ئي اوچتو... هيءُ بہ خيال ايندو آهي تہ:

"طارق سدائين لاءِ ٽورئي هليو ويو آهي... پڪ سان تہ ڪنهن ريل تي شوقيہ چڙهي پيو هوندو."

تڏهن چاهيندو آهيان.... ڪنهن وقت ڇام شورو ريلوي اسٽيشن جي پليٽفارم تي وڃي ويهي رهان، هُن جي اچڻ جو انتظار ڪريان، جو هڪڙي ڏينهن هو اوچتو ڪنهن نہ ڪنهن ريل مان ضرور لهي پوندو.

۽ لهڻ سان، منهنجيون آليون اکيون اُگهي سڪ مان ڳرانڙي پائي... کلندي چوندو:

"ڪيڏو نہ انتظار ڪيو هوندئي منهنجو نصير...

ڏس!! آئون اچي ويو آهيان، پيارا!!!

هاڻي تہ خوش....!!!"

(تحرير هيٺ: طارق-ڪتاب جو هڪ باب)

OO



# طارق سان گذاريل آخري لمحا

رضيہ طارق ابڙو



طارق SIUT جي ICU وارڊ ۾ صاف ستري بيڊ تي اکيون بند ڪري ليٽيل هو. مان پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويٺي هن ڏانهن نهاريو پئي. هن اوچتو اکيون کولي مون ڏانهن ڏسندي چيو، "منهنجي عينڪ تہ ڏي". مان هڪدم اتي خاني مان عينڪ ڪڍي طارق کي پارائي، تہ چيائين، " تون ڏاڍي سٺي آهين". جواب ۾ مان چيو"ها ، توهان سٺا آهيو ان ڪري مان سٺي آهيان". منهنجي جواب تي چپن تي هلڪي مرڪ اچي ويس . " هتي 'سارنگا' رکيل هو نہ ؟" طارق پڇيو. مان سائيڊ ٽيبل تي رکيل سارنگا جو نئون پرچو جنهن ۾ طارق جي شاعري ڇپيل هئي، کيس کڻي ڏنو. سارنگا هٿ ۾ جهلي ڪجهہ دير ٽائيٽل کي ڏسندو رهيو پوءِ بنا ڪجهہ پڙهڻ جي ڪتاب جا ورق اٿلائيندو رهيو. آخر ۾ ڪتاب بند ڪري، هڪ پاسي رکي، اکيون بند ڪري ڇڏيائين. مون کي لڳو ڄڻ هن سڄو ڪتاب پڙهي ورتو هجي. ان کان اڳ جو مان ڪتاب بابت ڪجهہ پڇان، طارق کي اوچتو پنهنجو موبائل ياد اچي ويو. "منهنجو موبائيل ؟" مون جلديءَ سان

هن کي موبائيل هٿ ۾ ڏني تہ بنا سوچڻ جي موبائيل جي Keys کي دٻائيندو رهيو. مون پڇيو "ڪنهن جو نمبر ٿا ملائڻ چاهيو؟" منهنجي سوال تي مون ڏانهن خالي نظرن سان نهاري، فون رکي ڇڏيائين ۽ ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ويو. مان ٿوريءَ دير کان پوءِ وري پڇيو "طارق، ڪنهن جو نمبر ملائي ڏيان؟ ڪنهن سان ڳالهائڻ ٿا چاهيو؟"

"ڪنهن سان بہ نہ". طارق جواب ڏنو.

ان ڏينهن کان پوءِ طارق نہ ڪو ڪتاب گهريو ۽ نہ ئي فون... پر مون چاهيو پئي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن سان ڳالهائي. مان وقفي وقفي سان چوندي رهيس: ٻارن فون ڪيو آهي، توهان سان ڳالهائڻ ٿا چاهين. اديءَ جو فون آيو آهي ۽ دوستن جا نالا کڻندي رهيس. پر طارق ڪنهن سان بہ ڳالهائڻ لاءِ "ها" نہ ڪئي. ان ڏينهن طارق ڪتابن سان ۽ اسان سڀني سان جڻ تہ رابطو ختم ڪري ڇڏيو.

طارق جي ان خاموشيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ مان ٻارن کي اسپتال اچڻ لاءِ چيو ۽ طارق کي ٻڌايم، "سياڻي هالار ۽ لاهوت توهان سان ملڻ لاءِ اچن پيا". اهو ٻڌي طارق جي چهري تي خوشي ۽ اکين ۾ زندگي جاڳي پئي. هڪدم پڇيائين، "ڪنهن سان ايندا ۽ ڪڏهن ايندا ۽ ڪٿي ايندا؟"

"بس ۾... ۽ اڪيلا . هاڻي وڏا ٿي ويا آهن نہ". ٻئي ڏينهن طارق ٿوري ٿوري دير ۾ پڇندو رهيو. ڪٿي پهتا آهن؟ ڪيتري دير ۾ پهچندا؟

ٽين وڳي هالار ۽ لاهوت اسپتال جي وزيٽنگ هال ۾ پهتا. هو ٻئي اڳ بہ ٻہ ڀيرا اچي چڪا هئا. تڏهن طارق پاڻ پنهنجي وارڊ مان نڪري، وزيٽنگ هال ۾ اچي سڀني سان مليو هو. ڪچهريون ڪيون هئائين. پر هن ڀيري ايئن نہ ٿي سگهيو بلڪ مان ٻارن کي اسپتال جي مخصوص ڊريس پارائي طارق وٽ وارڊ ۾ وٺي آيس. ٻارن لاءِ بہ اها نئين ڳالهہ هئي. ٻار ، طارق کي بيڊ تي ليٽيل ڏسي خاموشيءَ سان ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان اچي طارق جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي، منهن ۾ نهارڻ لڳا. هٿن جي ڇهاءَ کي محسوس ڪري طارق اکيون کولي هنن ڏانهن نهاريو ۽ خاموش رهيو. شايد هن ٻارن کي نہ سڃاتو هو. ڇو تہ ٻارن جي منهن تي اسپتال وارو نقاب ٻڌل هو صرف اکيون پئي نظر آيون. مان ان خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو " طارق، هي هالار ۽ لاهوت آهن". منهنجي ان جملي تي طارق هڪدم غور سان ٻارن ڏانهن ڏٺو. مان ٻارن کي نقاب کي لاهڻ جو اشارو ڪيو. جيئن ئي هنن چهري تان نقاب هيٺ ڪيو تہ طارق کلندي چيو "اڙي... مان سڃاڻي ئي نہ سگهيس ٻنهي کي نقاب ۾". پوءِ اٿڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين،" يار هالار ڪمزوري وڌي وئي آهي. علاج تہ ٿئي پيو پر فائدو نٿو ٿئي. لاهوت . توکي پنهنجو نئون گٽار مليو؟ پريڪٽس ڪرين پيو؟" ايئن ٻارن سان ڪچهري ڪندو رهيو... ان دوران هو بار بار ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي پئي ويو. مون ڏٺو هالار ۽ لاهوت جي اکين ۾ لڙڪ ٽمڪي آيا هئا.

طارق بہ اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. شايد هو ٻارن جي اکين ۾ لڙڪ ڏسڻ نہ پيو چاهي. مان بہ هنن جي اکين ۾ آيل لڙڪن کي روڪي نہ پئي سگهيس. زندگيءَ جو پهريون ڏک هو جنهن ٻارن کي روئاري ڇڏيو هو. عجيب ماحول هو. اسان چارئي خاموشيءَ ۾ هڪ ٻئي کي دلاسا ڏيندا رهياسين.

مان وارڊ مان نڪري وزيٽنگ هال ۾ اچي ويس. ڪافي دير کان پوءِ هالار ۽ لاهوت بہ اتي اچي ويا. هالار مون کان پڇيو، "امي، انديا هلڻ ۾ دير ڇو پئي ٿي؟ جلدي هلون نہ..... بابا الاهي ڪمزور ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟" هالار جي اکين مان لڙڪ بہ وهندا رهيا، سوال بہ ڪندو رهيو. پوءِ مان ٻارن کي طارق بابت اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو جيڪو مون کي ڊاڪٽرن ٻڌايو هو. هنن ٻارن کي ڪجهہ بہ سمجهائڻ جي اسان کي ڪڏهن بہ ضرورت نہ پوندي آهي. بس هنن کي ٻڌائبو آهي ۽ هو بنا ڪو سوال ڪرڻ جي سمجهي ويندا آهن. ان وقت بہ طارق بابت منهنجي ڳالهہ ٻڌي ڪو بہ سوال نہ ڪيائون. بس هنن جي اکين مان لڙڪ وهندا رهيا ۽ خاموش رهيا.

ٻارن جي تربيت ۾ مون کان وڌيڪ طارق جو وڏو هٿ هو. هن وٽ ۾ وٽ ٻارن کي وقت ڏنو. ننڍي هوندي ٻارن جي هر خواهش کي پورو ڪرڻ هن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏيو هو. هميشہ ٻارن لاءِ سٺا ۽ مهانگا ڪپڙا، جوتا ۽ رانديڪا وٺي ايندو هو. "ايڏا مهانگا ڇو وٺندا آهيو؟" مان اعتراض ڪندي هيس تہ جواب ۾ چوندو هو. "ننڍپڻ ۾ منهنجا وڏا اينٽريون سنيون ۽ مهانگيون شيون منهنجي لاءِ نہ وٺي سگهيا. بس مان پري کان دوڪانن جي شوڪيسن ۾ انهن شين کي پيل ڏسندو هوس. هاڻي مان اهي سڀ شيون وٺي سگهان ٿو. پنهنجي لاءِ نہ، ٻارن لاءِ هو سٺا ڪپڙا، جوتا پائيندا، رانديڪن سان کيڏندا تہ مون کي خوشي ٿيندي ۽ منهنجي ننڍپڻ واري خواهش بہ پوري ٿيندي". هن جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ مون ڪڏهن بہ اعتراض نہ ڪيو. خريداري وقت طارق ۽ ٻار شيون پسند ڪندا، خريد ڪندا ۽ مان بل ادا ڪندي ويندي هيس. جيئن طارق ٻارن جون خواهشون پوريون ڪرڻ کي اهميت ڏيندو هو. ايئن ئي مان بہ طارق جي هر ڳالهہ کي مڃڻ، هر خواهش کي پورو ڪرڻ کي اوليت ڏيندي هيس. Risk کڻي بہ هن جي خواهش کي پورو ڪندي هيس.

جيئن هڪ ڏينهن اسپتال مان طارق مون کي فون ڪيو تہ، "سياڻي تون ۽ لاهوت اچي مون کي گهر وٺي هلو. ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجانءِ. مان ڊاڪٽر کان موڪل وٺي ڇڏي آهي." مون کي خبر هئي تہ هن وقت طارق جو اسپتال مان ٻاهر اچڻ صحيح نہ آهي. پر هن جي گهر اچڻ جي خواهش هئي ۽ مون کي پوري ڪرڻي هئي. ڇو تہ جيڪڏهن مان نہ ويندس تہ هو پاڻ اڪيلو اسپتال مان نڪري ايندو. ان صبح جو مان

۽ لاهوت ٽيڪسي ڪري اسپتال پهتاسين. اسپتال جي ڪاريڊور ۾ ئي ڊاڪٽر مجاهد ملي ويو. هن مون کي چيو "طارق ني ڇهُٽي لي هي. انهين آفيس ڪي ضروري ڪاغذات پي دستخط ڪرني هين شايد. اگر انهين لي جانا ضروري هي تو صرف ايڪ دن ڪي ليئي لي جائين، ورنہ نہ لي جائين." مان طارق جي ان بهاني کي هٿي ڏيندي چيو" هان طارق ڪا جانا ضروري هي". اسان طارق وٽ وارڊ ۾ پهتاسين تہ طارق بلڪل تيار ويٺو هو. طارق کي مون تي سئو سيڪڙو يقين هو تہ مان هن کي وٺڻ ضرور ايندس. اسان کي ڏسندي ئي پنهنجو بيگ کنيائين ۽ چيائين، "هلو تہ هن قيد خاني مان ٻاهر نڪرون . اسپتال ڪيڏي بہ سٺي ڇو نہ هجي، گهر جهڙو سڪون ۽ آرام نہ ملندو آهي". اسان اسپتال مان ٻاهر نڪري اچي ٽيڪسيءَ ۾ ويٺاسين. طارق سک جو ساهہ کنيو ۽ چوڻ لڳو "ڪيڏو سڪون آهي آزاديءَ ۾. اسپتال جي وارڊ ۾ قيد ٿي ويو هيس." پوءِ سڄي رستي ۾ طارق دوستن سان ڳالهائيندو رهيو. مستي مذاق ڪندو آيو پر ڪنهن کي بہ گهر اچڻ واري ڳالهہ نہ ٻڌايائين. مان طارق کي خوش ڏسي خوش بہ هيس ۽ پريشان بہ. تہ خير سان وقت گذري وڃي ۽ ڪنهن کي خبر بہ نہ پوي تہ طارق گهر آيو آهي. گهر پهچي طارق ڏاڍو خوش ۽ تازو توانو ٿي ويو هو. آرام ڪيائين، ٻارن سان ڪچهري ڪيائين، گهر ۾ مزي سان گهميو ڦريو. پنهنجي فيس بڪ کي بہ چيڪ ڪيائين. رات خير سان گذري. ٻئي ڏينهن صبح جو طارق پاڻ چيو "هاڻي واپس وڃڻ گهرجي، نہ تہ ڊاڪٽر ناراض ٿيندو. اڄ ڊائلاسز بہ ٿيڻي آهي". اهو طارق جو آخري ڀيرو گهر اچڻ ٿيو هو. ان کان پوءِ هو گهر نہ اچي سگهيو. مون کي ان ڳالهہ جي خوشي آهي تہ مان طارق کي ان جي خواهش مطابق گهر وٺي آيس.

پر 4 جون 2011ع تي مان طارق جي خواهش کي چاهيندي بہ پورو نہ ڪري سگهيس، جڏهن طارق اوچتو ڊاڪٽر کي انجيڪشن هڻڻ کان روڪيو دوا کائڻ کان انڪار ڪيو ۽ مون کي چيائين، "گاڏي گهراءِ، مون کي گهر وٺي هل. هاڻي هتي رهڻ اجايو آهي . شاهد (منهنجو ڀاءُ) کي فون ڪر تہ گاڏي ڪٽي اچي". مان ان وقت ئي طارق جي خواهش جو احترام ڪندي، پنهنجي ڀاءُ کي فون ڪري ڇڏيو. ۽ طارق ڊاڪٽر کي چئي رهيو هو. " ڊاڪٽر اب مجهي دوا ڪي ضرورت نهين. آپ سي جو هو سڪا آپ ني ڪيا، اب آپ بهي ڪچهہ نهين ڪر سڪتي. مين گهر جانا چاهتا هون. مين ني گاڑي منگوا لي هي. آپ مهرباني ڪر ڪي مجهي چهوڑ دين." ڊاڪٽر طارق کي سمجهائڻ لڳو پر هن تہ ڄڻ گهر وڃڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هجي. ٿوري ئي دير ۾ سڀ سينئر ڊاڪٽر وارڊ ۾ اچي ويا. سڀني تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر طارق نہ دوا وٺڻ لاءِ تيار هو نہ رهڻ لاءِ . ان ڏينهن مون کي احساس ٿيو تہ اسپتال جا سڀ ڊاڪٽر ۽

اسپتال جو بيو سڄو عملو طارق سان نہ رڳو پيار ڪن ٿا بلڪ هن جو احترام بہ ڪن ٿا. ڊاڪٽر مجاهد مون کان مشورو ورتو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي. مون ان کي صلاح ڏني تہ طارق کي ڊاڪٽر اديب رضوي صاحب ۽ ميڊم مهتاب راشدي ان ضد تان هٽائي سگهن ٿا. هنن فورن رضوي صاحب سان رابطو ڪيو. ٿوري ئي دير ۾ رضوي صاحب وارڊ ۾ آيو ۽ طارق جي پرسان اچي وينو. طارق هن کي ڏسي هڪدم هٿ ٻڌي چيو"سَر اب مجهي گهر جاني دين....." رضوي صاحب پيار سان پنهنجو هڪ هٿ طارق جي هٿن تي ۽ ٻيو هٿ طارق جي پيرن تي رکندي چيو " هماري دوستي 24 سال پراني هي. مين تمهين اس حالت مين ڪيسي جاني دون. مجهہ پي بهروسہ هي تو جاني ڪي ضد ڇهوڙدو. " طارق ڪجهہ نہ ڳالهايو. بس اکيون بند ڪري ڇڏيائين. پاڻ کي جڻ الله جي سپرد ڪري ڇڏيائين. رضوي صاحب ڊاڪٽر کي انجيڪشن هڻڻ جو اشارو ڪيو تہ طارق ڪو بہ احتجاج نہ ڪيو. ان ڏينهن کان پوءِ طارق نہ ڪجهہ گهريو. نہ ڪجهہ چيو. هن مڪمل خاموشي اختيار ڪري ڇڏي. طارق جي اها خاموشي منهنجي لاءِ خطري جو سائرن ٻڌجي وئي. مان طارق جي گهر وڃي وڃڻ واري خواهش کي پورو نہ ڪري سگهيس. مون جڏهن طارق کي ٻڌايو تہ شاهد آيو آهي تہ هن شاهد کي چيو ,"يار ڊاڪٽر موڪل نٿا ڏين. تو کي بہ تڪليف ڏنم. پر سنو ٿيندا اچي وئين. پنهنجي ملاقات ٿي وئي". ان کان پوءِ طارق جي طبيعت ۾ بهتري نہ آئي بلڪ اهو سڀ ڪجهہ ايئن ئي ٿيندو ويو جيئن طارق ڊاڪٽرن کي چيو هو. روزمره زندگيءَ ۾ بہ مون ڏٺو هو تہ طارق جيڪو چوندو هو ۽ جيئن چوندو هو. ايئن ئي ٿيندو هو.

طارق جيڪو وارڊ جو هردلعزيز مريض هو. وڏي ڊاڪٽر کان وٺي ننڍي ڪارڪن تائين سڀ هن کان متاثر هئا. صبح جو اچڻ وقت ۽ ڊيوٽي ختم ٿيڻ تائين فارغ وقت ۾ اچي ويهندا هئا. طارق جي مستي مذاق کي بہ انجواءِ ڪندا هئا. پر ان ڏينهن کان پوءِ طارق ڳالهائڻ گهٽ ڪري ڇڏيو. اسان جي ڪجهہ پڇڻ تي بہ مختصر جواب ڏيندو هو. ڊيوٽيءَ تي موجود سمورو اسٽاف بہ بار بار اچي طارق سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئو پر طارق انهن کي بہ اها ڀرپور موٽ نہ ڏيندو هو. وارڊ ۾ اداسي ڇانئجي وئي، هر چهرو ڏک ٻڌجندو پئي ويو ۽ مان... سيني جي هوندي بہ پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ويران ۽ صحرا ۾ ڀٽڪندي محسوس ڪيان پئي.

هڪ ڏينهن صبح جو طارق اوچتو ايئن ڳالهائڻ لڳو جڻ اسٽيج تي تقرير ڪندو هجي. هو چئي رهيو هو. " دوستو! مان اوهان سيني جو ٿورائتو آهيان . اوهان جا لک ٿورا, لک احسان... اوهان مون کي پيار ڏنو ان لاءِ. اوهان منهنجي علاج لاءِ ڪوششون ورتيون, ان لاءِ. مان اوهان جون مهربانيون وساري نٿو سگهان, ٿورا لاهي نٿو

سگهان، جيڪي سچي زندگي اوهان مون تي ڪندا رهيا. مان وڏو خوش نصيب آهيان جو مون کي پيار ڪرڻ وارا ۽ عزت ڏيڻ وارا دوست تمام گهڻا مليا. پر دوستو! مان هاڻي وڌيڪ جيئڻ نٿو چاهيان. ٿڪجي پيو آهيان. مان مايوس نہ آهيان. پر هن جمهوري حڪومت مايوس ڪيو آهي. خاص ڪري سنڌي ماڻهوءَ کي. هن حڪومت جي رويي اهو احساس ڏياريو آهي اسان کي، هنن جي دور ۾ پنهنجي سنڌي هجڻ تي فخر نہ ڪرڻ گهرجي. پر اسان کي همت ناهي هارڻي. اسان هڪ ٿي پنهنجي سنڌ ۽ ٻوليءَ کي بچائي سگهون ٿا. اسان جي قوم پرستن کي ڌار ڌار ٽوليون ٺاهڻ بجاءِ هڪ ٿي وڃڻ گهرجي.... مون کي سياست ڪرڻ ناهي ايندي، چو تہ مان ڪوڙ ناهيان ڳالهائي سگهندو ۽ سچ چوڻ کان رهي ناهيان سگهندو. سچ چوڻ ۾ سڪون ملندو آهي اوهان بہ..... “ طارق چڱي دير اهڙيون ڳالهيون ڪندو رهيو. آخر ۾ هٿ ٻڌي چيائين، ””اوهان سڀني دوستن جي مهرباني، اوهان مون کي ٻڌو، چڱو يا علي مدد.“ اهو چئي ويهاڻي کي ٽيڪ لڳائي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. مون اهو سڀ خاموشيءَ سان ٻڌو پئي. هاڻي مون کي سمجھہ ۾ نہ پيو اچي تہ مان ڇا ڪيان، طارق کي سڏيان يا نہ. مون کان رهيو نہ ٿيو ۽ مون طارق کي سڏيو. اکيون کولي مون ڏانهن ڏٺائين ۽ چيائين، ”مون جيڪو چيو تو ٻڌو. اهو تون دوستن کي ٻڌائي ڇڏجانءِ“.

ڏينهون ڏينهون ڪمزوريءَ ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو. هاڻي هو جيڪو بہ ڳالهائيندو هو، ٻارن بابت ڳالهائيندو هو. چوندو هو،” تون ڏاهي آهين، سياڻي آهين. ٻارن کي سنڀالي ويندينءَ ... هالار کي ... لاهوت کي ...“ مطلب تہ هر وقت ٻارن جو فڪر هوندو هيس. هو ٻارن سان بي پناھہ پيار ڪندو هو. جڏهن ٻار اڃا ڳالهائڻ سکيا هئا تہ طارق هنن سان ٻاتا ٻول ٻولي، نينگ ٽپا ڏيئي مختلف آواز ڪڍي انهن کي ريجهائيندو هو ۽ جڏهن ٻار ڳالهائڻ لڳا تہ انهن جي مرضيءَ مطابق راند ڪندو هو.



لاهوت طارق، طارق عالم، هالار طارق ۽ رضيہ طارق

هالار روز طارق سان راند ڪيڏندو هو جنهن ۾ هالار دوڪاندار ٿيندو هو ۽ طارق خريدار. هالار ڪڏهن ڪير وارو ٿي ايندو هو ڪڏهن چولن وارو. ڪڏهن پاڃيءَ وارو ته ڪڏهن وري مڇيءَ وارو ٿيندو هو. پوءِ هنن ٻنهي جي وچ ۾ مزيدار گفتگو ٿيندي هئي، جنهن جو اختتام گهر جي سيني پاتين جي ٿڪن سان ٿيندو هو. يا وري گهر جي ٻاهرئين ڏاڪي تي ويهي سپرهاءِ تان گذرندڙهر گاڏيءَ جا نوان نوان نالا طارق کي ٻڌائيندو هو. لاهوت وري شين بابت سوال گهڻا پڇندو هو منظرن ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. طارق هن کي آڳر ڪان جهلي پنڌ ئي پنڌ يونيورسٽيءَ جي انهن روڊن رستن تي گهمائيندو هو جن تان پاڻ گهمندو رهيو هو. ان وقت لاهوت ٽن سالن جو هو. جڏهن طارق هن کي يونيورسٽيءَ جي سينٽرل لائبريري، علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار، ماروي هاسٽل، جامع مسجد، وي سي هائوس، سنڌالاجي جهڙيون اهم عمارتون ڏيکاريون هيون ۽ انهن بابت معصوميت سان پڇيل سوالن جا مزيدارجواب به ڏنا هئا. جن تي لاهوت ڏاڍو کلندو هو ۽ ٻئي کلندا کلندا گهر موٽي ايندا هئا. طارق جيترو وقت گهر ۾ هوندو هو گهر ۾ ڄڻ ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو. ڪڏهن ڪنهن ڪنڊ مان ٽهڪن جي گونجار ٿيندي هئي، ڪڏهن گانا ڳائڻ جا آواز، ڪڏهن وڏي آواز ۾ ٽي وي تي ڪنهن بحث مباحثي وارو گوڙ ۽ ڪڏهن ٻارن سان راند ۽ مستي هوندي هئي. سنجيده صرف ان وقت ٿيندو هو جڏهن ڪو ڪتاب پڙهندو هو يا ڪجهه لکڻ جو ڪم ڪندو هو باقي سڄو وقت موج مستيءَ ۾ گذاريندو هو. ڪنهن کي چپ ويهڻ نه ڏيندو هو. مان گهر جي ڪنهن ڪم ۾ مصرف هوندي هيس ته مون کي تنگ ڪرڻ لاءِ اهو سڄو ڪم بگاڙي ڇڏيندو هو. ڌوتل ڪپڙا ويڙهيندي هيس ته انهن کي ڪولي ڪمري ۾ ڦهلائي ڇڏيندو هو. استري ڪيل هينگر ۾ لڳايل ڪپڙن کي هينگرن مان ڪڍي ڇڏيندو هو. مطلب ته طارق گهر جي ۽ اسان سڀني جي زندگي هو ۽ دوستن جي محفلن جي جان هو. اسپتال ۾ به هن سڀني کي پنهنجو ٻڌائي ڇڏيو هو.

۽ ان ڏينهن طارق اکيون بند ڪري خاموش ٿي ويو هو. ٽهڪ سانت ٿي ويا هئا، سُر گم ٿي ويا هئا، مستي مذاق تي ڄڻ جمود طاري ٿي ويو هو. بس صرف ذهن سجاڳ هو جيڪو اسان جي سڏ تي پنهنجن هٿن ۽ پيرن جي جنبش سان پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياري پيو. پوءِ ته اسان سڀني جا سڏ به گونگا ٿي ويا ۽ مان طارق جو سٽ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ان معجزي جي اميد ۾ ويٺي رهيس ته طارق مون کي سڏ ڪندو اکيون کولي مون کي ڏسندو. ڊاڪٽر مون کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چوندا هئا. پر مان طارق کان پري ڪيئن پئي ٿي سگهان. زندگيءَ جي هر موڙ تي مان هن سان گڏ هيس، پوءِ هتي ڪيئن ڇڏي وڃان طارق کي. ڊاڪٽر به منهنجي دل جي ڳالهه سمجهي ورتي. پوءِ هنن به مون کي طارق کان جدا نه ڪيو. پر قدرت جا فيصلا ته اٽل هوندا آهن. قدرت واري

مون کي طارق جي روپ ۾ اهڙو انمول تحفو ڏنو هو. جنهن منهنجي زندگيءَ ۾ لاتعداد خوشين جا رنگ ڀري ڇڏيا هئا. اهڙي نعمت عطا ڪئي هئي، جيڪا هن جي امانت هئي . ۽ امانت موٽائڻي پوندي آهي. ان وقت طارق منهنجن هٿن مان ڪسڪندو پئي ويو. مان چاهيندي به هن کي روڪي نه پئي سگهيس. مان پنهنجيون اکيون به بند ڪري ڇڏيون هيون. اوچتو ڊاڪٽر جي سڏ تي اکيون کولي نهاريو ۽ پوءِ هڪدم طارق ڏانهن ڏٺو. هن جي چهري تي سڪون ۽ چپن تي هلڪي مرڪ ڇانيل هئي.



# گم ٿي ويل منظر!

**تنوير جوڻيجو**

"آهي ڪي هُو ۾ تبديل ٿيڻ ۾ صرف هڪ لمحو لڳندو آهي، ماڻهو يادگيرين جي انبار هيٺان دٻجي ويندو آهي. ڪنهن ڇٽي ويل پن وانگي ڌور ڌسائن ۾ گم ٿي ويندو آهي، طارق پنهنجي لفظن، خيالن، خاڪن ۽ خوابن سميت اسان وٽ موجود آهي. طارق سان منهنجو قرب جو رشتو جيئن جڙيو تہ آخر تائين قائم رهيو. هو مون کي سدائين منهنجي گهر ياتين سمان لڳندو هو. طارق سندس سڄو خاندان، پائر، جاني ۽ هي قربائتو ڪٽنب اصلوڪي سنڌ جو اثاثو آهي.

طارق! جيئن جيئن وقت گذرندو تيئن تيئن تنهنجي ياد گهري ٿيندي ويندي، تون هڪ صوفي لاڪوفي ۽ مست الست ماڻهو هئين. قدرت ۽ فطرت توکي پنهنجي نرم ياڪر ۾ سدائين پيار ڪندي رهندي."

هي لفظ حسن درس لکيا هئا، طارق لاءِ پر انهيءَ رات اهڙو واقعو ٿيو جو هي سمورا لفظ جهڙوڪر حسن درس پنهنجي پاڻ لاءِ لکيا هجن. طارق کي "آهي مان هَو" ٿيڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳو هئو. پر حسن درس کي "هو" ٿيڻ ۾ ڪجهہ لمحا لڳا هئا. صبوح جو سچل ايف ايم تان خبر ٻڌي هئم دل ۽ ذهن جهٽڪو کاڌو "ٿيڻ ۽ اڻ ٿيڻ" واري ڪيفيت ۾ ٿي وي ڪوليم ۽ خبر زور شور سان هلي رهي هئي. ناز سهتو واقعي جا تفصيل ٻڌائي رهيو هئو. اعجاز وساڻ ۽ جبران زيب جون فونون آيون ۽ ڏک جو اظهار هئو!

حسن درس جنهن سان پهرين ملاقات ريڊيو تي ٿي هئي. پر پوءِ ڊپارٽمينٽ ۾ اعجاز وساڻ جي توسط سان ساڻس ملاقاتون ٿيون ۽ پوءِ حسن بہ جهڙوڪر منهنجو ٻچو منهنجو

دوست بڻجي ويو. ڊپارٽمينٽ جي هر پروگرام ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي ۽ ساٿي ٿي بيهندو هئو. سندس سهڪار ۽ ساٿ سان ڊپارٽمينٽ ڪيترا يادگار پروگرام ترتيب ڏنا.

حسن جي طبيعت جي بردباري لهجي جي گنڀيرتا، هر سينيئر ماڻهوءَ کي مان ۽ مرتبو ڏيڻ ۽ ٻئي جي دل ۽ جان سان مدد ڪرڻ وارا جذبا بي مثال هئا. ۽ خراج عقيدت طور ڪجهه سٽون حسن لاءِ دل جي چوڻ تي تحرير ڪيون اٿم. جيتوڻيڪ اسحاق، طارق تي لکڻ لاءِ چيو آهي. طارق سان شناسائي ٻاءِ صديءَ کان ٻه وڌيڪ عرصي تي مشتمل آهي. ۽ جيئن حسن درس لکيو ته "طارق جو ڪتنب سنڌ جو اثاثو آهي." سو هن ڪتنب ۾ ٽيلنٽ آهي، محبت آهي، مريادا آهي، نوڙت ۽ نهٺائي آهي. يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي دوران مارئي هاسٽل ۾ طارق جي وڏي ڀيڻ صبحان ابڙو سان ملاقات ٿي جيڪا ان وقت بي ايڊ جي شاگردياڻي هوندي هئي- ۽ اها ملاقات صبحان جي سياءُ، نياز نوڙت ۽ قرب باعث دوستيءَ ۾ تبديل ٿي- ۽ ايئن ياءُ مسرور سان ٻه قيس عالم جو دوستيءَ وارو رشتو جڙيو ۽ ادبي محفلن ۽ مجلسن ۾ طارق عالم کي ڏسڻ جو موقعو مليو. پر باقاعده Inter action واري صورتحال ان وقت جڙي، جڏهن طارق جي اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلرڪ طور پر ٿي ٿي ۽ ان وقت شايد طارق اجا انٽر پاس مس ڪئي هوندي پر حقيقت ۾ طارق کي انهيءَ سيٽ تي ويٺل ڏسي هڪ ڏک جو احساس پيدا ٿيو. ڇاڪاڻ ته ڊپارٽمينٽ ۾ وڌ کان وڌ ڊپارٽمينٽ سنڀالڻ جي جوابداري ڪلارڪ جي هوندي آهي. طارق هڪ ته عمر ۾ ننڍو هئو ۽ ٻيو سندس هم عمر دوست نصير مرزا، خدا بخش ابڙو ۽ ٻيا ساٿي شاگرديڻي واري آزاد زندگي گذاريندا هئا. ڪاريڊورس ۾ ڊڪ ڊوڙ گرلس ڪينٽين پرسان ڏاڪڻين تي ويهڻ، خان محمد پنهور جرنلزم ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين هئو. ان ڪري ڊپارٽمينٽ ٻه با رونق ۽ سرگرم هوندو هئو ۽ انهيءَ هلچل کان پري هڪ ماڻهوءَ کي قيد ڪري ويهارڻ هڪ اڻ وڻندڙ صورتحال هئي. ياد پيو اچيم هڪ واقعو. اسان جو چيئرمن شايد سائين سرور ميمڻ هئو يا شايد سائين نظام الدين هاليپوٽو. آفيس مان نڪتا ۽ طارق کي تلقين ڪري ويا ته "وينو ڊپارٽمينٽ سنڀالجانءِ" ڪاريڊور ۾ آءُ ٻه ٻئي هليس. ڏٺم ته طارق جو ڪو دوست آيو جنهن طارق کي ٻاهر اچڻ جو اشارو ڪيو. طارق ويچارگيءَ سان ڪنڌ سان ناڪار ڪئي. ۽ پوءِ مون کي ڏسي، آهستي سان پڇيائين ته "مان وڃان؟" پهريان ته داٻو ڏنومانس، "ڪا ضرورت ناهي." پر پوءِ سندس چهري جا تاثرات ڏسي چيم: "وڃ، وڃي عيش ڪر". منهنجو چوڻ ۽ طارق جو ڊڪ پائڻ، جيئن ڪنهن پکيءَ کي پڃري مان ٻاهر ڪڍيو آهي ۽ سندس اها خوشي ۽ اهي لمحا اڃا سوڏو وساري ناهيان سگهي.

ان زماني ۾ ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ ليڪچرار نادره جي اپوائنٽمينٽ ٿي هئي. شيخ اياز وارو ئي دور هئو. نادره سينٽ ميريز اسڪول ۾ ٽيچر هئي ۽ سندس Socialization پڻ انهيءَ ماحول جي هئي. خانداني پس منظر ٻه اعليٰ هئو. گوري چٽي، پڙهيل لکيل نادره برڻ بڻيادي

اعليٰ درجي جي خاتون لڳندي هئي. ڪپڙي لتي، ڳالهه ٻولهه ۾ زبردست. يونيورسٽيءَ جا ڪيترا ئي استادان پنهنجي مستي ۾ هوندا هئا. انهي خوبصورت احساس سنڌس ادائن کي اڃا به خوبصورتي بخشي هئي. ۽ اسان وارو طارق ته هڪ طرف نوجوان ۽ ٻئي طرف سونهن جو شيدائي. ان کي به ميڊم نادره گهڻو وڻندي هئي. هڪ وار منهنجي ڪتاب "امرت منجهه ڪڙاڻ" جي رونمائي ٿي. ان دور جا سمورا ليڪڪ تلڪ چاڙهيءَ تي واقع نيشنل سينٽر ۾ جمع هئا. نادره خوبصورت ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي. هن بوتل پي، ڪرسيءَ هيٺان رکي. طارق به نه ڪئي هَم نه تم، نادره جي بچايل ڪولڊ ڊرنڪ پي ويو. نادره هٿ جي لوڏ ۽ ادا سان کيس ڏٺو ۽ مرڪڻ لڳي. نصير مرزا کي به انهيءَ لقاءَ بي حد متاثر ڪيو ۽ هن به ريس ۾ منهنجي بوتل کڻي ۽ مون نصير جا ارادا ڏسندي، نصير کي نهڙات ڏنو. "هان هان ڇا پيو ڪرين، فضيلت ڪر." اهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن. محسوس ڪندي آهيان ته نصير مون کان لهرائيندو آهي. نادره جي ڳالهه پئي ڪيم، ته نادره کي ڳچيءَ هيٺان وڏو ڪارو مسو هوندو هو جيڪو سنڌس سونهن کي اڃا به سرس بنائيندو هئو. هڪ وار فيڪلٽي جي سيڪنڊ فلور وارين پڙين تي وينا هئاسين. نادره کلندي هسي ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو ته "جنهن کي هي مسو هوندو آ، ان جو موت غير طبعي ٿيندو آ." ۽ پوءِ سال کان پوءِ نادره مارجي وئي. بظاهر اخباري خبر اها لڳي ته "هن خودڪشي ڪئي هئي" ۽ اهڙو ساڳو ڪارو مسو بي نظير کي به ساڳيءَ جاءِ تي هو ۽ پوءِ بينظير به مارجي وئي. غير طبعي موت ٻنهي جو مقدر بڻيو ۽ ٿي سگهي ٿو ته ٻنهي جي موت ۾ ڪا هڪ جهڙائي به هجي!

جيتوڻيڪ ڊپارٽمينٽ مان طارق جي بدلي ٿي وئي ۽ ڊپارٽمينٽس جي شڪايتن تي نواز پٽي کيس گهرايو ۽ چند پٽي ته "اهڙيون حرڪتون ڪندين ته نوڪريءَ مان ڪڍندو مانءِ." ۽ طارق به جواب ۾ چيو ته "اهڙي پابنديءَ واري نوڪريءَ کان بس ڀلي. مان پاڻ اها نوڪري ڇڏيان ٿو." ۽ پوءِ اڪثر طارق دوستن سان ڪل مشڪري ڪندي اتي نظر ايندو هئو.

دوستن جي ٽوليءَ ۾ ڇوڪرا به هوندا هئا ته ڇوڪريون به. ۽ انهيءَ دور ۾ طارق جا رومانوي قصا عام طور ٻڌا ويندا هئا. ۽ انهيءَ دور ۾ سنڌس ناول "رهجي ويل منظر" شايع ٿيو ۽ انهي ناول انهيءَ دور ۾ هلچل مچائي ڇڏي سيني جي وات ناول جي وائي هئي. انهيءَ لاءِ نه ته ڪو ناول شاهڪار هئو پر ناول جا ڪردار ۽ واقعا ماڻهن جي آڏو هلندڙ هئا ۽ ايئن جو ايئن انهن جو ذڪر ڪيل هئو جنهن ۾ ڪا لڪ لڪوٽي يا پرده داري نه هئي. ۽ حيرت واري ڳالهه اها هئي ته اهو ناول ظفر حسن ڇپرايو ۽ سنڌس ماءُ جي نالي سان پبليڪيشن هئي. ادي خيرو ظفر حسن وٽ وئي. اهڙي ناول ڇپرائڻ تي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ته "هن قسم جي ناولن کي پروموٽ ڪري اوهان سنڌي ادب کي ڇا ڏيڻ چاهيو؟" نه رڳو اهو ناول پر هڪ ٻيو ناول جيڪو هڪ سينيئر اديب جي قلم جو نتيجو هئو جنهن سان سنڌس

ڪليگ اسلام آباد وئي هئي. ان سان گهاريل گهڙين جو سربستو احوال ان ناول ۾ موجود هئو. محبت ۾ گذاريل لمحا ٻن ڏرين جي امانت هوندا آهن. جن جي رکوالي ۾ رڪشا ڪرڻ ٻنهي ڌرين جو فرض آهي. محبت معتبر ۽ متاهين هوندي آهي. ان جو امين ٿبو آهي ۽ انهيءَ کي سرعام بازار ۾ نيلام ناهي ڪبو!

شادي طارق لاءِ ٽرننگ پوائنٽ هئي. شادي لاءِ بحيثيت لائيف پارٽنر. رضيه لاڙڪ جي چونڊ طارق جي ذهني بالغ پڻي جو ثبوت هئو. رضيه جو تعلق ڪنهن برگر فيمليءَ سان نه هئو نه وري رضيه ڪو فيشن ايبل ۽ ايڪسٽرا آرڊنري خوبصورت ۽ شو باز ڇوڪري هئي. جنهن زماني ۾ شيخ اياز يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿي آيو هئو ان وقت ساڻس گڏ سکر جا به ڪجهه شاناٿا ڪٽنب آيا هئا. هڪ عطا محمد ميمڻ وارا، جيڪو شيخ اياز جو پي اي مقرر ٿيو ۽ ٻيو جاويد لاڙڪ وارا. ٻنهي کي شيخ اياز پنهنجي ذاتي اسٽاف وارن بنگلن ۾ ڪوارٽرس ۾ جاءِ ڏني. جاويد ڪو وڏي عمر وارو جوان نه پر نوجوان هئو جنهن کي شيخ اياز يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڏني هئي. جاويد جي ماءُ هڪ شاناٿي، عزت دار ۽ اشراف خاتون هئي/ آهي. هن پنهنجي اولاد جي پرورش نهايت بهتر اصولن جي آڌار تي ڪئي. ٻارڙن کي ٻين اڳيان هٿ ڊگهيرڻ بجاءِ محنت ۾ عظمت جو درس ڏنو خودداري ۽ انا سان جيئڻ جو ڍنگ ڏنو. پاڻ سيبو ٽوپو ڪندي هئي. رضيه ۽ سندس ٻيون نياڻيون هڪ طرف ته سندس ڪم ۾ هٿ ونڊائيندڀون هيون، ٻئي طرف ٻارڙن کي ٽيوشن پڙهائيندڀون هيون. جڏهن ته عابد پڙهائيءَ سان گڏ ڪاٺ جو ڪم به ڪندو هئو ۽ شاهد به پڙهائيءَ جا خرچ پرڻ لاءِ پورهيا ڪندو هئو- ۽ رضيه جيئن ته پيدائشي آرٽسٽ هئي، ان ڪري سندس صلاحيتن جي آڌار تي ڪيس سنڌالاجيءَ جي نوڪري ملي ۽ ان عملي صلاحيت باعث سندس شخصيت ۾ بردباري ۽ سلجهاءُ هئو.

۽ شاديءَ جي حوالي سان هڪ طرف ته سنڌ جي روايتي طريقن موجب طارق جي پيءُ اڇي ڪيس پسند ڪيو ۽ ٻئي طرف مغربي نمونن پٽاندر ياءُ دارا. رضيه سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ته "منهنجو پاءُ مون کي بيحد پيارو آ. پر حقيقت اها به آهي ته هو لاپرواهه غير ذميوار آهي. نوڪري به نٿو ڪري اهڙي صورتحال ۾ تون ساڻس نڀائي سگهنديئن؟" رضيه جي توڪل رب تي هئي ۽ هن چيو ته "انهن مشڪلاتن کي منهن ڏينديس." ۽ پوءِ رضيه. طارق سان لائون لڏيون. محبتن جا خوبصورت لمحا ڪين ميسر آيا. جيڪي اڌارا يا وقتي نه. پر جيڪي سچ پچ ته سندن پنهنجا هئا. شادي کان اڳ رضيه هڪ شرط وڌو هئو ته "پنهنجي پگهار مان مائٽن کي ڏينديس جو انهن کي هن پگهار جي وڏيڪ ضرورت آهي." طارق رضيه جو اهو شرط قبول ڪيو. ڇاڪاڻ ته بنيادي طور طارق ۾ لوڀ لالچ وارا جراثيم موجود نه هئا.



# اوهان جا ٺهڪ اڏاڻا، پري پري تائين!

ادل سومرو

* طارق عالم ابڙي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرايو ويجي (هڪ اخباري خبر)

هي اهو بي معنيٰ جملو آهي، جيڪو فنڪارن، شاعرن ۽ اديبن جي حوالي سان، نهايت ويچارگيءَ واري انداز ۾ اخبارن سان چنبڙيل هوندو آهي.

طارق بابت توهان اِهو مطالبو پڙهيو.

اها ڪا نئين ڳالهه تہ ناهي. هو سدائين بيمار هوندو آهي. بس مڙئي پئسن ڪمائڻ جو طريقو آهي.

يلا هي فنڪار ۽ شاعر ايترا وڏي چوويا آهن!؟ (ادبي آلودگي وڌندي پئي وڃي.)

نياڳا بيمار بہ جلدي جلدي ٿا ٿين.

خوراڪ جي گهٽتائي، وري پيئڻ بہ ٿا. تورو ڪنگهہ ڪڙڪو ٿيو همراهہ اسپتال داخل.

ٽي وي چينلن جا واندا نمائندا ولر ڪيو پهچيو وڃن (ڪيمرا مين ڪريم



اسحاق سميجو، ادل سومرو، نصير مرزا، طارق عالم ۽ زيب سنڌي

بخش سان گڏ. مان آهيان رحيم بخش)

معاملن ۾... اهي سڀ نہ مرڻ جا بهانا آهن. جڏهن مان مري ويندس، ڪنهن تي بہ تہ احسانُ نہ ڪندس، ۽ اج جڏهن مان مري ويندس تہ ڪجهہ ساعتن بعد منهنجي وجود کي بہ ڪڏيو ويندو هن ٺي ڪمري مان بابا جيان ۽“

(سڃاڻپ جي ڳولا ۾، صفحو: 63)

•

**(11 جون 2011ع رات نائين وڳي ڌاري)**

سيل فون تي ميجر جو سُڏڪيل آواز.

”طارق هليو ويو، هميشہ لاءِ اسان کي ڇڏي“

زندگي جڻ بڪواس، سڀ بڪواس.

ڊاڪٽرن تہ سندس گهٽي پر گهور لڌي

خاص طور تي اديب رضويءَ.

مسيحا جو تصور جيڪڏهن ڪنهن سان جڙي ٿو تہ اهو ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي آهي.

بيا بہ اهڙا ڪافي ڊاڪٽر هوندا، پر گهڻا پئسي جي ڪڍ آهن. دوائن جي ڪمپنين جي ڪميشن ۽ فيمليءَ سميت غير ملڪي مفت دورا، مريضن جي تباهي ڀلي ٿئي، پر ڊاڪٽرن جي وفاداري دوائن جي ڪمپنين سان آهي. جيئن جيئن هنن جا غير ملڪي دورا وڌن ٿا، تيئن تيئن مريضن جي دورن ۾ اضافو ٿئي ٿو.

* ارپيم.

سائين نثار احمد نورانيءَ ۽

سائين سرجن اديب الحسن رضويءَ کي.

(جن جي شفقتن ۽ محبتن سبب اڄ نہ فقط جيئرو آهيان، بلڪ هڪ پٽ جو پيءُ بہ آهيان ۽ هن ڪتاب جو سرجيندڙ بہ).

”مورن اوچا ڳاٽ“ جي ارپنا.

انهن ٻنهي عظيم انسانن، طارق کي نئين زندگي بخشي ۽ هن خوبصورت رنگ ۽ منظر ڏٺا، پر آخرڪار سڀ منظر الوپ ٿي وڃن ٿا، رهجي ويل منظر.

•

**6 جون 2011**

”يار هاڻي تہ مون ۾ سگهہ ئي ناهي رهي. جسم مان جڻ تہ رت ختم ٿي چڪو آهي ۽ مان ڪنهن گهري کاهيءَ ڏانهن ڪرندو پيو وڃان. اوندهہ وڌي رهي آهي.“ (فون تي طارق جو جهيڻو آواز)

Dr. Adeeb Rizvi said, Tarique is going- Naseer Mirza.

"ماڻهو سدائين ملڻ لاءِ وچڙندا آهن ۽ اسان، هميشه وڇڙڻ لاءِ ملي رهيا هئاسون... لڙڪ نيڻن جي پليٽ فارم تي ڊچوڙو بڻجي رڙهي آيا هئا ۽ ڏک، گلي ۾ ريل جي سيٽي بڻجي ڦاسي پيو هو."

(رهجي ويل منظر، صفحو: 163)

جيڪي به ميت هيا، پن ڇڻ ۾ وڇڙي ويا
ڪجھ پاڇا گم تي ويا، ڪجھ پتا وکري ويا.

•

Parting is painful, its true

no parting is painful too but oh, that gives greatest pain to part, and not meet again.

•

ان ڏينهن سج ڪي به وڏي توانائي هئي.

سنڌالاجيءَ جي سامهون طارق عالم جي ڏولي رکي هئي.

سپ ڪالونيءَ واري مسجد ڏانهن هلو، اتي جنازي نماز ٿيندي.

اديب، شاعر، يونيورسٽيءَ جا استاد، ادبي بورڊ جا ملازم، پاڙيسري، عزيز اشڪبار اکين سان هلندا پئي ويا.

سيني صفون سڌيون ڪيون.

جنازي نماز شيعن واري ٿيندي يا سنين واري؟

خبر ناهي يار، اسان ڪي مڙئي پڙهڻي آهي.

مُلان ته ڏاڍي ڏيگهه ڪئي، جنازي نماز ايتري ڊگهي ته نه ٿيندي آهي. اسان جا ته پگهر ڪڍي ڇڏيائين. لڳي ٿو ته اها شيعن واري نماز هئي.

طارق عالم شيعو هو ڇا؟ خبر ناهي

پلا هي رکي دانهون ڪير ٿو ڪري؟

اوهُو پريان نصير مرزا پيو روئي.

(پنڙ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن ـ شاهه)

لڳي ٿو ته غمِ حسين کان پوءِ، جنهن ڏک نصير کي جهوري رکيو آهي، اهو طارق جو وڇوڙو آهي. بس اهي دوستن ۽ دلبرين جا قصا آهن. اوهان کان اندر مان ائين دانهن نٿي نڪري.

هر ڪنهن جي ڏک جي اظهار جو انداز پنهنجو آهي. دل تي ڪرندڙ ڳوڙها ڪير ٿو ڏسي؟

سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون، ڄامشورو اسٽيشن جي پرسان، پٿريلو قبرستان، جتي طارق جو بابا به دفن ٿيل آهي.

طارق جڏهن پنهنجي آفيس ۾ ويهندو هو تہ سندس آفيس جي دريءَ مان ڪيس بابا جي قبر نظر ايندي هئي. هو ڏاڍو سرهو ٿيندو هو دريءَ مان بابا جي قبر ڏسي. ويجهن دوستن کي هو اڪثر بابا جي تربت ڏيکاريندو هو. ادبي بورڊ جي آفيس، ڪيس بابا جي تربت جي درشن سبب بہ چڪيندي هئي، ورنہ...

"مان جيڪو گذريل ستن سالن کان هر صبح کي نوڪريءَ جو آخري صبح تصور ڪري، آفيس جون ڏاڪڻيون چڙهندو رهيو آهيان (اسان جي ديس ۾ ماڻهن کي اڏ بيمار تہ آفيسن جون ڏاڪڻيون ڪنديون رهيون آهن.)

مهاڳ: "سجاڳپ جي ڳولا ۾".

•

دفنائڻ ۾ ايتري دير ڇو ٿي آهي؟

پٿريلي زمين آهي، کوٽائيءَ ۾ ڪجهہ دير تہ ٿيندي- ۽ آخرڪار دعا گهرجي وئي.

ڪالهہ آفيس جي دريءَ مان، هيڏانهن ڏٺائين پئي ۽ اڄ هو هتي آهي ۽ آفيس جي دريءَ مان ڪوبہ هيڏانهن ڏسڻ وارو ناهي.

"ادا دعا گهرجو" تڏي تي قبرستان مان موٽيل ماڻهو. "جيڪا رب جي رضا، حڪم ڏٽيءَ جو".

تعزيتي ڪتاب/ رجسٽر تي ڪجهہ اداس لفظن جو اظهار. هر ڪو پنهنجي گهر روانو.

دارا ابڙو، اياز عالم، قيس عالم، ساقي عالم، لاهوت، هالار ۽ پاپي رضيہ ۽ عذرا

انسان جي وڃڻ کان پوءِ سندس يادگيريون رهجي وڃن ٿيون.

ماڻهو تہ مرڻ کان پوءِ بہ معاف نٿا ڪن، حساب ڪتاب رکن ٿا.

تعزيت ڪجي نہ ڪجي؟

اسان جو ڇا وڃي.

هن کان ڪافي ماڻهو لنوائيندا هئا.

اها هنن جي اندر جي ڪوٽ هوندي هئي.

پنهنجي محبوبا کي هن سان نہ ملائجانءِ. الائي ڪهڙو جادو آهي، هن جي لفظن ۾، جو جنهن سان بہ سامهون يا فون تي ڳالهائي ٿو تہ پوءِ اها سندس دوست بڻجي ٿي وڃي.

٭ منهنجي پٺ پڇيو

ڪير هئي سا عورت جنهن سان

ڳالهايو پي تو.

(مورن اوچا ڳاٽ، صفحو: 90)

٭ اجا بہ جاڳين پيو

ننڍاڪي لهجي ۾ مون کان
منهنجيءَ زال پُڇيو.
(مورن اوچا ڳاٽ، صفحو: 80)
۽ هو جاڳندو رهندو.
هن جون ڪچهريون طويل هونديون هيون.
ڪڏهن ڪڏهن تہ صبح ٿيو وڃي.
"جڏهن محبتون وڃائجي وينديون آهن، تڏهن ڇهاءُ پنهنجي سموري معنيٰ ۽ چڪ وڃائي ويهندو آهي. ۽ مان جسمن سان نہ، جذبن سان پيار ڪندو آهيان. جسم سان پيار ڪرڻو هجيم ها تہ صبا سان وڃي چڪو هجان ها، اڄ ايڏو نہ پوڳيان ها."
(رهجي ويل منظر، صفحو: 166)
For lust and love are different things the one has claws, but love has wings (Charles Lamb)
ڇوڪرين جي حوالي سان، طارق کي جيئن سمجهيو ويندو هو هو تہ ايئن نہ هو.
هو جسم پرست نہ، پر پيار ڪندڙ انسان هو.
لهجي ۾ کهرو هو. رک رکاءُ نہ ڪندو هو ڇئي ڏيندو هئو.
(هو توهان وانگر ڪابہ ڳالهہ لڪائيندو نہ هو. ٺڪو)
طارق جي پرسان پروگرام ۾ نہ ويهجانءِ، هُو معتبر ۽ ماناڻتا اديب ڪاوڙجي ويندءِ ۽ توکي بہ برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيندا.
اديبن جي ڪا برادري بہ آهي ڇا؟
اهي ننڍا ننڍا گروپ ۽ ٽولا. هڪ ٻئي کي مهان ۽ عظيم بڻائڻ وارا. هڪ ٻئي جا ترا ڪڍڻ وارا.
"پاڻ کي ادب جا ابا، علم جا اڪابر سڏائيندڙ سمورا اديب ڪيس چڙ ۾توائيءَ مان وات ڳاڙهو لوڙ ۽ واحيات جا لقب ڏئي، پنهنجن ٽنل سينن تي سانوٽيءَ جي مينهن جا ڇنڊا هڻندا هئا."
(سجاٽپ جي ڳولا ۾، صفحو: 103)
هن جي سامهون، جيڪڏهن ڪو ناپسند گفتگو ڪندو هو يا هن تي طنز ڪندو هو تہ هو وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندو هو. ائين هو پنهنجي ڪاوڙ ٺاري ڇڏيندو هو.
"منهنجا دوست مون کي مسخرو سمجهندا آهن. هو سمجهندا آهن، مون کي ڪوبہ غم، ڪوبہ ڏک ڪونهي... هنن ڪڏهن بہ منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ناهي ڏٺو مان ايڏو خوش..."
(رهجي ويل منظر، صفحو: 152)

هن ڪان پوءِ هر منظر اٻپورو رهجي ويو آهي. ٿهڪ، مستيون، سئر سفر، ڪچهريون، اپاڻڪيون گڏجاڻيون، بس هاڻي چاهي. چاليهو ورسي، تقريرون، تصويرون، بينر.

ڪهاڻين جو مجموعو "سڃاڻپ جي ڳولا ۾" منهنجن هٿن ۾ آهي.

'پياري ادل لاءِ

جنهن سان منهنجي دوستي

ننڍڙن ٻارڙن جهڙي آهي'.

_طارق عالم

ايترا سالَ ڄڻ تہ ننڍڙن ٻارڙن وانگر راند روند ۽ ڪل چرچن ۾ گذري ويا.

**49 انٽرنيشنل، انصاري برادارن.**

اخلاق، اسحاق ۽ آفاق.

آفاق ڪٿي آهي؟ حيدرآباد جا چڪر. فلم. پياري ببن جي گهر. ڊاڪٽر شفقت (ببن) جهڙا ماڻهو ڌرتيءَ تي گهٽ آهن.

حيدر بخش جتوئي پويلين ۾ ڊوڙون.

اندر جو ٻار مريو وڃي تہ معصوميت بہ ختم. چالاڪي ۽ سياڻپ حاوي ٿيو وڃي. پوءِ حسابن ڪتابن جو وهنوار.

پٽ هجي يا پاءُ، ساڳيو ئي قصو
هر ڪو هٿ حصو پنهنجو پنهنجو ٿو گهري
طارق وٽ تہ ڪو حساب ڪتاب هيوئي ڪونہ

هن سدائين اربيو هو ڏنو هو.

"اهو منهنجو آئيڊيل ازم ئي هو جو محبتن ۾ توکي سدائين ڏيڻ چاهيو هئم. هونءَ بہ مون توکان ڪڏهن ونڻ نہ چاهيو هو. (سواءِ پيار ۽ ڏکن جي)

(رهجي ويل منظر، صفحو: 91)

چام شوري ۾ شام ٿي وئي آهي نصير!

شامِ غريبان هاڻي غريبن جو ڇا ٿيندو؟

اسان جا ڇهرا تہ ڪُهرا ٿيندا پيا وڃن.

سيئي دوست پنهنجا سنجيده ويا ٿي

نہ مرڪي ٿو ڪوئي، نٽو ڪو کلائي.

●

ڏيئو پيئي ٽمڪيو
ساري قبرستان ۾ هيڪل
ڪتبو پيو، چمڪيو
(مورن اوچا ڳاٽ، صفحو: 40)

(مان طارق جي تربت وٽ، ساون ۾ فيروزي داڻن واري مالها رکي آئي هيس، اُها اُتي هئي الائي يا نہ؟ نَڪو)

چڻڙ جي لاءِ جهان کي جڏهن بہ سوچيوسين،
اوهان جا سڏَ ٻراٽا، پري پري تائين.
(طارق عالم ابڙو)

’ماربل ارچ‘ کان ’سينٽر پوائنٽ‘ تائين پکڙيل لنڊن جي شهہ رڳ ۾ هر وقت هزارين لکين ماڻهو رت ڦڙن جيان گردش ڪندا رهن ٿا. دنيا ۾ شهر ئي اهڙين اهم اسٽريٽس/رڳن جا مالڪ هوندا آهن. جن ۾ هر ’بلڊ گروپ‘ جو ماڻهو بنا ’ري ايڪشن‘ ڪرڻ جي گردش ڪري سگهندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڪي ماڻهو خوبصورت ملڪن ۾ انهن جي اهم بازارن جي رڳون ۾ انسان بڻجي رهڻ يا گهمڻ بجاءِ ’وائرس‘ بڻجي ڦهلجڻ لڳندا آهن.(ها. پر اهي وائرس سدائين ٽين دنيا جي رڳون ۾ وڏيڪ سولائيءَ سان وڌي ويجهي سگهندا آهن)
**لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ**/طارق عالم

## خاص ورق



# سنڌي ادب جو مست قلندر

روبينہ ابڙو



روبينہ ابڙو ۽ طارق عالم

طارق عالم ابڙو جي شاهڪار ناول "رهجي ويل منظر" جا آخري لفظ آهن تہ:

"مان وڏيڪ جاڳي نہ ٿو سگهان. وڏيڪ جاڳڻ پيي نہ ٿو چاهيان. مون کي معاف ڪري ڇڏجو.

مون کي سخت ننڊ... ننڊ... ننڊ... نن..." ۽ هن کي واقعي ننڊ اچي ويئي.

پر سندس چواڻي تہ هو هاڻي ڏاڍو ٿڪجي پيو آهي ۽ دل پري آرام ڪرڻ پيو چاهي... تمام ڊگهو ۽ نہ ڪٽندڙ آرام...

طارق جيڪو سمي کي اورانگهي هاڻي ازل جو هم رڪاب بڻجي چڪو آهي, هاڻي ڪيس صرف ۽ صرف گذريل وقت جي آرسيءَ ۾ ئي پسي ۽ پائي سگهجي ٿو ۽ ان آرسيءَ جا اولڙا آهن سندس اولاد ۽ ڪتاب... جن کي جڏهن جڏهن بہ ڏسبو ۽ پڙهبو, طارق بي ساختہ ياد اچي ويندو.

شهر ۾ ٿا رهن سيئي مصحف<br>
تنهنجو "طارق" ئي داغدار آهي!

'طارق' هڪ اهڙو ملامتي صوفي هيو جنهن کي پنهنجي ذات کي زَد ۾ آڻي لکڻ جو هنر ۽ ڏانءُ هيو... سندس محبتون هجن يا نفرتون, ٻيئي احساس, سوچ ۽ رشتي ۾ هميشہ واضح ۽ خالص رهيون... ڊڄڻ ۽ لڪائڻ تہ طارق ڪڏهن سکيو ئي ڪونہ هيو. هن ۾ هڪ ئي وقت ڪوڙ لئہ "No" ۽ سچ لئہ "Yes" چوڻ جي همت ۽ جرئت هئي...

پٿڻ پري آ ۽ تيز لهرون

اڪيلو طارق، نہ ونجهہ ڪوئي...
رهيم طبيعت جي خودسريءَ ۾
ڪڏهن نہ پاتم ڪو سَنجُ ڪوئي...

هو هڪ اهڙو مست الست فقير صفت شخص هيو جيڪو سچ جي مچ ۾ بيخوديءَ منجهان نچندو ۽ ڪڏندو رهندو هيو.

"شدم بدنام در عشقش بيا اي پارسا هم بين
زه مي ترسم ز رسوائي سر بازار مي رقصم."

(محبوب جي عشق ۾ بدنام بڻجي ويو آهيان... اي نيڪ پرهيزگار! تون بہ اچي ڏس.... خواري ۽ بيحرمتي کان نہ ٿو ڊڄان ۽ وچ بازار ۾ نچي رَهيو آهيان...)

"مرا مخلوق مي گويد گدا چندان چہ مي رقصم
بدل داريم اسراري ازان اسرار مي رقصم"

(مون کي ماڻهو چون ٿا اي فقير!
ايترو چالاڪ نچي رهيو آهين؟ دل ۾ وڏا راز آهن، انهن رازن جي ڪري نچي رهيو آهيان...)

"قلندر" دراصل اهو صوفي آهي، جنهن جو مخصوص فلسفو عمل ۽ عقيدو هوندو آهي...

"قلندر لفظ جي لغوي معنيٰ آهي "درويش شخص." بي قيد بدنيا... يعني اهو جنهن جو دنياسان لاڳاپو ۽ سبنڌ نہ هجي، پر طارق هڪ اهڙو درويش صفت شخص هيو جنهن جو هڪ عام دنيا کان الڳ پنهنجو مخصوص فلسفو عمل ۽ عقيدو هيو...

هو هڪ اهڙو دنياوي درويش هيو جنهن جو دنيا جي هر مسئلي ۽ موضوع سان سڌو سنئون واسطو هيو... پوءِ اهو سياسي، سماجي، مذهبي ڪوئي بہ مسئلو هجي يا ڪائنات جي اڻ ڳڻين موضوعن مان ڪوئي بہ موضوع... هن ۾ فطرت طرفان انتهائي اتم درجي جي مزاحمتي سگهہ ۽ سمجهہ هئي.... ۽ ان بنياد تي ئي طارق سنڌي ادب ۾ جديد لاڙا متعارف ڪرايا ۽ فرسوده روايتون ٽوڙيون... هو جدت پسند هيو ان ڪري ئي هو هميشہ نئين ٿيڻ کي اڳتي آڻيندو ۽ همٿائيندو رهندو هيو... هن جي صرف فن تي نظر هوندي هئي، فنڪار جي نالي ۽ حوالي تي قطعي بہ نہ...

"مهراڻ" ۾ طارق ڪافي اهڙن نون ليکڪن کي ڇپيو ۽ اهميت ڏني، جن کي هو ذاتي حوالي سان بلڪل بہ ڪونہ ڄاڻندو سڃاڻندو هو....

طارق عالم سان منهنجو اهڙو تعلق هيو جيڪو پکين جو آڪاس سان، لهرن جو سمونڊ سان، هوائن جو گلن سان ۽ پهاڙن جو بادلن سان هوندو آهي...

ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان تعلق هڪ اهڙي تند آهي جنهن سان روحن کي رَفو ڪري،

سگھبو آهي...

تعلق! جيڪو اوپرائپ جي صحرا ۾ پنهنجائپ جي گلابن تي پيار جا پوپٽ ويهاريندو آهي...

تعلق! جيڪو مدفنن ۾ بہ محبتن کي زنده رکندو آهي...

ڪنهن پل چچي الائي هي تند جند جي
هي چنڊ آسمان ۾ مهمان تو رهي...

مون طارق کان گھڻو ڪجھ سکيو... هن مون کي نون نون موضوعن ۽ احساسن کان آگاهہ ڪيو. هن جي رهنمائيءَ سان منهنجيءَ شاعريءَ ۾ نوان نوان رنگ ۽ موضوع جرڪڻ لڳا... هن ئي منهنجي شاعريءَ کي "رومانس" کان "انقلاب" تائين جو ڏگ ڏيکاريو. مان جيڪا سنڌي اديبن کان مڪمل طرح مايوس ۽ نااميد ٿي چڪي هيس، صرف طارق جي ئي بدولت مون وري يقين ۽ اميد جي آيتن سان پنهنجو ايمان تازو ڪيو.

مان يقينن پاڻ کي خوش قسمت سمجهان ٿي جو طارق عالم جهڙي کري انسان، منفرد آرٽسٽ ۽ جينئس جي دور ۾ جنم ورتو ۽ ساٿس ويجهڙائپ رهي.

اها تہ حقيقت آهي تہ ٻئي جي اک سان پاڻ کي ڏسڻ دنيا جو سڀ کان مشڪل ۽ حيرتناڪ فن آهي ۽ طارق ان فن جو ماهر هيو... هن هميشہ پاڻ کي ٻين جي اکين سان ڏسڻ ۽ پرکڻ جي تمنا پئي رکي ۽ ان فن جي عيوض کيس ڪيترو ڀوڳڻو ۽ سهڻو پيو اهو تہ هر ان فن جو ماهر ڄاڻي سگھي ٿو.

طارق رائيٽر سان گڏ هُوئر پي ڪمال جو هيو. ۽ اها تہ حقيقت آهي تہ هُوتنگ هميشہ اهو ئي ماٺهو ڪري سگھندو آهي جيڪو پاڻ تي بہ تنقيد برداشت ڪري سگھندو هجي. ٻئي جي گناهہ تي آڱر کڻڻ تمام آسان، پر پنهنجا گناهہ ڳڻائڻ بيحد ڏکيو عمل... ڇو جو اسين اهو سڀ ڪجھ هوندا ئي ڪونہ آهيون جيڪي نظر ايندا آهيون ۽ جيڪي نظر ايندا آهيون، اهي اصل ۾ هوندا ئي ناهيون... پر طارق جتي ٻين جي غلطين تي آڱر کڻندو رهيو اتي ڇئن آڱرين جو اشارو پاڻ ڏانهن بہ ڪندو رهيو.

طارق عالم پنهنجو ناول "رهجي ويل منظر" ان دور ۾ لکيو، جڏهن زندگيءَ ڏي ويندڙ رستو هن جي قدمن هيٺان کسڪڻ لڳو هيو... "خودڪشي" يا "ناول"... چونڊ لئہ صرف بہ ئي رستا بچيا هئا ۽ طارق خودڪشيءَ بجاءِ "رهجي ويل منظر" جهڙي ناول جي چونڊ ڪئي ۽ خوب ڪئي...

طارق جو ناول "رهجي ويل منظر" خودڪشيءَ جهڙو ئي خوبصورت ۽ پراسرار آهي... (ڇا محبت ۾ ناڪاميءَ جو تجربو خودڪشيءَ جهڙو ئي خوفناڪ ۽ تڪليفده

ناهي هوندو؟)

طارق جيڪو ٻاهران تمام گهڻو هوڏي، هٺيلو ۽ ضدي هيو اهو ئي طارق اندران ڏاڍو نرم، نماڻو ۽ معصوم هيو. هن جو ڪلڻ ۽ روئڻ ٻيئي ٻارن جهڙا ئي هئا... طارق محبت ۽ مزاحمت جي مٽيءَ مان ڳوهيل اهڙو ماڻهو هيو جنهن جو هر جذبو محبت کان شروع ٿي مزاحمت تي ختم ٿي ويندو هيو...

وستي وستي سئن هنئي

سچ وندي ٿو وڻجارو...

هڪ دفعي پڇيو هئائين:

ڇا تو منهنجو ناول "رهجي ويل منظر" پڙهيو آهي...؟

ڇيم: ننڍي هوندي پڙهيو هيم، هاڻي تہ ياد بہ ڪونہ آهي!

پلا هائيڪن جو ڪتاب "مورن اوچا ڳات"؟

ڇيم: امتحاني پيپرن ۾ صرف نالو پڙهيو آهي...؟

پلا "لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ" سفرنامو...؟

ڇيم: هون... نالو تورو تورو ٻڌل پيو لڳي...!

پلا ڪهاڻين جو ڪتاب "رات، سانت ۽ سوچون"...؟

ڇيم: بوڪ اسٽالن تي اڪثر ڏٺو اٿم...

ڏاڍو ڪليو هيو...

ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي اسپتال ۾ موت کي اکين سان ڏسندي بہ طارق نااميد يا ڊنل ڪونہ هيو... سندس عقيدو ۽ ويساهہ هيو تہ "جيڪا رات قبر ۾ اچڻي آهي، اها ڪڏهن بہ ٻاهر ڪونہ ايندي.." ان ڪري موت جيڪو برحق ۽ اٽل آهي ۽ هر ساهدار کي هڪ نہ هڪ ڏينهن موت جو ذائقو چکڻو ئي آهي، تہ پوءِ موت کان پڄڻ يا ڊڄڻ ڪهڙو...؟ هن کي يقين ٿي ويو هيو تہ موت سندس ڪجهہ بہ بگاڙي ڪونہ سگهندو... ڇو جو هو پنهنجي پٺيان پنهنجا اهڙا عمل ڇڏيون پيو وڃي، جيڪي موت کي بہ ماتِ ڏيئي ڇڏيندا آهن...

**

خاص ورق



# ياءُ جو ياءُ ڏي خط

پرين طارق!

تو جڏهن به لکيو تڏهن پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو هو (آهي) ته تون سوچ جي تيز رفتار ٻڪش جي چمڪندڙ ۽ جرڪندڙ گهوڙي مٿان سوار آهين، جنهن جي سُنبن جي چڙيل ڏوڙ منجهه ڪيترا ئي پَست قد رائيٽر گم ٿي ويندا هيا۔ ۽ تنهنجي ٻڪشن جي خوبصورت، ڪاري گهوڙي جي هِڻڪار ۽ هٽ منجهه جهليل قلم جي تيز ڌار واري ٻرڇي، پوري سگهه سان تنهنجي قلم جي ڇُهنب منجهه لفظ لفظ اٽڪندا. تنهنجي سامهون رکيل نڪور ڪاغذ مٿان ڪنوڻ جيان جرڪندا ۽ ڪرندا ويندا هيا.

طارق پرين،

انهن پست قد رائيٽرس مان گهڻن تنهنجي وجود جي روشنيءَ اڳيان اچي، وسائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ته طارق جو لکيل ناول 'رهجي ويل منظر' هڪ نامعلوم انگلش رائيٽر جي ناول جو ترجمو آهي!!؟ جنهن جو نانءُ نشان هو پاڻ به جوڙي نه سگهيا!!

تنهنجي ڪنهن ڪالم ۾ لکيل مهان ڪوي شيخ اياز جون سٽون:

اوچي وڻ جيئن مان ايران ٿو

اپري تن کي هيٺ ڏسان ٿو

هو مونکي ڪي توهه لڳن ٿا.

هڪدم ڦَٽ اچي ٿو پرين! اج به اهي پست قد رائيٽر، پست ذهنن جي انت تائين جي اوڙاهه ۾ ڪرندا ڪرندا ۽ ڪرندا ٿا وڃن!!؟

شايد تنهنجي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي جملي جيان (انت کان اننت تائين جنهن جو ڪو انت نه آهي) پر اج به پيارا طارق! تنهنجي ناول جا سڀ، سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس جا خوبصورت لينڊ اسڪيپ ڪيل لفظن جا منظر، آرٽس فيڪلٽيءَ کان وٺي علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار کان وچ واري بينل پهاڙيءَ تائين موجود آهن ۽ اهي سڀ ڪردار ڪيهر شوڪت کان سواءِ نصير مرزا، زيب سنڌي، آغا پير محمد (ڪيلاش)، ظهور عباسي، سڪندر عباسيءَ کان ويندي نادر مني جي ڪردارن ۽

تنهنجي پيار سان سڏجندڙ گهر وارَي نالي پنهونءَ سميت (جنهن نانءَ سان اڄ بہ توکي گهر ڀاتي پيار سان سڏيندا رهندا آهن) موجود آهن (مان سميت) جيڪي ماڳ ۽ ڪردار سندن مٿان اڄ بہ ڦٽڪار لاءِ ڪافي آهن!

مان سمجهان ٿو تہ اهو ناول جيڪڏهن انگلش ۾ ترجمو ڪجي، تہ شايد نہ پر پڪ سان، بين الاقوامي ناولن جي فهرست ۾ پنهنجي جاءِ والاريندو.

پرين طارا!

تون هميشہ منظرن جا عڪس کُليل نيڻن جي دريئن مان، پنهنجي. اندر جي ڪينواس تي ڀرپور طرح سان اوتيندو رهيو آهين. لفظ 'آهي' مان منهنجي مراد آهي تہ تو جهڙن سگهارن تخليقڪارن کي موت نہ ماري سگهندو آهي، ۽ هو موت کان وڌيڪ سگهارا ۽ دنيا مان نہ گم ٿيندڙ هوندا آهن.

منٺڙا طارق، پرين!

ائين مان توکي پنهنجي ڀنهي ڀارڙن 'هالار' ۽ 'لاهوت' کي چوندي ٻڌو آهي، "اکيون کولي رکو ۽ ڏسو ۽ سنڌ جي خوبصورت منظرن کي پنهنجي اندر جي ڪينواس تي چٽيندا وڃو". نہ ڪي موهن ڪلپنا جي لکيل ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ان ساڌوءَ جي ڪردار وانگر، جنهن پنهنجي چيلي کي يوگ جي تپسيا سمجهائيندي، چيو هو تہ "اکيون نہ کولجانءِ، ڪنهن بہ عڪس کي جهٽڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ، چو تہ نگاهہ ڇڪ آهي. پنهنجي وجود کي آزاد رکڻو ائٽي، تہ نگاهہ جي ڄار ۾ نہ ڦاسجانءِ".

پر تون تہ پرين،

هميشہ جيان عڪسن جي ڇڪ لاءِ اڻ تڻ منجهہ هوندو هئين. ان ڪري تنهنجي مڙني ڪهاڻين، شاعري، ناول ۽ پينٽنگس منجهہ جرڪندڙ منظر ۽ چهرا وسندڙ آهن. اهو ئي سبب آهي جو تنهنجي ڪهاڻين ۽ ناول ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ سنڌ ڌرتيءَ جي چيڪي مٽيءَ جي هبڪار ۽ نئين نڪور ڦلڙين واري اجرڪ جي خوشبو محسوس ٿيندي آهي. منٺڙا، تون تہ مونکي لطيف سرڪار جي وائيءَ وانگر لڳندو هئين. مونکي ياد آهي، تہ تو هڪ دفعي مون کي چيو هو تہ "قيس يارا جڏهن بہ مان ڇوڏهينءَ جي رات جو لطيف سرڪار جي اڱڻ تي وجدان جي ڪيفيت سان تمتار لطيف سائين جي فقيرن جي آلاپ کان پوءِ ڪين دنبوري تي ٿاپ هڻندي ٻڌندو آهيان، تہ ائين ڀاسندو آهي تہ ڄڻ ڪنهن منهنجيءَ دل مٿان ٿاپ هنئين هجي ۽ هڪ عجيب ڪيفيت وجود منجهہ محسوس ٿيندي اٿم، تہ جهڙوڪر پٽ ڌڻي منهنجي اوسي پاسي موجود هجي." اهي سڀ ڪجهہ تنهنجي کليل نيڻن سان ناهيل خواب هيا. ڇو تہ تون نہ خواب لهندو هئين ۽ نہ

خواب ڏسندو هئين. تون تہ پرين خواب جوڙيندو هئين. ڪين ساپيان ڏيڻ لاءِ ءِ ها، پرين طارا!

جيسين سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس کي ڏسندڙ اکيون (جنهن لاءِ تنهنجو چوڻ آهي، تہ سنڌ يونيورسٽي سنڌ جو ڪعبو آهي) ۽ مينهن ڦڙن کان پوءِ نڪرندڙ مينهن وساڙن جهڙا نوجوان ۽ خوبصورت خواب پنهنجي رَئي جي پلاند سان ٻڌي ايندڙ ناريون هونديون، تيسين تنهنجو ذهن دفعن کان وڌيڪ چپيل ناول 'رهجي ويل منظر' ڪڏهن بہ نہ ميسارجي سگهبو.

تنهنجو

قيس

⊙⊙

تاثر



# خواب تو کي ڳولهين ٿا!

سدرة المنتهيٰ جيلاني

”رهجي ويل منظر“ جي سحر مان نڪري، رهجي ويل منظر کي طارق جي ٻين تحريرن ۾ ڳولهڻ لڳس. ”لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ“ سفر نامي تائين پهتس.

هتي مون کان هڪ غلطي ٿي وئي، ته مون سفر نامي کي سفرنامو نه، پر ناول سمجهي پڙهيو آهي.

سفر نامو سمجهي پڙهان هان، ته رضيه ۽ طارق اڳيان هليا وڃن هان. ۽ آءُ گم ٿي وڃان هان، يا ڪٿي هڪ لنڊن ۾ آسمان هيٺان، آسمان کي ٽڪيندي ٽڪيندي، پٿر ٿي وڃان هان.

يا مادام تسائو جي مجسمي ۾ بدلجي وڃان هان- يا ته لنڊن جي پُراسرار ڳلين ۾ وڃائجي وڃان هان. پر مون پاڻ کي لنڊن تائين محدود نه ڪيو. مان پاڻ کي هڪ سر زمين تائين محدود ڪيئن ڪيان هان. جڏهن ته طارق پنهنجي احساسن ذريعي لنڊن جي غفائن کان ٻاهر ڪڍي، ڪڏهن ٿر جي سر زمين جي واريءَ ڏانهن ڇڪي ويندو هو. ڪڏهن ان جو تخيل، غفائن ۾ گم ڪري ڇڏيندو هو ته ڪنهن مهل تخيل جي سمنڊ مان ڪڍي، حقيقي لنڊن آڏو اچي بيهاريندو هو!

عجيب ٻڏ تر جو احساس هو!

ان ڪري ئي چيم نه ته مون هن سفر نامي کي ناول جي نگاهه سان پڙهيو آهي. ان ۾ ڪمال منهنجو نه، پر ڪمال هڪ باڪمال مصنف جو آهي، ته هو پڙهندڙ کي پنهنجي مرضيءَ سان پڙهائي ۽ ساڳئي ئي وقت پنهنجي سوچ ۾ ان کي گم ڪري ڇڏي!

پنهنجي احساسن ۾ قيد ڪري ڇڏي ۽ قاري هڪ خواب ڏسڻ تي مجبور ٿي وڃي.

سوچيان ٿي، هڪ مصنف ۽ پڙهندڙ جو پاڻ ۾ ڪيڏو نه گهرو رشتو آهي، احساس جو رشتو ۽ خواب جو. ڪردارن سان گڏ کلڻ ۽ گڏ روئڻ لڳي ٿو قاري جڏهن هڪ سچو ليکڪ هن کي شفيق ماءُ جيان آڱر کان جهلي، نون رستن ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

۽ پڙهندڙ پنهنجي ليکڪ جي ڏيکاريل وات ڏانهن بنا ڪجهه سوچڻ سمجهڻ

جي اکيون بند ڪري هلي ٿو.

ليڪ ۽ پڙهندڙ عجيب ناتي جي ڏور ۾ ٻڌل هوندا آهن ۽ هڪ حساس قاري پنهنجي حساس مصنف سان گڏ رهڻ چاهي ٿو. پنهنجي احساسن ۽ مصنف جي ڪردارن، لفظن جي ذريعي. واضح هجي تہ هر مصنف هر پڙهندڙ لاءِ ۽ هر پڙهندڙ هر ليڪ لاءِ ناهي هوندو.

هر پڙهائيندڙ ۽ پڙهندڙ جو پنهنجو حلقو هوندو آهي، پر ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن لاءِ هر طبقو ۽ حلقو پنهنجو هوندو آهي.

طارق عالم ابڙي جو شمار اهڙن ئي خوبصورت احساس، لفظ، خيال، خواب رکندڙ ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. اهو ڪهڙو پڙهندو هوندو، جنهن طارق کي پڙهڻ کان پوءِ واهہ واهہ نہ ڪئي هجي.

پر احساسن کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن لفظ ماٺ ٿي ويندا آهن. لفظن کي ماٺ لڳندي آهي تہ احساس جاڳي اٿندا آهن.

طارق اهي ئي احساس اٿاريندو آهي، منهنجي واهہ واهہ يا تعريف ڪرڻ سان هن جي شهرت تي ڪو خاص اثر نہ پوندو. آءٌ ڄاڻان ٿي، هن جا احساس ۽ خواب منهنجي لفظي تعريف جا محتاج ناهن.

آءٌ بس ايترو چونديس، مون طارق کي اجا گهڻو پڙهڻ چاهيو هو!

مون طارق کي هميشہ پڙهڻ چاهيو هو.

مون کي خبر نہ هئي تہ هو پنهنجي پڙهندڙن وٽ تمام گهٽ وقت لاءِ آهي.

سوچيم، هن سان شڪايت ڪجي، هن کي چئجي، هن کي احساس ڏيارجي هان تہ تنهنجا پڙهندڙ توکي سدائين پڙهڻ چاهين ٿا.

تنهنجي ناول جا سمورا ورق جن تي احساس وکريل آهن، تنهنجا سمورا اباڻڪا ڪردار هن جا ساٿي بڻجي ويا آهن. تون انهن سيني کي ايڏو جلدي ڪيئن پلا ڇڏي سگهين ٿو- پر هونئين سفر تي روانو ٿي ويو.

هن جا لفظ، احساس، ڪردار ۽ خواب جن کي هو اسان وٽ تحفن طور ورهائي ويو، تنهن پنهنجي هميشہ هئڻ جو احساس هنن ورقن ۾ ويڙهي رکيو آهي..

آءٌ انهن لفظن، احساسن، خوابن، ڪردارن سميت هن کي ٽريبيوٽ پيش ڪريان ٿي.

۽ هن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿي، تہ اڄ بہ تنهنجي ورقن جي واٽن تي وکريل احساس، لفظن ۾ ويڙهي، خوبصورت اکين کي ڏنل خواب، ۽ تنهنجا ڪردار اڄ بہ توکي سارين ٿا.

تنهنجا خواب توکي ڳولهين ٿا!

□□



# تون خواب آهين ڇا؟

سنڌيا شاهه

خواب جڏهن ذهن ۾ اچڻ بجاءِ گلاس ۾ لهي اچي، تڏهن ”رشتو“ جهڙي ڪهاڻي لکي ويندي آهي ۽ ان لاءِ ضروري آهي تہ تخليقڪار ذهن هڪ ئي وقت گلاس ۾ لهي آيل خواب جو عڪس رنگن سان، فوٽو گرافيءَ سان ۽ قلم سان جهٽي سگهجي. هڪ ئي وقت خوبين سان تمتار تخليقي ذهن ئي خواب ڏسي سگهي ٿو.

خواب، جيڪو پوپٽ جهڙو آهي، پکين جهڙو آهي، گلن جهڙو آهي ۽ مصوريءَ جهڙو آهي- ۽ جڏهن رنگ قلم ۾ پرجي وڃن ٿا، تڏهن خواب لکجي وڃي ٿو. اهو اڌ رات جي جاڳ ۾ لڇي يا ننڊ ۾، پر جڏهن بہ لکجي ٿو تہ ان جو تسلسل پنهنجي گهيري ۾ آڻي، پير پير پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٿو ۽ خواب ڪهاڻيءَ جا رنگ کُلڻ شروع ٿين ٿا ۽ پهريون سوال نظر اچي ٿو:

”تون خواب آهين ڇا؟...“

سوال جتي چرڪائي ٿو اتي خواب جي ريشمي رستي تي ننڊ ۽ جاڳ واري ڪيفيت سان هوريان هوريان هلڻ لڳي ٿو.

”خواب جو ذائقو ڪهڙو ٿيندو آهي؟...“

ٿيندو آهي؟... سوال جي تند خوابن جي نچوڙ مان چمڪي پيل خواب جي ڪناري تائين پهچائي ڇڏي ٿي.

”خواب پاڻيءَ وانگر ٽرانسپيرنٽ ٿيندو آهي، جنهن جي مٿاڇري کي ناتمام خواهشن جي روشني جڏهن بہ پنهنجي آڱرين سان ڇُهندي آهي، تہ خواب/ پاڻيءَ ۾ ڪيترائي رنگ جنم وٺندا آهن.

خواب پاڻيءَ جهڙو ڪجهہ آهي يا صحرا ۾ پاڻيءَ ڍڪ لاءِ چوڻڪڙيون پرينڊڙ هرڻ جي دُن ۾ لڪيل مشڪ جي مهڪ آهي.“

اها مشڪ ڪهڙي آهي؟... ان مشڪ جي حاصلات ڪيترا صحرا پار ڪرائي

ٿي، ۽ حاصل ڪرائي ٿي "رشتو" جهڙي ڪهاڻي، جا ابهم ٻار جيان پلئه جهٽي ٿي وٺي- ۽ پاڻ نهاريندڙ ابهم ٻار جون اکيون خواب ٿي پون ٿيون. اهو خواب جو ماءُ جي ممتا پرئي جل ۾ ٿي چلڪي سگهي ٿو ۽ جي اهو جَل سڪي وڃي ته خواب ڦٽڪي پوي ٿو. تسبيح جيان ڇڄي پوي ٿو ۽... ۽ ٻيهر جڙڻ لاءِ خواب ڏسڻ لڳي ٿو. خواب، جو پاري جيان چمڪندڙ هٿ نه ايندڙ ۽ مسلسل حرڪت ۾ رهي ٿو. ڇڄي ٻه ڳنڍجي وڃي ٿو ۽ مُئل پوپٽ کي ٻه چيپاٽجڻ کان بچائڻ لاءِ مسلسل خواب ۾ رهي ٿو.


طارق عالم ۽ نامور سنڌي آرٽسٽ خالد زمان

"اسان مسلسل خواب ۾ جي رهيا آهيون. جنهن مان جڏهن ٻه لمحن لاءِ سجاڳ ٿيون ٿا ته ڪنهن نه ڪنهن کي وڃائي ويهون ٿا."

خواب ڏسڻ جيترو پيڙا ڏيندڙ سفر آهي، ان کي چٽڻ، نقش ڪرڻ اوترو ئي ڏکيو جيترو ڪنهن اوچائيءَ تان هيٺ ڪرندي چرڪي جاڳي پوڻ ۽ ڪنهن جي وچڙي وڃڻ، عذاب ڏيندڙ خواب جو تسلسل جو خوابن جي بازار جي چوڪ تي آڻي ٻيهاري ٿو.

"آئيڊيا وڪرو ڪندو آهيان؟"

خواب وڪڻي سگهجن ٿا؟...

خريدار ملي سگهن ٿا؟...

اهو ڄاڻڻ لاءِ الائي ڪيترن خوابن جي پور شيشن تان لنگهڻو پوي ٿو ۽ روح رتو رت ڪري ٻه، ڪنهن جي ڏنل تشوءَ جو رستو ناهي، اڇي وارن جي ڇڳ جي ڪير ڏارا جو خواب ماءُ جي مهربان نيڻن جو عڪس پسائي ٿو ڇڏي، هر اک جي نهار ڌار، پر مجذوبيت ڪنهن خواب جي شڪل وٺي نروار ٿي ٻيهي، ته هڪ جهڙي لڳڻ لڳي ٿي ۽ هڪ جهڙائيءَ جو تصور پاڙن، بازارن، باغن ۽ عمارت جهڙا ڇهرا، ڪي مسجدن جهڙا مقدس ۽ ڪي ڪچي مٽيءَ جهڙا سادا، پر پُرڪشش محسوس ٿيڻ لڳن ٿا- ۽ ڪجهه پلن لاءِ عمارتون، باغ، بازارون، در، دريون ۽ مسجدون انساني وجود جي شڪل وٺي هلندا محسوس ٿين ٿا، نه وسرندڙ چهرن جيان ياد رهجي وڃن ٿا ۽ سوال بڻجي پون ٿا:

"تون خواب ته ناهين؟..."

۽ جواب، خواب ۽ حقيقت جي اداس ۽ ويران سرحد تي بيٺي ٿي، جنهن ٽان پار پوڻ لاءِ جنهن ويزا جي ضرورت پوي ٿي، سا سرحدن پار ڪرائڻ وارن وٽ نه ٿي ملجي- ۽ سرحدون پار ڪرائيندڙ سدائين خواب جي هڪ طرف رهجي وڃن ٿا هٿ لوڏيندا، پر جي آيل اکين سان نهاريندا جن جي نهار ۾ بيٺل / سگريٽ جي دونهين ۾ مومل جي ڪاڪ نهي پوندي آهي ۽ اها ڪاڪ هڪ عجيب تصور پيدا ڪندي آهي.

"مدرليس چائلڊ..."

جوهر تخليقڪارن جي اندر ۾ جيئڻ جو تيئن ويڙهيو سيڙهيو ويٺو رهندو آهي ۽ وقت اچڻ تي پاراٽيون هنيوچيون هٽائيندو آهي، پوپٽ ڦڪڙائيندو آهي ۽ نوريٽڙن پنيان ڊوڙائيندو آهي- ۽ ور ور ڪري اهي ئي ٻبچرا لتاڙائيندو آهي، جي خوابن جي سرحد ڏانهن کِهلي ويندا آهن ۽ سرحد پار ڪري نه سگهڻ ڪان پوءِ اکين مان چلڪي پيل خواب خيال جي رڻ ۾ رولي، اضطراب مان شهر جا چوڪ، رائونڊ اباؤٽس ۽ سِگنلز ڪراس ڪرائيندو غلط ڊرائيونگ، جي احساس کان سواءِ ڪنهن پلءَ جي ٻچي کي بچائيندڙ ڪنهن مثل پوپٽ جي خواب کي بچائيندي، جيتاڙجي وڃي ٿو- ۽ هتن ۾ رهجي وڃي ٿو مثل پوپٽ ۽ ان جا رنگ..

○○

## تاثر



# مون ۾ تون موجود

### قاضي اياز مهيسر

مان زندگيءَ کان وڇائجي ويل شخص هئس، جڏهن طارق مون کي ڳولهي لڌو هو. يا شايد مون، پنهنجي وڇائجي وڃڻ جي شديد احساس ۾ ٻڏ وڃڻ، کيس ڳولهي لڌو هو. طارق سان منهنجي پهرين ملاقات ريڊيو حيدرآباد ۾ ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي جي پهرئين سال ٿي هئي ۽ ساڻس آخري ملاقات ايڪيهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي جي پهرئين سال ايس آءِ يو ٽي ۾ ٿي هئي. ريڊيو حيدرآباد کان ايس آءِ يو ٽي تائين، ويهن سالن جي وچ واري عرصي ۾ طارق سان منهنجي دوستي ۽ دوستيءَ کان وڌيڪ عقيدت کنهن ڪومل گونج مان ڦٽي، هڪ گهاٽي وڻ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي.

سندس وڇوڙي کان ڪجهه وقت پهرين اهو ٻڌ ته هو ته ڪٿي هو ائين اسان کي وچ پنڌ ۾ اڪيلو ڇڏي ڏورانهين راهه جو راهي نه ٿي وڃي، پر سندس همٿ ڏسي اهو گمان وائکو ٿِي ٿي ويو ته طارق ان شخص جو نالو آهي جنهن زندگيءَ ۽ ان ۾ شامل سمورين راحتن ۽ راحتن کان وڌيڪ ان جي تڪليفن سان ايڏو ته پيار ڪيو آهي، جو موت جو فرشتو هن پيري به کيس ڏسي ۽ مسڪرائي اسان وٽ ڇڏي ويندو. پر...

پر هن دفعي طارق کي ڪجهه بيو سجهيو هو شايد... ۽ هن يارهين جون جي ان رات موت کي هڪ عبرتناڪ شڪست ڏئي ڇڏي هئي. هڪ اهڙي شڪست جنهن موت کي مجبور ڪري ڇڏيو هو ته هو فقط سندس جسم ئي کٽي سگهي ٿو پر سندس روح کي رهندي دنيا تائين سندس ساٿيهه ۾ ئي رهڻ ڏيندو ۽ ٿيو به ائين. جيتوڻيڪ اڄ طارق ظاهري طرح سان اسان ۾ موجود ناهي، پر اڄ به هو پنهنجي سمورن پيار ڪندڙن سان ايترو ئي موجود آهي جيترو اڳي هو. طارق موت کان متاهون آهي، طارق زندگيءَ کان به متاهون آهي. طارق اهو آڪاش آهي جنهن مان هر دفعي، زندگي هڪ نئون جنم وٺي ايندي آهي. طارق، ان تخليقڪار جو نالو آهي جنهن جي خيال جي اڏار، کير ڌارا جي ستارن کان ٿيندي، ستين آسمان تائين پڄي، واپس ڌرتيءَ تي وري ٿي

چاڪاڻ جو ڪيس ڏرتي ۽ ڏرتيءَ وارن سان تمام گهڻي محبت هئي.
مان جڏهن به طارق جو نالو ڪٿان ته ان ۾ نصير کي به شامل سمجهڻ گهرجي. چاڪاڻ جو مون لاءِ طارق ۽ نصير هڪ وجود جا به نالا آهن، يا شايد نالو به هڪڙو ئي آهي. مون جيئن ڪهاڻي لکڻ طارق کان سکي هئي تيئن ئي زندگيءَ سان ۽ دنيا سان محبت ڪرڻ به طارق کان سکي هئي. پر، محبتن جي سفر ۾ طارق اسان سيني کان گوءِ کڻي ويو هو. اپريل 2011 جي ان شام جڏهن مان زيب النساءِ اسٽريٽ مان طارق لاءِ ٽيوب روز ۽ گلاب جا گل کڻي ايس آءِ يو ٽي پهتو هئس، ته مون کي ڏسي پنهنجي بستري تان اٿي. رڙي اچي مون سان مليو هو. مان گهڻي ڪوشش جي باوجود پنهنجي اکين جا ڳوڙها ڪانئس لڪائي نه سگهيو هئس. يا شايد منهنجا ڳوڙها ڪانئس لڪي ئي نه پئي سگهيا. ۽ ان کان پهرين جو مان ڪانئس ڪجهه پڇان، هو مرڪي پاڻ ئي ٻڌائڻ لڳو ته ”ڪجهه ناهي ٿيو اياز. مان اڳي کان گهڻو بهتر آهيان“. خير، اهو ته مان پاڻ ئي ڏسي پئي سگهيس ته هو ڪيترو بهتر آهي. مني ڪلاڪ جي ملاقات کان پوءِ اچانڪ بيل وڄڻ شروع ٿي وئي هئي ۽ الائي ڇو اها بيل مون کي خطري جي گهنٽيءَ وانگر محسوس ٿي هئي. شايد منهنجي اندر جو ڪو حصو سمجهي ويو هو ته ويهن سالن کان پوءِ اها اسان جي آخري ملاقات هئي ۽ پهريون ڀيرو! موڪلائڻ مهل، منهنجي لک منع ڪرڻ جي باوجود، هو وارڊ جي دروازي تائين مون سان گڏ آيو هو ائين ئي جيئن هو هميشه موڪلائڻ مهل، پنهنجي گهر جي دروازي تائين ڇڏڻ ايندو هو. خبر ته هئي ته اهو ياڪر شايد اسان جو آخري ياڪر هجي، پر پوءِ به مون سندس اکين ۾ ڏسي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏني هئي ته ڪيس ڪجهه به نه ٿيندو ۽ هو هڪ ڀيرو وري موت کي شڪست ڏئي، چام شوري جي هوائن ۾ موٽي ايندو.
”ڪهڙي خبر هئي“ اهو چوڻ منافقت آهي. سيني کي سڀ خبر هئي، پر ان خبر جي باوجود به اسان مان ڪير به ڪجهه نه ڪري سگهيو. ڪوششون ته گهڻيون ئي ٿيون، پر ڪوششن جو ڪو اثر نه ٿيو. بس، آسرن ۾ ئي رهجي وياسين. ڪڏهن دوستن جي مدد جي آسري ۾ ته ڪڏهن رياستي حڪمرانن جي آسري ۾! پر، طارق سمجهي ويو هو ڪيس پنهنجي دوستن جو ائين آسرن ۾ رهڻ پسند نه آيو ۽ ان رات، هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو شايد، ته هاڻي وڌيڪ آسرو ڪرڻ مناسب نه آهي ۽ هن هڪ لحظي ۾ سيني جا آسرا لاهي ڇڏيا هئا.
پيارا طارق، اسان سيئي تنهنجا قصوروار آهيون يار. اسان تو سان ايترو پيار ڪرڻ جي باوجود به تنهنجي لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهياسين!
طارق! مون کي ان ڳالهه جو اعزاز حاصل آهي جيڪو رهندي زندگيءَ تائين حاصل رهندو ته مون نه صرف ڪهاڻي لکڻ تو کان سکي هئي، پر مون کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ اتساهيو به تو هو. ”ڪچي پڪي شاعريءَ کان گهڻو بهتر آهي ته سال ۾ هڪ

ٿي سهي، پر سٺي ڪهاڻي لکڻ گهرجي“. مون کي تنهنجا چيل اهي لفظ اڄ به ياد آهن. ۽ مون کي ان ڳالهه جو به اعزاز حاصل آهي ته سواءِ هڪ ٻن جي، منهنجيون سموريون ڪهاڻيون ڇپيون به تو هيون ۽ هر دفعي، ڇپجڻ کان پهرين، منهنجي هر ڪهاڻي جڏهن تنهنجي نظر مان گذري ايندي هئي، تڏهن ائين لڳندو هو ڄڻ پوڊيسر جي تلاءَ مان وهنجي نڪتي هجي. منهنجي هڪ ڪهاڻي جڏهن هڪ هنڌ اٽڪجي وئي هئي ته ان کي مڪمل به تو ئي ڪيو هو. پر نه، منهنجي هر ڪهاڻي مڪمل ٿي تو ڪئي هئي، لکي به تو هئي، پر قلم منهنجي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو هيئي! منهنجي ڪهاڻي، ’سوڙهي گهٽي‘ کي مهراڻ ۾ ڇاپڻ جي نتيجي ۾ تو کي هڪ روايتي انتها پسند ڌر جي طرفان سخت تنقيد جو مقابلو به ڪرڻو پئجي ويو هو ۽ تو مون کي ٻڌائڻ کان بغير ئي ان تنقيد جي ٽڙ کي تختا تختا ڪري ڇڏيو هو.

ايڏو پيار، طارق! مان ته ايڏي پيار جي قابل ئي نه هئس مٺا! پر، تو سان منهنجو اهو پيار، مون سان نه پر سچ سان پيار هو آرٽ سان پيار هو ڪهاڻيءَ سان پيار هو. ها طارق! هي اهو ئي پيار هو جيڪو مون کي تنهنجي ويجهو وٺي آيو هو. هي اهو ئي پيار هو جيڪو آرٽس فيڪلٽيءَ جي ورانڊن جي ڏاڪڻين تي ويهي تنهنجي ناول ’رهجي ويل منظر‘ پڙهڻ سان محسوس ٿيو هو ۽ پوءِ سڄي عمر تنهنجي پر ۾ ويهي تنهنجي وجود مان محسوس ٿيندو رهيو هو. هي اهو ئي پيار هو جنهن جي ڪري مون تو کي ڳولهي لڌو هو ۽ تو مون کي!


طارق عالم نامور اردو شاعر منير نيازي سان گڏ

پنهنجي آخري ملاقات ۾ تنهنجا چيل لفظ ۽ انهن ۾ شامل تنهنجي خواهش ته ”اياز تنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو اچڻ کپي“. هينئر به مون کي لفظ به لفظ ياد آهي. پر تنهنجي خواهش جي جواب ۾ مون به هڪڙي خواهش ڪئي هئي مٺا. ۽ اُها اِها هئي ته ”ضرور طارق! پر هڪڙو شرط آهي، منهنجي ڪهاڻين جو مجموعو جڏهن به تيار ٿئي، ان جو مهاڳ تون لکندين...!“ مان هاڻي پنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو ڪنهن جي لاءِ ڇپرايان طارق؟ پنهنجي سرجڻهار کان سواءِ منهنجيون ڪهاڻيون ڪهڙي معنيٰ ٿيون رکن!

طارق! ياد اٿئي نہ منهنجي پهرئين ڪتاب جو مهاڳ بہ تو ئي لکيو هو ۽ ان جي پڄاڻي نصير لکي هئي. ياد اٿئي نہ. تہ اسان تنهي ڄڻن محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي غم ۾ ڪيئن پنهنجي قلم کي پنهنجي رت ۾ ٻوڙي لکيو هو! مون کي ان ڪتاب لکڻ جي تسلسل ۾ تنهنجي گهر ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ نصير جي آفيس ۾ تنهنجا، منهنجا ۽ نصير جا ڳوڙها اڄ بہ ياد آهن. جيڪي محترمہ جي شهادت جي شام کان پوءِ شايد اڄ تائين بہ سڪي نہ سگهيا آهن. پر، افسوس، طارق، صد افسوس تہ تنهنجا ڳوڙها وقت جي انهن حڪمرانن کي نظر نہ اچي سگهيا، جن کي پنهنجا قلمدان، محترمہ جي شهادت جي ڪري مليا هئا! هي ڪهڙو ديس آ منا! هي ڪهڙو ديس آهي، جتي ڌرتيءَ ڌڻي ڪڏهن ڦاهيءَ تي چاڙهيا ٿا وڃن تہ ڪڏهن گولين ۽ بم ڌماڪن سان اڏايا ٿا وڃن تہ ڪڏهن وري لاوارث ڪري مرڻ لاءِ ڇڏيا ٿا وڃن! هي ڪهڙو ديس آ، طارق!

۽ ٻارهين جون جي ان ٽامو ٽي ويل منجهند مهل مون کي تنهنجي محترمہ بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀرڻ کان پوءِ لکيل نظم جا آخري لفظ ذهن تي تري آيا هئا. 'بينظير ڏنئي؟'

مان ڇا ڏسي ڇا ڏسان، طارق؟ مان جڏهن تنهنجي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿي پنهنجي ڪار ۾ ويهي ڪراچيءَ ڏانهن وڌان ٿو تڏهن. سنڌالاجي ڪراس ڪرڻ مهل، منهنجي ٿوهر ٿي ويل خشڪ ۽ نوٽ نڙيءَ ۾ هي سڏڪو ڪنڊا ٿي ٿو وڃي:

'طارق ڏنئي؟'

ها. مون طارق ڏٺو اهو طارق جيڪو صدين کان مون ۾ موجود هو ۽ صدين تائين مون ۾ موجود رهندو. اهو طارق جنهن کي ڪڏهن بہ ڪو موت ڇهي نہ سگهندو! طارق هماليہ کان بہ اڏول ۽ قدآور شخصيت آهي، هو اسان جي صديون پراڻي تهذيب ۽ تمدن جو علمبردار آهي. طارق جو سنڌ سان ۽ سنڌ واسين سان اٽاهہ گهرو رشتو آهي. سنڌو نديءَ جهڙو رشتو آهي ۽ اهو رشتو اوسيتائين زنده رهڻو آهي، جيسيتائين سنڌو ماتريءَ جي تهذيب زنده رهڻي آهي!



# ارڊوءِ سگهارو ڪهاڻيڪار!

شبانه سنڌي

ادي رضيه فون ڪري چيو: "سارنگا رسالي وارا طارق تي نمبر پيا ڪڍن، توهان به طارق تي ڪجهه لکي اماڻيو".

"حاضر ادي" چيم ۽ اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون.

ياد آيو هڪ دفعي طارق چيو هو: "اپريل ۾ منهنجو جنم ڏينهن آهي. توهان مون تي لکنديون؟"

بيحد خوشيءَ مان چيو هئم: "ها، ڇو نه. اها ته منهنجي خوشنصيبي آهي، توهان تي لکڻ جو موقعو مليو ۽ مان نه لکان. ائين ٿي نٿو سگهي".

پوءِ گهڻي ڪوشش ڪئي هئم، پر هيڏي وڏي ليکڪ تي لکڻ لاءِ مون کي اهڙا لفظ ئي نه پيا ملن، جن جي آڌار تي مان ڪجهه لکي سگهان ها.

ڪڏهن ڪڏهن ڪن شخصيتن آڏو سمورا لفظ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن. ڪي ڪي ماڻهو املهه هوندا آهن.

جنم ڏينهن جي حوالي سان، جي ڪجهه لکي سگهان ها ته منهنجي لکڻيءَ مان



فيروزه ميمڻ، نور الهدي شاهه، رخسانه عاقلاڻي، رضيه طارق، طارق عالم ۽ نصير مرزا

منهنجي خوشي صاف ظاهر هجي ها.

پر اج جڏهن قلم هٿ ۾ کنيو اٿم، ته منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا آهن. ڇو جو طارق عالم هاڻي اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو. ظاهر ۾ ته هو اسان کان پري هليو ويو آهي، پر پنهنجي لکڻين، ڳالهين، شخصيت ۽ مزاج جي حوالي سان اسان کي سدائين ياد رهندو.

منهنجي فيورٽ رائيٽرز جي لسٽ ۾ جيڪي نالا آهن، انهن ۾ نصير مرزا، محمود مغل ۽ طارق عالم نمايان آهن. انهن ٽن نالن مان وري طارق عالم جو نالو پهرئين نمبر تي آهي.

پڇو طارق عالم جو نالو پهرئين نمبر تي ڇو، ان جو ڪارڻ؟!

جواب ۾ مان اهو چوندس، ته طارق عالم سان مون جڏهن به ڳالهايو، مون کي پنهنجائپ محسوس ٿي.

طارق عالم سان ڳالهائيندي، آلاءِ ڇو ڪنفيوز نه ٿبو هو. هن جو دوستاڻو رويو اچا وڏيڪ اعتماد پيدا ڪندو هو. ائين لڳندو ئي ڪونه هئو ته ڪو اسين پنهنجو پاڻ کان وڏي ليکڪ سان پيا ڳالهايون.

شايد جاڻي واڻي هو ائين محسوس ڪرائيندو هئو ته جيئن اسين پنهنجي پوري اعتماد سان اپري اچون. طارق عالم جهڙو سگهارو ۽ ارڏو ليکڪ سنڌي ادب کي وري شايد ئي ملي سگهي!

هو سچ به وڏو ليکڪ هئو.

هو انهن مهان اديبن منجهان ڪونه هئو جن کي مٿي کنهڻ جي به فرصت ڪانه هوندي آهي. سندن هر گهڙي املهه. اهڙا اديب پاڻ کان ننڍن ليکڪن جي لاءِ ڪٿان ٿا وقت ڪڍي سگهن.

طارق عالم اهڙو ليکڪ هئو، جنهن سدائين ايندڙ ڏک لاءِ سوچيو هئو.

هو زنده دل انسان هو.

وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي، رستن تي رڙيون ڪندي، ڪڏهن ٻين تي کلون ڪندي، ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ٻين آ ڏو کل بڻائي، دل وندرائيندو رهيو.

طارق عالم انساني احساسن سان ڀرپور ڪهاڻيون لکندڙ ڪهاڻيڪار هئو.

سندس ڪهاڻين جا ڪردار اهڙا هوندا هئا، جو پڙهندڙ انهن سان پيار ڪندا هئا. سندس تخليق ڪيل ڪردارن جي ڪري پڙهندڙ کيس پوڄا جي حد تائين چاهيندا هئا.

سندس ڪهاڻين جا ڊائلاگ زباني ياد ٿي ويندا هئا.

ڊائرين ۾ جملا نوٽ ڪيا هئا.

۽ اهي جملا پڙهندڙ پنهنجي پريمين ڏانهن لکيل پريم پترن ۾ لکي موڪليندا هئا.

طارق جون ڪهاڻيون "ڪوئل"، "فريم"، "تڪنبا، چوڪنبا دائرا"، "پائلي"، "S.S.O"، "ٻڙ جڙوڻ"، "رات، سانت ۽ سوچون"، "ٽرئجبڊي" ۽ ٻيون انيڪ ڪهاڻيون اهڙيون آهن، جن کي هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ دل وري وري پڙهڻ چاهيندي

ڪهاڻي "فريم" جو علي ۽ "ڪوئل" جو درويش اهڙا ڪردار آهن، جيڪي وسارڻ سان بہ نہ وسري سگهن. طارق عالم جو لکيل ناول (رهجي ويل منظر) جنهن کي 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران سال 1985ع جو بهترين ادبي ايوارڊ مليو. سو جنهن بہ پڙهيو هوندو مان يقين سان چئي سگهان ٿي تہ ان کي ان ناول جهڙو ٻيو ناول پڙهڻ لاءِ نہ مليو هوندو نہ ڪڏهن ملي سگهندو.

طارق ارڏو، سگهارو ٻي ڊپو ڪهاڻيڪار هئو. هو خوشقسمت هئو جو ان کي ادي رضيہ جهڙي سليقي واري بردبار عورت جو ساٿ حاصل ٿيو.

چار شورو ڪراس ڪندي، مان سوچيندي هيس تہ ڪنهن ڏينهن ٿوري دير لاءِ طارق عالم سان ملندي ويندي‌س.

پر هاڻي جڏهن بہ چار شوري مان گذر ٿيندو منهنجون اکيون لڙڪن سان ڀريل هونديون. ۽ اهي لڙڪ اظهار هوندا پنهنجي پسنديده ليکڪ سان عقيدت ۽ محبت جو. ها، طارق عالم ڪڏهن بہ وسري ڪونہ سگهندو.

○ ○

افسانو

# ملاقات!



صائم جکرو

زندگي ڪڏهن ڪڏهن فرات نديءَ جي ڪناري تي بہ اڃايل رهجي ويندي آهي! (امر جليل)

آغاز اختتام...!!!

ڪارروائي فقط ٻن لفظن جو نچوڙ آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهي بہ لفظ طويل ڪهاڻيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن. زندگيءَ سان جڙيل هر سلسلي جي ڪڙي ٻن لفظن جو ڦير ڦار آهي.

"آغاز...؟" پر هي هڪ چريائپ ڀريو قصو آهي، جنهن کي انت ڪان شروع ڪبو. چو تہ هر اختتام هڪ نئين آغاز کي جنم ڏيندو آهي.

ها تہ خاتمو هن ريت هيو. تہ لاحاصلاتن جو سفر شروع ٿي چڪو هيو. "سمجهوتا" ڪرڻ جو ڍنگ سکي چڪا هئاسين. اسان جهڙو ٺڳ، فريبي دوکيباز شايد ڪو رهيو ئي نہ هيو- پر بيهو! اسان ڏانهن آڱر نہ کڻجو اسان فقط پنهنجي وجود سان، حياتيءَ سان ۽ پنهنجي جذبن سان ٺڳيون ڪيون آهن. ڪنهن بہ ٻئي سان نہ! ۽ ڪري بہ ڇا سگهون، دلبر اسان غريب ماڻهو آهيون...

"غريب" بيهو! هن لفظ کي ٿورو اٿلائي تہ ڏسون. وڏا گهرا واسطا آهن هن هڪ لفظ سان. واسطا ۽ رابطا. جڏهن رابطن جي ڳالهہ ڪيم، تہ ياد آيو تہ هاڻي

لفظ "غريب" سان رابطو ضرور رهندو پر "واسطو" نہ. لفظ رشتن ناتن جهڙا هوندا آهن پهريان گهرا واسطا ۽ پوءِ فقط رابطا ئي رابطا...

تہ ڳالهہ ڪئي پئي لفظ "غربت" جي، جنهن سان گهرا "واسطا" ڪئين "رابطن" ۾ تبديل ڪياسين.

ڪنهن جا چيل لفظ تہ "هن دنيا ۾ غريب فقط گڏهہ هوندو آهي."

غريب جي دل رکڻ لاءِ ئي چيو ويندو آهي.

غالب جي ياد اچي وئي، هائي ڙي ڀاڳ...

ہم کو معلوم ہے جنت کے حقیقت لیکن

دل کے بہلانے کو غالب یہ خیال اچھا ہے!

بهرحال هڪ لفظ مان تہ جان ڇڏائي وياسين، جيڪو زندگيءَ جو ناسور بڻجي پوي ها! دنيا ۾ غريب فقط گڏهہ هوندا آهن. هہ، ن، هہ، ن، ن، ن، ويچارو گڏهہ... ها ها ها.

(2)

"هر شخص پنهنجيءَ ذات جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهندو آهي. اسان جيڪو ڪجهہ ڏسون وائسون ٿا، اهو اسان جي شعور جو حصو آهي ۽ شعور هميشہ ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو.

منهنجيءَ نظر ۾ اسان صرف ٻن صورتن ۾ زندگي گهاري سگهون ٿا. هڪ يا تہ انٽرو ورٽ (Introvert) يا وري ايگزو ورٽ (exovert) ۽ منهنجي خيال ۾ آءٌ هميشہ انٽرو ورٽ رهي آهيان، پنهنجي من جي مانداڻ کي مچائڻ، آباد ڪرڻ ۽ جيئڻ، مون کي بيحد ان جي برعڪس، جو آئون هن ظاهري دنيا جو حصو بڻجي مشيني صورت اختيار ڪيان". ڳالهائيندي ڳالهائيندي آءٌ هُن(طارق) ڏانهن نهاريان ٿي، جيڪو پوري ڌيان، سان منهنجا "اقوالِ زرين" ٻڌي رهيو هو.

"تون ائين ئي سمجهہ تہ ڪجهہ اهڙا ڪردار بہ هوندا آهن جيڪي ٻاهرين دنيا جي رنگينين جو حصو بڻجي ويندا آهن. انهن ڦِڪين رنگينين کي ايڊاپٽ ڪري وٺندا آهن. پر "اندرونيت جا عادي" مون جهڙي چرپائپ رکندا آهن. وجود کي ريزا ريزا ڪري ڇڏيندا. پر ٻاهرين طور طريقن ۽ ماحول سان ڪڏهن بہ سمجهوتو ناهن ڪري سگهندا. اهو سندن ذهني ايڊاپٽيشن جو تصور هوندو آهي. هنن جي پنهنجي ڪائنات هوندي آهي. مستن وانگر جيئندا گهمندا، رُلندا وتندا آهن. وجود جي لاپرواهيءَ جي عروج تي پهتل، پر پين جي شديد پرواهہ ڪرڻ وارا...!

تون ٻڌين پيو منهنجي ڳالهه يا نه؟"

"هم.. هاڻ ها ٻڌم...پر اهو ٻڌاءِ هيءَ نڪ ڪٿان ورتو اٿئي؟"

عميشه جيان اڄ به اُهائي ڳالهه جيڪا هن جي ذات جو حصو رهي آهي، نيٺ موضوع تان هٽائڻ...

ڪِلي پيس. نهايت ادب وچان شرارتي انداز ۾ جواب ڏنم "بابا ڪان ورتم الله جو سُنهن."

جيڪو جواب عزارين ٻيرا ڏيئي چُڪي هيس.

سندس آفيس ۾ ٽيبل تي پيل ڍڳ ڪتابن کي ڏسندي پوءِ کيس نهارڻ لڳس.

ڪيڏو نه سفيق ۽ دل لڀائيندڙ انداز هو. سندس ذات ۾ هيڏي ساري عمر گذرڻ بعد به ضد اهوئي ٻارن وارو. 45 سالن جو "ننڍڙو ٻار" اکين ۾ ڏاهپ، ديوانگي، حيرت، چاهه، ناڪاميون، ڇا ڇا نه سمايل هو. پر جيڪا شيءِ سڀني کان واضح هئي، سا سندس نيٽن ۾ بي لوث ، بي غرض ڀرپور "محبت"!

"ڇا ٿي ڏسين؟"

"هان!" اچانڪ کيل سوال تي واڻڙن وانگر ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته چيم "ڪجهه نه سوچان پئي، هاڻي هلي آواره گردي ڪرڻ گهرجي، حيدرآباد جي روڊن رستن تي رلڻ تي دل ٿي چوي" منهنجي عجيب فرمائش تي ڪلي، پنهنجي "دلربا زال" کي ڪال ڪري ٻڌايائين ته اچڻ ۾ دير ٿي ويندي. آفيس مان نڪري ٻاهر بيٺل سندس گاڏيءَ ۾ ويناسين. جيڪا اڄ جي دؤر ۾ ڪارٽون نما تصور پيش ڪندي آهي. بهرحال، ماڻهو پيارا هجن ته شيون ازخود پياريون لڳڻ لڳنديون آهن. پوءِ اسان جي رولاڪين ۽ آواره گردين جو سفر شروع ٿيو. سڄو رستو مون کان پڇندو رهيو ته اڄ تنهنجي اکين ۾ ايتري ديوانگي ڇو آهي؟

ٽيڏيءَ اک سان ڏسندي کيس جواب ڏنم ته "چريائپ مون تي 24 ڪلاڪ حاوي رهندي آهي، پر ان جي تپش ڪڏهن ڪنهن لمحي ۾ سُور جي سٽن کي سهندي اڳئين ماڻهوءَ کي محسوس ٿي پوندي آهي، جيئن اڄ توکي ٿئي پئي محسوس."

مسڪرائي وڌائين. ته مُرڪ منهنجي مک تي به تري آئي. "ڇڏ ان ڳالهه کي، ڪو گانو ٻڌا يار." مون چيو. هن جي گاڏي سڄي پڳل تتل هئي، ٽيپ به نه هيوءِ سروس به پندرهين ڏينهن سندس پٽ زوريءَ ڪرائيندو هيو. آءٌ هميشه چوندي هيس، "ابا گهٽ ۾ گهٽ ٽيپ ته لڳا گاڏيءَ ۾، هل يلا في الحال گانو ٻڌاءِ". پوءِ ڳائڻ شروع ٿي ويندا هياسين. اسان جو پسنديده گانو:

جب کوئی پیار سے پاس بلائے گا
تم کو ایک شخص یاد آئے گا

دنيا کان بي پرواهه ٿي، زور سان ڳائڻ... اسان جي ٽهڪن جا آواز اسان جون

ڳالهيون، سڀ تہ گاڏيءَ جي اندر ئي هونديون هيون. "محبت" جو اهو باب تاريخ ۾ شايد پهريون پيرو ئي نظر آيو هوندو تہ اسان ۾ هڪ ٻئي سان پنهنجائپ جي انتها، پر دنيا جي پرواهہ ناهي! اهو اسان جو پسنديده جملو هيو.

(3)

هتي روز سبق نئون سکجي ٿو ۽ پاڻ سبق ٿي رهجي ٿو وڃي. انسان جهان جي مڪتب ۾، شاگرد بہ آ، استاد بہ آ!

هيءُ زندگي جو ڪلاس آهي، هن ڪلاس ۾ هر عمر جو ماڻهو شاگرد آهي. ننڍو وڏو پوڙهو پڪو سڀ ڪلاسي آهن، دوست، ساٿي، هڪ ٻئي سان اتڪيل، ڳنڍيل پر مڪمل طور تي ڪٽ جي واڻ وانگر چنل!

دوستو...

زندگيءَ جي هن مڪتب ۾ توهان کي هر اها شيءِ نظر ايندي، جيڪا توهان جي وجود سان ڳنڍيل هوندي. منهنجو هر جملو توهان جي اندر جو آواز هوندو سڏ ۽ پڙاڏو هوندو سور هوندا، تڪليفون هونديون، جذبا هوندا، جهالت، چريائپ، بيهودگي، بي حيائي سڀ ۾ شامل آ_ ڪرٽو فقط اهو آهي تہ پنهنجي ضمير جي اکين کي کولي ڇڏيو پوءِ چاهي ظاهري اکين کي ٻوٽي ڇڏيو. اندر جي غلاظت اندر ۾ رهندي تہ توهان کي سواءِ محرومين ۽ بي قدرين جي ڪجهہ بہ نہ ملندو. جاچ پڙتال ڪيو موازنو تجزيو پنهنجي اندر کي چيري ڦاڙي پنهنجي ضمير جو آپريشن ڪرٽو آهي. پريشان نہ ٿيو هتي ڪنهن بہ سپلي يا فيل ٿيڻ جوا صول ئي ناهي، ڇو نہ ئي آءٌ توهان کي گهٽ مارڪس ڏيڻ جو حق رکان ٿي. فيصلو توهان جي هٿن ۾، پر پنهنجي ضمير جي زبان، ضمير جي هٿان مارڪنگ ڪجو اميد آهي تہ ناحق ڊانڊلي نہ ٿيندي

حيران آهيو نہ، تہ ڇا ٿي ويو اچانڪ؟ اها منهنجي تيز گام اندروني غلاظت جي انتهائي غليظ بڪواس هئي، جيڪو ابا صفت ماڻهو (طارق) خاموشيءَ سان، سڪون سان پنهنجي آفيس جي ڪرسيءَ تي ويٺي ٻڌي رهيو هو. سندس چهري تي انتهائي پرسڪونيت جا پاڇا هئا، پر آءٌ لاوي جيان ٻري ۽ واڪا ڪري رهي هئس. هن جي سڪون ۾ ذرو بہ فرق نہ آيو هو. هيڏي ساري لفظن جي ڪارروائيءَ جي جواب ۾ ابتو سوال ڪيائين "هاڻي ڇانهہ پيئنديئن؟"

منهنجو ڪنڌ هاڪار ۾ لڏيو. خاموش رهيس. ڪتابن جا ڍڳ، دز متي، ڊوڙ پاسي ۾ ٻي ٽيبل تي ويٺل ڪلارڪ جنهن ڪڏهن بہ منهنجي انهيءَ بي تڪي ڳالهائڻ واري انداز تي اعتراض ڪيو هوندو نہ ئي ڪڏهن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي

هوندي. هو شايد اسان جي وچ ۾ هڪ شو پيس هيو جيڪو هميشه نئين ڇاپي جي پروف ريڊنگ ۾ ئي مصروف رهندو هو. آءُ حيران هيم ته ماٺيو اپتري به خاموش رهي سگهندا آهن! چانهه پيئڻ بعد آءُ آفيس مان بنا ڪجهه چوڻ جي نڪري هلي ويس.

(4)

چوندا آهن ته زندگيءَ سان جڙيل هر شيءِ يا ته اسان کي ڏاهيندي آهي يا وري ڍاهيندي آهي. ٽٽڻ ۽ جڙڻ جي سڄي ڪهاڻي اسان جي هٿ وس هوندي آهي. هاڻي سوچڻو فقط اهو آهي ته توهان کي نشانو بڻجي زندگي گهارڻي آهي يا فاتح ٿيڻو آهي!

مون به ائين ئي ڪيو. سڄي ساري پندار کي کولي رکيم. جيئن اسان جون وڏڙيون زماني جون رکيل هڙون کولي، وري ڏاهي جوڙي هٿ ڪري، سنڀالي رکنديون آهن. خبر پيم ته مسئلو سڄو "پارٽ سچاڻ" جو، آهي. پنهنجيءَ ذات کي احساس محرومين کان دور ڪرڻو آهي. چو ته جيئڻ جو حق فقط انهن کي ئي هوندو آهي، جن جي اندر ۾ جيئڻ جي سگهه ۽ جيئاپي جي اُميد هجي.

منهنجو ۽ ابا (طارق صاحب) جو رشتو به ڪجهه اهڙو ئي هيو. اسان جي وچ ۾ ڪو هڪ رشتو چئي نٿو سهگجي. اسان به ڪل رشتن جو مجموعو هئاسين. فرق صرف ۽ صرف عمر جو هيو. هو 45 سالن جو جنهن زندگيءَ جا ڏک سک تڪليفون ڏسڻ بعد پنهنجي منزل ماڻي هئي ۽ آءُ جيڪا 21 سالن جي ڇوڪري هيس. پر ان جي اڳيان شايد 50 سالن جي عمر جي سوچ رکندڙ. تنهن جي باوجود به اسان گڏ هئاسين. منهنجي ۽ هن جي منزل هڪ نه هئي، پر شايد اسان هڪ ئي رستي تي هلڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني هئي. ورلي ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي جنهن مون کي متاثر ڪيو هجي. هو مون کي هر روپ ۾ نظر ايندو هو. ڪڏهن پيءُ، ڪڏهن ماءُ، ڪڏهن دوست، ڪڏهن محبوب! عجيب سفر هيو. آءُ پنهنجيءَ ذات ۾ ايترو ته منجهيل هيس جو مون کي ٻاهر جي دنيا جي چمڪندڙ زندگي روشنين جي برعڪس اوندهه جو غار لڳندي هئي. آءُ ڇا هيس؟ ڇا آهيان؟ ڪا خبر نه هئي، پر فقط اهو ته آءُ چرپائپ جي حد تائين پنهنجو پاڻ کي misfit محسوس ڪندي هئس. پر ائين به نه هيو misfit ۽ exactly fit جي پينڊولينم تي لٽڪندي لٽڪندي، وقت جي ڪنهن اڻ ڄاڻ لمحي ۾ مون طارق (ابا) کي پنهنجو دوست، پنهنجو ساٿي، پنهنجو "پاڻ" بڻائي ڇڏيو هو.

صبح ڏهه بجي پنهنجي پر ۾ سنيري، سندس آفيس ۾ وڃي پهتي هئس. سلام دعا کان پوءِ ائين ڳالهائڻ لڳي هئس ته صدين جي سڃاڻپ آ. سالن جا وڇڙيل به اسڪولي دوست گڏيا هجن.

منهنجيءَ ذات جو وڏي ۾ وڏو جز اهو هيو ته آءُ هميشه پنهنجو پاڻ کي خود

اعتماديءَ جي ڄار ۾ ئي ڏنو آهي. ڪڏهن به هيڪ محسوس نه ٿيندي هئي. ان جي اڳيان، آفيس جي ٻاهران لان تي ويهي، مون ان سان سياست کان ويندي تاريخ تائين هر موضوع تي ڳالهايو هوندو. ان لاءِ نه ته مون کي ڪا ڄاڻ هئي، پر فقط ان لاءِ ته وقت اهڙو هيو جو اندر جي آنڌ مانڌ کي ڪڍڻ لاءِ واحد ذريعو ميسر ٿيو هو ۽ مون ڪنهن سڪٽي ٻار جيان پهريون ۽ آخري موقعو سمجهي، ائين ڪيو. لڳم ته متان به آءُ رهجي وڃان اڌوري، ڪنهن رهجي ويل منظر جيان...!

اسان 4 ڪلاڪ گڏ هئاسين. پر مون ابا کي ڳالهائڻ جو موقعو نه ڏنو. اها منهنجي عزت جي انتها ئي هئي جو آءُ ان کي "ابا" جو اعزاز ڏنو جيڪو هن بنا ڪنهن اعتراض جي قبول ڪيو. ديوانگيءَ جي حدن کي ڇهڻ لڳي هئس. هڪ لمحو به مون کان ڪسجي ويجي ها ته شايد اندر ۾ مس مس وساميل اڳرن جا ڍير ڀيهر دکي پون ها ۽ تڏهن ئي ابا چيو: "ڇانهه پيئندينءَ؟" اهو واحد جملو هيو جنهن جي ڇوڙ جو هو حقدار هيو ۽ بس!

ڪيس هڪ نظر غور سان ڏٺم. ائين لڳو آءُ ڄڻ مندر جي مورتيءَ جي ڪا پڳت هئس، جيڪا پنهنجي پوڄا پاٺ ۾ مشغول هئڻ ڪري، اچانڪ رنڊڪ وجهڻ تي ڳاڙها تارا، هيبتناڪ نگاهون ڪٽي، خلل وجهڻ واري کي گهوري رهي هجان.

چيم، "ها. گهراءِ."

پوءِ اسان اٿي، اندر آفيس جون سيڙهيون چڙهندي، ڪمري ڏانهن وڌياسين. مون هزارين ڀيرا پنهنجو پاڻ کي صليب تي ٽنگيل عيسيٰ جيان محسوس ڪيو هو. اذيتن جي انتها هوندي به منهنجي اندر ۾ به شايد عيسيٰ جهڙو هٺ هيو.

مجرائڻ!

هڪدم منهن تي مُرڪ تري آئي هئي يا وري طنز ڪئي هيم يا پنهنجي خيالن تي لعنت ڏني هيم، پاڻ ئي، سمجهه کان ٻاهر هيو. بهرحال، هو پنهنجي ڪرسيءَ تي وينو ۽ سامهون ٽيبل جي اڳيان پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو چئي، ڇوڪري کي ڇانهه آڻڻ جو چيائين. مون کي عجب ان ڳالهه جو هيو ته هن ڪو به سوال، ڪوبه اعتراض نه ڪيو هو. شايد هو منهنجي اضطراب کي سمجهي چڪو هيو يا وري سمجهوتو ڪري چڪو هيو. آرام سان هيڏانهن هوڏانهن جي ڪچهري ڪرڻ بعد جڏهن مون چيو ته توکي منهنجي چرين وانگيان ڳالهائڻ تي ڪاوڙ نه ورتي؟

کلي پيو. چيائين، "نه منهنجا ٻچا!

مونکي تنهنجي نڪ ۾ پيل ڪوڪي جي ڏنگائين، حرڪتن ۽ شرارتن ڪجهه ٻڌڻ ئي نه ڏنو. مان ته ڦلي جي بدلجندڙ رنگن سان ڪيڏي رهيو هئس ۽ تنهنجي مک تي

وڪرندڙ رنگن کان بہ حسين رنگ تنهنجي نڪ ۾ پيل ڦلي جا هيا. پلا! اهو تہ ٻڌاءِ اهڙو ٿاهوڪو نڪ ڪٿان ورتو اٿئي؟“

مون کان هڪدم ٽهڪ نڪري ويا هيا ۽ ٽهڪن جي گونج ۾ مون کي شدت سان احساس ٿيو تہ آءٌ شايد ٽهڪن جي معنيٰ کان ئي اڄ واقف ٿي آهيان. مونکي پنهنجو کلڻ ائين ئي محسوس ٿيو هيو ڄڻ آءٌ اڄ ئي کلڻ سکي آهيان، جيئن ڪو ٻار پنهنجي پهرين وک کڻي هلڻ سکندو آهي.

مرڪي، هميشہ جيان جواب ڏنم تہ: ”بابا کان ورتو اٿم.“

(5)

”هي اهڙو غليظ ۽ بدبودار معاشرو آهي، جتي ڪو بہ ماڻهو ڪنهن کي بہ خوش ڏسڻ نہ تہ چاهي ٿو ۽ نہ ئي برداشت ٿو ڪري. مون پنهنجي شعوري سفر ۾ اهڙا اهڙا ذليل ۽ ڪميڻا ماڻهو ڏٺا آهن ۽ بدقسمتيءَ سان انهن سان وقت بہ گذاريو آهي.“ ۽ آءٌ ائين چئي اوچنگارن ۾ پئجي ويس ۽ هو پريشان ٿي ويو. فقط ايترو چيائين،” Relax ڇا ٿيو اٿئي؟“ آءٌ آفيس کان ٻاهر سامهون سيڙهين تي ويٺي هئس ۽ هو منهنجي پير ۾ ٿورو پريرو ويٺل هيو. هن جو اهو چوڻ ۽ منهنجي ڪاوڙ تڏي تي پئي. لڙڪ لارون ڪري ڪرڻ لڳا. چيم:”ابا مون زندگيءَ ۾ هميشہ پنهنجو پاڻ کي مڃرائڻ چاهيو آهي. ان ڪري مون پنهنجيءَ ذاتي خواهشن تان بہ هٿ کنيو آهي. مان ڪاميابيءَ جي نشي ۾ ڌت آهيان، وڌڻ ۽ وڌندو رهڻ. آءٌ ڪڏهن بہ نہ چاهيندس تہ هڪ لفظ محبت جي پويان آءٌ پنهنجا نشا وڃائي ويهان، ڪاميابيءَ جو نشو وڌيڪ بهتر آهي. ان جي ابتڙ تہ لفظ محبت کي اگهاڙي نيلام ڪيو وڃي. تون سمجهين ٿو نہ منهنجي ڳالهہ؟؟؟

”ها، ها سمجهان ٿو پياري.“ هن جواب ڏنو.

”پوءِ تون ٻڌاءِ تہ ڇا ڪيان؟ دل چوي ٿي تہ ڊاهي رکان سڄي جهان کي، آءٌ هميشہ حد درجي جي جذباتي رهي هيس.“

”تنهنجي دل ڇا ٿي چوي هن وقت؟“

هو منهنجي ڳالهہ ٻڌندو رهيو ۽ بنا ڪنهن چڙ ۽ ڪاوڙ جي، پيار وچان سوال ڪيائين تہ اکيون پرجي آيون. چيم تہ ”دل چوي ٿي تہ سگريٽ پيان. ناڪامين کي اندر جي اڌمن کي دونهين سان گڏ اڏاري ڇڏيان.“ ڏاڍو سخت لهجو هو اندر ريزا ريزا ٿي پيو هو. ڌماڪا ٿيا هئا، جبل ڦاٽي پيا هئا. پر آواز اندر ۾ ئي گهُٽجي ويو. شرمساريءَ جو احساس اکين جهڪائڻ تي مجبور ڪري ويو نگاهون جهڪيل هيون تہ سندس آواز ٻڌم.

”اٿ! هلون، رلنداسين، سگريٽ پيئنداسين گاڏيءَ ۾.“

هو هميشہ کان اهڙو ئي رهيو هو. هر ڳالهہ کي سمجهڻ وارو، هن جي نظر ۾ ”غلط ۽

صحيح“ جو ڪوبہ معيار نہ هو. معيار هو تہ فقط جذبن جو ۽ وارداتن جو. هميشہ چوندو هيو جيئن دل چوي، ڪري وٺندي ڪر. تنهنجي اندر جو بار گهٽ ٿي پوندو. ۽ مون کي ايترو يقين آهي تہ تون هڪ بهترين ڇوڪري آهين. پنهنجي حلن جو خيال ضرور رکنديءَ

ان ڏينهن اسان ڏاڍو رلياسين. Midway تي ماني کاڌي سين. پوءِ Energy تان آئسڪريم بہ. ۽ هاءِ وي ڪراس ڪندي، مون زندگيءَ ۾ پهريون ۽ شايد آخري سگريٽ جو هڪ ڪش هنيو ۽ تڏي هوا جا جهونڪا اندر تائين لهي ويا. سڪون ئي سڪون هو پر ابا مون کان واعدو ورتو تہ زندگيءَ ۾ وري اها حرڪت نہ ڪجانءِ سمجهہ پهرين ۽ آخري ائٽي.

مون چيو”ها ابا۔ ها ابا....“

(6)

آءٌ ڳولا جي رڻ ۾ ايترو تہ رلي وئي آهيان، جو واپسيءَ وارو رستو بہ وساري ويٺي آهيان. ڳولا، وجود جي ڳولا، پنهنجي ڳولا، اڻ هوند جي ڳولا۔ پر ايو ڪجهہ بہ نہ!

ائين ئي جيئڻ تلخين ۽ محرومين جي خنجر هيٺ هزارين ٽيرا ڪپجي، ٽيهر جڙي پوڻ!

چرياڻپ!

ڇا آءٌ واقعي بہ چري آهيان؟

ابا توکي خبر آهي تہ آءٌ ڪڏهن بہ محبت جي قائل ناهيان رهي. ڇو تہ رواجي محبت ڪرڻ وارا ”لوئيا عاشق“ گهڻا ئي آهن. پر مون کي لوئيو عاشق ڪڏهن بہ ناهي وڻندو جنهن ۾ اظهار، تعريف ۽ ملڻ ملائڻ جا سلسلا هجن. مون وٽ محبت جو ”خيال“ هر ڳالهہ جيان هر ڪنهن کان مختلف رهيو آهي.

ابا ”محبت“ لفظ منهنجي لاءِ ڳجهارت تہ هيو پر ماٺهن لاءِ بہ ضرور رهيو آهي. هن آفاقي جذبي کي سمجهڻ وارو شايد هن ڌرتيءَ تي ڪير بہ نہ هيو. محبت ڪڏهن بہ مڪمل ناهي ملندي هڪ ئي روپ ۾. ڇو تہ خود خدا جي ذات محبت کي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، سندس محبوب پلي ئي محمد ﷺ آهي، پر محبت ”پنجتن پاڪ“ هئي، عليؑ خدا جي محبت ۽ محمد ﷺ محبوب آهي. فاطمہؓ خدا جي محبت ۽ محبوب محمد ﷺ، امام حسنؑ خدا جي محبت تہ محبوب محمد ﷺ. حسينؑ خدا جي محبت تہ وري بہ محبوب محمد ﷺ ئي رهيو. خدا پاڪ پنهنجي محبت کي حصن ۾ ورهائي، پنهنجي محبوب کي هر روپ ۾ ڏنائين. پوءِ اسان تہ عام انسان آهيون. محبت کي بينل پاٽي ڇو ٿا تسليم ڪيون؟ محبت وهڪرن جو حصو آهي.

آءٌ نئين دنيا خلقڻ جو حوصلو تہ نٿي رکان، پر پيار کي حصن ۾ ورهائڻ جو ڏانءُ رکان ٿي. ائين ڪٿي سمجهہ تہ ڪو شخص جيڪر منهنجو ”جنون“ بڻجي پوي، تڏهن

بہ تون منهنجو "سڪون" ٿي رهندين. آءُ غلط نہ هوندس, ڇو تہ آءُ جسماني سودي بازي کان پري آهيان. پر روحاني طور تي آئون تنهنجي لاءِ ۽ هن جي لاءِ "مريم" واري حيثيت رکندس۔ ابا ائين آهي, يا نہ؟

ابا! تون سمجهہ منهنجي ڳالهہ, بي انتها سحبت ۽ عقيدت انسان کي غرور جي سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيندي آهيان.

طبيعتن جيتري چرپائپ هٺ, هوڏ مون ۾ هيو ايترو شايد ڪنهن ۾ بہ نہ هجي, شايد تنهنجي پٽ هالار ۾ بہ نہ!

هالار جيڪو تنهنجيءَ نظر ۾ بي انتها محبت ۽ عقيدت واري حيثيت ماڻي چڪو آهي, اها فقط مون کي ئي خبر آهي۔ ۽ بلاشڪ تنهنجي ان سان عقيدت جو هجڻ ان ڳالهہ جو باعث بڻيو آهي تہ هو هميشہ منهنجيءَ نظر ۾ قابل احترام ۽ معتبر رهندو, تہ تنهنجي هالار سان محبت مون وٽ احترام جي صورت آئي آهي۔ تہ ڳالهہ سولي سمجهہ جهڙي آهي, اسان جي سوچ هڪ جهڙي, منهنجي اندازي موجب جيتري غلط آءُ آهيان, اوترو ئي غلط تون بہ آهين, مون ۾ ۽ تو ۾ ڪوبہ فرق ناهي... ابا, ها نہ!

(7)

میں اک شہر خراباں میں
فقیروں کی طرح دردر پھرا برسوں
دروں کی سرد دیواروں کے پیچھے ڈھونڈتا تنہا
میرے اُمید بَر آئی کہ اک دروازہ کھلا
اور
میں نے دیکھا وہ شناسا چاند سا چہرہ
جو شادابی میں گلشن تھا
میں اِک شام گدایانا لیئے اُس کی طرف پلٹا
تو اس نے زلف بے پردہ کے ہلکے سے اشارے سے
مجھے روکا اور پوچھا
کہو اے اجنبی سائل گدائے بے سر و ساحل
تجھے کیا چاہیے ہم سے
میں کہنا چاہتا تھا عمر گذری جس کی چاہت میں
وہی جب مل گیا تو اور کیا اب چاہیے مجھ کو
مگر تقریر کی قوت نہ تھی مجھ میں

فقط اک حرف نکلا تھا
لبوں سے کانپتا ڈرتا
جسے امید کم تھی اُس کے دل میں بار پانے کی
"محبت" لفظ تھا میرا
اس نے سنا روئی!

"ابا ڪيئن لڳو نظم..." مون هن کان پڇيو. هو گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو هو. جواب ڏنائين تہ "زبردست هئو. ٻچا خبر اٿئي، زندگيءَ جون سموريون خود غرضيون ان ۾ شامل آهن. هي ڪو نظم نہ آهي، پر معاشري ۾ ڦهليل اڻ ڄاڻائيءَ جو عڪس آهي، ان عڪس ۾ محنت، اميد، نا اميديون سڀ آهن. ڏس، شاعر ڪيترا تہ حساس آهن. نصير چوندو آ. تہ يار شاعر شيشي ۾ خوبصورت ڏار وجهي، اڻ منهيو عڪس ڇٽي ڇڏيندا آهن، يا شيشي ۾ ڏار وجهڻ جهڙا ڪم ڪندا آهن. گهرائي تائين هڪ عڪس ڇٽي ڇڏيندا آهن. اڄ مون کي نصير جي چيل ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ محبت جي تلاش واقعي انسان کي فقير بڻائي ڇڏيندي آهي. مون کي نصير جي لکين پيرا سمجهايل ڳالهہ هڪ لمحي ۾ سمجهہ ۾ اچي وئي. تنهنجي لفظن ۾ تہ ڳولا صدين جو سفر آهي ۽ ڳولي لهڻ بعد۔ اڻ ڄاڻائيءَ جو ۽ سڃاڻپ وڃائڻ جو درد عجيب هوندو آهي."

"يار! تون زندگيءَ جي خود غرضين جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟" مون هن ڏانهن نهاري گهٽيا انداز ۾ سوال ڪيو ۽ پوءِ منهن ڦيرائي گاڏيءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳس.

هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو تہ ويتر ڪاوڙ وٺي وئي. مون بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو هيو. گاڏيءَ جي رفتار کان تيز رفتار منهنجي زبان جي هئي، تلخين ڀريو لهجو.

"ابا، تون نٿو سمجهين. تون 50 سالن جو ننڍڙو ٻار آهين. زندگي فقط خود غرضي ناهي، زندگيءَ کي فقط خود غرضي چئي، تون ڪنهن جي نفيس احساسن جي مجروح ٿيڻ جو بدلو نٿو وٺي سگهين۔ يا (! زندگي الميو آهي) اڻ ڪٽندڙ صحرا تي رولاڪين جو سفر آهي. پائڻ وڃائڻ، وڃائڻ جو درد. حاصل ڪرڻ جو سُرور ۽ حاصلات کان پوءِ راس نہ اچڻ جو الميو زندگي آهي. ڇا مليو؟ ڇا ڪيو؟ ڇا هيو؟ ابا! سوال ناڪاميون، نا قدريون، مصلحتون، تهمتون، روح جون هزارين پيرا وڇايل تڏي تي تعزيتون، اهو سڀ ٿي تہ زندگيءَ ۾ شمار ٿئي ٿو. مسلسل ناڪامي يا ڪاميابي؟ سوالن باوجود پڻ سوال بڻجي پيا آهن. تون زندگيءَ کي فقط هڪ لفظ ۾ ذليل نٿو ڪري سگهين. هزارين لفظ آهن، يوڳنائون آهن، ابا! تون ٻار آهين، ٻار آهين... جسماني طور تي پڪو مرد، پر ذهني طور تي

اج بہ تنهنجو دماغ عام رواجي ماڻهوءَ وانگر سمجھوتو ڪري ويهي رهڻ وارو آهي. ابا! زندگي صليب آهي. ٿن حصن ۾ ورهائڻ بعد هزارين ذرن ۾ ورهائي ڇڏيندي آهي!"

آءٌ اج بہ جذباتي ٿي پئي هيس. جڏهن بہ تون اهڙي ڪا ڳالهہ ڪندو هئين. جتي تو گهٽتائي ڏيکاري هجي تہ آءٌ پنهنجو توازن وڃائي ويهندي هئس. چرين وانگر ڳالهائڻ جي جڙ پرمِتَ آهي. بس سيني ڪي ٻڏٽو آهي. جي نہ ٻڏندا تہ آءٌ شايد "پنهنجو پاڻ" ريزا ريزا ڪري ڇڏيان ها!

آءٌ خاموش ٿي وئي هئس. پر تو ڪوبہ جواب نہ ڏنو. مسڪراهٽ تنهنجي چپن تي هئي. تنهنجي عمر ۽ تجربو وڌو هيو پر منهنجي چريائپ قديم هئي. سنڌ جيتري قديم!

"ٻچا! تون هڪ آرٽسٽڪ ڇوڪري آهين. تنهنجي لهجي ۾ ۽ اکين ۾ ايتري ديوانگي ڇو آهي." هن پڇيو هيو.

"آءٌ ائبنارمل آهيان." مون آرام سان جواب ڏنو. تو مون ڏانهن نهاري نرميءَ سان چيو: "هر آرٽسٽڪ اَپروچ رکندڙ ماڻهو ٿورو گهڻو ائبنارمل آهي ٻچا."

تنهنجي لهجي ۾ ڪوبہ انتشار نہ هو سڪون هو بيئنل پاڻيءَ جهڙو...

(8)

ان ڏينهن آءٌ ڏاڍو ڪاوڙ ۾ هئس. ڊپارٽمينٽ ۾ ٽيچرس جو غلط وهنوار ۽ نخرا. ائين لڳندو هو تہ ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ نہ پر ڪنهن مدرسي ۾ ٿا پڙهون. ڪاوڙ ۾ ليب اٽينڊ نہ ڪيم. موبائيل پرس مان ڪڍي نمبر ڊائل ڪيم ۽ توکان پڇيم تہ ڪٿي آهين؟ تو جواب ڏنو تہ آفيس آهيان. پڇيم "مصروف آهين ڇا؟" تو چيو، "نہ تنهنجي لاءِ هر ڪم کي ڇڏي سگهجي ٿو هر مصروفيت ترڪ ڪري سگهان ٿو." چيم "ٺيڪ آهي. آءٌ پندرنهن منٽن ۾ اچان ٿي. منهنجو موڊ ٺيڪ ناهي." تو چيو "ٻچا! اچ تہ موڊ ٺيڪ ڪيون ٿا." آئون پندرنهن منٽن ۾ آفيس پهتس تہ سامهون ڪرولا گاڏي وٽ رش لڳي پئي هئي. جيئن ئي مٿي وڃڻ لڳس، توکي اُتي بيئنل ڏٺم. ڪنهن سان گڏ. تو مون کي بيهاري پنهنجي دوست سان ملايو جنهن جو نالو ح. خ هيو (جام شوري جو الوداعي ياڪر جو ليڪڪ) ۽ مون پنهنجو تعارف ڪرايو. ان بعد تو منهنجي واکاڻ ڪئي ۽ ان کي ٻڌايو تہ آءٌ "سنڌي ادب" جي ڪِيڙي جيان آهيان. ان تي مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. پوءِ مٿي هلي، تنهنجي آفيس ۾ وينس. تنهنجو اسسٽنٽ بہ پر ۾ رکيل ٽيبل ۽ ڪرسيءَ تي ويٺي پنهنجو ڪم ڪري رهيو هو. تون اچي ڪرسيءَ تي ويٺين ۽ پڇئي، "موالڻ چانهہ پيئنديئن؟" مون چيو"ها پيئندس. پر پهرين پاڻي گهراءِ اڄ لڳي آهي." پاڻي پيتم. تو پڇيو. "هاڻي ٻڌاءِ ڇا ٿيو؟" تہ آءٌ هڪدم چڙي پيس، ۽ چيم: "اهوئي ڊپارٽمينٽ جي بيهودگي. ٽيچرس جي Behave تي ڪاوڙ ٿي اچي، چريو ڪري ڇڏيو اٿائون."

توکان ٺهڪ نڪري ويا. هيڏانهن هوڏانهن جي ڪچهريءَ بعد ڳالهه انقلابي شاعريءَ جي نڪتي، تہ مون تنقيدي انداز ۾ اهو چيو تہ پي. بي شيلي ۽ شيخ اياز جيڪا بہ انقلابي شاعري ڪئي، ان ۾ طاقتور ۽ پُر اثر شاعري اياز جي آهي. ڇو تہ توهان انقلاب کي فطرت جو مثال ڏيئي، تبديلي جي تمنا نٿا ڪري سگهو جيئن (Ode to the west wind ۾ شيلي ڪيو. ڇو تہ انقلاب ۽ تبديليءَ لاءِ جوش ۽ جنون جي ضرورت هوندي آهي. هڪ عام ماڻهو شيلي جي ڪيل ڳالهه "خزان کان پوءِ ايندڙ بهار" نٿو سمجهي. ان جي صورت ۾ تبديلي کي انقلاب جي علامت ڇوڻ اهڙو ڪو اثر ڇڏيندڙ ناهي. توهان انقلاب کي گلابن جو مثال ڏيئي وٺن، پوٽن جي اجڙڻ ۽ وري بهار اچڻ جي مثال سان نٿا سمجهائي سگهو. انقلاب کي رت، لڙڪن، ڏکن، تڪليفن جو مثال ڏيئي سمجهائي سگهجي ٿو. ڇو تہ رت جي باهہ وڌيڪ پُر اثر هوندي آهي، گلابن جي مهڪ جي مقابلي ۾! "

"لکڻ ڇو نٿي اسٽارٽ ڪرين؟" تو سوال ڪيو ۽ پاڻ ئي جواب ڏنئي تہ "وضاحت تمام سني ڏيندي آهين." مون هڪ گهري نگاهہ تو تي وڌي ۽ پورن ڏهہ منٽن لاءِ خاموش رهيس. تو ڪڏهن بہ منهنجي خاموشيءَ ۾ خلل نہ وڌو هيو. هو سدائين منهنجي ڳالهائڻ تائين انتظار ڪندو هئين. عجيب منجهي پئي هيس. هڪدم خاموشيءَ جا تاڪ ٽوڙي چيم:"آبا! بي حسي انسان کي بي موت ماري ڇڏيندي آهي. ڪڏهن خاموشين کي ماتم ڪندي ڏٺو اٿئي؟؟؟ ڪربلا جي ماتم کان بہ وڌيڪ ايذائيندڙ هوندي آهي. باقي لکڻ آءٌ ان لاءِ شروع نٿي ڪيان، ڇو تہ آءٌ جنهن معاشري ۾ رهان ٿي، ان معاشري جي اندر ايتري تہ غلاظت آهي جو چگين ڀلين حقيقتن کي افساني جو روپ ڏيڻو پوندو آهي. اسان جا ماڻهو افسانن کي تہ ان صورت ۾ انتهائي شوق سان قبول ڪري وٺندا آهن. پر حقيقتن کي تسليم ڪرڻ جو حوصلو انهن ۾ نہ آهي. اسان وڏين وارداتن کي، حسين حادثن کي هڪ "خيالي ڪهاڻي" ڪري، پنهنجي اندر جي اوبر ٻاهر ڪيدي ڇڏيندا آهيون. اسان جي باهہ بہ ناهي وسامي سگهندي، ويتر پيڙائن جو شڪار ٿيندا آهيون. صدين تائين لمحن ۾ سوچيندا آهيون تہ ڪاش! ڪو حقيقت سمجهي ان تي اظهار خيال ڪري، پر افسوس جو اسان افسانوي صورت ۾ ماڻيل اعزازن جا وڏا وڏا ايوارڊ کڻي بہ نامڪمل احساسن ۾ ٿي رهجي، گهٽجي ۽ پيڙجي ويندا آهيون- ۽ اسان جون سڀ کان وڏيون حقيقتون محض ڪهاڻيون بڻجي وينديون آهن. ۽ توکي خبر آهي تہ آءٌ حقيقت پسند هئڻ سان گڏوگڏ خود پسند بہ آهيان. منهنجو هٺ ۽ هوڏ مون کي لکڻ جي اجازت نٿا ڏين ۽ آءٌ جي لکندم تہ شايد دنيا جا حسين ترين ناول ۽ افسانا ڀيانڪ ڏائڻ جو روپ اختيار ڪري وڃن- ۽ آءٌ نٿي چاهيان تہ اسان جا حساس اديب انهن حقيقتن کي ڪهاڻين جا رنگ پرڻ کان عادي ۽ آجا ٿي وڃن.

آءٌ چاهيندم تہ هو ڪوڙئي ڪري حقيقتن کي اڳيان آڻيندا رهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو آءٌ قلم نٿي کڻان، ۽ شايد ڪڏهن کڻي بہ نہ سگهان...!

(9)

اسان جو معاشرو "اڌ رنگ" جو ستيل آهي. کليءَ تازي هوا ان جي صحت کي وڌيڪ خراب ڪندي

"ٻچا مون کي پنهنجي زال سان بيحد پيار آهي... ڪني مان فقير ماڻهو آهيان، منهنجي واتان نڪتل هر ڳالهہ سچ جي نشاندهي هوندو آهي."

"ابا آءٌ توکي لکي ٿي ڏيان، آءٌ ڪڏهن بہ نہ سڏرندس."

"ٻچا! جڏهن مان نہ هوندس، تون سڏري ويندينءَ..."

لفظ. جملا زئون زئون. ڍز ڍز....واڪا. رڙيون... هر شيءِ هڪ لمحي ۾ ربوائنڊ ٿي پئي هئي. ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هميشہ خاموش رهڻ وارو زندگيءَ کي بہ ايتري خاموشي ۽ سڪون سان ڇڏي هليو ويندو. احساس رُسي ويا. جذبا ڪاوڙجي ويا. منظر روئڻهارڪو هيو. پر اکين جا ڳوڙها ئي وهڻ کان انڪار ڪري ويٺا. لفظن جي ڪاوڙ ڏسڻ جهڙي هئي. اکرن جي انڪاري اقرار ۾ تبديل نہ ٿي. لفظ رُسي ويا. ساٿ هيو تہ خاموش سڏڪن جو... سڏڪا. هڏڪي، سڏڪا. هڏڪي... اکيون بند ڪيم تہ 13 ڊسمبر شام 6 وڳي پندرنهن منٽن تي ٿيل گفتگو (تعزيت ڳوڙهن جي) دماغ جي اسڪرين تي وجڻ لڳي. ڪنن ٻڌڻ کان انڪار ڪيو تہ ذميداري دماغ کڻي ورتي.

فون کڻي هيم تہ 'هيلو' چوڻ کان اڳ. هڪ 50 سالن جي معصوم ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌم. ڪنن کي يقين ئي نہ آيو. حيرت وچان چيم:

"ابا! تون روئين پيو... ڇا ٿيو؟" منهنجو ائين چوڻ تہ تون وڌيڪ واڪا ڪري روئڻ لڳين. مون هڪدم توکي چپ ڪرائڻ چاهيو. پر آءٌ اڄ پاڻ ئي ٻار ٿي پئي هئس. بس ايترو چيم. "ابا! آءٌ توکان ننڍڙي آهيان.. توکي ڪيئن چپ ڪرايان.." تون سڏڪن ۽ اوڇنگارن ۾ پئجي وئين.. ۽ ٻهريون ۽ آخري ڀيرو ائين ٿيو هيو. تہ تون ڳالهائين پيو ۽ آءٌ ٻڌان پئي. نہ تہ هميشہ آءٌ ڳالهائيندي هئس. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هيو. جڻ منهنجي اڳيان ڪنهن اهڙي شخص ڳالهايو آهي، جيڪو سالن کان گونگو هيو. پر بدقسمتيءَ سان آءٌ ٻوڙي ٿي چڪي هئس. رڳو ڳوڙها ڏنم. ڳوڙها ڳالهايم. ڳوڙها ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيم . تہ پوءِ تنهنجو آواز ٻڌم ۽ تنهنجا لفظ هيا. يا نوحو.. سمجهي نہ پئي سگهيم.

"ٻچا! مون کي روئڻ ڏي.. مان روئڻ ٿو چاهيان... مون روئڻ وساري ڇڏيو هو. مان ڪنهن جي اڳيان روئي نٿو سگهان، تنهنجي اڳيان روئي سگهان ٿو... اڄ روئڻ ڏي،

جيترا بہ ڳوڙها آهن. اندر ۾ سڀ هارڻ ٿو چاهيان. شايد آءُ اج ڪان پوءِ ڪڏهن روئي بہ نہ سگهان. توکي خبر آ، اج مون کي منهنجي ماءُ ڏاڍي پئي ياد اچي. مون کي هن مهل هن جي هنج ۾ سمهڻ تي دل ٿي چوي. اج مون کي پنهنجي ماءُ جو احساس تو ۾ ٿو نظر اچي. مون کي روئڻ ڏي.. مان روئڻ چاهيان ٿو..." ۽ طويل ڪال سڏڪن، ڳوڙهن جي حوالي ٿي وئي. مون ڪجهہ نہ پڇيو. نہ پرچايم، نہ ريجهايم. بس مون ڳوڙها ٻڌا، ڳوڙهن ڳالهايو، ڳوڙهن کي محسوس ڪيم، ڳوڙهن کي ٿي ڏٺم...

هڪدم اوچنگارون ڏيئي، روئي پيس. ڳوڙهن جي رُڪائي ختم ٿي ۽ منهنجا ڳوڙها ٻڌڻ وارو ڪير بہ نہ هو. اج مون ڳوڙهن جي زبان تي ڳالهائڻ چاهي، پر فون رسيو ڪرڻ وارو ايترو تہ پرني وڃي چڪو هيو جو شايد آءُ اوسيئڙو ڪندي ڪندي بہ رهجي وڃان... هو نہ ايندو.

"ٻچا! مان فقير ماڻهو آهيان. منهنجي هر ڳالهہ سچ هوندي آهي."

"ابا! آءُ ڪڏهن بہ نہ سڏرندم... لکي وٺ!"

" جڏهن مان نہ هوندس... تون سڏري ويندين ءَ..."!!!



# ڏس تہ پکين جا ڏانوَ

## (طارق جا هائيڪو)

امداد حسيني

سنڌي شاعريءَ ۾ "هائيڪو" کي نارايڻ شيام متعارف ڪرايو. پارس ـ صفت شيام پنهنجي ڇهاءَ سان انهيءَ صنف کي سون ڪري ڇڏيو.

ڏس تہ پکين جا ڏانوَ
اُڏندي هڪ ٻئي جي مٿان
ڪيئن نہ ڪن ٿا ڇانوَ.

شيام "هائيڪو" کي، نہ رڳو سنڌي شاعريءَ ۾ رائج ڪيو بلڪ ان کي مقبول پڻ بڻايو. شيام "هائيڪو" لاءِ سنڌيءَ ۾ جيڪو گورڙينو تخليق ڪيو اهو دوهي، ڏوهيڙي يا بيت سان ميل کائيندڙ هو. جنهن لاءِ اياز ان کي ڏيڍ تنگر بيت چيو هو! "شيام" انهن ٽن سٽن جي صنف کي ماترڪ ـ ڇند جي سٽاءَ ۾ آندو. ۽ پهرين ۽ ٻي سٽ ۾ يارنهن، ۽ وچين سٽ ۾ 13 ماترائون. پوري هائيڪي کي شيام 35 ماترائن ۾ آندو. ائين هن دوهي جي معياري بحر ۾ 11 ماترائن جو واڌارو ڪري، "هائيڪو" جو رشتو پنهنجي شاندار لوڪ ـ ڪلاسيڪل پرمپرا سان جوڙيو. اها هڪ بنيادي ڳالهہ آهي، جنهن سان توهين ساڳئي وقت قديم ۽ جديد ٿي وڃو ٿا ۽ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ ضروري آهي ۽ انهيءَ کي سمجهڻ لاءِ لوڪ ـ ڪلاسيڪل اتهاس جو اڀياس لازمي آهي.



طارق عالم ۽ امداد حسيني

۽ جيئن تہ اڳتي هلي، شيام جي ٺئي تخليقيل گهاڙيٽي کي، "هائيڪو" لاءِ معيار قرار ڏنو ويو ان ڪري "هائيڪو" جي چند چاڻ مهل بہ انهيءَ معيار کي ٺئي آڏو رکيو ويندو. اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ گهٽ انهيءَ معيار

ڪي تخليقي يا تجرباتي سطح بدران تقليدي سطح تي ڪنيو. ۽ اڄ هر ٽيون ماڻهو هائيڪو ٽيڙو يا ٽـ سٽي جو شاعر بڻجي پيو آهي. ۽ جيئن سحر پنهنجي ڪنهن ليک ۾ چيو آهي تـ "الوميان جو نالو وائي نـ آهي، نـ ٽي ٻن قافين جو نالو ٽيڙو آهي!" هوندئن تـ لوڪ ڪان نئين تائين، شاعريءَ ۾ قافئي جي واهپي وارو موضوع هڪ دلچسپ موضوع ٿي سگهي ٿو پر هتي مان رڳو سنڌي هائيڪو ۽ قافئي جي واهپي بابت ٿي ڪجهہ چوڻ چاهيندس.

شيام پنهنجي هائيڪو ۾ قافيو پهرين ۽ ٽين سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ رکيو-۽ شيام کان طارق عالم تائين، قافئي جي انهيءَ سٽاءَ کي ٿي گهڻي ڀاڱي قائم رکيو ويو آهي.

ويندي ويندي سڄ،
تارن جو آڪاس ۾
ٻج چٽي ويو نڄُ.

طارق عالم جو اهو هائيڪو سيني وصفين هڪ مڪمل هائيڪو آهي. ماترڪ چند تي پورو، سيني جو چاتل موضوع، معنيٰ جي گهرائي ۽ "ٽُز قافئي" جو واهپو. ساڳئي وقت "ٻج چٽي ويو نڄ" ۾ ٻئي قافيي يا اندروني قافئي جو سٽاءُ بہ آهي. ۽ جڏهن طارق، اسڪرپٽ جي صورت ۾ مون کي اهو مجموعو ڏيکاريو هو، تڏهين بہ انهيءَ هائيڪو کي مون سندس مثالي هائيڪو چيو هو.

سانوري مُک ۾
ٻـ نيڻ جرڪن ٽا
تاندا جيئن رک ۾.

طارق عالم سيني هائيڪن ۾ قافين جو اهو سٽاءُ قائم نـ رکي سگهيو آهي. مثال طور 28 صفحي جي پهرئين هائيڪي ۾ رديف جو استعمال آهي:

امبر تارن ۾،
ڏيئا جليا ڳوٺ جا
ڪچن جارن ۾.

۽ 49 صفحي تي هيءُ هائيڪو:

خالي آگر ۾
پٽ تي پيلو پن
سانت پاڪر ۾.

۽ انهيءَ بيوٽي کي اُجاگر ڪرڻ هر سچي شاعر جي ذميواري آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ قافئي کي پنهنجي هڪ الڳ بيوٽي آهي. مکيہ سٽاءَ کان سواءِ ٻئي يا

اندروني قافين جو جڙاءُ، سون تي سهاڳي وارو ڪم ڏئي ٿو. دوهي وانگر ئي، هائيڪو ۾ به قافيا آڻجن ٿا ۽ انهن جو تز هئڻ ضروري آهي. تن سٽن ۾ به قافيا، جيترو اسان کي سولا لڳن ٿا، اوترو سولا نه آهن:

ماٺو ٽڪل هو،
روڊ سمورو خالي هو
پوئين پهر هو.

انهيءَ هائيڪي ۾ 'ٽڪل' سان 'پهر' قافيو آندل آهي، جيڪو صحيح نه آهي:

بالڪ خوف وچان
هيٺ نهاريو ڪڙڪيءَ مان
بينل فوجيءَ ڏانهن.

'وچان' ۽ 'ڏانهن' غلط قافيا آهن. صفحي 55 تي هيءَ هائيڪو آهي:

هڪڙي ڳوٺ وٽان،
ٽرين لنگهي تيزيءَ مان
ٻارن هٿ ڏوٽيان.

هڪ ته هٿ ڏوٽيا جي آخر ۾ "ن" نه آهي. ان ڪري "وچان" سان ان جو قافيو تُز نه آهي، بلڪ ان ۾ 19_6 واري فرق کان به وڏو فرق آهي. ٻيو ته هٿ نه ڏوٽيا آهن، ڪنڌ ڏوٽيو آهي. پر هتي جيئن ته مجبوري قافئي جي آهي، ان ڪري وٽان، مان_ سان ڏوٽيان قافيو آندو ويو آهي.

جيئن مون پهرين به چيو آهي، ته قافيو ضروري نه آهي، بلڪ شاعريءَ جي ڪنهن به صنف ۾ ۽ خاص طور تي هائيڪو ۾ اهو تاثر ضروري آهي، جيڪو ان جي ڪارج کي سدّ ڪري ٿو. پر قافئي کان اها بغاوت تڏهين ئي جائز ۽ ڪارائتي سڏي سگهجي ٿي، جڏهن توهان لوڪ_ ڪلاسيڪل ۽ نئين شاعريءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هجي ۽ توهان پاڻ به انهن سڀني تجرباتي مرحلن مان پار پئجي چڪا هجو.

مان هتي طارق جي هائيڪي جي حوالي سان صرف هڪ پهلوءَ "قافيو" تي ئي ڪجھ چئي سگهيو آهيان. موضوعن، گهاڙيٽي، ٻوليءَ جا پهلو اڃا رهيل آهن، جنهن تي شايد ٻيو ڪو دوست روشني وجهي.

هتي مان "مورن اوچا ڳاٽ" مان ڪجھ هائيڪو ٻڌائڻ چاهيندس، انهن مان ڪن جو ردم يا ماترائون توڙي جو هر سٽ ۾ الڳ آهن، پر اهي هائيڪا اهو ڀرپور تاثر ڇڏين ٿا، جيڪو انهن جو ڪارج سِدّ ڪري ٿو:

سانجهہ لڙيءَ جو
ويندڙ پاڇي تي
وڻ بہ واٽڙو.

سورج اُلهي ويو.
پوپٽ پويان نينگر و
پلجي ويو رستو.

آلا تي ويا پَٽ
آلي آڳر تي پيل
تيڏي سيڏي ڪٽ.

تنهنجو سارون،
سانجهيءَ جو آڪاس تي
ڪونجن قطارون.

قدرت جو منڊ،
لهر لهر تلوار
ماندي جو منڊ.

◇◇



# رهجي ويل منظر!

## (هڪ جائزو)

ڪيهر شوڪت

يورپ، آمريڪا، دنيا ۾ اڄ ڪٿائي ساهت (Fiction) جي صنفن ۾ ناول جي وڏي اهميت آهي، اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اتي ناول ٻين ڪٿائي ساهت جي صنفن جي ڀيٽ ۾ گهڻو لکيو ۽ پسند ڪيو ويجي ٿو پر سنڌيءَ ۾ ان جي ڀيٽ ۾ مخالف رجحان آهي. ان جا ڪيئي جائز ۽ ناجائز ڪارڻ آهن، جن جي ڇنڊ ڇاڻ ٽيڪ گهرجي، اپاءَ وٺڻ گهرجن. ان لاءِ اڄ جو وقت ئي اهم وقت آهي، پر بدقسمتيءَ سان ان تي اڃا ٻين گنڀير مسئلن تي سوچڻ جيان نہ سوچيو ويو آهي. ان جا بہ ڪارڻ هوندا آهن، انهن تي بہ اسان کي ئي سوچڻو پوندو. اسان لاءِ ڪو آسمان تان لهي ڪونہ ايندو. پر انهن مسئلن تي هن گڏجاڻيءَ ۾ ڳالهائڻ جي گنجائش ڪانهي. ان ڪري انهن ڳالهين کي ڇڏي، سنڌي ناول ڏي موٽڻو پوندو. سو بہ ڇڙو طارق عالم جي آيل ناول "رهجي ويل منظر" جي حوالي سان.



شاهد ڀٽو طارق عالم، ڪيلاش، ٻي صف ۾ بيدل مسرور، ڪيهر شوڪت

سنڌيءَ ۾ گهڻي وقفي کان پوءِ ڪڏهن ڪو ناول اچي ٿو. ان ڪري ڪٿ ڪرڻ ۾ ٻن انتهائن کان ڪم ورتو وڃي ٿو- يا تہ رديءَ ۾ اچلائڻ جهڙي ناول کي، شاهڪاريت جي صف ۾ ليکيو وڃي ٿو. ("ڪاهوڙي ڪجن" ناول لاءِ تاج بلوچ جي راءِ) يا تہ "شاهڪار ناول" کي لويو وڃي ٿو. (لڙهندڙ نسل تي رسول بخش پليجي جو تبصرو) - يا تہ اجان بہ ٽين انتهايت ڪنهن شئي جي صحيح ڪٿ نہ. پر وڌاءُ يا گهٽاءِ واري، مختلف خيالن، تعصبن کان متاثر ٿي ڪيل ڪٿ. جا ڪٿ اسان کي گهري نگاهہ وجهڻ کان سواءِ ئي نظر اچي سگهي ٿي. انهن انتهائن، انهن وڌائن ۽ گهٽائن کان پاسو ڪرڻ کان سواءِ، اسان نہ تہ پنهنجي تنقيدي ادب سان انصاف ڪري سگهنداسين، ۽ نہ وري شاهڪار تخليق سرجڻ ۾ ڪا مدد ڏئي سگهنداسين. ۽ انهن کي نہ ڇڏڻ سان اسان بہ طارق سان، نہ ٻين، نہ وري سنڌي ادب کي ئي ڪو اڳتي وڌائي سگهنداسين.

طارق جي "رهجي ويل منظر" کي ڪوشش ڪري، مان تنهي بدعتن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندس، پوءِ بہ سنڌي اديب هئڻ جي ناتي انهن بيمارين جو شڪار ٿي سگهان ٿو.

"رهجي ويل منظر" يونيورسٽيءَ جي ماحول ۾ ڇوڪريءَ، ڇوڪري سنجها ۽ پنهونءَ جي ڪرداري رويي جي موضوع تي لکيل هڪ ناول آهي. سنجها هڪ زماني شناس ڇوڪري آهي. يونيورسٽيءَ ۾ ان کان اڳ بہ هوءَ ڪيترن ڇوڪرن سان، ۽ پنهون سان ملڻ کان اڳ ۽ پوءِ بہ ڪار واري توڙي ٽيلي اسٽار ۾ دلچسپي وٺندي، ۽ انهن مان ڪا هڙ حاصل نہ ٿيڻ ڪري، آخر پنهون کي ئي پنهنجو ڀاڳ سمجهي، پنهونءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي. پر پوءِ هڪ ٻيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ صبا جي پنهونءَ ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ پنهونءَ جي دوست ناردنيءَ جي سازشن ۽ ساڙ ۽ ظهير جهڙي آئيڊيل ڇوڪري جي ملڻ ڪري، پنهون کي درد جي بگهڙن جي حوالي ڪري، ظهير ڏي هلي وڃي ٿي. پنهونءَ جي زندگيءَ ۾ بہ سنجها کان اڳ ڪافي ڇوڪريون آيون آهن ۽ پوءِ بہ صبا ڪافي ڪوشش ڪري ٿي. پر پنهون سنجها جي خوبصورت، اٽريڪٽو سيڪچوئل نہ هئڻ باوجود بہ صبا جهڙي سندر ڇوڪريءَ کي ڇڏي، سنجها کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو. ائين سنجها جي سيڊازم ۽ بيوفائي جو شڪار ٿي، اڻ سهہ ڏک ڀوڳي، سک جي تلاش ۾ ڀهاڙن تي هليو وڃي ٿو. هونئن ناول ۾ ٻيا بہ اهم ۽ غير اهم ڪردار آهن، پر ناول انهن مٿي ٻڌايل ڪردارن تي ئي جڙيل آهي. ۽ انهن مان بہ خاص ڪردار پنهون ۽ سنجها ئي ڇانيل آهن. ان خيال کان جيڪڏهن هن ناول کي پنهون ۽ سنجها جي ڪردارن جي اسٽڊي چئجي تہ غلط نہ ٿيندو.

هاڻي اسٽڊيءَ جي نگاهہ کان جڏهن سنجها جو ڪردار ڪڇجي ٿو تہ حيرت ۽ خوشي ٿئي ٿي. واقعي طارق سنجها جي حوالي سان اڄ جي نمائنده ڇوڪريءَ کي پيش

ڪندي ڪمال ڪيو آهي. هوءَ خوبصورت/ اٽريڪٽو ناهي تہ هن اها خامي پنهنجي بولڊنيسيءَ ۽ انٽليڪچوئلزم ۾ لڪائي آهي. هن جو زندگيءَ ۽ محبت کان مار کاڌي آهي تہ سيڪسٽ تي پئي آهي ۽ هر پل اِن سيڪيورٽيءَ جي شديد احساس هيٺ رهي ٿي. هن کان جو سندس منزل کسي وئي آهي تہ هن ان کي وساريو ناهي. هر وقت سندس سوچ، خيال ۽ خواب ۾ شهزادو بنگلو ڪار آهي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ ننڍيون وڏيون شڪستون، فاتحون ڏسندي، آخر وڏي لڙائيءَ کان پوءِ فتح حاصل ڪري، پوءِ ساهہ پئي ٿي. ان حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ ڪير مري ٿو ڪير جيئي ٿو ان جي هن کي پرواهہ نٿي رهي. سنجها جي ڪردار کي خوبصورتيءَ ۽ ڪلاڪاريءَ سان چٽڻ جي اصل خبر ناول کي پڙهڻ سان ئي پوندي- تہ ڪيئن پل پل، موقعي ۽ محل سان ڪردار جو قول ۽ فعل ۽ نفسيات ڦرندي گهرندي رهي ٿي. ۽ ڪيئن سندس ڪردار جي هر جهلڪ جسٽيفاءِ لڳي ٿي. ڪجهہ بہ جُڙتو ليکڪ طرفان مڙهيل نٿو لڳي. سنجها کي پڙهندي ۽ سمجهندي، احساس ٿئي ٿو تہ اسان جي سماج ۾ ايرنڊڙ اج جي ڇوڪريءَ جو حقيقي چٽر چٽيو ويو آهي. پر اهڙو گهرو احساس پنهونءَ کي پڙهندي نٿو ٿئي، لڳي ٿو.

پنهونءَ جي ڪردار سان صحيح معنيٰ ۾ انصاف نہ ٿيو آهي. ڇو تہ پنهون ڪو مسيت جو ڪڪ ڪونهي. هن جي زندگيءَ ۾ سنجهان کان اڳ بہ ڪافي ڇوڪريون آيون آهن ۽ انهن دوران سندس ڇواڻي سندس ڪردار سرحدون پار ڪرائڻ وارن جهڙو رهيو آهي. ۽ جنهن کي اهو بہ احساس آهي تہ "هڪ نہ هڪ ڏينهن تون بہ اڪيلو ڇڏي هلي وينديءَ" يا "جيڪا منهنجي شرٽ جا اهي بٽڻ جيڪي نڪيڙ کان بند ڪرڻ وساري ڇڏيندو هئس. پنهنجن هٿن سان بند ڪرڻ لڳي آهي. هلندي هلندي ڪنهن بہ اينڊڙ پل ۾ منهنجي هٿ مان هٿ ڇڏائي، مري جا گل ۽ جاءِ جو آٽو گراف ڏئي هلي ويندي" ايڏي تجربيڪار ۽ وڏي جاڻ رکندڙ ۽ مشاهدن ماڻيل ڪردار جو سنجها جي ڇڏي وڃڻ تي اهڙو جذباتي ٿيڻ، ايڏي ڏک ۾ گهيرجي وڃڻ عجيب ٿو لڳي. اهڙو جذباتي ۽ دکي هڪ سيڪڙات ۽ نويل تہ ٿي سگهي ٿو پر پنهون نہ- جنهن کي ان پيار دوران بيزاري، يڪسانيت ۽ ڏک جو مشاهدو حاصل ٿئي ٿو ۽ ان سان گڏ علي ۽ سندس گهر واري جي وهنوار ذريعي، پيار جي وهانءَ جي پڇاڙيءَ واري رنگ جو بہ مشاهدو ماڻي ۽ ان سان هوبي وفائي جي سُڌ نہ هئڻ تائين نارمل بہ رهي ٿو. پر ان کان پوءِ هن جو جذباتي ٿي وڃڻ. سنجها کي گهرائڻ ۽ پاڻ سان محبت جي اظهار لاءِ ايلاز ڪرڻ ۽ آخر ۾ پاڻ کي سنن عاشقن ۾ شمار ڪرائڻ لاءِ سنجها کي آخري ملاقات جي صدقي اسڪوٽر تي گهر ڇڏي اچڻ. اهو سڀ پنهون جهڙي ڪردار جي حوالي سان نيڪ نٿو لڳي. جي طارق کي پنهون جو ڪردار ائين ئي ڪٽڻو هو تہ هن کي پنهون کان سندس سموري جاڻ، مشاهدا ۽

تجربا ڪسڻ گهرجن ها. پوءِ ئي پنهون منڊ ڪان پچاڙيءَ تائين جسٽيفائيڊ ٿئي ها. باقي پنهونءَ جو آخر ۾ اينٽرو دڪي ۽ جذباتي ٽيڻ کي هڪ ناڪام عاشق بجاءِ اڄ جي ماڻهوءَ جي وجود کي بي وجود بنائڻ، ان جي بي عزتي جي احساس ۽ ان کي ٻاتالن ۾ ڪيرائڻ جي ڪري مچرجي. جذباتي ٽيڻ جي حوالن ڪان ڪٽجي ها تہ نہ رڳو پنهون جو ڪردار جسٽيفائيڊ ٿئي ها، پر ناول جي اهميت کي اجا بہ وڌائي ها. منهنجي خيال ۾ طارق وٽ ناڪام عاشق ۽ اڄ جو ماڻهو مِڪس ٿي ويا آهن. ان ڪري ئي هو پنهونءَ سان ڪجهہ ناانصافي ڪري ويو آهي. باقي پنهونءَ جو آخر ۾ پهاڙ تي وڃڻ ۽ سک ماڻڻ فطري آهي. اهڙو ڪردار پهاڙن تي ويندو يا ڪنهن بہ بئي هنڌ پري وڃڻ ئي پسند ڪندو. ان جو هن کي اجا بہ چاهڻ، انتظار ڪرڻ اهو سڀ هترادو پيدا ڪيل ۽ اسپاويڪ آهي. هونئن صبا وٽ پنهونءَ جو دک ۾ وڃڻ اسپاويڪ نہ آهي. پر صبا جو هن کي بيڊ روم ۾ وٺي وڃڻ، پيارڻ، پنهنجي مڙس کي بي انتها سنو ۽ مهان مڃڻ باوجود سِليپنگ گائون لاهي، هن کي پيار جي آڇ ڪرڻ غير حقيقي ۽ ناٽڪي ٿو لڳي. پاڻ ضروري هو تہ صبا جي حوالي سان پنهون اجا بہ زندگيءَ جي بين حقيقتن جو ادراڪ حاصل ڪري ها. صبا جي حوالي سان هو جذباتيت جو موت بہ ڏسي پئي سگهيو جيڪو ئي شايد سپاويڪ لڳي ها.

ناول جي ڪردارن جي اپياس ڪان پوءِ جڏهن بين ڳالهين ڏانهن اچجي ٿو تہ ڪل پئي ٿي تہ طارق هن ناول کي ايڊريسنگ/ مخاطب ڪرڻ واري انداز ۾ لکي، پنهنجي سجاڳ رچناڪار هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. هن پلاٽ، هن موضوع ۽ هنن ڪردارن لاءِ شايد ئي ڪو بيو فارم يا ٽيڪنڪ صحيح ٿي سگهي ها. هن انداز بہ ناول کي اثرائتو بنائڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي۔ ۽ جڏهن پنهون ۽ سنجها هميشہ لاءِ جدا ٿي وڃن ٿا. تڏهن ڊائري ۽ عيد ڪارڊ جي ذريعي پنهنجي نقطي نگاهہ کي پيش ڪرڻ، خود ليکڪ جي باشعور هئڻ جو ثبوت آهي. انهن کي هو پهريائين بہ پيش ڪري پئي سگهيو پر هن ائين نہ ڪيو آهي، سواءِ ڪنهن هنڌ ضمني طور پيش ڪرڻ جي. مواد جي خيال ڪان ناول تمام اهم آهي. عام طور اسان جڏهن بہ ڪنهن ڪتائي ساهت ۾ ڪو مواد پيش ڪندا آهيون، تہ اهو روايتي، ورجايل پاروتو ۽ بين تمام گهڻن جو ڪُتيل لِيکو هوندو آهي. پنهنجو شخصي يوڳيل، سمجهيل يا حاصل ڪيل نہ هوندو آهي. ۽ ان ڪري نہ ادبي مسرت حِظ ملندو آهي ۽ نہ وري ڪنهن ائين اڻ ٻڌل، اڻ محسوس ڪيل ڳالهہ جي ڪا سُڌ پوندي آهي. پر "رهجي ويل منظر" سنڌي ادب جي ان بِدعت ڪان تمام پري آهي. پڙهڻ سان نہ رڳو محفوظ ٿجي ٿو مسرت ملي ٿي، پر گهڻو ڪجهہ نئون ۽ گهڻن جو اڻ ٻڌل ۽ اڻ سمجهيل ملي ٿو۔ ۽ ان ڪري گهڻن جي پرمن کي ڏوڏيندڙ پڻ ثابت ٿئي ٿو. ۽ اها منهنجي خيال ۾، ناول جي خوبي ڪا گهٽ ڪانهي. تشبيهن کي جيتوڻيڪ اڄ جي

ڪتائي ساهت ۾ اهميت نٿي ملي، جيڪا اڳ هئي. پوءِ بہ تشبيهن جي پنهنجي خوبصورتي آهي. شرط اهو آهي تہ ليکڪ ان ۾ تخليق ڪان ڪم وٺي، هزارين پيرا ورجايل، اوير تشبيهون ڪتب نہ آڻي ۽ ان خيال ڪان اسان وٽ آڳرين تي ڳڻڻ جهڙا ليکڪ بہ ڪونهن. رڳو آغا سليم ۽ موهن ڪلپنا ئي آهن ۽ جديد حوالن جي خيالن ڪان تہ چڙو موهن ڪلپنا ئي آهي- ۽ "رهجي ويل منظر" سان ان ۾ طارق جو بہ اضافو ٿيو آهي. ڪلپنا ڪان پوءِ طارق ئي هڪ اهو ليکڪ آهي، جنهن جديد، نيون، خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن. سنجها جا ٿهڪ ڪارا گلاب جا گل ٿا محسوس ٿين. جي خوش ٿي لڳي، ڳاڙها گلاب آهن. هو دوست گلوڪوز جو پريل گلاس ٿو لڳي، اداس فرسٽيڊ چوڪريون فوٽ پاٿ تي رديءَ ۾ وڪامجندڙ ڪتابن جهڙيون ٿيون لڳن. رقيب وڏن بنگلن ۾ پلجندڙ فيشني ڪتا ٿي ويا آهن-اهڙيون ۽ ٻيون ڪوڙ نيون تشبيهون، اهو طارق ئي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

آخر ۾ مان چڙو اهو چوندس، تہ طارق عالم جو "رهجي ويل منظر" ڪجهہ خامين هوندي، گهڻين خوبين سان پريل ناول آهي. جي ههڙا گهڻي ياڱي ڪامياب ڪجهہ ٻيا بہ ناول لکيا ويا، تہ انهن جي اپياس، اتهاس ۽ روايت سان سنڌيءَ ۾ وڏا ۽ شاهڪار ناول جنم وٺي سگهن ٿا.

✠✠



# نوٽ بوڪ!
## (1977-79)

**طارق عالم**

هڪ ڏکي وڇوٽيءَ کان پوءِ حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٻيهر رنگ ڄمائڻ لڳيون آهن.

سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جي نڪوري ڪئنواس مٿان پهريان لفظن جا رنگ گول بلڊنگ ٽماڙ جي ڪمري نمبر 38 ۾ وکيريا ويا ۽ پوءِ هر اربع تي رنگ وکرڻ لڳا. (۽ وکرندا رهندا، اوسين، جيسين ادب دوست، ساٿين جو ساٿ رهيو.)

اڄ اربع آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ٻه ٽائيم پڇيم هڪ واٽهڙوءَ کان، چيائين: پوڻا پنج. ٻئي هٿ پينٽ جي خالي کيسن ۾ وجهي، گاڏي کاتي مان هڪ سئو ملي ميٽر جي اسپيڊ سان گول گلڊنگ ڏانهن جُوهه پاتم. ڇو ته ظفر حسن صاحب هڪ گڏجاڻيءَ ۾ قرارداد پاس ڪئي هئي ته "ٽائيم جو خاص خيال رکيو وڃي." اها ٻي ڳالهه آهي ته...! خير ڇڏيو ان ڳالهه کي. مان تيزيءَ سان گول بلڊنگ جا ڏاڪا ٻٽا ٻٽا اورانگهيندو ٽين منزل تي پهتس. ڏٺم بند ٽيل در جي ڪنڍي ۾ بند ٽيل ڪلف مون کي ڏسي جڻ ته مرڪي رهيو هو. جڻ ته چيائين پئي "احمق! هي آمريڪا ناهي." پٺيان سهيل سانگيءَ چيو "چاٻي ڪٿي آهي". پٺ ورائي ڏٺم سهيل سانگيءَ سان گڏ روپ جهولائي پنهنجين ڪمانيدار ڄاڙين پروئڻ سان ۽ خدا بخش ابڙو پنهنجي قد کان وڏين مڇين سميت ٻيئا مرڪي رهيا هئا. مون جواب سوچيو ئي پئي ته اڪبر جسڪاڻي ڪڇ ۾ سنگت جو فائيل هنيو اسان وٽ اچي بيهي سهڪڻ لڳو. مون، پڇيو "جسڪاڻي چاٻي ڪٿي آهي!" جسڪاڻي پنهنجي مخصوص انداز ۾ واڇون هيٺ ڪري، پرون مٿي ڇڪي، ذري گهٽ دڙڪو ڏيندي چيو: "مون کي ڪهڙي خبر!!" اسان ڪجهه سوچيون ئي سوچيون، ان کان اڳ نثار حسيني، پنهنجي پياري ٽيلهي سميت ته ماڙ جو آخري ڏاڪو چڙهي اسان ڏانهن آيو.

اسان سين ڪورس جي انداز ۾ نثار کان پڇيو: سائين چاچي ڪٿي آهي؟! نثار چيو: ”مون وٽ آهي“ نثار حسينيءَ جواب ڏيڻ بدران ڪلف ڪولي ڇڏيو ۽ پوءِ ٽهڪ ٽهڪ تي سڀ ايندا ويا. مون کان سهيل سانگيءَ، خدا بخش روپ جهولائي، نثار حسيني، اڪبر جسڪاڻيءَ کان پوءِ حڪيم ميمڻ پنهنجي مختصر هڏ ڪاٺ سان داخل ٿيو ۽ پوءِ اهڙيءَ طرح مدد علي سنڌي، عابد مظهر، قيس ابڙو منظور نظر، سرور سهتو مير فياض، ايم اي عالماڻي. هڪ ڳالهه جا مون نوٽ ڪئي آهي ته ايم اي عالماڻي صاحب جڏهن به گول بلڊنگ جي ته ماڙ پنهنجي ضعيف جسم سان چڙهي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيا آهن ته سنڌن منهن تي نوجوانن جهڙي جرڪ پئي بکندي نظر ايندي آهي. مان جرڪ اج جي نوجوان لاءِ نه استعمال ڪيو آهي: ڇو ته اج جي نوجوان جي منهن تي جرڪ جي جاءِ تي سانت پئي وسندي آهي. ايم. اي عالماڻيءَ کان پوءِ نصير ميرزا جيڪو نوجواني ۾ مرڻ جون سڌون ڪندو آهي، آيو. نصير کان پوءِ سراج جوکيو، اطهر قريشي، امداد حسيني. امداد مون کي نه فقط لکڻين ۾ شاعر لڳندو آهي بلڪ باءِ فيس به شاعر لڳندو آهي. واقعي امداد پنهنجن نظمن جهڙو حسين ۽ ڪرو آهي. (اهو منهنجو ذاتي رايو آهي.)

امداد کان پوءِ:

اهڙيءَ طرح اديب ۽ ادب دوست ايندا رهيا ۽ ويچارو فائيل هر ڪنهن جي هٿن ۾ گهمندو رهيو. ۽ پوءِ ڪنهن چيو گڏجاڻي شروع ڪيون؟! سڀئي تيار ٿي ويهڻ لڳا. مون کي لڳو ڄڻ ڪجهه دير کان پوءِ ڪا ايئر هوسٽس چوندي: خواتين و حضرات! فلائيٽ نمبر CCC لنڊن وڃڻ لاءِ تيار آهي. پر ائين بلڪل نه ٿيو. ڇو ته اهو ناممڪن آهي. سنڌي اديب ويچارو ته ٿرڊ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ جو مسافر آهي. اهو ڀلا فلائيٽ جا خواب ڪيئن ڏسندو. بهرحال ڪنوينر سيني جي هڪ راءِ تي فيصلو ڪيو ته اج جي گڏجاڻيءَ جي صدارت سائين حليم بروهي ڪندو. حليم ڀهرين حيران، پوءِ پريشان ۽ پوءِ عاليشان بڻجي ويو. سڀ کان پهرين روپ جهولائي پنهنجا ٽيڙو پڙهيا. جنهن تي امداد ٽيڙوءَ جي صنف تي ڳالهائيندي چيو ته روپ جا اهي ٽيڙو نه آهن. ڇو ته ٽيڙوءَ ۾ خيال جي گهرائيءَ سان گڏ صحيح لفظن جي سٽا ضروري آهي، پر پابندي هجڻ ايتري ضروري ناهي. امداد ڪيس صلاح ڏني ته هو انهن ٽيڙن کي ملائي، هڪ نظم ناهي ڇڏي. مدد امداد جي خيال جي تائيد ڪئي ۽ ٻين ساراهيو. حليم چيو. روپ جو خيال سنو آهي ۽ وٽس لفظ به آهن. ان کان پوءِ سراج جوکيي ڪهاڻي پڙهي. عالماڻيءَ چيو اها ڪهاڻي نه پر واقعو چئجي ته بهتر ٿيندو. امداد چيو بس رواجي ڪهاڻي آهي. موضوع ڪو خاص ناهي. بهرحال ڪهاڻي نيڪ ناڪ آهي. مدد چيو سراج سنو شاعر آهي. سندس هيءَ ڪهاڻي ڪو خاص تاثر نٿي ڇڏي. طارق هڪ ڳالهه جي وضاحت پڇندي سراج کي

چيو تہ: هڪ جملي ۾ تو لکيو آهي تہ فلائنگ وات واري نڪاءُ ڪيائي مانس. جڏهن تہ فلائينگ ڪِڪ سيني تي هڻبي آهي. حليم سراج جي ڪهاڻيءَ تي ڳالهائيندي چيو تہ ڪهاڻي سٺي لکيل آهي، پر جيئن تہ هن جو عنوان ٺيڪ ناهي، ان ڪري ڪهاڻي تاثر نٿي ڇڏي. حليم وڏيڪ وضاحت ڪندي چيو تہ ان قسم جون ڪهاڻيون اوهينري لکندو هيو. حليم هڪ ڳالھہ جي وضاحت ڪندي چيو تہ اسان گڏجاڻين ۾ سيڪنڊ نمبر تي رکيل ڪهاڻيون پڙهندا آهيون، فرسٽ نمبر تي رکيل ڪهاڻيون رسالن کي ڏياري موڪليندا آهيون! حليم ان جو سبب اهو ٻڌايو تہ اسان جا وڏا اديب چو تہ گڏجاڻين ۾ پنهنجون لکڻيون نٿا پڙهن، شايد تنهن ڪري

●

دنيا جا سڀ رشتا، سڀ ناتا ڏيکاءَ جا آهن، ڪاربن ڪاپي آهن. پيار جا، محبت جا، عشق جا فوٽو اسٽيٽ آهن۔ ۽ امر رشتو آهي، پيار جو. جيڪو ملائي ٿو سڀ سلسلا، رشتن ناتن جي زنجير کي. پيار منهنجو وجود آهي، اوسين جيسين مان آهيان. چو تہ جيسين مان آهيان، پيار بہ اوسين آهي. مون ۾ جڳ سمايل آهي، ۽ جنهن ۾ هوءَ بہ اچيو وڃي، جنهن کي مان پيار ڪريان ٿو. يا ڪٿي چئو جڳ ۾ مان بہ سمايل آهيان. حقيقت ۾ پيار نانءُ ئي آهي، سمائجڻ جو ڪنهن جي من ۾، ۽ سمائجڻ ڪو آسان ناهي. مسئلو ئي تہ سمائجڻ جو آهي نہ. love is life. اسان جن وجودن ۾ سمائجي نہ سگهندا آهيون، انهن سان آفاقي محبت ڪندا آهيون.

اڄ صبح کان ڪجھہ منجهيل منجهيل هيم (ڪجھہ وڃائڻ جو احساس). منجهند جو امداد سان ٿوري دير ڪچهري ٿي (ادب تي.) پوءِ سندس ڏنل 'مهراڻ' نصير مرزا لاءِ، وٺي گهر آيس. طارق شهزاد وٽ ويس. هن منهنجي پسند جو هڪ گيت ٻڌايو. لتا جي آواز ۾. مون کي ان گيت جي ٽِيون ۽ ٻول اڄ ڪلھہ ڏاڍا وڻندا آهن. وٽس وينو رهيس، من ۾ هورا ڪورا ٿيندي رهي. ڪجھہ نئون لکڻ لاءِ/ ڪجھہ نئون ڏسڻ لاءِ. طارق وٽ ئي بہ چار گرهہ ٻُڙڪائي، گهر آيس، جتي من ۽ سندس دوست منهنجي ننڍڙي قبر ۾ وينا منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. چو تہ گهر جون چابيون مون وٽ هيون. ڪجھہ دير وينا رهيا، پوءِ هليا ويا. اڪيلو رهجي ويس. پنهنجي ننڍڙي قبر ۾ پئي پئي سوچيندو رهيس. گهڻو اڳ هت سٽي ئي سٽي مٿان وهندڙ گهڙين جي پيڙا کي لفظن جو روپ ڏنو هوم:

"رات جي سانت ۾ بند ڪمري جي قبر ۾ سٺئون سڏو مڙدي جيان".

ڇت جي شهتير ۾ اٽڪائي دوڏا، من ئي من ۾ پنهنجي قبر جي ڏيھہ ۾ سوچ جي ٿاهي چڙهيل، لوچيان پيو، لڙڪان پيو، ڦٿڪان پيو. ساڳي ئي ڪيفيت اڄ بہ آهي. ڪجھہ ئي

فيصلو نہ ڪري، گهر کي تالو هڻي هلڻ لڳس. وک وک بهانا. هميشہ تکو هلندو اچان.
پر جڏهن پوڳيندو آهيان تڏهن (وک وک).
بس اسٽاپ تي پهچي، انتظار ڪندو رهيس.
بس آئي چڙهي پيس. ٻئي اسٽاپ تي قيس ۽ هدايت مليا.
هدايت پڇيو: ”لطيف ليڪچر ڪهڙي وقت آهي“.
تڏهن ياد چيم تہ اڄ تنوير عباسي لطيف تي ليڪچر ڏيندو.
چيم: مون کي تہ تون ٿو ٻڌائين تہ اڄ لطيف تي ليڪچر آهي ۽ ٽائيم جي خبر نہ اٿم.
سوچيم، مون جهڙي رف ماڻهوءَ کان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو نالو بہ وسري ويندو آهي، ٽائيم ڇا ياد رهندو. بس هلندي رهي، پوڳيندو رهيس.
دريءَ کان ٻاهر پٽ ڏانهن ٻوڙندڙ منظرن کي ڏسي، بس ۾ اڪثر اڻ کٽ Themes ذهن ۾ هري اينديون آهن۔ لهڻ کان پوءِ سڀ erase ٿيو وڃن. بس بہ تہ هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهن ۾ مختلف ماڻهو رهن ٿا (چڙهن ٿا.) هڪ هلندڙ شو. هر ذهن جا. آرٽسٽ، چور، ڪلرڪ، آفيسر، بي روزگار، پٽيوالا، پنگي، Show ڪندڙ. اڄ بہ هڪ سِين ڏسي، سوچيم مٿس لکندم. ٿيو ائين جو رش ۾ پهرين اسٽاپ کان هڪ پيرمرد چڙهيو جيڪو سڄو پئي ڏڪيو مٿي چوٽي کان وني ڳن جي پاپڙي ٽائين. پر ڪنهن بہ سُري جڳهہ نہ ڏني. ٻئي اسٽاپ تي هڪ نوجوان وَيل ڊريسڊ چڙهيو جنهن کي ٻن چئن اٿي، پنهنجي سيٽ جي آفر ڪئي. ليلڙاٽ ڪري، سائين هٿ اچو. اچو اچو هيڏانهن سر. احساس ٿيو اهي سڀ سندس ماتحت آهن. ۽ هي سندن باس. اسان سڀ سيلفش آهيون... حرامزادا. اسان وٽ اخلاقي قدرن جي اهميت گهٽ، عهدن جي وڌيڪ آهي.
ڪوهنور(سئنيما) وٽ لهي، خدا بخش وٽ ويم. جيڪو اڄ ڪلهہ پيسٽنگ ڪري رهيو آهي، هڪ رسالي جي. چو تہ هن جو بہ وڏو مسئلو پئسو آهي، سيني ماڻهن جيان. ڏٺم، ٿُورو لڳو پيو هو پيسٽنگ ٽيبل مٿان. هٿ لٽل هئس ڪنئور سان. ڏاڍو رحم آيو. کيس منهنجي اچڻ جو احساس نہ رهيو. پونڊو گهوريندي چيم، سوئر سدائين منهن مُونن ۾ هنيون وينو هوندين، ان کان تہ تغاريون هلي ڍوءِ تہ وڌيڪ پئسا ملندئي. اهي برش، رنگ، قلم ماري ٺاري ڇڏيندئي. مون ڏانهن ڏسي کلي پيو. چيائين، آهستي، نوڪري مان ڪڍائيندين ڇا.
چيم، پلي پيو ڊوڙ پاءِ، مان تہ وڃانءِ ٿو لطيف ليڪچر تي (هن ٽڏو ساهہ پريو.)
مان ڏاڪڻيون لهي هلڻ لڳس. ساڳي وک وک. مان، رستا ۽ گهٽيون. امداد چوندو آهي اڪثر، انسپائريشن ضروري آهي، تنهنڪري گهٽو رُلو ڳوٺن ۾ وڃو پيو نہ تہ ڪنهن وڏي چوڪ تي ويهي ماڻهن کي ڏسو. يا ڪنهن سستي هوٽل جي ڪن ٿاڙ

موسيقيءَ جي گوڙ ۾ ويهي پاڻ تي ضبط ڪري، چانهه پيو. پوڳيو لوڙيو ۾ لهو.

انهن ڳالهين ۾ مون کي امداد ۽ علي بابا نيچرل آرٽسٽ لڳندا آهن. جيڪي پاهران اڪثر ويل ڊريسڊ نہ هوندي بہ اندران ڏاڍا اجرا ۽ ويل رهندا آهن.

(اها منهنجي ذاتي راءِ آهي.)

ڪورٽ وٽان لنگهندي، پريان کان ڏٺم. هن کي، پنهنجي وڏي پيٽ ۾ هڪ ننڍڙي سان. هڪ ئي نگاهہ ۾ سچائي ورتومانس. مان جڏهن بہ من ئي من ۾ چاهيو آهي هن سان ملڻ، ملي ويو آهيان. (توهان کٽي اتفاق چئو.) هونءَ ٿيلي پيٿيءَ تي مون کي يقين آهي، سائنسي نقطي نگاهہ کان. ان کان اڳ جو هو مون کي ڏسي، مون مٿانئس نظرون هٽائي ڇڏيون. پڪ تہ هن بہ مون کي ڏسي ورتو هو. ساڻس نظرون ان لاءِ نٽي ملائڻ چاهيم، جو ٻن هفتن کان پوءِ جڏهن مان ٽيون ڏينهن موڪل وقت سندس اسڪول آڏو وڃي بيٺو هئس، تہ هن مون تي نگاهہ اڇلي بہ. ڪنڌ جهڪائي هلي وئي هئي، بنا مرڪڻ جي، بنا ڳالهائڻ جي. يلا جيڪڏهن هوءَ مون کي ڏسي مرڪي ها تہ سندس ڇا بگڙجي ها. مان هونءَ سندس ان مرڪ کي ڏسڻ لاءِ پنهنجو وقت سيڙائي ات بيهندو آهيان. ان ڏينهن ڏاڍو ڏک ٿيو هيم ۽ واپس گهر اچي سوَڙ پائي سمهي پيو هوم. سوچيو هيم، مان هن جو آئيڊيل ڪيئن ٿو ٿي سگهان. هوءَ ڏار سوسائٽي جي آهي ۽ مان...

هوءَ مونکي وڻندي آهي، فقط ان لاءِ جو سندس واسطو ان..... خاندان سان آهي. هوءَ اڪثر مون کي ملي ويندي آهي، فنڪشن ۾، گيٽ ٽو گيدر ۾. هونءَ بہ هوءَ بيحد پياري آهي، صفا اڇي گڏي، جنهن ۾ ساهہ پيل آهي. سُڌ اٿم تہ هن کي بہ سڌ آهي تہ مان ڪيس پسند ٿو ڪريان. عمر جي لحاظ کان سندس پيار ڪرڻ جو انداز بہ ڏاڍو پيارو ۽ معصوم آهي. يقين ڪريو هن کي ڏسڻ بعد منهنجو سڄو ڏينهن خوش گذرندو آهي.

فاصلو گهٽجي ويو هو. هوءَ مون کان پنج وکون پوئتي هئي ۽ مون محسوس ڪيو پئي، هن جون وکون ڏاڍيون سست هيون. سندس نظرون مون ۾ اٽڪيل. ٽن وکن تي هوءَ منهنجي سامهون اچي وئي. ۽ مان نگاهہ کٽي ڏانهس ڏٺو. هن ساڳي ئي انداز ۾ مرڪي چيو: "خوش آهيو! ڪهڙا حال آهن". منهن کان پيرن تائين اکيون ٻڌجي ويم. چيم: ٺيڪ آهيان؟ توهان ٻڌايو!! ساڳي ئي هڳاءَ ڏيندڙ مرڪ پکيڙيندي چيائين: ٺيڪ ٺاڪ. مون گهڻو ڪجهہ چوڻ چاهيو گهڻو ڪجهہ، پر ماٺ رهيم. سندس هٿ ۾ ڪون آئسڪريم جي اِسٽڪ هئي. رنگ برنگي ڪون سندس مرڪيوري هٿ ۾ اچي وڌيڪ سهڻو پئي لڳو. هن پنهنجن بنا لپسٽڪ وارن گلابي سنهن ننڍڙن چپن مٿان زبان ڦيري، آئسڪريم صاف ڪئي. سندس چپ جي کابي نوڪ تي معمولي لڳل آئسڪريم ان

آهيون. مون بہ بہ چار آفاقي محبتون ڪيون آهن. سنو طريقو آهي ناڪاميءَ کي ختم ڪرڻ جو. هونءَ بہ جيون رڳو ساپيا جو نالو ئي ناهي. سپنا بہ تہ جيون هوندا آهن. بلڪ جيون هوندو ئي سپنا آهي، ۽ ساپيا ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي.

تون مون لاءِ ساپيا آهين!

•

7.6.77

مون مٿان جنس ايترو سوار آهي، جو هاڻ سونهن ۽ جنس جو لِيڪو مون لاءِ بي معنيٰ ٿي ويو آهي. جڏهن تہ مون اڄ تائين ڪا ننگي عورت نہ ڏٺي آهي...

13...79ع

* ٽڪنديءِ ۾ ڦاٿل، گهر، شهر، ۽ گهر / يا رڳو گهر. سڀ ڪجهہ مايوس ڪندڙ. ڪنهن بہ هنڌ آرام جو احساس نہ ٿو ٿئي. هن وٽ وڃان؟ ؟ جڏهن وڃان تہ غلطيءَ جو احساس. ڇو آيم. نڪران، بوريت. ۽ ٻئي وٽ، ٽئين وٽ، ائين سيٽسفڪيشن جي ڳولا. صبح سان گڏ سفر ڪري شام جو واپس پنهنجي مارڳ تي اچڻ/ پوءِ جنگ، بند ڪمري جي قبر ۾ پاڻ سان. اڪيلي سر، هر موضوع تي، سيني دوستن کي بنا ارادي ياد ڪرڻ. نصير، خدا بخش، مانيٽو من... پوءِ... هوءَ- چاهيندو آهيان، روز ملڻ ساٿس، پر نہ ملندو آهيانس. چاهيندو آهيان، پيڙا پوڳڻ، Sadist جو آهيان، خوشيءَ ۾ بہ روئڻ. اجنبي سڀ ڪجهہ. ڳولا، دوستن جي هٿن ۾، مرڪن ۾، ڳالهين ۾، پنهنجائپ جي.

خبر پئي اٿم، اڄ شام جو هڪ نئين ڳالهہ جي گهر اچي، تہ هڪ ڇوڪري پراڻي سڃاڻون، مون ۾ انٽريسٽ وٺڻ لڳي آهي، هڪ ’مُندي‘ بہ اماڻي اٿائين.

پُرخلوص جذبن جي ڪابہ قيمت نہ هوندي آهي، سندس منڊي جي بہ قيمت جي ڪٿ نٿي لڳائي سگهجي.

مان هر ان ڇوڪريءَ ۾ انٽريسٽ وٺندو آهيان، جيڪا مون ۾ انٽريسٽ وٺي. one sided ڪرڻ جو حامي ناهيان، اڻ ڪٿ/ نہ مان آڱرين تي ڳڻڻ جيترين ڇوڪرين سان love ڪيو. پر جنهن جي بہ ويجهو ويو آهيان، سا اندران ڏاڍي خالي خالي لڳي اٿم. خالي مان آهيان، يا اُهي؟ بهرحال اسان مان ڪو تہ يقينن خالي خالي آهي.

شايد مڪمل ٿي نہ سگهان-

قبر تائين...

□□



# دوستن لاءِ!

طارق عالم

## علي بابا

علي بابا ڪھاڻيڪار آھي؟

ڪھاڻيڪار بہ اھڙو جنھن جي ڪھاڻين مان سرنھن جي گلن جي سرھاڻ ايندي آھي. اھڙيون ڪھاڻيون پڙھندي، مون کي لڳندو آھي جڻ اھي ڪھاڻيون علي بابا، اپريل جي مھيني ۾ سرنھن جي ڇانوَ ۾ ويھي لکيون ھجن ۽ سرينھن جي گلن جي سرھاڻ جو سمورو ساءُ سندس لفظن ڀنئور ٻڌجي، پنھنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيو ھجي.

مٿين ڳالھہ ان ڪري يقين سان چوان ٿو ڇو تہ مان علي بابا کي تڏھن کان سڃاڻان، جڏھن ادب جي ڦرھيءَ تي الف ب جي تختيءَ کي پڪو ڪندو ھوس ۽ عليءَ کي ڏسندو ھوس تہ ھو اڪثر علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جي ٿَلھي کي ٽيڪ ڏئي، سرنھن جي ڇانوَ ھيٺ اوڪڙو ويھي، گوڏن تي ورق ورائي پيو ڪھاڻيون خلقيندو ھو. تڏھن ئي علي بابا جون ڪھاڻيون، غير فطري محسوس ٿيڻ بجاءِ فطري لڳنديون آھن.

سندس ڪھاڻين ۾ جتي سرنھن جي گلن جي سرھاڻ ھوندي آھي، اتي ٽر جي پير ساڙيندڙ واريءَ جو تکو تاءُ بہ ھوندو آھي تہ ساڳي وقت سنڌوءَ جي ڪوراڙ لھرن جي ارڏائي بہ. علي بابا جون تاريخي ڪھاڻيون پڙھندي، سنڌ جي تاريخ ائين ظاھر ٿي پوندي آھي جيئن ڪڪرن ڇُٽڻ کان پوءِ سورج ست رنگي انڊلٺ ڪنھن تکي ترار جان نڪري نروار ٿي پئي.

مان ڪڏھن ڪڏھن سوچيندو آھيان، پٽ ڏٽي جيڪڏھن ڪھاڻيڪار ھجي ھا، تہ سندس نانءُ علي بابا ھجي ھا ـ ۽ جيڪڏھن علي بابا اڄ کان ٽي صديون اڳ جنم وٺي ھا تہ سنڌ ۾ ھڪ نہ، بہ عظيم شاعر ھجن ھا:

علي بابا ۽ شاھہ لطيف.

علي بابا سنڌي زبان جو اھو عظيم ليکڪ آھي جنھن ڪڏھن بہ اعزازن ڏي ناھي

واجهايو. هميشہ اعزاز ئي ڏانهس واجهائيندا رهيا آهن. جنهن لاءِ لفظ عظيم لکنديءَ مون کي ڪابہ هبڪ نٿي ٿئي. جنهن جي اڪ اعزازن ۾ نہ انسانن ۾ ڪتل هوندي آهي.

هو جڏهن مون سان هٿ ملائيندو آهي تہ منهنجي آڱرين ۾ تخليق وڃ جان ڏڙڪا ڏيڻ لڳندي آهي. هن سان ملي، منهنجو ذهن، منهنجيون آڱريون لکڻ لاءِ بيتاب ٿي وينديون آهن. هو ٻاهران ڪاوڙيل لڳندو آهي، پر سندس من ۾ پيار جا ڪنول ٽڙيل ملندا آهن.

ماٺهو چون ٿا، علي بابا چريو آهي. مان بہ چوان ٿو علي بابا چريو آهي، ڇو تہ هو اوهان جي وچ ۾ جميو آهي، جتي هر وڪ ڇمڇا گيريءَ جي گندي گٽر جو پاڻي هر طرف ڦهليل آهي، پر هو اڪيلو ان پاڻيءَ ۾ پوڻ ۽ هلڻ بجاءِ وڪ وڪ پٿر رکي، پاڻ کي بچائيندو هلندو رهندو آهي. ان دوران، ڪيترا ڀيرا ڪيس ڇڪي ڪيرائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي آهي، پر هو آهي، جو ڪِري ئي نٿو!!

•

## بيدل مسرور

هيءَ تڏهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان پرائمري ۾ پڙهندو هوس. جڏهن ڊيڪ ۽ اسٽيرو جو ڪورو ... ... هو.

تڏهن هڪ شام فزڪس ڊپارٽمينٽ جام شوري جي ٻاهران جڙيل اسٽيج تي بيدل کي ڳاڙهي ٽاءِ ۾ شيخ اياز جو ”ڦاشي ڪُتا“ گيت ڳائيندي ڏٺو هوم. ۽ مان واٽڙو ٿي ويو هيم. جڏهن هُنَ گيت جي شروعات ”ڦاشي ڪتا“ سان ائين ڪئي هئي. جو ”ڦاشي ڪتا“ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا پڙاڏجي ويو هو. جنهن ۾ انتهائي ڏڪار سمايل هئي. اهو ئي سندس ڳائڻ جو جديد ڍنگ هيو جنهن مون کي ننڍڙي لاڪون بيدل جي ڳائڻ جي انداز جو مداح بڻائي ڇڏيو.

اِيڪو ۾ ان زماني ۾ ڳائڻ فقط ۽ فقط بيدل جي وس جي ئي ڳالهہ هئي. بيدل جتي سنڌي راڳ کي هڪ نئين واٽ ڏيکاري آهي، اتي هُن سنڌي ٻوليءَ ۾ انقلابي گيتن ڳائڻ جو رواج بہ وڌو.

بيدل ڏانهن هڪ ٻيو ڪريڊٽ بہ وڃي ٿو اُهو اِهو تہ بيدل سنڌي راڳ کي هڪَ نئين سوچ عطا ڪئي.

مون کي ائين چوندي ڪابہ هبڪ نٿي ٿئي تہ لاشڪ شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جو سڀ کان سگهارو ۽ سنڌي شاعري کي نوان رخ ڏيندڙ شاعر آهي. اهڙيءَ طرح بيدل سنڌي راڳ جو سڀ کان سگهارو راڳي آهي، جنهن سنڌي راڳ کي نوان رُخ ڏنا آهن.

•

## مانيٽي اوٺي جي نالي

اڄ وري چاڪ چڪي پيا آهن،
بند نيڻن جا ٽٽي پيا آهن.
ياد جا قافلا اچن پيا اڄ،
رند پيرن جا ڊهي ويا آهن.
ناز تنهنجي جا حرف هڪ هڪ تي
گوليون ٻڌجي ڪپي ويا آهن.
رات، تنهائي، هوا، مان آهيان.
چنڊ جلاد ڪٽي ويا آهن.
پيچرا، جن تي گهمندو هئين، تنها
ڪچي ڏاڳي جان، ڇڄي پيا آهن.
ڪيڏو آ شهر ۾ سيڻ رستا –
قبر تنهنجي تي ڪٽي ويا آهن

•

## اياز گل

سنڌي ۾ شاعر ايترا آهن، جيتريون درياهه ۾ لهرون. اها ٻي ڳالهه ته انهن ٻي انت لهرن مان ڪي چند لهرون ڪناري تائين پهچي سگهنديون آهن.

ڇا اياز گل به ان درياهه جي ڪا لهر آهي...؟

منهنجو جواب ’نه‘ ۾ آهي.

اياز گل جي شاعري، ان ۾ به خاص طور تي غزل سر سبز پهاڙن جي هنج ۾، آرسيءَ جي سطح جهڙي پُرسڪون ڍنڍ مثل آهي، جنهن ۾ وڏا وڏا پهاڙ پنهنجو عڪس پسي سگهن ٿا. ۽ جنهن جي شفاف پاڻيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترا ئي شاعر وضو ڪري سگهن ٿا.

”ڏک جي نه پڇاڻي آ“

شاعريءَ جو اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو جيڪڏهن هٿن جي رحل ۾ ڪليل هوندو ته پڙهندڙ جي نيڻن رستي دل ۾ لهندو رهندو پر جي شيلف ۾ رکيل هوندو ته گلدستي ۾ سينگاريل گلن وچ ۾ ديسي گلاب جهڙو دلڪش نظر ايندو، جنهن ۾ مهڪ به آهي ته سونهن به.

•

## محمود مغل

1961ع جي بجاءِ 1940ع.

مان اج لفظن جي ڪابہ جادوگري نہ ڪندس. جڏهن تہ منهنجي قلم ۾ ايڏي طاقت آهي، جو هڪ جُملي کي فل اسڪيپ پنجن ڇهن پيجن تائين بہ پکيڙي سگهي ٿو.

مان رڳو توهان کي ايترو ٻڌائڻ ٿو چاهيان، تہ محمود مغل ـ شيخ اياز، نسيم کرل، غلام نبي مغل، حفيظ شيخ، آغا سليم، علي بابا (سندس ناول "موهن جو دڙو" کي ڇڏي) جمال ابڙي، عبدالقادر جوڻيجي، ماڻڪ، مشتاق شوري ۽ مدد علي سنڌيءَ کان ڪنهن بہ طرح وڏو ڪهاڻيڪار ڪونهي.

۽ محمود مغل - امر جليل کان بہ ان ڪري وڏو ڪهاڻيڪار ڪونهي، جو امر جليل کان هُنَ لکڻ جو ڍنگ سکيو آهي.

پر محمود مغل: نجم عباسي، حميد سنڌي، ظفر حسن، طارق اشرف، بشير مورياڻي، عبدالجبار شام، قاضي خادم، غلام رباني، ابراهيم خشڪ، جمال رند کان جيڪڏهن وڏو ڪهاڻيڪار نہ، تہ انهن کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ڪهاڻيڪار ناهي.

۽ محمود مغل 1961 جي بجاءِ جيڪڏهن 1940ع ۾ جنم وٺي ها، تہ منهنجي مٿين پيٽ مٿين نالن وارن ڪهاڻيڪارن، بزرگن کي ايتري بُڇان ڏيندڙ نہ لڳي ها، جيڏي هاڻ سُڌ پوڻ تي هو محسوس ڪندا.

•

## رسول بخش درس

جهمپير جون بہ وڏيون سچاڻپون آهن:
جهمپير جون ڪجيون ۽ رسول بخش درس.
رسول بخش ياريءَ ۽ ڪهاڻيءَ ۾
جهمپير جي ڪجين مان تيپو تيپو ٽي
ماٿين ۾ تمندڙ تاڙيءَ وانگر حواسن
تي ڇانئجي ويندڙ آهي.
رسول بخش جا دوست اج تائين
صحيح اندازو لڳائي نہ سگهيا آهن تہ
سگهاري سندس ڪهاڻي آهي يا سندس دوستي؟
پر اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي ايڏي چٽي آهي
جيڏا جهمپير جي اوير جا پهاڙين مان ڦٽندڙ

سچ جا پهريان ڪرڻا.

رسول بخش

دوستيءَ لکڻ، ٻنهي ۾ سگهاروءَ قد آور آهي.

•

## مهتاب اڪبر راشدي

مهتاب اڪبر راشدي نالو آهه
مندرن جي مقدس گهنڊ جي آواز جو
تيز بارش جي وڄايل جلترنگ جو
مهتاب اڪبر راشدي نالو آهه
نٿهڻ اسَ ۾ ڪنهن گهاٽي وڻ جي ٿڌي ڇانوَ جو
سنڌ جي ڳوٺ مان ٿڌندڙ باک جو
سنڌ جي ساک جو
مهتاب اڪبر راشدي نالو آهه
فنونِ لطيفه جي سنگم جو
۽
صداڪاريءَ جي جڳت ۾
امر آواز جو
صدين تائين ڦهليل ڪنهن پڙلاءَ جو....
صدين تائين ڦهليل ڪنهن پڙلاءَ جو....

•

## ڪيهر شوڪت

ادبي بحثن ۾ ڪيس ڪڏهن به اڇاترو ٿيندو نه ڏٺم. پنهنجي سوچ ۾ هميشه واضح رهندڙ هن قابلِ احترام شخص کي بحث دوران سامهون واري جي موقف کي پوري ڌيان ۽ سڪون سان ٻڌندي ڏٺم ۽ وقتائتو ۽ تز جواب ڏئي، عميق نگاهن سان مخالف کي گهوريندي به ڏٺو هيم. ڪيهر شوڪت جي نگاهه جيئن سندس اوچاڳيل آواز به هن جي شخصيت جو حصو هو.

ڪيهر شوڪت سان دوستيءَ واري سموري عرصي ۾ مان ڪڏهن به سندس زبان مان ڪنهن اديب لاءِ ڳٽا لفظ نڪرندي نه ٻڌا. جيتوڻيڪ ڪيترن اديبن / تنقيد نگارن، تنقيد جي نالي تي هن کي ڏکيو به هو. هن خواب جهڙي شخص ۾ سهپ ۽ درگذر حد درجي جي هئي.

ڪيهر شوڪت ڪهاڻيءَ جي دنيا ۾ پنهنجي راهه ٺاهي هلندڙ ڪهاڻيڪار هو. سادن سودن لفظن سان ڪري ڳالهه ۾ احساس جي جدت آڻيندڙ اسان جو هيءُ ڪهاڻيڪار پنهنجن همعصر اديبن ۾ بلڪل منفرد تخليقڪار هو. اِها انفراديت ڪيهر شوڪت جي ٽيلي ناٽڪن ۾ پڌري نظر اچي ٿي. خاص طور تي 1980ع جي ڏهاڪي دوران لکيل هن جا ٽيلي ناٽڪ، جيڪي محمد بخش سميجي جي پراڊڪشن ۾ پيش ڪيا ويا، انهن جديد رنگ جي ... ڪن نه فقط سنڌ پر پاڪستان کي سڪينا سمون جهڙي بي مثال اداڪاره سان متعارف ڪرايو.

مون کي فخر آهي ته مان به انهن چند خوشنصيب ليکڪن مان هڪ آهيان، جن ڪيهر شوڪت سان پنهنجي زندگيءَ جون اهم ترين گهڙيون گذاريون آهن.

●

## اسحاق سميجو

اسحاق سميجي سان پهرين ملاقات اڄ کان تقريباً پندرهن سال اڳ نصير سارنگ/ نصير ميمڻ جي وليمي تي هئي، تڏهن هو مون کي سامايل صحافي لڳو هو. هن جنهن بيباڪيءَ سان ٿالهه مان بنا چمچي جي روسٽ ڪٽي پنهنجيءَ پليٽ ۾ رکيو هو ان مان ٿورو به شعور رکندڙ ماڻهو سمجهي سگهيو پئي ته هجي نه هجي، اهو نوجوانڙو صحافي ئي ٿي سگهي ٿو.(سمورن حاضر ۽ غائب صحافين کان معافيءَ سان).

ان ملاقات کان پوءِ ملاقاتن جو سلسلو ٿورين ٿورين وٿين سان هلندو رهيو.

مٿي وقفي جي جاءِ تي وِٿي انهيءَ ڪري لکيو اٿم، جو خانداني منصوبا بنديءَ وارن ان لفظ جي معنيٰ ئي مٽائي ڇڏي آهي.

بهرحال، انهن وِٿين وارين ملاقاتن ۾ اسحاق جا گڻ ائين نکري نروار ٿيندا ويا، جيئن گهاٽي جهُڙ پنيان سورج جي ڪرڻن جا پڙڇ هڪ هڪ ڪري تجلا ڏئي، سورج جي آمد جو اعلان ڪندا ويندا آهن.

اسحاق يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران فيڪلٽيءَ جي انهن ڪاريڊورز ۾ شهزادن جيئن هڪ جيڏن ۽ جيڏين سان ٽڙندي ۽ ٽهڪندي نظر ايندو هو جن ڪاريڊورز جا ڪڏهن اسان به شهزادا هئاسين. ۽ بعد ۾ هو سلطنت جو هميشه هميشه لاءِ بادشاهه بڻجي ويو. ”جو ته هڪ بهترين استاد، پنهنجن لائق شاگردن جي دلين ۾ ڪنهن قابل احترام بادشاهه کان گهٽ اهميت نه رکندو آهي.“

اسحاق نئين پيڙهيءَ جو اڪيلو اهڙو تخليقڪار آهي، جيڪو هڪ ئي وقت نقاد ۽ شاعر آهي.

جيتوڻيڪ نقاد ۽ شاعر جو پاڻ ۾ بظاهر حُسين ۽ يزيد وارو تعلق آهي، جنهن ۾

فتح بهرحال حُسينيت جي ئي رهندي آهي. رهڻي آهي. ۽ رهندي

پر اسحاق جهڙو ذاهو ۽ منصف مزاج نقاد، يزيديت کان گهڻو پري ۽ حضرت علي ع جي ذاهپ، فهم ۽ اِدراڪ جي وڌيڪ ويجهو رهندو پيو اچي. تنهن ڪري ئي سندس تخليق ۾ لفظن جي چونڊ، اظهار کي هڪ نئين سگهه بخشي، کيس بين مڙني همعصر شاعرن کان مختلف ۽ منفرد بڻائي ڇڏيو آهي. اسحاق جي غزل جي هڪ سٽ آهي:

پيو تہ آهيان نديءَ ڪناري سان،
هڪڙو خالي گلاس آهيان تہ بہ.

نديءَ ڪناري هوندي بہ پاڻ کي خالي گلاس جهڙو محسوس ڪندڙ اسحاق جي اها اُڃ، هڪ سچي ۽ بيچين شاعر جي اندر جي ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ اُڃ آهي، جيڪا ڪائنس دل جي درد کان وٺي ديس جي درد تائين جهڙن موضوعن تي شاعري ڪرائيندي رهي ٿي.

۽ اها ئي اُڃ آهي، جنهن اسحاق کان هيءَ بي مثال شعر بہ لکرائي ورتو آهي تہ:

رات ڪولهڻ جي جسم جهڙي هئي،
چنڊ گدرو هو هن جي واڙيءَ جو.

۽ انهيءَ ساڳيءَ اُڃ کيس ڪيڏي نہ حسين وائي لکڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. هو چوي ٿو:

مون کي منهنجي ماءُ
ڊوليو سمجهي ٿي نٿو!
پيئڻ وانگي ٿو پيئي
آيل هي ايذاءُ
ڊوليو سمجهي ٿي نٿو!
ڇهڪي ڇٽرون ٿو ڪري
وڻ وڻ سان گڏ واءُ
ڊوليو سمجهي ٿي نٿو!
صدين تائين ٿو وڃي
صدمن جو ٿهلاءُ
ڊوليو سمجهي ٿي نٿو!
پايل ٿي سمجهي فقط
پيرن جو پڇتاءُ
ڊوليو سمجهي ٿي نٿو!

هن سموري وائيءَ ۾ خيال جي گهرائيءَ سان تمثار جيڪي استعارا اسحاق استعمال ڪيا آهن، سي فقط اسحاق جي تخليقي سگهہ جو خاصو آهن.

ساڳيءَ طرح اسحاق جي هڪ ٻئي نظم ۾ جيڪا نواڻ ۽ احساس جي جيڪا پرپوريت آهي، سا ٻه ڪيڏي نه روح ۾ وڏو وجهندڙ آهي. اسحاق چوي ٿو:

هيڏي اُڀَ جي چادر وندي
ڪيٽُ اهو ئي ننگو!
ڳتيءَ جو چيهاڙيون چولو
چيٽُ اهو ئي ننگو!
سمنڊ ٻه عيب ڍڪي ٿو پنهنجا
ٻيٺ اهو ئي ننگو!
شرم اکين جو اوڇڻ آ، پر
پيٽُ اهو ئي ننگو!

اسحاق جي شاعري پڙهي، منهنجو ايمان اڄ جي شاعريءَ تي پختو ٿيڻ لڳندو آهي. اسحاق سميجي جي شاعري سڌن سُرن سان وهنتل تہ آهي ئي، پر ان سان گڏ انساني احساسن جي شوخ ۽ گهرَن رنگن جي مختلف شيڊز مان جڙيل هڪ اهڙي وستي آهي، جنهن تي هڪ وار نظر پوڻ کان پوءِ ڏسندڙ سندس سحر مان پاڻ کي سولائيءَ سان آجو ڪرائي نہ سگهندو.

•



علي بابا ۽ طارق عالم شيخ اياز جي مزار تي

خاص ورق/ڪهاڻي



# اونڌهه جي پيٽ ۾!

طارق عالم



پٽريلو علائقو شهر کان ست ميل اوجهڙ ۾ هو. جتي مل جي مزدورن لاءِ ٺهيل ڪالوني هئي، جنهن ۾ مارڪيٽ، بئنڪ، اسڪول، مسجد ۽ اسپتال هئي.

ڪالونيءَ ۾ مزدورن جي ٻارن کي پڙهائيندڙ ماسترياڻيون، مسجد ۾ نماز پڙهائيندڙ پيش امام، ڊاڪٽر ۽ دڪاندارن جا پڻ گهر هئا.

ان کان سواءِ ڪجهه اهڙا به ماڻهو اچي رهيا هئا، جن کي شهر جي بدبودار ۽ گهٽيل ماحول کان چڙ هئي. اهڙن رهاڪن ۾ هڪ اپاهج فوجي ۽ هڪ سنهڙو ليکڪ پڻ شامل آهي، جيڪو گهڻو ڪري ڪڏڙيءَ جهڙي گهر ۾ بند رهندو هو. جيڪڏهن پر ساهڻ لاءِ نڪرندو به هو ته ٻئي ڪنهن پاسي وڃڻ بجاءِ شام جو مزدورن جي ڪچهريءَ ۾ رهندو هو. انهيءَ ڪالوني جي هڪڙي ڪوارٽر ۾ هو به ان سالن کان رهندو پئي آيو آهي. ستن سالن جو هو ته سندس خاندان هتي لڏي اچي رهيو هو.

پٽس مل ۾ مشين مين هو. مل جي پرزن کي هميشه موبل هڻي ٺاٺ رکندو هو.

ڪيس ڏسڻ سان ايئن محسوس ٿيندو جڻ پوڙهي مشين جي پرزن کي 24 سالن کان موبل جي جاءِ تي پنهنجو سمورو ست ڏنو هو. پوڙهي جي هڏائين مقبري جي گهگهه ۾ فقط هڪ ئي اميد جو ڏيئو ٽمڪيو ٿي ته سندس پٽ پڙهي وڏو ماڻهو ٿئي، تنهن ڪري ئي پوڙهي پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ ڪٽي، ڇوڪر جي پڙهائيءَ جي ڇپ پنهنجن نٻل ڪلهن تي کنئي هئي.

جڏهن به مل جا مزدور ڪو انگريزيءَ جو نوٽيس ڇوڪر کان پڙهائيندا هئا ته پوڙهي جو ڳاٽ فخر کان پاسيرو ٿي ويندو هو. ناسون ڦونڊارجي وينديون ۽ لِيڪُن سان جهنجيل منهن هڪ وار ٽماٽي جيان چلڪڻو ضرور ٿي پوندو هو.

منجهند جو ڪاليج کان بس رستي موٽيو ته سُستي جو احساس ٿيڻ لڳو. هو ماني کائي سمهي پيو.

شام جو ننڊ جي وٺشيا سندس بند ٿيل ڇپرن تان ڇپ هٽايا ته جاڳي پيو. سجاڳ ٿيندي ئي وياڪلتا جو احساس ٿيڻ لڳو. بلبن جي روشني، ٽي بي مريض جيان مرٽينگ محسوس ٿيس. هر شيءِ محور تان هٽيل محسوس ڪيائين. پنهنجو وجود شهر ۽ ڪالونيءَ جي وچ تي ٺهيل واپڊا جي ورڪشاپ ۾ بيٺل سالن جي سڙيل، ڪٽ لڳل ڪِرين جيان پيايائين. جنهن جي چوڦير ٻير جي ٽڪن ڪنڊن واري جهت ڦٽي آئي هئي. ڪِرين جا ڌرتيءَ جي انهيءَ ٽڪر مٿان جڻ ته بار هئي. ڪالونيءَ کان ڪاليج ڏانهن ويندي سڙيل ڪرين تي نگاهه پوندي هئس ته منهن تي ڏڪار جو تاثر ڇٽو ٿي پوندو هيس. ڪٽ لڳل ڪرين ڪيس فٽ پاٿ تي پيل ڇيڳرن جهڙي محسوس ٿيندي هئي، جيڪي نشي آور شيون واپرائي شهر جي معيار جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ فٽ پاٿن، رستن، گهٽين، گندگيءَ جي ڍيرن جيئن پکڙيا پيا هوندا هئا.

پاڻ کي ڪِرين جهڙو محسوس ڪري، بار جو احساس جاڳي پيس. اماسائيءَ جي وڌڻ سان سندس سمورو وجود وياڪلتا جي وڻ ويڙهي ۾ وچڙندو ويو. نهائين ۾ ڪوري جهڙي جر محسوس ٿيڻ لڳس.

هو گهر جي گهٽيل ماحول کان گهبرائجي، روح جي اتاولائي ميسارڻ خاطر نڪري پيو ۽ ڪالوني جي ٻاهرين روڊ تي ڪنڌ نوائي، وک وک جي پلڪندي هلڻ لڳو.

روڊ ون وي هيو. ٻنهي روڊن جي وچ تي مٽي وڇايل هئي، جنهن منجهه ڪٿي ڇانير، ٻوٽا ڦٽل هئا.

مٽيءَ جي ٻنهن پاسن کان سيمينٽ جو پلويڙو ڏنل هيو. مٽيءَ جي وچ ۾ ڪٽل

اليڪٽرڪ پولز جي ڊگهي قطار جنهن جا سمورا بلب ۽سامِيل هئا.

اسٽريٽ لائيٽ جي بند هجڻ سبب اونداهيءَ جو احساس وڌندي پاپائين. ٻنهي روڊن جي پاسن کان سڌو سنواٽو پٽ اوندهہ جي ڏنڌ ۾ غائب ٿيندو پئي ويو. تمام پريان ڪان مل جي درين مان ظاهر ٿيندڙ روشنيءَ جا ٽڪنڊا چوڪنڊا شعاع اندهہ جي وسيع چادر جي پلئہ ۾ سوراخن جيان لڳي رهيا هئا. تيز هوا جا چڙواڳ جهوتا پاڳل جيان اليڪٽرڪ پولز ۽ تاٽيل تارن سان سر ٽڪرائي، زوزٽ ڪري رهيا هئا.

هوا جي تکن جهوتن، رات جي اماسائي ۽ ڪليل پٽ گڏجي ويتر سندس پيڙا کي ڳوڙهو بڻائي ڇڏيو.

هٿ پڪيڙي، منهن مٿي ڪري، اکيون ٻوٽي ڊگها ڊگها ساهہ کنيائين. پر اندر جي اوتاولائي گهٽ نہ ٿيس.

ٻيهر ڪنڌ نوائي، وک وک پلڪڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن هوا جي تيز جهُوتي تي پير ڏرتيءَ تان اکلي ٿي ويس. هوا جي زور سبب ڪُبو ٿي پئي هليو.

پلڪندي، کيس ڪالونيءَ ۾ رهندڙ ليکڪ ياد آيو جنهن سان عليڪ سليڪ بہ هيس ۽ جنهن جون ڪهاڻيون ڏاڍي اتساهہ منجهان پڙهندو هو.

ڇا هر تخليقڪار تخليق کي خلقڻ خاطر پيڙا جي مائونٽ ايوريسٽ سَر ڪندو آهي؟ پاڻ کان سوال ڪيائين.

ها، تڏهين تہ مون کي ليکڪ قديم ثقافت جي کنڊرن جهڙو لڳندو آهي. شايد هميشہ ذهن جي کنڊرن ۾ زندگيءَ جي امر حقيقتن کي ڳوليندو رهندو آهي.

پاڻ کي جواب ڏنائين.

ياد آيس، ڪيئن نہ ڪالونيءَ ۾ رهندڙ مل جا بالا عملدار ۽ ڪامورا کيس ڪرپ وچان ڏسندا هئا.

اهو ليکڪ انهن ڪامورن ۽ آفيسرن جي اک ۾ ڪتر هو شايد انهيءَ ڪري، جو هو ڏتڙيل قوم جو ليکڪ هو.

پر هو تہ سندن ڪابہ پرواهہ نہ ڪندو آهي- هن پلڪندي، پاڻ کي چيو ۽ سوچڻ لڳو هر طاقتور ڪمزور کي مات ڪرڻ جي ٿي پويان ڇو رهندو آهي! کيس مل جا بالا عملدر شارڪ مڇين جهڙا لڳا ۽ مل ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ننڍڙيون مختلف قسمن جون مڇيون. هن کي پنهنجو پيءُ کيڪڙي جيئن محسوس ٿيو جيڪو جيسين پاڻيءَ ۾ رهندو آهي تہ ترندو آ، پر جڏهن ڪا ڇولي کيس ڪناري تي ڦٽي ڪري تہ

چمڪندڙ واريءَ مٿان اوسين پيو ئي رهندو جيسين ڪا ٻي ڇولي ٻيهر ڪناري تان ڪٽي واپس سمنڊ ۾ نہ هلي وڃي.

ڪالونيءَ جي اسپتال جو ڊاڪٽر ياد آيس. ڪامورن جي زالن کي پٽھرين چڪاسيندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مل جي آفيسرن سان گپ شپ ڪندو هو. کيس اسپتال جو پٽيوالو پڻ ياد آيو جيڪو مل جي مئنيجر جو خاص چمچو هو. هڪ ڀيري سندس ماءُ کي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ کان ڪان روڪيندي، ڌڪو ڏنو هيائين. سندس پوڙهي ماءُ منهن ڀر ڌرتيءَ تي ڪري پئي هئي. پوڙهي ان وقت پاڻ کي ڪالونيءَ جي عورتن ۽ مردن آڏو بي عزتو ٿيندي محسوس ڪيو هو. سندس دوا جي شيشي ڀڄي پئي هئي ۽ هوءَ دوا وٺڻ کان سواءِ گهر موٽي آئي هئي. اها ڳالهہ سندس ماڻس ڪانئس لڪائي هئي. پر مل جي هڪ نوجوان مزدور هن کي ٻڌائي هئي. ڳالهہ ٻڌندي ئي اندر ۾ تکي چر محسوس ڪئي هئائين. هٿ مهٽيندو اسپتال وڃي سيني سامهون پٽيوالي کي لتن، مڪن ۽ ٺونشن جي سيڪت ڏني هئائين، جنهن جي بدلي ۾ سندس پوڙهي پيءُ کي مل جي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو ۽ پٽس چپ چاپ نڪري آيو هو. ان وقت سندس پوڙهو پيءُ صفا ڪيڪڙي جهڙو لڳو هو.

مل جي سيني مزدورن کي مئنيجر جي اهڙي خراب هلت تي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي هئي. ٻن ٽن نوجوان مزدورن مئنيجر کي پنهنجيءَ پر ۾ گاريون بہ ڏنيون هيون. هونءَ بہ هو گارين ڏيڻ ۽ ڏک ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيا.

انهيءَ شام جو مزدورن جي ڪچهريءَ ۾ ليڪڪ آيو هو جنهن مل جي مزدورن کي الائي تہ ڇا چيو جنهن تي سيني مزدورن ٻئي ڏينهن مل ۾ هڙتال ڪري، مل مٿان قبضو ڪري، ڇت مٿان ٻيهي، منيون پڪوڙي پوري طاقت سان هڪ آواز ٿي، مئنيجر خلاف نعرا بلند ڪيا هئا. جنهن جو اثر اهو ٿيو جو مئنيجر کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ۽ پوڙهي مشين مين کي نوڪري ۾ رکيو ويو هو. کيس اهو ليڪڪ جيلي فش جهڙو لڳو جنهن انهن ڪامورن ۽ آفيسرن، جيڪي شارڪ مڇين جهڙا هئا، تن جي وٽ کان ٻاهر هو. ڪامورا ۽ آفيسر ڪانئس انهي لاءِ تہ ڪريپ ڪائيندا هئا جو هو سندن حيثيت کان ننڍو هوندي بہ، بيحد اوچو ۽ ارڏو آهي.

وک وک پلڪندي، کيس اها ماستريائي ياد آئي جيڪا پنجٽيهہ سالن جي هوندي بہ بيحد وڻندڙ نظر ايندي هئي- ۽ جيڪا پنهنجي هيٺئين مٿئين چپ تي تيز رنگ جي لپ اسٽڪ مکي، نت نوان فيشن ڪري گهمندي هُئي. جنهن لاءِ ڪالونيءَ ۾

مشهور هيو تہ هوءَ هڪ سئو ربئي ۾ ماڻهن کي سڄي رات، خوش ڪندي آهي. ڪاليج جي هڪ دوست جيڪو شهر ۾ ان ماسترياڻيءَ ٻئي گهر جي سامهون رهندو هو، تنهن ٻڌايو هئس تہ: سندس مڙس سيشن ڪورٽ ۾ جج آهي. جنهن مان هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ بہ هئس. ان جج ڪيس طلاق ڏئي، هڪ غير قوم جي مائيءَ سان شادي ڪئي هئي، جيڪا وٽس ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ آئي هئي. ماسترياڻي طلاق ملڻ کان پوءِ ٻي شادي نہ ڪئي. سندس پٽ ڪڏهن ڪڏهن پيءُ کان اک بچائي، ڪالونيءَ ۾ ڪيس ملڻ ايندو هو جنهن جي باري ۾ ڪالوني وارن جو خيال هيو تہ اهو ڇوڪرو سندس گراهڪن جون خبرون رسائيندڙ آهي. هڪڙي ڀيري جڏهن بس ۾ رش هجڻ ڪري پاڻ ليڊيز ڪمپارٽمينٽ کان چڙهيو تہ ماسترياڻيءَ جي مسلسل اصرار ڪرڻ تي پاسيرو ٿي ويهي رهيو. پنيان کن ماڻهن مٿن طنزيہ جملا پڻ ٽاڪيا هئا. پوءِ هوءَ اڪثر ساڻس ملندي هئي. ڪڏهن تہ ڏهہ ويهہ رپيا خرچي ڏيندي چوندي هيس:”ڪنهن بہ شيءِ جي گهرج هجئي تہ مون کي ٻڌائجانءِ“ الائي ڇو؟ ماسترياڻي بيحد سٺي لڳڻ لڳي هئس. اڪثر رات جو وٽس ويندو هو. ۽ پوءِ ٻئي ڪالونيءَ کان ٻاهر نڪري ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ماسترياڻيءَ کي ڳاني ٻڌائڻ جي فرمائش بہ ڪندو هو. ماسترياڻيءَ جي آواز ۾ مڌرتا محسوس ٿيندي هئس. هوءَ ڪيس هميشہ جيان هڪ ڏکوئيندڙ گيت ٻڌائيندي هئي ۽ هي اکيون ٻوٽي مونن ۾ منهن هڻي. آلاپجندڙ سُرن جي وهڪ ۾ ڪنهن اڻ ڄاتل ڏيهہ ڏانهن لڙهي ويندو هو. ڪنهن ڪنهن مهل هلندي، هوءَ تمام گهڻو ڳالهائيندي هئي. ڳالهہ مان ڳالهہ... جڻ تہ سندس اندر ڪو ٻي انت کوهہ هو. جنهن منجهہ نہ ختم ٿيندڙ ڳالهين جو ڏگهو زنجير لڙڪيل هو. ڪڏهن هوءَ ساڻس ڊوڙ پڄائڻ جي شرط رکندي هئي ۽ ڊوڙندي سهڪي پوڻ کان پوءِ، ڇڙوڇڙ ساهن سان ڪنهن وڏي پٿر تي ويهي، ٿهڪن ۾ ٻڏي ويندي هئي- ۽ ڪڏهن تہ اهڙي چپ ٿي ويندي، جڻ ان رات جي تاريڪي جو ئي حصو هجي. ان گهڙيءَ هن کي ڪانئس ڀؤ ٿيندو هو. ۽ جڏهن ماسترياڻيءَ جي اکين ۾ جهاتي پائيندو هو تہ ڪيس ماسترياڻيءَ جي اندر جي بي انت کوهہ ۾ لٽڪيل ڳالهين جو ڏگهو زنجير ڇڄل پاسندو هو- ۽ هي ان کوهہ جي وحشتناڪ خاموشي ۽ اُماسائي کان وحشت زده ٿي، منهن ڦيري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڀيري هوءَ ڪيس ڀاڪر پائي، زور زور سان روئي پئي. روئيندي ڀڙيون ڀيرو ڏنو هئائينس. پريشان ٿي ويو هو. ڪائي ڳالهہ نٿي سُجهيس. رات جي اونداهيءَ ۾ هن جا

سڏڪا وائلن مان نڪتل ڪنهن ڏکوئيل گيت جهڙا لڳا هئس. ان ڏينهن هي ٻ پاڻ سنڀالي نہ سگهيو ۽ چپ ڪيڏي روئي ڏنو هئائين. ماستريائيءَ سان روز ملڻ ڪري ڪالوني ۾ رهندڙ عجيب طنز گاڏڙ جملن سان آڌر ڀاءُ ڪندا هئس. فقط ليکڪ کان سواءِ پٽس ٻ ڏاڍو ننديو هئس. آخري ڀيرو ماستريائيءَ کيس ڪولي موڪلي، ڪالوني جي ننڍڙي اسٽيشن تي گهرايو هئو. اسٽيشن تي ويو هو. ماستريائي ڳراٽڙي پائي، مٿي تي چمي ڏني هيس ۽ هٿ ۾ پنجاهہ روپين جو نوٽ. ان ڏينهن هن سندس اکين ۾ ڪجهہ چمڪندڙ ڏنو هيو. گاڏي آئي، هوءَ چڙهي ويئي. ريل هلڻ لڳي. هوءَ دريءَ منجهان منهن ڪيڍي ڏسندي رهي. اوسيتائين، جيستائين ڏسي سگهي هئي. ريل هلي وئي تہ هٿ ۾ جهليل پنجاهہ روپين کي ڏنڏليل نظرن سان ڏنو هئائين ۽ ڳرا ڳرا قدم کڻندو اسٽيشن کان ٻاهر نڪري آيو هو. ان ڏينهن ٻ پنهنجي اندر ۾ اهڙي ئي اماسائي محسوس ڪئي هئائين. ان رات ٻ سندس وجود کي وياڪلتا جي وڻ ويڙهي ويڙهي ويئي هئي، ”تہ... تہ ڇا اڄ مون کي اها ماستريائي ياد آئي آهي؟“ وک وک پلڪندي، پاڻ کان سوال پڇيائين. ”نہ!“ جواب ڏنائين. ”مون کي اها ماستريائي ان وقت شدت سان ياد ايندي آهي، جڏهن منهنجي پر مان ڪوبروٽ لڳايل نوجوان لنگهي ويندو آ ۽ سندس قميص ۾ لڳايل بروٽ جي موهڻي خوشبوءِ سان منهنجو ذهن واسجي ويندو آ ۽ منهنجي تحت الشعور ۾ سٽل ماستريائيءَ جا ساروڻا بروٽ جي هبڪ تي ڪر موڙي سجاڳ ٿي، لاشعور ۾ اچي ويندا آهن. پوءِ مون کي اها ماستريائي ڏاڍي ياد ايندي آهي. اهڙين ئي ننڍڙين ڳالهين سان سندس ماضيءَ جا ساروڻا وابستہ هئا. هڪ ڀيري ڪا ڏاند گاڏي ڪالونيءَ مان لنگهي. گاڏي جي ڦيٿن مان نڪرندڙ چيڪاٽن جي آواز تي کيس اباڻي ڳوٺ جي گهر ۾ گهاريل سياري جو پهريون پهر ياد آيو هو. جڏهن پر پاسي جي ڳوٺن مان سيڌو سامان وٺڻ ۽ اَن وڪڻڻ لاءِ ڏاندگاڏين تي آيل ٻروچن، ٻروهين ۽ ڳوناٽن جون لڏون سندس گهر پنيان لنگهنديون هيون تہ پاڻ کي سوڙ ۾ ويڙهي، چُلهہ تي ٽڏي تي ويل ڪانين جي اچي رک ۾ گهوريندي ڏاند گاڏين جي ڦيٿن مان نڪرندڙ چيڪاٽن کي ڪن لائي ٻڌندو هو. ان وقت کيس چوڏس چپ چپات ۾ چيڪاٽن جا آواز ڪنهن جلترنگ کان گهٽ نہ ڀاسندا هئا.

وک وک پلڪندي، راحيلا جو خيال آيس، جيڪا سندس مائٽياڻي هئي، جنهن جو پيءُ ڪنهن سرڪاري ڊپارٽمينٽ ۾ اهڙي عهدي تي فائز هو جتي وٽس ايندڙ ٽيبل

جي هينان کان سَوا سَوا نوٽ پاسنگ ڪري پنهنجوڻ مشڪلن آسان ڪرائي ويندا هئا. راحيلا جي ماءُ فلمن ۾ ائڪٽنگ ڪندي هئي. ڪالونيءَ مان لنگهندي سندن گهر جو به چڪر هنيو هئائين. راحيلا ڏاڍي سٺي لڳس. ويندي هنن هن کي به پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ هيءُ هڪ ڀيري سندن گهر ويو. راحيلا ۽ سندس ننڍڙي ڀيڻ مليا هئس. جن ٻڌايس ته، پاپا شام جو گهر ايندو، باقي ممي جي جڏهن شوٽنگ پوري ٿيندي، تڏهن ئي واپس ايندي. شام جو راحيلا جي پيءُ سان مليو هو ۽ رات جو سندس ماءُ سان. راحيلا جي ماءُ پنهنجي مڙس سان گڏ ٻئي ڪمري ڏانهن هلي وئي. چڱي دير کان پوءِ راحيلا جي ماءُ ڪمري مان ٻاهر نڪتي هئي ۽ رڪارڊ پليئر تي انگريزي جي پاپ ميوزڪ جو رڪارڊ چاڙهي، گولڊ ليف جا سوٽا هڻي، ڊانس ڪرڻ لڳي هئي. ۽ پوءِ ڪيس به ڊانس ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ هي نٽائيندو ئي رهيو. تڏهن هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿيندڙ راحيلا جي پيءُ کي ٻانهن کان وٺي ڊانس ڪرڻ لڳي ۽ هو نچڻ بجاءِ رڳو جيان اڇلون ڏيڻ لڳو هو. ڊانس ڪندي، هن پنهنجي مڙس جي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ راحيلا جو پيءُ ڪائنس ڌار ٿي، هن کي بورچيخاني ۾ وٺي ويو ۽ ڏهن پنڌن لڪل وهسڪيءَ جي بوتل مان شراب اوتي ڪيس پياريو. هي رڳو انڪار ئي ڪندو رهجي ويو هو. ڪجهه دير کان پوءِ هي به راحيلا جي پيءُ جي چوڻ تي سرور ۾ اچي، راحيلا سان گڏ ڊانس ڪرڻ لڳو هو ۽ راحيلا هن سان گڏ ڪِهلجڻ لڳي هئي. ڊانس ڪندي پڇيو هئائين: "راحيلا ڪڏهن شراب پيتو اٿئي؟"

"اون هُون!" راحيلا سندس سيني تي ڪنڌ لاڙيندي جواب ڏنو هيس. "پلا هن کان اڳ ڪنهن ٻئي سان ڊانس ڪئي اٿئي؟"

"اون هون!" راحيلا جواب ڏني. ساڻس گهلجڻ لڳي هئي. راحيلا جي پڇاءَ وڏيڪ وائڙو بڻائي ڇڏيو هئس. هن کي راحيلا جي جوابن تي بيحد عجب لڳو هو. ڊانس ڪندي پنهنجو جسم لوهه جيان تپجندو پاتيو هئائين ۽ راحيلا جي طبيعت به خراب ٿي وئي هئي. هوءَ ڪائنس ڌار ٿي، صوفي تي اَهلجي، ڏگها ڏگها ساهه کڻڻ لڳي هئي. راحيلا جي ماءُ ڊانس ڪندي پنهنجو منهن پنهنجي مڙس جي منهن کان ڌار ڪندي چيو: "توهان کي ڪيترا ڀيرا جهليو اٿم ته پيوءَ وارا پان نه کائيندا ڪريو. مون کي توهان جي وات مان ڌپ ٿي اچي."

ٻئي ڏينهن صبح جو اٿيو هو ته وات ۾ وهسڪيءَ جي بوءِ محسوس ٿي هيس. راحيلا جي پيءُ جو آواز ٻڌو هئائين. جنهن چيو پئي: "بارو شام جو قرآن جو سبق ضرور وٺڻ وڃجو." ۽ پوءِ راحيلا کان پڇڻ تي خبر پئي هيس ته فليٽ ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جا ٻار هيٺئين فليٽ ۾ رهندڙ مائيءَ وٽ قرآن پڙهڻ ويندا هئا. تنهنڪري سندس پيءُ

نتي چاهيو تہ پاڙي وارا ڪيس غلط ماڻهو سمجهن ۽ هي بہ قرآن جو سبق وٺڻ ويندا هئا.
راحيلا جي ماءُ سگريٽ جا سوٽا هڻي، ڏاڍي بي حيائيءَ سان چيو هيس:"راحيلا جو پيءُ بہ چاهي ٿو تہ سندس بار ہين آفيسرن جي پارٽين جيان ماڊرن بڻجن ۽ پارٽي اٽينڊ ڪري سگهن." تڏهن ڪيس راحيلا جي پيءُ تي بيحد رحم آيو هو. هن کي راحيلا جو آئيندو ڏاڍو پوائنٽو محسوس ٿيو ۽ هي ان ئي ڏينهن سندن گهر مان پڇي ويو هو.

"تہ... تہ... تہ چا مون کي راحيلا ياد آئي آهي." پلڪندي، پاڻ کان سوال پڇيائين. "نہ مونکي راحيلا تڏنهن ياد ايندي آهي جڏهن...! پوءِ آخر مون کي پيڙا ۽ مونجهہ چا لاءِ ٿي محسوس ٿئي!!" پنهنجو جواب ڪتي، پريشاني وچان سوچيائين. ڪيس ڪالونيءَ ۾ رهندڙ اهي بہ فوجي ياد اچي ويا. جن مان هڪ جون ٻئي ٻانهون ۽ ٻئي جون ٻئي ٽنگون جنگ جي ميدان ۾ پنهنجين سرحدن جي حفاظت ڪندي، ضايع ٿي ويون هيون. هن ڪين پل لاءِ بہ اداس ٿيل نہ ڏٺو هو. هو سدائين خوش رهندا هئا. ٽنگن ڪپيل فوجي روز شام جو ڦيٿن واري ڪرسيءَ تي ويهي، سير ڪرڻ نڪرندو هو ۽ ٻانهن ڪٽيل فوجي بنگلي جي لان ۾ ڪرسيءَ تي ويهي، پنهنجيءَ زال سان ڪچهري ڪندو هو. ٻئي ڪڏهن ڪڏهن گڏ بہ نظر ايندا هئا. ٽنگن ڪپيل فوجيءَ جي نوڪر ٻڌايو هئس تہ سندس صاحب کي فٽ بال، هاڪي کيڏڻ ۽ ريسلنگ ڪرڻ جو بيحد شوق آهي. ۽ ٻانهن ڪپيل فوجيءَ جي نوڪر ٻڌايو هئس تہ منهنجي صاحب کي ٽيبل ٽينس، والي بال کيڏڻ ۽ نونشي بازي ڪرڻ جو بيحد شوق آهي. وک وک پلڪندي سوچيائين. "ڪيتري نہ عجيب ڳالهہ آهي، جنهن انسان جي وس کان جيڪا بہ شيءِ ٻاهر آ، سو ان کي پنهنجي وس ۾ رکڻ جي ڪيڏي نہ خواهش ٿو رکي." وک وک هلندي پريشاني وچان پنهنجن وارن کي آڱرين سان ڦٽي ڏيڻ لڳو. امالڪ سندس تحت الشعور مان هڪ ياد وکڙ کائي، لاشعور ۾ اچي وئي. هڪ نوجوان ڇوڪر جو اخبار ۾ ڇپيل فوٽو جنهن جي ڪوپراٽي چٽيل فوٽوءَ سان گڏ سرخي:"هڪ نوجوان عشق ۾ ناڪام ٿي خودڪشي ڪري ڇڏي" ان کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو آ. اهو نوجوان ننڍپڻ کان ئي ساڻس گڏ پڙهيو هو. بيحد لڄارو ۽ سٻاجهو. اسڪول جي زماني ۾ تہ ڇوڪريون ڪيس تنگ ڪرڻ خاطر هرويرو ڳالهائينديون هئس. ۽ هو شرم کان ڳاڙهو ٿي ويندو هو. پر هڪ ڀيري جڏهن اهو نوجوان ڳوٺان موٽيو تہ ڪيس حيرت جهڙي خبر ٻڌائي هيائين. چيو هئائين:"مون عشق ڪيو آهي." پوءِ اڪثر ڳوٺ وڃڻ لڳو. هڪ دفعي موٽيو. وساميل وساميل. وٽس آيو ۽ مرٽينگ لفظن ۾ چيائين." يار ڇوڪريءَ جا مائٽ راضي هئا. پر بابا راضي نہ ٿيو."

”آخر ڇو؟“ هن پڇيو هيس. تڏهن هن ٻڌايو هئس.”اسان جا هنن سان ذاتي اختلاف آهن.“

”پر ان ۾ تنهنجو ڪهڙو قصور.“ حيرت منجهان پڇيو هئائينس. ان نوجوان ڪوبہ جواب نہ ڏنو هيس. هڪ ساهہ سندس اندر مان برست ٽيل ٽائر جيان نڪري ويو. هن سندس منهن تي لهندڙ سج جا پاڇا ڏٺا هئا. پوءِ اهو نوجوان سگريٽ ڇڪڻ لڳو سينيما گهرن ۾ وڃڻ لڳو ۽ بي معنيٰ ڪلاڪن جا ڪلاڪ رستن تي گهمڻ لڳو. هڪ ڀيري پڇيو هئائينس:”يار ڪاڏي هليو ويندو آهين؟“ نوجوان ٻڌايو هئس. ”سڪون جي ڳولا ۾!“

”پوءِ ملندو اٿئي؟“ ٻيهر پڇيو هئائينس. تڏهن نوجوان ٻهرائيءَ ۾ ٻڌايو هئس. ”يار پتڪي پتڪي واپس پنهنجي قبر ۾ موٽي ايندو آهيان.“ انهيءَ نوجوان ڪنهن کي بہ پنهنجو ڏوهاري نہ چيو. بس هڪ ڀيري چپ چاپ پاڻ تي بندوق سان فائر ڪري ڇڏيائين. ۽ هو هميشہ لاءِ هن ٻهروپي ڪوڙي جڳ کان ان جڳ ڏانهن اُسهي ويو جتي ڪوڙي عظمت جي ڀرم لاءِ ابهم وجودن کي دار تي نہ لٽڪايو ويندو آهي۔ ”تہ ڇا مون کي اڄ رشيد ياد آيو آهي. منهنجو يار، منهنجو دوست. پر نہ مون کي رشيد ياد نہ آيو آهي تہ... تہ پوءِ مونکي ڪوئي ياد نہ آيو آهي۔ پر مون کي ايڏي نراسائي ۽ گهٽ ڇا لاءِ ٿي محسوس ٿئي؟؟“ ڪيس وک وک پلڪڻ ۾ ٿي آسيس محسوس ٿيڻ لڳي. دل چاهيس، هلندو رهان ائين ئي. سڌو ئي سڌو اونداهہ جي پيٽ ۾. ڪڏهن بہ سج نہ اُڀري، ڪڏهن بہ رات نہ ختم ٿئي.

هوا جو هڪ تيز جهوٽو گهليو پير ٿڙي ويس. ڪيٽريون ئي ننڍڙيون پٽريون هوا جي زور تي اُڏامي سندس جسم سان ٽڪريون. هڪ تيزيءَ سان اک ۾ لڳس، چرڪ نڪري ويس. اک مان نہ بند ٿيندڙ ڳوڙهن جي لار وهي نڪتس. ڇيڪو تکو ٿيندي پانيائين. سموري وياڪلتا ۽ پيڙا هوا جي جهوٽي جيان اندر منجهان ڦيري پائي گم ٿي وئي. هڪ هٿ اک تي رکي، ٻهريون آهستي، پوءِ تکو تکو گهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳو!

*



طارق عالم ابڑو

## طارق عالم جا ڇپيل ڪتاب











# مادرِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو

بيگم نصرت ڀٽو جي زندگي شاهه لطيف جي ڪنهن سورميءَ وانگر ڏک ۽ جدوجهد جي غير معمولي علامت محسوس ٿئي ٿي. هوءَ نه رڳو پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ عوام جي حقن لاءِ ڦاهي چڙهندڙ عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي گهر واري ۽ دنيا ۾ جمهوريت جي ديويءَ طور ڏٺي ويندڙ شهيد بينظير ڀٽو جي والده هجڻ جو شرف رکي ٿي، پر هن پاڻ به آمريت جي ڪاري رات جي خاتمي ۽ عوام جي حقن جي بحاليءَ لاءِ سڄي زندگي دردن جو صحرا جهاڳيو.

سندس وفات نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان پر برِصغير جي ماڻهن لاءِ هڪ اڻ وسرندڙ صدمو آهي.

اسين صدر آصف علي زرداريءَ ۽ ملڪ جي عوام سان بيگم نصرت ڀٽو جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪريون ٿا، ۽ کيس "مادرِ جمهوريت" جو خطاب ملڻ تي سرهائي جو اظهار ڪريون ٿا.

**فريد احمد جوڻيجو**

ڊپٽي ڪمشنر، عمرڪوٽ.

# SARANGAA

HYDERABAD
Regd. No. 5132
www.sarangaa.org

